(ياد گيريون)

# جيئن جيئن ورق ورن

## پاگو پيو



عبدالرزاق سومرو

ترتيب ۽ تحقيق

استاد خالد چانڊيو

پيڪاڪ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيئن جيئن ورق ورن

(يادگيريون: ڀاڱو ٻيو)

ليکڪ

عبدالرزاق سومرو

ترتيب ۽ تحقيق

استاد خالد چانڊيو

پيڪاک پبلشرز، ڪراچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر 210

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪوبہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.

# جيئڻ جيئڻ ورق ورن- يادگيريون (ڀاڱو پهريون)


ليکڪ: عبدالرزاق سومرو

ترتيب ۽ تحقيق: استاد خالد چانڊيو

ڇاپو پهريون: 2021ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: وقار علي شاهہ

قيمت: 600 رُپيا

ڇپيندڙ: ايڇ ايند آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ: **پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ**

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

## پيڪاڪ ڪتاب گهر

**ڪراچي:** 404 رفيق سينٽر عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 0341-2570527، peacockbookhouse@gmail.com

**حيدرآباد:** دڪان نمبر 07 ويجهو ڪلو پڪوڙائي، عبرت پريس واري گهٽي، حيدر چوڪ رابطي لاءِ: ديدار شاد گوپانگ فون: 0304-3018400

**لاڙڪاڻو:** پرگڙي پلازه جي سامهون، جرنل پوسٽ آفيس روڊ لاڙڪاڻو
رابطي لاءِ: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801

**خيرپور:** تهذيب نيوز ايجنسي پنج گل چونڪ، خيرپور ميرس.
رابطي لاءِ: عمران عباس فون: 0308-3475569



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي مرحومہ شريڪ حيات فاطمہ
پنهنجن پُٽن آصف علي، عامر علي،
نياڻين سيما، زهره، ڊاڪٽر شيبا
۽
سندن اولادن جي نانءُ
جن جي ساٿ ۾ سهڪار
منهنجي حياتي ۾ رنگ ڀريا آهن.

- عبدالرزاق سومرو
لاڙڪاڻو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| • | اداري پاران | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | 9 |
| • | مرتب پاران | استاد خالد چانڊيو | 13 |
| • | پيش لفظ | عبدالرزاق سومرو | 14 |
| • | مهاڳ | رڪيل مورائي | 16 |

**باب پهريون: منهنجو خاندان، رتيديري جا ڪجهه مشاهير ۽ اهم واقعا**

| | | |
|---|---|---|
| 01 | منهنجو خاندان | 29 |
| 02 | پيپلز پارٽي جو پهريون ڪنوينشن | 33 |
| 03 | رتوديرو ٽائون ڪاميٽيءَ جي چيئرميني | 34 |
| 04 | گوپالداس ٺيڪيدار | 35 |
| 05 | رتيديري ۾ UBL جي برانچ جو قيام | 36 |
| 06 | غمدل فقير | 37 |
| 07 | غلام حيدر عمراڻي | 37 |
| 08 | سيشن ڪورٽ جي عمارت جي اڏاوت | 38 |
| 09 | ٻن ڪيسن جو احوال | 39 |
| 10 | رتيديري تعلقي جو راشدي خاندان | 41 |
| 11 | علي حسن منگي خيرو ديرو ۾ سڪر | 43 |
| 12 | سائين سترام داس 'سائل' | 45 |
| 13 | مرحوم غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ رحيم بخش چنو | 46 |
| 14 | ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي | 47 |
| 15 | رتيديري جو مانو ۽ پيڙا | 48 |
| 16 | ڊاڪٽر سرلا ديوي ۽ امرت راءِ جئسنگهاڻي سام | 50 |
| 17 | رتيديري جا مولوي ۽ حڪيم | 52 |
| 18 | قاضي عبدالحئي 'قائل' | 53 |
| 19 | بشير خان قريشي | 53 |
| 20 | عبدالواحد ٻانڊ | 54 |

**باب ٻيو: لاڙڪاڻي جا قانوندان، آفيسر ۽ ذاتي دوست**

| | | |
|---|---|---|
| 01 | جسٽس عبدالرحيم ڪرل | 55 |
| 02 | جسٽس ناظم حسين صديقي | 56 |




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 03 | جسٽس عبدالرحمان شاھ سيشن جج/ ھاءِ ڪورٽ جج | 57 |
| 04 | محمد صالح ميمڻ سيشن جج | 57 |
| 05 | جمال الدين جماڻي اسسٽنٽ ڪمشنر | 57 |
| 06 | سائين امداد علي شاھ اسسٽنٽ ڪمشنر | 58 |
| 07 | علي مراد ابڙو وڪيل | 58 |
| 08 | شاھ مسعود وڪيل | 59 |
| 09 | موهن لال وڪيل | 60 |
| 10 | گلاب راءِ وڪيل | 60 |
| 11 | محمد بچل تنيو وڪيل | 60 |
| 12 | صمد رضوي ساز وڪيل | 61 |
| 13 | حاجي غلام محمد سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر | 62 |
| 14 | حبيب الله خشڪ اسسٽنٽ ڪمشنر | 62 |
| 15 | علي گوهر مناڻي SSP-DIG | 63 |
| 16 | محمد خان ڪوسو SSP | 64 |
| 17 | عبدالقادر منگي رٽائرڊ سيڪريٽري | 65 |
| 18 | ڪي بي رند اڳوڻو وفاقي سيڪريٽري | 65 |
| 19 | عزيز الله پيرزادو ڪنٽرولر گورنر هائوس | 66 |
| 20 | انجنيئر عبدالحميد شيخ | 67 |
| 21 | منظور آرائين سوشل ورڪر ۽ ڪانٽريڪٽر | 68 |
| 22 | هاءِ ڪورٽ بار جي صدارت | 68 |
| 23 | مرحوم عبدالخالق پنو وڪيل | 70 |
| 24 | لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ڪورٽ جو قيام | 71 |
| 25 | عبدالحامد پرڪڙي وڪيل | 71 |
| 26 | جسٽس راڻا ڀڳوانداس | 72 |
| 27 | بيرسٽر اعتزاز احسن سياسي ليڊر، وڪيل، شاعر ۽ تاريخدان | 73 |
| 28 | جسٽس ايس اي رباني | 74 |
| 29 | عبدالعزيز عقيلي وفاقي سيڪريٽري | 74 |
| 30 | لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي | 75 |
| 31 | آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو | 75 |
| 32 | محمد عالم بروهي اڳوڻو سفير | 76 |




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٽيون: لاڙڪاڻي جا ناميارا خاندان ۽ مشاهير


01 سيد علي انور شاهه راشدي 78
02 سيد اميد علي شاهه جيلاني عرف ڏاڏا شاهه 79
03 مولانا جان محمد عباسي جماعت اسلامي جو مرڪزي اڳواڻ 80
04 سيد بخشڻ شاهه 81
05 قربان علي بگٽي اديب ۽ نقاد 82
06 جهانگير صديقي صنعتڪار، بينڪار، سماج سڌارڪ 83
07 قاضي اصغر علي 84
08 نبي بخش شيخ 84
09 حاجي خان مگڻ رٽائر آفيسر ۽ زميندار 85
10 الطاف حسين ميراڻي 86
11 در محمد ملاح 86
12 فدا حسين قادري 87
13 مرحوم محمد پناهه ڪلهوڙو 88
14 مرحوم علي گوهر ڪلهوڙو/عباسي 89
15 ديوان مولچند 90
16 مرحوم احمد نواز مهيسر 91
17 مرحوم شاهه محمد قادري 91
18 محمد اسماعيل قادري 92
19 مسلم شميم ناميارو اديب ۽ شاعر، وڪيل 93
20 فضل سليمان قاضي وڪيل، اديب ۽ بينڪار 94
21 حاجي علي حسن سومرو 95
22 ورهاڱي کانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ مهاجر ٿي آيل ڪجهه فرد 96
23 پاٽ ۽ ان جا مشهور ماڻهو 97
24 ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن جو باني 100
25 زيبسٽ جو قيام 100
26 اسلم گورداسپوري شاعر، اديب ۽ سياستدان 102
27 حاجي منور علي عباسي سياستدان، سوشل ورڪر ۽ زميندار 104


## باب چوٿون: ضلع لاڙڪاڻي / قمبر شهدادڪوٽ جا زميندار ۽ خاندان


01 خان بهادر پير بخش خان کهاوڙ 106
02 سرائي خدابخش کهاوڙ 106
03 شهه بيگ خان ڏکڻ (سومرو) جو خاندان 107




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 04 | قمبر جا هڪڙا زميندار | 107 |
| 05 | شيخ جي تڪ وارا شيخ | 108 |
| 06 | شهدادڪوٽ جا چانڊيا | 109 |
| 07 | شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جا ڀائر | 110 |
| | • امداد علي خان ڀٽو | 110 |
| | • سڪندر علي خان ڀٽو | 111 |
| 08 | جوڻيجو خاندان لاڙڪاڻو | 112 |
| 09 | ڪيهر خاندان لاڙڪاڻو | 114 |
| 10 | انڙ خاندان لاڙڪاڻو | 115 |
| 11 | لاهوري خاندان لاڙڪاڻو | 116 |
| 12 | قادري خاندان لاڙڪاڻو | 117 |
| 13 | ڀڳيا زميندار لاڙڪاڻو | 118 |
| 14 | سيال زميندار لاڙڪاڻو | 119 |
| 15 | ملا عبدالله ڀڳيو | 119 |
| 16 | سيد فيض علي شاهه | 120 |
| 17 | اسراڻ فيملي لاڙڪاڻو | 121 |
| 18 | نور نبي جوڻيجو | 122 |
| 19 | قادر بخش ٽنيو | 123 |
| 20 | مگسي سردار شهدادڪوٽ ۽ بلوچستان | 123 |
| 21 | سراج الاوليا راشدي | 125 |
| 22 | محمد شفيع شاهه | 125 |


## باب پنجون


| | | |
|---|---|---|
| 01 | يورپ ۽ آمريڪا جو سير | 127 |
| | • آمريڪا ڏانهن ٻيهر روانگي | 152 |


## باب ڇهون


| | | |
|---|---|---|
| 01 | سوئيڪارنو جي ملڪ: انڊونيشيا جو سفر | 158 |
| | • يوگ يڪارتا | 168 |
| | • بالي ٻيٽ | 172 |
| | • جڪارتا جو ميوزيم | 179 |
| | • سفاري پارڪ | 180 |


## باب ستون


| | | |
|---|---|---|
| 01 | ڪينيڊا ۽ آمريڪا جو سفر | 183 |




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

سنڌ جي نالي واري سياستدان، وڪيل، سفير، زميندار، هاڪاري سماجي اڳواڻ محترم سائين عبدالرزاق سومري صاحب جو ڪتاب "جيئڻ جيئڻ ورق ورن" (ٻيو ڀاڱو) منهنجي سامهون آهي.

ڪتاب جي ترتيب توڙي تحرير جو انداز، سنڌي ادب جي لاجواب ڪتاب "آهي ڏينهن، اُهي شينهن" جنهن جو ليکڪ نالي وارو صحافي، سفير، اديب، ڪالم نگار ۽ پنهنجي ذهانت ۽ صلاحيت سبب ملڪ جي سياست تي اثر ڇڏيندڙ پير علي محمد راشدي آهي. ٽن ڀاڱن تي مشتمل ان ڪتاب جي سنڌي ادب ۾ خاص اهميت آهي. ان جي لکت واري اسلوب، سهڻي ۽ سلوڻي ٻولي ۽ ڪردار نگاري سبب ان ڪتاب کي ايم. اي سنڌي جي ڪورس تي رکيو آهي.

حقيقت اِها آهي ته سائين عبدالرزاق سومري واري ڪتاب "جيئڻ جيئڻ ورق ورن" مان پڻ ساڳيو ھڳاءُ ڀيو اچي. بامحاورا اصطلاحي ٻولي، هن ڪتاب جي خاص خوبي آهي. البت ڪردار نگاري ۾ راشدي صاحب ڀڏاءُ کان ڪم ورتو آهي، جڏهن ته سائين سومري صاحب نهنائي کان ڪم ورتو آهي، جو سنڌس ننڍپڻ، جواني توڙي ڀير مردي ۾ نهايت لائق، ذهين، اصول پرستؔ ۽ اعلىٰ عهدن تي ڪم ڪندڙ سياستدانن، زميندارن، عالمن ۽ اديبن سان واسطو رهيو آهي. انهن ۾، سومري صاحب جي لکڻ مطابق اعلىٰ درجي جا انساني گڻ، عاجزي، انڪساري ۽ نهنائي هوندي هئي. وڏو گهاتو برداشت ڪري به وڙ نه وڃائيندا هئا. اهڙن ڀلمانسن ۾ رتيديري، لاڙڪاڻي، شڪارپور جا امير، وزير، ڪامورا، اديب، حڪيم ۽ سياستدان شامل آهن.

ڪتاب لکڻ وقت سائين سومري صاحب ڪافي جاکوڙ کان ڪم ورتو آهي. لاڳاپيل شخصيتن جي جنم، وفات جا سن، سنڌن لائق اولاد جو ذڪر، عالمن اديبن جي ڪتابن جا نالا سنڌن ادبي معيار بابت پوري ذميواري سان لکيو آهي.

مان ته 'سترام داس سائل'، علي گوهر مناڻي، ڪي- بي رند، جسٽس راڻا ڀڳوان داس، اعتزاز احسن، محمد عالم بروهي، سيد علي انور شاهه راشدي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان بگٽي، عزيز عقيلي، جهانگير صديقي، مسلم شميم، فضل سلمان قاضي، پاڪ جا مشهور ماڻهو ڊاڪٽر سلمان شيخ، زيبسٽ جو قيام، لاڙڪاڻي جو قادري خاندان، پگهيا زميندار، سيال زميندار، اسراڻ فيملي، مگسي سردار، علي حسن منگي، قاضي عبدالحئي قائل، بشير خان قريشي وغيره جا خاڪا پڙهي دنگ رهجي ويس، جو ذڪر ڪيل شخصيتن سان سواءِ هڪ ٻن جي باقي مانوارن عالمن ۽ سياستدانن سان ڪنهن نه ڪنهن طرح واسطو رهيو آهي. ڪن سان ذاتي نيازمندي رهي، ته ڪن جي اولاد سان عليڪ سليڪ رهي. پگهيا ۽ سيال ته اسان جي تر جا زميندار آهن. سندن اُتي ويٺي ڪان آءُ چڱي طرح آگاهه آهيان.

محترم سائين سومري صاحب پنهنجي وڙ مطابق سيني کي پلو پاتيو آهي. جو نه پاتئين، سائين جهڙي هاڪاري شخص ۽ سيني سان پلايون ڪندڙ سان ٻين جو رَويو به سٺو هوندو. هونئن به عام چوڻي آهي ته "ماڻهو سڀ سُٺا، پوءِ ڪو ڪنهن سان ته ڪو ڪنهن لاءِ."

سومري صاحب جي جاکوڙ جي هر ڪو ساراهه ڪندو، جو سنڌ جي آڳاٽن وڏاڻن مڙسن جو ذڪر ڪرڻ وارو هاڻي ڪو رهيو ئي نه آهي. الله پاڪ سائين سومري کي خضري حياتي ڏئي، جو آڳاٽين ريتن، رسمن، شخصي ڳڻن، بي بها قدرن جو ڪنهن نه ڪنهن شخصيت جي حوالي سان ذڪر ڪري، ويجهي ماضيءَ جي تاريخ قلمبند ڪئي آهي. اهي ذڪر اذڪار نئين نسل کي لازمي پڙهائڻ گهرجن ته جيئن ڪين گلوبل وليج ۾ پنهنجن ڀوڻن جي ڳڻن کي ساري سگهن. اهي ڳڻ ئي ته هيا، جن جي آڌار تي سنڌي سماج ٻين ۾ ممتاز حيثيت رکندو پئي آيو.

اڄ جو دور بنهه بدلجي ويو آهي. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ پورو آهي، 'ڪو مري جيئي- ڪنهن کي ڪا پرواهه نه آهي'، حالانڪ دين اسلام ۾ پاڙيسرين جا حق واضح ڪيل آهن. جيڪڏهن ڪو پاڙيسري بک تي سمهيو ۽ پاڙي مان ڪنهن سندس سار نه لڌي ته سندن عبادت اجائي وئي. خود پيتائي گهوٽ به اهڙي تلقين ڪئي آهي. "پاڙي ناهي پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري." اڄ جي انسان جي زندگي جو مکيه مقصد آهي: پيسو ڪمائڻ، اولاد کي ٻاهر پڙهائڻ ۽ پاڻ کي معتبر سڏائڻ ۽ بس. سائين فضل الله قريشيءَ ان حوالي سان هڪ ڏاڍي سٺي ڳالهه ٻڌائي: "ادا، اولاد کي پڙهايوسين، ٻاهر موڪليوسين، هاڻي اُهي اتان جا ٿي ويا آهن. نه شادي غمي ۾ شريڪ ٿين نه ڪين چاچن مامن جي حال جي ڪا خبر آهي. نه وري فڪر!" مون کي ذاتي طور ڪوڙ سارا خاندان سُجهن، جن جو اولاد ٻاهر آهي ۽ پاڻ اڪيلا بيمارين ۾ رحم جوڳي زندگي بسر ڪري رهيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. اهڙو پيسو ۽ اسٽيٽس (Status) ڪهڙي ڪم جو! عمر جي آخري حصي پنهنجو اولاد به ڪم نه اچي ته پوءِ اهڙي پڙهائي ۽ نوڪري ڪهڙي ڪم جي!!

ڪتاب جو مهاڳ، اسان جي پياري دوست رکيل مورائي لکيو آهي، جنهن کي واه جو نيايو اٿائين. موضوع جي لحاظ کان شاندار تحرير آهي. هو ان لاءِ جس لهڻي! مورائي صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل مانوارن اديبن، سياستدانن ۽ ڏاهن جي آتم ڪٿائن جو سٺي انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي، جنهن سان سنڌس مطالعي جي چاڻ پئي ٿي. ايڏي وڏي جاکوڙ باوجود سوَين اهم آتم ڪٿائن ساروٽين جي سار نه لهي سگهيو آهي، رڳو اسان جي اشاعتي اداري "پيڪاڪ پبلشرس" ۾ اچي ڏسي ها ته کوڙ سارا اهم ڪتاب سندس سامهون اچي وڃن ها، ڪيس ٻين ادارن ڏانهن به رجوع ڪرڻ گهربو هو.

يلا! جمال ابڙي جي "آتم ڪٿا" ۽ ميڊم ڊاڪٽر فهميده حسين جي آتم ڪٿا: "جان جان هئي جيئري" عبدالحئي پليجي جي ڪٿا: "هڪ ئي زندگي جي تمنا" (جنهن تي ڪيس تازو سنڌي سنڌي لينگويج اٿارٽي پاران بهترين سوانحي ادب جو ايوارڊ ڏنو ويو آهي) آبرودار صحافي سائين شيخ عزيز جي ڪٿا: "دارون ۽ ڪارون"، منير احمد چنا جو ڪتاب "ڳالهيون پيٽ ورن ۾"، ڏيپلي جي تاريخ جي سرموڙ ڪردار قاضي علي محمد ڏيپلائي جو ڪتاب "سفر زندگيءَ جو" احترام لائق خاتون، جنهن ڏيپلي ۾ ڇوڪرين کي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ تعليم ڏني، ڏيپلي جو ڏيئو روشن ڪيو. امڙ فاطمه زهره قاضي جو ڪتاب "آءٌ جي اهائي ذات"، انجنيئر اوپايو خشڪ جو ڪتاب "ڇيتاري ڇيام" ڪامريڊ ولي محمد جون "يادگيريون" (ٻه جلد) لنڊن يونيورسٽي مان 1972ع ۾ ڪينسر جي بيماري تي ريسرچ ڪري پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪندڙ پهرين سنڌي خاتون ڊاڪٽر سنجيده مغل جي "آتم ڪهاڻي" کي ڪيئن ٿا وساري سگهون! اچا به کوڙ ساريون آتم ڪٿائون آهن، جيڪي اچڻ گهرجن ها، پر ڪورونا جي مصيبت ڪري، گهر ۾ ويهي لکڻو ٿو پئي ۽ ادارن سان رابطو ڪٽيل آهي.

بهرحال، سائين عبدالرزاق سومرو صاحب رڳو ليڪ، سياستدان ۽ سفير ئي نه آهي بلڪ هو ته اداره ساز شخص رهيو آهي. سندس ڪوشش سان ڪيترائي ادارا جڙيا، ڪيترين شخصيتن کي پنهنجي تعليم ۽ تربيت سان مهانتا بخشي. (اهي ذڪر ڪتاب مان پڙهندا) سائين هر لحاظ کان ڪوشش ۾ هوندو آهي ته ڪونه ڪو چڱائي جو رستو نڪري ۽ عام ماڻهن جي ڀلائي ٿئي. سائين جو اهو وکر پئي پراڻو ناهي ٽيٽو اهي وکر وهائيندي اسان- چار اکر سکي ورتا، چڱن جي صحبت ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪئي. اميد ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان نسل به انهن پيرن ۾ پيچرن تي هلندو ته چڱائي جو ڦل چکندو!

آخر ۾ آءٌ وڏائتي استاد خالد چانڊيي کي جس ڏيان، جنهن ڏينهن رات محنت ڪري، سومري صاحب سان گڏ ويهي هي اَملهه ڪتاب جوڙي ورتو آهي، جيڪو اميد ته ايندڙ نسلن جي ادب، لحاظ ۾ ڪردار سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. سندس محنت صاب پئي، جنهن جو اجر ڪيس الله ڏيندو.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
**چيئرمين**
**پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرتب پاران

محترم عبدالرزاق سومري جي يادگيرين جو هيو ڀاڱو "جيئڻ جيئڻ ورق ورن" بہ تيار ٿي پڙهندڙن تائين پهچي ويو. اصل ۾ هن ڪتاب جو گهڻو مواد يادگيرين جي پهرئين ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" جي ضخيم ٿيڻ سبب ڇاپڻ کان رهائي ڇڏيو. باقي ڪجهہ مواد سائين عبدالرزاق سان ڪچهرين مان حاصل ڪري ڪتاب ترتيب ڏئي ورتم. هن ڪتاب ۾ لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي بين خطن سان واسطو رکندڙ شخصيتن، خاندانن ۽ واقعن بابت يادگيريون ۽ املهہ معلومات سان گڏ مختلف ملڪن جا سفرنامہ بہ آهن تہ محترم عبدالرزاق صاحب جون ڪجهہ تقريرون ۽ خطاب پڻ شامل ڪيا اٿم. ان سان گڏ سائين عبدالرزاق سومري ۽ سنڌس خاندان جا ڪجهہ اڻلڀ فوٽو پڻ ڪتاب جي زينت بڻيل آهن.

هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هن ڪتاب جو مسودو بہ دفعا ڪمپوزرن سان ڪجهہ سانحا ٿيڻ سبب گم ٿي ويو پر مون وٽ فوٽو ڪاپي هجڻ سبب نئين سر ڪمپوز ڪرائي ورتوسين، ان ڪانسواءِ جون 2019ع ۾ هارٽ اٽيڪ ٿيڻ سبب اسپتال داخل ٿيس وري سيپٽمبر 2019ع ۾ باءِ پاس آپريشن ڪرائڻ سبب ڪجهہ مهينا بستري داخل هيس جڏهن تہ مارچ 2020ع ۾ ڪورونا سبب چار مهينا گهر ۾ بند رهڻو پيو. جڏهن تہ 27 سيپٽمبر 2020ع تي پ پ پ عورت ونگ جي اڳواڻ ۽ سائين عبدالرزاق سومري جي شريڪ حيات محترمہ فاطمہ سومرو جو لاڏاڻو ٿي ويو.

بهرحال ڪيترن ئي سانحن ۽ رڪاوٽن کان پوءِ هي ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار ٿي ويو، جنهن لاءِ ڪمپوزر ممتاز علي خاصخيلي ڪي سخت محنت ڪرڻي پئي، سنڌس ٿورا نہ مڃڻ زيادتي ٿيندي. ازانسواءِ پيارن دوستن محبوب عباسي، منظور ڪوهيار، سيد مهدي شاهہ، الطاف ابڙي، منور سولنگي ۽ عيسيٰ ميمڻ جون بہ مهربانيون جن وقتن فوقتن پنهنجي قيمتي صلاحن ۽ مشورن سان منهنجي رهنمائي پئي ڪئي.

اميد تہ منهنجو هي پورهيو پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو.

**استاد خالد چانڊيو**

لاڙڪاڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

جيئڻ تہ منهنجي يادگيرين جو ڪتاب ”يادن جي ڳڙڪيءَ مان“ منهنجي پهرين ڪاوش هئي ۽ ان کان اڳ، مون ڪڏهن بہ ڪنهن ڪتاب لکڻ جو سوچيو ئي نہ هيو. منهنجي خيال ۾ ڪتاب اندر ڪجھ خاميون يا ڪوتاهيون رهجي ويون. مثلاً رتوديرو شهر جو تہ ذڪر ڪيم پر رتيديري تعلقي جي ڪيترن خاندانن ۽ تاريخ ساز شخصيتن متعلق ڪجھ نہ لکيم، جنهن جو پڻ ازالو ڪرڻ چاهيان ٿو. انهن گهٽتائين جي پورائي لاءِ هيءَ مختصر ڪوشش ڪريان ٿو. افسوس آهي تہ مون ڇپائيءَ کان اڳ جڏهن مسودو ڏٺو تڏهن بہ ڪيترائي واقعا ۽ دوست ذڪر ڪرڻ کان رهجي ويا جيڪي بعد ۾ ياد آيا اٿم. ان جو سبب منهنجي ڪمزوري کانسواءِ ٻيو ڪجھ ناهي.

هاڻي مون کي خيال آيو آهي تہ جيڪي ڳالهيون، واقعا، سفر ۽ جن دوستن جو ذڪر ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويو آهي، اهو ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرائي ڇڏجي. ان ارادي سان مون ٻيهر لکڻ ۽ رهجي ويل يادون سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مون ڪاليج ۽ اسڪول جي اڪثر دوستن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري ڇڏيو آهي، باقي وڪالت جي شروعات کان پوءِ گهڻو ڪري بزرگ وڪيل صاحبن، ججن، همعصر وڪيل دوستن ۽ جونيئر دوستن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. پر پوءِ بہ ڪوڙ سارا وڪيل ۽ ٻيا دوست رهجي ويا آهن. انهن ۾ ڪجھ اهي آهن جيڪي منهنجي سينئر عبدالفتاح ميمڻ جي چيمبر سان وابستگي دوران ۽ ڪجھ پ.پ.پ جي رفاقت دوران منهنجا دوست ٿيا. جڏهن تہ ڪجھ دوست وري مرحوم جان محمدجوڻيجي جي بنگلي جي هڪ حصي ۾ رهڻ دوران ۽ ان کان پوءِ ڪيترن سالن تائين ويجها دوست ٿيندا رهيا. انهن پراڻن دوستن مان ڪيترا تہ ڏٺي کي پيارا ٿي چڪا آهن ۽ ڪجھ حيات آهن. مان انهن دوستن جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ ڪجھ رهجي ويل منظر ناما ۽ واقعا بہ شامل ڪرڻ گهران ٿو.

انهي سچي ذڪر ڪيل مواد سان گڏ ڪجھ سفرنامن جو پڻ احوال شامل ڪيو آهي ۽ وڪالت جي پيشي دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻہ جي صدر جي حيثيت سان انگريزي زبان ۾ پيش ڪيل سپاسناما ۽ ڪجھ ٻيون تقريرون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن. اصل ۾ هن ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو تہ گھڻي وقت کان بلڪ ورهين کان هو پر مختلف سببن ڪري پوئتي رهبو ويو ۽ دفعا تہ هن ڪتاب جو مسودو ڪمپوزرن وٽان گم ٿي ويو جيڪو دوستن خاص ڪري استاد خالد چانڊيي ۽ عبدالنبي ساريي جي ڪوششن سان ملي ويو. بهرحال "دير آيو درست آيو" جي مصداق هي يادون ڇپجي اوهان جي هٿن ۾ آهن.

عبدالرزاق سومرو
لاڙڪاڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هي تاريخ جا ورق آهن

هن دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ رهندڙ هر انسان جي، گڏيل انسان ذات کان سواءِ بہ هڪ پنهنجي نجي آتم ڪٿا آهي ۽ ائين ڪروڙين، اربين آتم ڪٿائون/ يادگيريون آهن جيڪي هن فضا ۾ ٿهليون پيون آهن پر انهن کي تحرير ۾ آڻڻ سان هر آتم ڪٿا لکندڙ نہ رڳو پنهنجي ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃي پر حال سان هٿ ملائي پنهنجي مستقبل طرف وک پڻ وڌائي ٿو ۽ لڳاتار دنيا هلي رهي آهي. مان پنهنجي مهربان دوست انگريزي ٻوليءَ جي صحافي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ جي نقاد لڇمڻ ڪومل جي راءِ سان سهمت آهيان تہ:

"آتم ڪٿا/يادگيريون لکڻ/مکڻ جي سيخ پچائڻ آهي، چاڪاڻ تہ اهڙو ڪجهہ بہ لکڻ لاءِ لکندڙ کي پنهنجي سموري گهاريل زندگي وري نئين سِر جيئڻي پوي ٿي. پوءِ بہ جڏهن يادگيرين جو دائرو ڏسي ٿو تہ آتم ڪٿا کان ننڍو آهي."

عالمي ادب ۾ ائين تہ اڻ ڳڻيون آتم ڪٿائون/يادگيريون لکيون ويون آهن پر والٽيئر جون ساروڻيون ۽ جان جيڪسن روسو جا اعتراف (Confessional)، عالمي ادب ۾ هڪ مٿاهون مقام ماڻي چڪا آهن. والٽيئر تہ هوندي بہ ڪئنڊيڊ، جهڙو شاهڪار ڪتاب لکي ادب ۾ امر ٿي ويو پر هن جي يادگيرين (Memoir) کي الڳ نڪتہ نظر سان پڙهيو ۽ پرکيو وڃي ٿو. خاص طور موت جي فرشتي سان هن جي ڳالهہ ٻولهہ کي.

ٻئي پاسي 'روسو'، عالمي ادب ۾ ڪو وڏو ليکڪ قبول نہ ڪيو ويو آهي. هن ڪل ٽي ڪتاب لکيا جن مان پهرين ٻن جا تہ نالا بہ گهڻن ماڻهن کي ياد نہ آهن پر درجن کن جلدن ۾ لکيل پنهنجن اعترافن، روسو کي آتم ڪٿائي ادب جي اوچاين تي پهچائي ڇڏيو آهي. روسو کان اڳ ۾ عالمي ادب ۾ شايد رڳو ٻہ عظيم آتم ڪٿائون لکيون ويون هيون، هڪ آگسٽن جا اعتراف ۽ ٻيو سانتا ٿير سيا جي آتم ڪٿا/يادگيريون (Life of her self) ٻنهي آتم ڪٿائن لکندڙن پنهنجي اعمالن تي نہ ڪا پردي پوشي ڪئي آهي ۽ نہ ئي ڪا حق بخشائي يا عذر پيش ڪيو آهي.

مانواري سائين عبدالرزاق سومري جو لکڻ نہ روسو جي اعترافن جهڙو آهي ۽ نہ ئي آگسٽن جي اعترافن جهڙو، ڇو تہ سنڌس سماج ۽ ان جو آس پاس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو نہ آهي جهڙو هُنن ليکڪن کي مليو هئو. جيتوڻيڪ مٽيان ليکڪ پڻ ڪن چڱين حالتن ۾ نہ رهيا آهن، هنن جيڪي زندگيءَ ۾ ڀوڳيو آهي، اهو اهڙو ئي آهي جهڙو سومري صاحب ڀوڳيو آهي. چو تہ سُکن وانگر ڏک بہ انسانذات جي گڏيل ميراث رهيا آهن. پوءِ بہ سندس لکڻ هڪ نيڪ سنڌي شخص/ قانوندان/سياستڪار/سفارتڪار جو لکڻ آهي، جيڪو پنهنجي سماج ۾ وڏيڪ پنهنجي پيشروئن جي پوئلڳيءَ وارو آهي ۽ خاص ڪري سنڌ جي ان سماج وارو آهي، جيڪو سماج قبائلي ۽ جاگيرداريءَ وارو سماج هُئو ساڳئي وقت هڪ خوفناڪ مذهبي تعصب ۽ تنگ نظريءَ وارو هُئو. جيڪو هن پاڻ اکين سان ڏٺو.

ٻن مهاڀاري جنگين کان پوءِ شايد ننڍي کنڊ جو ورهاڱو عالمي طور هڪ اهڙو وڏو حادثو آهي، جنهن کي هن کنڊ جا ماڻهو اڃا تائين نہ وساري سگهيا آهن، جنهن ورهاڱي جي اُڌهل رت جا ڦڙا اڄ بہ تاريخ جي پنن مان ڳڙي رهيا آهن ۽ انهن گهڙين ۾ آيل زخم اڄ بہ رکي رکي چڪي رهيا آهن ۽ هڪ سور جي ڏکهي سٽ اندر مان اُڀاري رهيا آهن. اُجڙيل گهر ۽ نياڻين جون لٽيل عزتون، وڍيل چوٽيون، مندرن ۾ ڪُهي اڇلايل ڳئون ۽ مسجدن جي اڱڻ ۾ اڇلايل سُوئرن جا جسم، جهور تي ويل هڏاوان پيرا ۽ مٽي تي هڙون رکيل ڏٻرا سهڪندڙ جسم، پنڌ کان ساٽا ٿيل پيڙا ڇهرا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ، اکين سان ڏسندي بہ ڪنهن بہ قسم جي مذهبي/ڌرمي تنگ نظري عبدالرزاق سومري صاحب جي ويجهو نہ آئي آهي. ڪنهن بہ لکندڙ جي اندر جي اُجرائي جو اندازو ان مان لڳائي سگهبو آهي.

جيتوڻيڪ سندس مطالعي هيٺ سندس ئي آس پاس جي رهندڙ ٻن پائرن جي ٻن قطبن جي وڇوٽيءَ واري سوچ هيٺ لکيل يادگيرين جا ڪتاب آيل آهن جيڪي "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۽ "هوڏو تي هو ڏينهن" جي عنوانن سان سنڌ ۾ بيحد گهڻي آبرو ماڻي چڪا آهن ۽ اڄ ڪلاسڪ جو درجو ماڻي چڪا آهن. ڪيئن بہ اڄ جي عالمي ادب ۾ آتم ڪٿائون/ڪٿائون/ يادگيريون/خط/ ڊائريون، جيل ڊائريون ۽ واڌو اهو ڪجهہ گهڻو پڙهيو پيو وڃي، جنهن ۾ شخص/ليکڪ جي نجي زندگي آهي ۽ جنهن ۾ شخص/ليکڪ آر پار نظر اچي رهيو آهي. شخص جيڪو اديب آهي، شاعر آهي، مصور آهي، سنگتراش آهي، اداڪار آهي، اداڪاره آهي، رقاص آهي يا ان کان الڳ، سياستڪار آهي، قانوندان آهي، حڪمران آهي، سفير آهي، ڪامورو آهي يا زندگيءَ جي اڃا بہ ڪنهن ٻئي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ آهي.

لکت ۾ آيل آتم ڪٿائن/ يادگيرين جي دنيا گهڻي وڏي آهي ۽ ان دنيا ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻن ئي وڏن ۽ ننڍن شخصن جهاتي پاتي آهي، ائين دنيا ۾ اڻ ڳڻيا ڪتاب موجود آهن، جن جو ذڪر ڪيترن ئي صفحن کان وڌي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ماپي سگهي اهو ڏکيو آهي. هن کنڊ انڊو-پاڪ ۾ جيڪي يادگيرين جا ڪتاب لکيا ويا آهن. انهن جو انگ ئي چڱو خاصو آهي. پر هن لکت ۾ اديبن ۽ شاعرن جي آتم ڪٿائن جي ذڪر ڪي پري رکندي مان زندگيءَ جي بين، الڳ الڳ شعبن ۾ ڪم ڪندڙ شخصن جي يادگيرين/آتم ڪٿائن جو ذڪر ڪريان ٿو، خاص طور مهاتما گانڌيءَ جي آتم ڪٿا "حق جي تلاش" جواهر لعل نهرو جي آتم ڪٿا (منهنجي ڪهاڻي) اندرا گانڌيءَ جي آتم ڪٿا "منهنجي زندگيءَ جو سچ" راجندر پرساد جي آتم ڪٿا (پنهنجي ڪهاڻي) ۽ ورهاڱي کان پوءِ ۽ پاڪستان جي چڱن ئي سياستڪارن جون يادگيريون ڪتابن ۾ محفوظ آهن جن جو سلسلو اڳتي وڌي محترمه بينظير ڀٽو جي آتم ڪٿا "ڊاٽر آف دي ايسٽ" (ترجمو پورب-ڌيءُ) کان ٿيندو هلي ٿو. جن سڀني ڪتابن جو ذڪر ڪجهه غير ضروري ۽ ڊيگهه جو سبب ٿيندو. بهرحال!

سنڌي ٻوليءَ ۾ آتم ڪٿا/يادگيريون لکڻ جي تاريخ ڪا گهڻي پراڻي نه آهي. اهڙو ڪجهه به لکڻ جي شروعات برٽش دور ۾ ٿي آهي ۽ غالبن اصلوڪيون سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون آتم ڪٿائون شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪٿا "سائو پن ڪارو پنو" ۽ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي آتم ڪٿا "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي" آهن. جيڪي جيتوڻيڪ لکيل پل ورهاڱي کان اڳ جون هيون پر ڇپيون ورهاڱي کان پوءِ آهن، ساڳي طرح هڪ يادگيرين جو اُهو ڪتاب جيڪو اسان وٽ گهڻو مشهور آهي، اُهو سيٺ نائون مل جي يادگيرين جو آهي جيڪو دراصل سنڌيءَ ۾ لکيل نه آهي سنڌيءَ ۾ ڳالهايل آهي ۽ انگريزيءَ ۾ سندس پوٽي عالومل جو لکيل آهي.

سنڌيءَ ۾ يادگيرين کي لکڻ جي باقاعدي شروعات سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" کي ڪوٺي سگهجي ٿو. جنهن کان پوءِ گهڻي اهميت ۽ ساڳئي وقت مشهوري به ماڻيندڙ يادگيرين جا ڪتاب راشدي پائرن جا اچن ٿا. "اهي ڏينهن اهي شينهن" ٽي جلد پير علي محمد راشدي ۽ "هوڏو ٿي هو ڏينهن" پير حسام الدين راشدي.

هڪ آتم ڪٿا ٻي به آهي، جنهن جي اهميت ئي نرالي آهي. اها آهي باباءِ ثقافت جو اعزاز رکندڙ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ جي، جنهن جو نالو آهي "ڪيئي ڪتاب" ۽ ائين سنڌي ۾ آتم ڪٿائن ۽ يادگيرين جي لکڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿيو ۽ ڏسندي ڏسندي اڄ تائين ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ موجود ٿي ويا آهن جيڪا ڳالهه خوشي ڏيندڙ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪ ۽ ساراهڻ جو عمل اهو شروع ٿيو آهي، دنيا ۾ جتي اداڪارن، فنڪارن، فنڪارائن ۽ زندگيءَ جي الڳ الڳ شعبن سان واسطو رکندڙ شخصن پنهنجون آتم ڪٿائون/يادگيريون لکڻ شروع ڪيون آهن، اُتي سنڌ ۾ پڻ ڪن رٽائرڊ سنڌي ڪامورن، عملدارن، قانوندانن، ججن ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندڙ شخصن پنهنجون آتم ڪٿائون/يادگيريون لکڻ شروع ڪيون آهن جن مان شايد پهريون يادگيرين جو ڪتاب، گڏيل پاڪستان يعنيٰ بنگال جي آزاد ٿيڻ کان اڳ جي سيڪريٽري ايريگيشن، ساهتي پرڳڻي جي مشهور عملدار شير محمد عالماڻي (ايس ڪي بلوچ) جو "پاڻي منجهه پساهُ" آهي، جنهن جو ذڪر بنهه گهٽ ٿيو آهي.

اڄ ڪلهه جيڪا پاڻيءَ جي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي، جيڪي سنڌين پاران واڪا ڪيا پيا وڃن ۽ حوالا ڏنا پيا وڃن، انهن جو دستاويز (سرڪاري دستاويزن کان ٻاهر) هيءَ ڪتاب بہ آهي، جيڪو ممڪن حد تائين اسان جي اڄ جي دانشورن ۽ سياسي ڪارڪنن توڙي اڳواڻن کي پڙهڻ گهرجي.

نئين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن سنڌي بيوروڪريٽ (ڪاموري) جي آتم ڪٿا تي ٻڌل ڪتاب غالبن محترم فضل الله قريشي صاحب جو ٽن جلدن ۾ آيل "ڪجهه يادون ڪجهه ڳالهيون" آهي ۽ پوءِ سٽت ئي، اسان جي ناميار قانوندان، جسٽس (ر) سائين ديدار حسين شاهه جي آتم ڪٿا/يادگيرين تي ٻڌل بہ جلد، پهريون "گوندر ويا گذري" ۽ ٻيون "سُکن لڌي سار" ڇپيا ۽ گهڻو پڙهيا ويا. ساڳئي وقت ناميار قانوندان ۽ سياسي دانشور ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي يادگيرين جو ڪتاب "روشني جي پنڌ ۾" ڇاپيو ويو.

ان ئي عرصي ۾ اسان جي ناميار علم ۽ ادب دوست ڪاموري، شمس جعفراڻي صاحب جي آتم ڪٿا "ڪتيم سڀ ڄمار" ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي تہ ان عرصي ۾ اسان جي بزرگ قانوندان سائين عبدالرزاق سومري جي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" بہ ڇپيو. سائين عبدالرزاق سومري صاحب جون ٻيون ڪيتريون ئي نسبتون/حوالا مان هن مهاڳ ۾ ڪڻڻ کان پاسو ڪريان ٿو ڇاڪاڻ جو اهي سڀ اڳئين ڪتاب ۾ داخل آهن ۽ مون ان ڪتاب تي لکيل پنهنجي 'اپياس' ۾ لکيون آهن.

هن ڪتاب جنهن جو "جيئن جيئن ورق ورن" آهي متئين ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو آهي، جيڪو ان سلسلي ۾ پڙهيو ويندو تڏهن بہ نيڪ آهي ٻيءَ طرح هيءَ ڪتاب پنهنجو پاڻ ۾ پڻ هڪ مڪمل ڪتاب آهي، جنهن جي پنهنجي الڳ اهميت آهي ۽ الڳ بہ پڙهي سگهبو ۽ مون هيءَ مهاڳ هن ڪتاب جي ئي دائري اندر لکيو آهي. هن ڪتاب کان اڳ آخري ڪري ليکڻ واري سنڌ جي هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي علم ادب دوست ۽ هاڻ خود اديب ڪاموري سائين عبدالقادر منگيءَ جي آتم ڪٿا/يادگيرين جو ڪتاب "جوئي آهيان، سو ئي آهيان" آهي، جنهن لاءِ سومري صاحب جو ئي چوڻ آهي تہ، هو اها آتم ڪٿا پڙهي منگي صاحب جو مداح ٿي ويو آهي.

سندس لفظ آهن "منگي صاحب پنهنجي محنت ۽ خداداد لياقتن سان زندگيءَ ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. سندس آتم ڪٿا "جو ئي آهيان سو ئي آهيان" پڙهڻ کان پوءِ تہ مان سندس مداح ٿي ويو آهيان. اهڙي وڏي ڪتاب ۾ هن شخص جي انداز بيان ۽ حافظي جو داد ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي."

ائين سومري صاحب جي يادگيرين جي هن ٻئي حصي ۾ جيڪي خاندان، شخص ۽ واقعا آيل آهن، اهي ان سنڌ جا آهن جيڪا سنڌ اسان ڪا نہ ڏٺي، سومري صاحب ڏٺي. سنڌ سماجي طرح ائين بہ هئي. شايد سياڻي ۾ جيئڻ وارو شخص قبول نہ ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ ان آڏواج واري سنڌ آهي.

لڳي ائين ٿو تہ سنڌ مسلسل گهٽ ڪجهہ وڃائيندي رهي آهي. جن شخصن ۽ سنڌن ڳڻن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ آيل آهي. اُهي/اهڙا شخص وري ڪڏهن موٽي ايندا؟ شايد سنڌن اوسيڙو ڪندي ۽ (اهو اوسيڙو صدين تي ڦهليل هوندو.) هيءَ ڪتاب پڙهي، اهو اعتبار تہ اچي ٿو تہ سنڌ اهڙي هئي، جهڙي هن ڪتاب جي صفحن تي آهي پر اها اميد/ويساهہ نٿو جاڳي تہ سنڌ سياڻي وري اهڙي ٿيندي. اهو اسان جو الميو آهي.

اها سنڌ جنهن ۾ ليکڪ زندگيءَ جا الڳ حصا گذاري آيو آهي. اها ٻي آهي. پلي ان سنڌ ورهاڱو ڏٺو، ون يونٽ جو عذاب سٺو. مارشل لائن کي منهن ڏنو پر تهذيبي، ثقافتي ۽ سماجي طرح اها سنڌ وڌيڪ بهتر هئي.

هن ڪتاب ۾ سومري صاحب جي ٻولي ڇٽي، ويچار صاف ۽ واقعا تجسس/ابهام کان آجا تہ آهن ئي پر جيڪا وضعداري هن ڪتاب ۾ آهي، اها اڄ جي نسل لاءِ هڪ روشن راهہ جوڙيندي. سومري صاحب جي ننڍپڻ، جواني ۽ اڄ جي سنڌ جي جنهن سماج ۾ هو موجود آهي، انهن ٽنهي پيڙهن جو ذڪر آهي، جيڪو سندس زندگيءَ کي سمجهڻ ۾ سولائي ڪري ٿو.

اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ سنڌ اندر سياسي حوالي ۾ ڪيترين وڇوٽيون آهن، ڪيترا رستا آهن، جن مان هڪ رستو اُهو بہ آهي جنهن تي سومري صاحب سفر ڪيو آهي، ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ رستي ۾ ڪيئي ور وڪڙ بہ ٿين ٿا تہ، ڪي موڙ اٽانگا بہ اچن ٿا، دوستيون بہ جڙن ٿيون تہ، مخالفتن کي منهن بہ ڏيڻو پوي ٿو. ائين ان رستي تي سفر ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان سفر جي سموري وقت ۾ جيڪي ۽ جيئن سومري صاحب جي زندگيءَ ۾ ٿيو آهي ۽ جيڪو اڪين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏنو اٿائين، جيڪو ماٺيو يا پوڙهيو اٿائين، ان کي نهايت سچائيءَ سان لکيو اٿائين، جنهن لکڻ مان سندس حمايتون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تہ مخالفتون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

ڪالهہ جيڪي سومري صاحب جي جوانيءَ ۾ شخصي توڙي سياسي طور، سندس دوست هئا ۽ اڳتي هلي انهن سياسي رستا الڳ ڪيا آهن جڏهن انهن شخصن کي سومري صاحب هن يادگيرين جي ڪتاب ۾ آندو آهي تہ اتي نهايت ايمانداريءَ سان انهن جي ڳڻن جي تہ واکاڻ ڪئي آهي پر ڪٿي بہ سندن عيب جوئي نہ ڪئي آهي. سندس اظهار مان انهن جي الڳ هجڻ جو پتو تہ پوي ٿو پر انهن جي بُرائي ڪٿي بہ نظر نٿي اچي. اهڙا ڪيترائي حوالا هن ڪتاب مان ظاهر ڪري سگهجن ٿا جن ۾ پنهنجي سياسي مخالفن سان بہ شخصي ۽ خانداني تعلق جي بنياد تي گهڻو گڏ هلي سگهڻ جو پتو پوي ٿو. ساڳئي وقت اهو بہ پتو پوي ٿو تہ، شخصي يا خانداني تعلق ڪيئن نڀائبو آهي. جيڪو نڀائڻ سومري صاحب جي نسل يا عُمر وارن وٽ هيو آهي ۽ اَڄ جي نسل وٽ هيو آهي.

نهايت ڏيان سان پڙهڻ وارن لاءِ سڀ ڪجهہ چڙهيندي، بنهہ ٿورا مثال هن ڪتاب مان ڏيئي سگهجن ٿا جن مان سومري صاحب جي ذهني توڙي دلي اظهار جو نمونو ملي سگهي ٿو تہ، ساڳئي وقت اڳوڻي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي چٽي تصوير بہ سامهون اچي وڃي ٿي، سومري صاحب رتيديري جي حوالي ۾ هڪ واقعو هن طرح لکيو آهي:

"هڪڙي ڏينهن مون وٽ سيٺ ٽوپڻ داس آيو جنهن چيو تہ ناڪي مُنشي بي ايماني ٿا ڪن. ان لاءِ انهن کي گهرائي قسم قرآن وغيره کڻايو. مون بہ بيوقوفيءَ ۾ سانس هائو ڪار ڪئي ۽ ناڪي منشين کي گهرائي چيو تہ، اوهان کي قسم کڻڻو پوندو تہ بي ايماني نہ ڪندئو. پر پوءِ مون کي خيال آيو تہ اها غلط ڳالهہ آهي. مون کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ملازمن کي بي ايمان سمجهڻ نہ گهرجي."

ساڳئي نموني سومري صاحب پنهنجي دور جي سماجي، سياسي ۽ اخلاقي تاريخ لکڻ سان گڏ اڻ مَٽي معلومات بہ ڏني آهي، 1962ع ۾ سموري لاڙڪاڻي ضلعي اندر يو بي ايل بينڪ جي پهرين برانچ رتيديري ۾ قائم ٿي، نواب امير علي لاهوريءَ کي ياد ڪندي سومري صاحب ٿورن لفظن /سٽن ۾ گهڻي تاريخ قلمبند ڪئي آهي، هو لکي ٿو تہ:

"نواب امير علي لاهوري، سر شاهنواز ڀٽي جو گهرو دوست ۽ ذري گهٽ همعصر هيو. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پيدا ٿيو تہ سندس نالو ذوالفقار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي بہ، نواب امير علي لاهوريءَ رکيو هيو. نواب امير علي لاهوري 1918ع کان 1940ع تائين لاڙڪاڻي ميونسپل جو صدر رهيو. 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊيو. 1946ع واري صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ کيس مسلم ليگ آفر ڪئي تہ نوابيءَ جو لقب واپس ڪر تہ توکي سنڌ اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ڏيون! نواب صاحب انڪار ڪري اليڪشن ۾ بيهي رهيو ۽ هارايائين.“

ائين مون سميت جن سنڌ جي قبائلي تاريخ ۽ خاندانن جا شجرا نہ پڙهيا آهن، انهن لاءِ هيءَ ڳالهہ بہ شايد نئين هجي جيڪا سومري صاحب لاڙڪاڻي جي مشهور قادري خاندان بابت لکي آهي تہ:

”تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي تہ هيءَ خاندان اصل ۾ بلوچستان جي لسٻيلي وارن ڄامن مان آهي. هن خاندان وارا پاڻ کي فقير بہ سڏرائيندا آهن. هن خاندان تمام وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن.“

۽ سچ پچ لاڙڪاڻي جي قادري خاندان الڳ الڳ شعبن ۾ ۽ خاص ڪري علم، ادب ۽ صحافت ۾ وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن مان سائين اياز قادري بہ هڪ آهي جنهن ”سنڌي غزل جي اوسر“ جهڙو بيمثال ڪتاب اسان کي ڏنو. ذوالفقار علي قادري بہ پل مانس شخصيت جو مالڪ آهي.

سومري صاحب هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙي اعليٰ شخص جو ذڪر بہ ڪيو آهي، جيڪو پڙهڻ وقت اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون ۽ اهو اندازو بہ ٿئي ٿو اهڙا شخص بہ هُئا جن ذڪي زندگي تہ گذاري پر پنهنجي اندر جي ايمانداريءَ تان هٿ نہ ڪنياٿون. اهڙن عملدارن/شخصن مان هڪ جو نالو عبدالرحمان شاهہ سيشن جج بہ آهي، جنهن جو ذڪر پڙهڻ ۽ هينئين سان هنڊائڻ جهڙو آهي.

سومري صاحب، اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بزرگ شاعر هري دلگير جو ذڪر بہ ڏاڍي پيار سان ڪيو آهي، ساڳئي وقت سندس ڏاهپ جو ذڪر بہ ان ۾ ملي ٿو. تفصيل ڪتاب ۾ موجود آهي، هت لکڻ ورجاءُ ٿيندو.

1945ع جي سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ جي چڱي موچاري تفصيلي ذڪر ۾ هت فقط ان پوسٽر جو ذڪر ضرور ڪرڻ چاهيندس جيڪو پير علي محمد راشديءَ پاران ڇپرائي ورهايو ويو هُئو جيڪو سومري صاحب جي لکت موجب هيئن هُئو:

”مقابلو - مقابلو

موسيٰ جو فرعون سان،

مڇر جو نمرود سان.

يعنيٰ پير علي محمد راشديءَ جو يوسف هارون سان.“

انهيءَ لکٽيءَ مان پير علي محمد راشدي صاحب جي باقي شخصيت جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي. پر سومري صاحب فقط تاريخ بيان ڪئي آهي. هُن پير صاحب تي ڪو رَنج يا مخالفت وارو تبصرو نہ ڪيو آهي جيڪا سومري صاحب جي حليم طبيعت/مزاج جي شاهدي آهي. تنهن هوندي بہ هن راشدي پائرن جي فوٽو گرافيءَ جي شوق جي تعريف ڪئي آهي.

ساڳئي وقت علي حسن منگي صاحب تي بہ سنڌس نوٽ نهايت نيڪ جذبي وارو آهي. سومري صاحب ناميار ي ساڃي ڏر جي اديب ۽ دانشور قربان علي بگٽيءَ ۽ مولانا جان محمد عباسيءَ جو ذڪر بہ گهڻي عزت ۽ آبروءَ سان ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هيءَ ٻئي صاحب، سنڌس سياست توڻي سوچ ۽ ويچار جي ٻيءَ ڌارا سان جڙيل رهيا آهن. سومري صاحب جو ذڪر ڪرڻ جو ڍنگ اهڙو آهي، جنهن مان ڪنهن بہ شخص جا پازيٽو پاسا اڀري اچن ٿا. انهن جو خوبيون/ چڱايون ظاهر ٿين ٿيون. هيءَ لکڻ اهڙو آهي جنهن کي پڙهي شاهہ سائين جو بيت اڳيان اچي وڃي ٿو:

چڱـا ڪـن چڱـائـيـون، مـنـايـون مـنـن،
جـو وَڙُ جـڙي جـن سـيـن، سـو وَڙُ سـيـئـي ڪـن.

ائين ڪيترن هنڌن تي سنڌس ذڪر/حوالا اهڙا آهن، جيڪي مجموعي طور انسان جي لڪل توڻي ظاهري چڱاين ۾ ويساهہ وڌائن ٿا. جڏهن تہ اڄوڪي سنڌ بلڪل مٽيل آهي، اڄ جيڏانهن نظر ڪجي تي ويساهہ ٽُٽڻ لڳي ٿو. پوءِ بہ اهو قبول ڪيل آهي ۽ ساڳئي وقت اميد پرست/آشا وادي شخص هر موڙ تي اهو چئي ويا آهن تہ، انسان جي چڱائيءَ مان اميد لاهڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اها انسانذات جي گڏيل ميراث آهي. جنهن ميراث مان ڪجهہ حصو سائين عبدالرزاق سومري جي نصيب ۾ پڻ آيل آهي، جيڪو سپ نہ رڳو هن شخص جي آس پاس مان ظاهر ٿيندو رهيو آهي پر هن ڪتاب معرفت تہ سنڌس آرُ پارُ بہ ظاهر ٿيو آهي. جنهن جو مثال هن ڪتاب ۾ سنڌس انهن شخصين بابت لکتون آهن جيڪي شخص سنڌس زندگيءَ جي سفر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن پيچري تي ساڻس گڏيا آهن.

"همسفر سدائين گڏ هلي سگهن، اهڙي خواهش اجائي آهي، پر جيڪو همسفر جيترو وقت ساڻ هليو هجي، ان کي اوترو ياد ڪرڻ فرض جي ادا ڪرڻ جهڙو عمل آهي."

منهنجو خيال آهي ۽ جيڪڏهن ان چوڻ کي قبول ڪجي تہ، چهرو اندر جو آئينو هوندو آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ اوس قبولڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ شخص جي لکيل آتم ڪٿا/يادگيري ان جي اندر جي نِجُ پِجُ، اصلي ۽ سچي تصوير آهي، جيڪا پنهي تي اکرن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي يادگيريون اهڙيون آهن، جن مان نہ رڳو سومري صاحب جي اندر جي تصوير ظاهر ٿي آهي پر سائنس سنڌ سنبنڌ (تعلق) ۾ آيل مڙني، هن ڪتاب ۾ اظهاريل شخصن جون تصويرون بہ ظاهر ٿيون آهن، اها ٻي ڳالھ آهي تہ سومري صاحب جي اظهار ۾ جيئن اهي تصويرون جڙيون آهن، ائين ئي اظهار هيٺ آيون آهن، انهن ئي شخصن جون تصويرون ٻيو ڪو بہ شخص/ليکڪ ڪنهن ٻيءَ طرح اظهاري سگهي ٿو ۽ اهي وري انهيءَ جي اندر جو اظهار هونديون، اهڙا ڪيترائي مثال دنيا جي، ائين سنڌي ادب ۾ لکيل ڪيترين ئي آتم ڪٿائن /يادگيرين جي ڪتابن ۾ محفوظ آهن.

هن ڪتاب جا جيئن جيئن ورق ورن ٿا، تيئن تيئن اها سنڌ ۽ ان جو سماج اکين اڳيان ايندو رهي ٿو جنهن سماج، ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل شخصن کي نپيو ۽ نکيو ۽ انهن کي اهڙا قدر ڏنا، جن تي هلي اُنهن پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهندي، سنڌ جو ۽ ساڳئي وقت پنهنجو بہ مانُ برقرار رکيو جيڪو مانُ ۽ شُان، اڄ جي حالتن ۾ جيئندڙ شخص، هر ہئي ڏينهن گهٽائي رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سومري صاحب اهڙن ڪيترن ئي شخصن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اڄ جي حالتن ۾ مثالي انسان چئي سگهجن ٿا. مثالي آفيسر چئي سگهجن ٿا، مثالي جج چئي سگهجن ٿا، مثالي وڪيل چئي سگهجن ۽ مثالي سياستدان چئي سگهجن ٿا. ائين بہ آهي تہ، جڏهن ڪو بہ شخص پنهنجي آتم ڪٿا/يادگيريون لکندو آهي تہ ان وقت هو ان سڀ جو اختيار رکندو آهي تہ هو پنهنجي يادگيرين مان ڪهڙين يادگيرين کي لکڻ چاهي ٿو ۽ ڪهڙين يادگيرين کي پنهنجي حافظي ۾ ئي محفوظ رکڻ چاهي ٿو، جو تہ اهو لکندڙ جو نجي معاملو هوندو آهي، ائين پڙهندڙ سان پڻ لاڳو آهي ۽ هو آزاد آهي تہ ڪهڙي قسم جو ڪتاب پڙهڻ چاهي ٿو ۽ ڪهڙو نہ پڙهڻ چاهي، خود جيڪو ڪتاب هو پڙهي رهيو آهي، ان مان ڪهڙيون ڳالهيون هو پنهنجي زندگيءَ سان جوڙڻ چاهي ٿو ۽ ڪهڙيون نہ، حوالي طور نواب امير علي لاهوريءَ جي زندگيءَ مان هڪ واقعو مثي ڏنل آهي.

"جيئن جيئن ورق ورن" ڪتاب جي هڪ ورق تي هيءَ معلومات بہ شايد گهڻن اڄ جي سياست ڪندڙن وٽ نہ هجي سومري صاحب جي اکرن ۾ تہ:

"خان صاحب غلام رسول خان ڪيهر سنڌ جو ٻيون ۽ لاڙڪاڻي جو پهريون چوڪرو هيو، جنهن ممبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي، جڏهن تہ پهريون گريجوئيٽ مسلمان سر غلام حسين هدايت الله هيو." هيءَ 1925ع جو دور آهي.

سومري صاحب جي نوجوانيءَ واري وقت ۾ سنڌ جا اخلاقي قدر اهڙا هُئا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن مان هڪ ننڍڙو مثال هن ڪتاب ۾ حيدرآباد دکن کان آيل هڪ فقير منش صمد رضوي "ساز" صاحب جي حوالي ۾ سومري صاحب نہ رڳو هٿ لکيو آهي پر ان مان هن پاڻ جيڪو پرايو آهي، سندس لکڻ موجب اڄ تائين ان تي عمل ڪندو اچي. جيتوڻيڪ اڄ حالتون اُهي نہ رهيون آهن. سومري صاحب لکيو آهي تہ:

"هڪ دفعي اسان گڏ وڃون پيا تہ. هڪڙو پوڙهو ماڻهو ڏسي مون کي چيائين تہ گاڏي روڪي ان کان پڇو. جيڪڏهن ان طرف هلي ٿو تہ کيس کڻي هلجي. مان بہ جڏهن حيدرآباد دکن ۾ هوندو هيس تہ پنهنجي گاڏيءَ ۾ رستي ويندڙن کي کڻي هلندو هُيس. مون سندس ڳالهہ مڃي. سندس ان ڳالهہ کي ڏسي مان جتي بہ ويندو هيس تہ رستي ويندڙن کي کڻي منزل تي پهچائيندو هيس پر اڄ ڪلهہ جي حالتن کي ڏسندي اهو ڪم ڪرڻ کان ڊپ ٿو ٿئي تہ جيڪر ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي رستي سان نہ کڻجي."

سومري صاحب جو نامياري قومپرست اڳواڻ شهيد بشير خان قريشي (جيڪو سندس ڳوٺائي پڻ آهي) بابت هيءُ خيال آهي تہ:

"بشير خان، اوڙي پاڙي ۾ هر ماڻهوءَ سان شرافت سان پيش ايندو هيو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ احساس نہ ڏياريائين تہ مان هيڏو وڏو ليبر آهيان. مطلب تہ سندس نهٺائي مثالي هئي ۽ ڪنهن بہ قسم جي ٺاٺ ٺوڙ منجهس نہ هئي."

هن قسم جي آبرودار لکڻ مان اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي تہ سومرو صاحب جنهن نسل جو ماڻهو آهي، اهو هاڻ اسان وٽ اڻ لڀ ٿي رهيو آهي، اڄ جو شخص "مان" کان ٻاهر ڪجهہ بہ ڏسڻ، سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سگهہ شايد وڃائي ويٺو آهي. اهڙي ڏکئي وقت ۾ هن قسم جو ڪتاب پڙهي اسان پاڻ، پنهنجي اندر مان ايگو/انا جنهن کي "مان" چئبو آهي، کي ٻاهر ڪڍي اڇلائي آجا ٿي سگهون ٿا ۽ پوءِ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهون ٿا. ٻڌائي پڻ ائين چوي ٿو:

خُودي ۽ خُدا، ڪين ماپن من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

هن ڪتاب ۾ جتي باوقار ماڻهن جي محبتن جو ذڪر آهي. اُتي رتيديري جي مائي ۽ پيرن جو ذڪر بہ آهي، جيڪو پڙهي ڪنهن بہ شخص جو وات ڦاٽي ٿي سگهي ٿو.

سومري صاحب مير ظفر الله جماليءَ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو آبرودار ذڪر ڪيو آهي، اهو شخصي دائري ۾ هن طرح آهي. "مير ظفر الله جمالي ملڻ جُلڻ وارو ۽ ڪلمڪ ماڻهو آهي، هو ڪنهن بہ واقف ماڻهوءَ کي ڏسندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ اهو انتظار ناهي ڪندو تہ. اهو اچي ساڻس ملي، بلڪ پاڻ هلي وڃي ان سان ملندو آهي."

ان ذڪر هلندي ۾ مير صاحب سان ملاقاتن جو ذڪر ڪندي سومري صاحب شڪارپور جي سياستدان غوث بخش خان مهر جو ذڪر ڪجهہ هن طرح ڪيو آهي. "بعد ۾ غوث بخش خان مهر جي نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ بہ مير ظفر الله خان جماليءَ سان ملاقات ٿي جنهن ۾ وزير اعليٰ ارباب رحيم بہ اچڻو هيو. پر ارباب رحيم دير ڪئي ۽ غوث بخش خان مهر سندس انتظار ڪرڻ بجاءِ مهمانن کي ماني کارائي ڇڏي."

هيءُ حوالو ڏيڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ آهي تہ شخص سماجي طور وڏا هجن توڻي ننڍا، ڪي قدر، ڪي اصول، ڪي آدرش پاڻ وٽ ضرور رکن ٿا. ائين ملڪ جي ناميارو سنڌي بئنڪار جهانگير صديقيءَ کي بہ سومري صاحب سنن اکرن ۾ ياد ڪيو آهي. هيءُ هڪ سٽ ئي گهڻو ڪجهہ ٻڌائي وڃي ٿي.

"جهانگير صديقي جيترو وڏو ماڻهو آهي اوترو سٺو انسان بہ آهي. سندس طبعيت ۾ وڏي نهٺائي آهي." پڪ سان سنڌي ماڻهن اها چوڻي اجائي نہ جوڙي هوندي تہ: "ميويدار ٽاري سدائين جهڪيل رهندي آهي."

ڪيئن بہ هيءُ ڪتاب اهڙو آهي جنهن ۾ هڪ دور، ان جا ماڻهو ان جي سياسي، مذهبي ۽ سماجي اُٿل پٿل جو هڪ اهڙو داستان يادگيرين جي فريم ۾ بند آهي، جنهن کي پڙهي اڄ گهڻي مايوسي ٿئي ٿي، ڇو تہ اڄ سائين سترام داس "سائل" ۽ سائين قاضي عبدالحئي "قائل" جهڙا ٻاجهارا استاد ۽ اُجرا انسان سنڌ ۾ ڳوليا نٿا لڀن جن جو ذڪر سومري صاحب نهايت سعادتمنديءَ مان پنهنجي يادگيرين ۾ ڪيو آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو ذڪر تہ هن ڪتاب ۾ بہ جابجا آهي ڇاڪاڻ تہ هن جي شخصيت ۽ سياست تي گهڻو ئي الڳ الڳ نمونن سان لکيو ويو آهي پر شايد پڙهندڙن کي ڀُٽي صاحب جي وڏي ڀاءُ سڪندر علي خان ڀُٽي جو هن طرح جو ذڪر پڙهي ڪجهہ عجب لڳي. سومرو صاحب لکي ٿو تہ:

"سڪندر علي خان ڀُٽو، مشفق ۽ مهربان شخصيت هيو. سخاوت ۽ يارويسي هُن جو طره امتياز هُيو. "پيئڻ ۽ پڙهڻ" جو شوقين هيو. ڳوٺ ۾ سندس حويليءَ کان جدا سندس بنگلو هيو، جنهن جي هڪ هال ۾ چوڌاري ڪتابن جا ڪٻٽ پريل هوندا هيا. صبح جو حويليءَ مان نڪري اچي بنگلي ۾ ويهندو هيو. نظر محمد لغاري اتي سندس خدمت ۾ موجود هوندو هيو. سڪندر علي خان اچڻ سان ڪو بہ ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪندو هيو ۽ منجهند جو لنچ تائين مطالعي ۾ مشغول هوندو هيو ۽ پوءِ حويليءَ ڏانهن اٿي ويندو هيو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هن ڪتاب ۾ پاٽ شريف جو ذڪر اچي ٿو ته بنا دير علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جي حَسين تصوير اکين اڳيان اچي بيهي ٿي. قاضي صاحب سنڌي نوجوانن جي علمي واڌاري لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪئي اهڙي ئي جاکوڙ پاٽ شريف جي انصاري خاندان جي ڊاڪٽر نور حسين انصاريءَ سماجي فورم تان ڪئي آهي. سومرو صاحب، انصاري صاحب جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر نور حسين انصاري ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ذاتي اسپتال هلائيندو هيو. ۽ وڏو سوشل ورڪر هيو. ڪراچيءَ ۾ سنڌي رهاڪن لاءِ (محمد علي هائوسنگ سوسائٽي) قائم ڪرڻ ۾ سنڌس وڏو حصو هيو. غريب غُربي جو مفت ۾ علاج ڪندو هيو."

سومري صاحب 1967 عيسويءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي لاهور ڪنوينشن جو ذڪر ڪندي پنهنجي انهن سمورن دوستن ۽ پارٽي ڪارڪنن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي لاهور ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيا هئا. هِن وقت انهن کي سڃاڻڻ ڏاڍو مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته انهن مان ڪيترائي هي جهان ڇڏي چڪا آهن، اڳتي هلي شايد ڪوئي به سندن ذڪر ڪرڻ مناسب نه سمجهي، اهي سڀ شخص هن ڪتاب ۾ذڪر هيٺ اچي تاريخ جو حصو بڻجي ويا آهن، هڪ اهڙي تاريخ جنهن جي زنده رهڻ جي بجاءِ اڄ جي تيز سائنسي ايجادن جي طوفان ۾ اُڏامي وڃڻ جا وڌيڪ امڪان آهن. سومري صاحب پنهنجي يادگيرين جو حصو بڻائي انهن شخصن ۽ انهن جي خاندانن کي اهڙو رُتبو بخشيو آهي، جيڪو ڪين ڪيترو به ناڻو خرچي حاصل نه ٿي سگهي ها! ڇاڪاڻ ته تاريخ جي سفر ۾ گهڻو ڪجهه لٽجي وڃي ٿو ۽ ٿورو ڪجهه رهجي وڃي ٿو.

ڪيترائي شخص، سياستدان، عالم، اديب، شاعر ۽ ڪارڪن پنهنجي سمورين لڱاين توڙي چڱاين سميت هن ڪتاب جي صفحن ۾ محفوظ ٿي ويا آهن. هاڻ ايندڙ دور جو ڪو به طوفان هنن جا پن به لوڏي نٿو سگهي. جيتوڻيڪ تاريخ جا طوفان ايڏا زوردار به آيا آهن جن ۾ گهڻو ڪجهه وڃائجي ويو آهي.

هن ڪتاب جي ڪِن ڪِن صفحن تي جيڪڏهن ڪو اهڙو ذڪر پڙهڻ لاءِ ملي ٿو ته معجزن ۾ ويساهه وڌي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪالهه جي تاريخ جا واقعا اڄ اسان کي معجزا محسوس ٿين ٿا ۽ اهڙن معجزن سان دنيا جي تاريخ ڀري پئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن کي نالا الڳ الڳ ڏنا ويا آهن.

ڪيئن به هي ڪتاب لکي سومري صاحب اهو "گهڻو" محفوظ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو سياڻي اسان کي "ٿورو" به، نه ملي سگهي ها. سومري صاحب جي هِن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ سندس سفري يادگيريون به آهن، جن کي سفر ناما به چئجي ته شايد! وڌاءُ نه آهي، پر انهن ۾ به سندس يادگيرين جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊ آهي، هُن جڏهن ۽ جيڪي چاهيو آهي، اُهو لکيو آهي ۽ جڏهن ۽ جيڪي لکڻ نہ چاهيو آهي اُهو نہ لکيو آهي.

اهم ڳالهہ اِها آهي تہ هُن جيڪو لکيو آهي، اهو دل جي حضور، دماغ جي سچائيءَ ۽ شخصي ايمانداريءَ سان لکيو آهي، جنهن جو ثبوت سندس آس پاس ۾ لکيل ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب آهن جن ۾ پڻ اهڙو ئي اظهار آهي.

ڪتاب جي آخري حصي ۾ اُهي تقريرون ۽ ٻيا دستاويز آهن جن جو ذڪر سومري صاحب الڳ الڳ جڳهين تي ڪيو آهي. نہ تہ برصغير ۾ هندي ٻولي جي نامياري ڪوي اگييہ لکيو آهي تہ:

"آتم ڪٿا/ يادگيرين ۾ سَچُ لکڻ ايترو ئي ڏکيو آهي، جيترو تخليق ۾ ڪوڙ لکڻ!"

هن موقعي تي پنهنجي دلبر دوست ۽ تاريخ سان گڏ ڪيترن ئي علمن جي ڄاڻو استاد خالد چانڊيئي جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري ٿيندو ڇو تہ هن سان هن سومري صاحب لاءِ (مارڪ سيگل) وارو مرتبو ماڻي ورتو آهي. ٻي صورت ۾ سومري صاحب جا هيءُ ٻئي ڪتاب ايترو آساني سان نہ اچي سگهن ها! ڄاڪاڻ تہ استاد خالد چانڊيو پاڻ بہ هڪ نهايت علمي شخصيت سائين علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي خاندان سان واسطو رکي ٿو. ۽ بس!

رکيل مورائي

ڪراچي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو خاندان، رتيديري جا ڪجهہ مشاهير ۽ اهم واقعا

**منهنجو خاندان:**

مون پنهنجي يادگيرين جي پهرئين ڪتاب "يادن جي ڳُڙڪيءَ مان" ۾ پنهنجي خاندان جو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ مون پنهنجي پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين بابت جيڪا معلومات ڏني آهي ان مطابق انهن مان ڪيترا ٻار ان وقت اسڪول ۾ هيا جيڪي اڄڪلهہ يا تہ پنهنجي تعليم پوري ڪري نڪتا آهن، يا يونيورسٽين ۾ تعليم جي آخري مرحلن ۾ آهن ۽ ڪي وري چڱي روزگار سان لڳل آهن جنهن ڪري انهن جي موجوده پوزيشن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ بہ لازمي سمجهان ٿو.

سڀ کان پهرين مان پنهنجي گهرواري فاطمہ لاءِ ٻڌائڻ ٿو گهران جيڪا 27 سيپٽمبر 2020ع تي وفات ڪري وئي. جيتوڻيڪ سندس تعليمي لياقت خاص ناهي پر هوءَ سيلف ايڊيوڪيٽيڊ هئي خاص ڪري سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ مهارت رکندي هئي. سندس وڏي ڪنٽريبيوشن پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي توجهہ ڏيڻ ۽ ڪامياب بنائڻ آهي. سياسي طور تي هوءَ پ پ پ جي عورت ونگ ۾ لاڙڪاڻي جي ضلع باڊي جي ڪيترا سال پريزيڊنٽ رهي چڪي هئي. 1968ع ۾ پ پ پ ليڊيز ونگ جو پهريون ڪنوينشن المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻي ۾ ٿيو جنهن جي صدارت بيگم نصرت ڀٽو ڪئي هئي، ان ڪنوينشن ۾ پاڪستان جي مختلف خطن مان بيگم آباد احمد، ڊاڪٽر شميم زين الدين ۽ رقيہ خانم سميت ڪيترين ناميارين عورتن شرڪت ڪئي هئي. فاطمہ پڻ ان ڪنوينشن ۾ ڀرپور حصو ورتو هو. 1973ع ۾ AWPA جي ڊسٽرڪٽ پريزيڊنٽ رهي هئي. جنرل ضياءَ جي مارشلا واري دور ۾ پ پ پ ليڊيز ونگ جي عهديدار هجڻ جي حيثيت ۾ 1977ع ۾ سکر سينٽرل جيل ۾ بہ رهي. انهي وقت ۾ مان بہ ٻين پارٽي ورڪرن سان گڏ ساڳئي جيل ۾ بند هوس.

منهنجي وڏي پٽ آصف علي سومري جي شادي قاسم پورٽ جي چيف انجنيئر مرحوم علي خان سومري جي نياڻي شاهده پروين سان 1987ع ۾ ڪراچي ۾ ٿي. سندس گهرواري شاهده پروين ڪراچي يونيورسٽي جي گريجوئيٽ آهي. آصف علي پاڻ بہ سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهي، هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻو بينچ جو بہ ٽي دفعا صدر رهي چڪو آهي، پاڪستان بار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو آهي ۽ سنڌ بار ڪائونسل جو پنج دفعا ميمبر چونڊيو آهي ۽ اڄڪلهہ بہ ميمبر آهي. سندن وڏي نياڻي آمنہ (A-Level) ڪيمبرج يونيورسٽي مان پاس ڪري انڊس ويلي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ڪراچي جي آرڪيٽيڪچر ڊگري ڪورس ۾ وڏي جفاڪشيءَ سان 2013ع ۾ داخلا حاصل ڪئي جيڪا هر سال امتحان ۾ ڪامياب ٿيندي. پنجين سال ۾ پهتي ۽ 2018ع ۾ آخري امتحان ڏئي آرڪيٽيڪچر ۾ بئچلر جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ هڪ آرڪيٽيڪچر ڪمپني ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

آصف علي جي ٻي نياڻي حرمت بہ ڪاليج مان (A-Level) ڪيمبرج يونيورسٽي مان پاس ڪري ”لنڊن يونيورسٽي آف لا“ جي ايڪسٽرنل پروگرام ۾ زيبسٽ ڪراچي ۾ 16-2015ع ۾ داخلا ورتي. لنڊن يونيورسٽي جي هن پروگرام ۾ زيبسٽ ڪراچي شاگردن کي فقط پڙهائيندي آهي ۽ لنڊن يونيورسٽي جي امتحان لاءِ تيار ڪندي آهي. امتحان لاءِ وري لنڊن مان خاص اسٽاف ايندو آهي، جنهن جو زيبسٽ سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي. اهي امتحان وٺندا بہ هاءِ ڪميشن آف يُو.ڪي جي اندر آهن ۽ جوابي ڪاپيون لنڊن کڻي ويندا آهن جتان رزلٽ جو اعلان ڪيو ويندو آهي. لنڊن يونيورسٽي جي رولس موجب ڪوبہ شاگرد پهريون سال پنهنجي ملڪ ۾ پڙهڻ کانپوءِ ٻئي سال مين ڪيمپس يعني لنڊن وڃي پڙهي سگهي ٿو ۽ رهيل ٻن سالن جي تعليم لنڊن مان پوري ڪري سگهي ٿو. منهنجي پوٽي حرمت بہ ٻئي سال ۾ لنڊن ۾ داخلا وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ کيس داخلا ملي وئي، اڄڪلهہ حرمت لنڊن مان بہ سال پڙهي LLB (آنرس) پاس ڪري چڪي آهي. 22 جنوري 2020ع تي لنڊن ۾ ٿيل ڪانووڪيشن ۾ کيس ڊگري ملي وئي آهي سندس پيءُ آصف، سندس ماءُ شاهده ۽ ڀيڻ آمنہ پڻ ڪانووڪيشن ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ هن بيرسٽري ڪرڻ لاءِ مشهور اداري لنڪنزان ۾ داخلا پڻ وٺي ڇڏي آهي، جيڪا ڪرونا وائرس جي ڪري پڙهائي لاءِ لنڊن نہ وڃي سگهي آهي.

منهنجي ٻئي پٽ عامر علي جي شادي 2001ع ۾ درشهوار ڌيءُ مرحوم نور محمد سومرو آفيسر ڪسٽم ڊپارٽمينٽ سان ٿي، سندس گهرواري ڊاڪٽر آهي. عامر علي آمريڪا مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بيچلر ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي ۾ ماسٽرس ڪرڻ کان پوءِ 1994ع ۾ آمريڪا جي ناليواري ڪمپني ۾ نوڪري ڪئي، جنهن سان 2002ع تائين وابستہ رهيو. نوڪري دوران کيس آمريڪا ۾ پٽ حمزه ڄائو جيڪو آمريڪن نيشنل آهي. تنهن کانپوءِ مشهور يورپين سيليولر ڪمپني ”نوڪيا“ ۾ انڊونيشيا لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنسلٽنٽ جي پوزيشن طور شامل ٿيو جتي بعد ۾ نوڪيا جي مئنيجرل سروس ۾ داخل ٿيو جتي اڄ تائين سينئر پوزيشن ۾ ڪم ڪري ٿو. ساٿس گڏ سندس گھر واري ۽ ٻه ننڍيا پٽ حمزه ۽ هاشم جڪارتا ۾ رهندا هيا. حمزه، جڪارتا ۾ نرسري ۾ داخل هيو باقي هاشم ننڍو هيو. اڳتي هلي عامر جو پروموشن ٿيو ته انڊونيشيا مان دبئي شفٽ ٿيو جتي سندس ٻئي پٽ ايمريٽ انٽرنيشنل اسڪول دبئي ۾ پڙهي رهيا آهن. حمزه هاڻي اٽڪل 18 سالن جو آهي جڏهن ته هاشم 16 سالن جو نوجوان آهي. حمزه 12 ڪلاس ۽ هاشم ڏهين ڪلاس ۾ آهي. 2020ع ۾ ٿي حمزه يونيورسٽي ۾ داخل ٿيندو. هو ڪيترن آمريڪن ۽ ڪئناڊين يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ اپلاءِ ڪري چڪو هو آخرڪار کيس McGill يونيورسٽي مانٽريال ۾ داخلا ملي وئي، جتي سندس تعليم شروع ٿي وئي آهي.

منهنجي وڏي نياڻي سيما جيڪا منهنجي ٻيو نمبر اولاد آهي، ان جي شادي سرائي غلام حسين سومري جي پٽ الاهي بخش سومري سان ٿيل آهي. کين ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. سندن وڏو پٽ علي ارسلان، يونيورسٽي آف لنڊن مان ايڪسٽرنل اسٽوڊنٽ طور بيچلر آف لا ڪري، ڪجھ سال پاڪستان جي مشهور لا فرم لياقت مرچنٽ جوائن ڪئي هيائين، جنهن کانپوءِ S.A.M.B.A بينڪ ۾ "ليگل ڪائونسل" مقرر ٿيو. بعد ۾ وري N.I.B بينڪ ۾ "هيڊ آف ليگل سائيڊ" رهيو. اڄڪلھ "يونائيٽيڊ انرجي پاڪستان" ۾ "هيڊ آف ايڪسٽرنل افيئرس" جي حيثيت ۾ ڪم پيو ڪري. سندس شادي مشهور بينڪر آءِ.ڊي جوڻيجو جي ڌوهٽي "سارا" سان ٿيل آهي جنهن مان کيس پٽ جو اولاد آهي. جنهن جو نالو واحد آهي جيڪو پنجن سالن جو آهي.

الاهي بخش جي وڏي نياڻي "دُر ثمين" جي شادي نامياري قانوندان مسٽر عبدالرشيد آخوند جي پٽ "رابيل آخوند" سان ٿيل آهي جيڪو انٽرنيشنل اسٽيٽس جو قانوندان آهي. در ثمين L.U.M.S جي گريجوئيٽ آهي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي مان ماسٽرس ڪيل اٿس. رابيل ۽ ثمين کي ٻه پياريون نياڻيون "عانيه" ۽ "علينا" جي نالن سان آهن جيڪي ڪراچي جي مشهور گرامر اسڪول جي شروعاتي ڪلاسن ۾ آهن.

الاهي بخش ۽ سيما کي ٽيون نمبر ٻار ٻه نياڻي آهي جنهن جو نالو "دُرِ شهوار" آهي جيڪا L.U.M.S لاهور مان ماسٽرس ڪيل آهي. سندس شادي رضوان قريشي سان ٿيل آهي. دُرِ شهوار ۽ رضوان، آمريڪا ۾ سيٽل آهن جتي رضوان کي جاب آهي. کين پهريون ٻار هڪ نياڻي هئي جنهن جو نالو "اميران" رکيو اٿن. اميران کانپوءِ کين هڪ پٽ ڄائو آهي جنهن جو نالو امان قريشي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو اٿن. سيما ۾ الاهي بخش کي چوٿون ٻار غلام حسين آهي جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو آهي. غلام حسين لنڊن يونيورسٽي آف لا مان بيچلر آف لا LLB جي ڊگري حاصل ڪرڻ کانپوءِ 2014ع کان 2017ع تائين يو.ڪي گورنمينٽ جي "ڊپارٽمينٽ آف انٽرنيشنل ڊولپمينٽ فار ريفارم" ۾ ڪي. پي. ڪي جي پوليس سسٽم جي بهتريءَ لاءِ ۾ رول آف لا جي لاءِ ڪي.پي.ڪي، بلوچستان ۾ فاٽا ۾ ڪم ڪيو. جڏهن ته ڪجهه وقت برطانوي حڪومت جي فنڊنگ سسٽم هيٺ تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندڙ اين.جي.او "الف اعلان" ۾ ڪم ڪري چڪو آهي هن وقت MC Kinscy & Co. ۾ چڱي پوزيشن ۾ ملازم آهي.

منهنجي نياڻي زهره جبين جيڪا اسان جو ٽيون نمبر ٻار آهي. سندس شادي 1990ع ۾ منهنجي دوست مرحوم آءِ.ڊي جوڻيجو جي پٽ شميم احمد سان ٿي. ٻنهي کي هڪ پٽ "امداد حسين" ۽ ٻه نياڻيون "ردا فاطمہ" ۽ "دانيا" آهن. زهره جبين ۽ شميم احمد گذريل 14-ورهين کان ڪينيڊا ۾ ٽورنٽو جي "مسي ساگا" ٽائون شپ ۾ رهندا هيا جتان ڇڏي ٻئي شهر ۾ رهن ٿا. سندن ٽنهي ٻارن جي تعليم به اتان جي آهي. امداد حسين، يونيورسٽي آف واٽرلو مان لا جي ڊگري حاصل ڪئي آهي جنهن کانپوءِ لنڊن مان به سال قانون جي تعليم وٺي ٽورنٽو جي هڪ ناليواري لا فرم جي ميمبر طور وڪالت پيو ڪري. 2019ع ۾ سندس شادي ڪراچي مان ٿي سندس گهرواري ايمان آرڪيالاجي گريجوئيٽ آهي. ردا فاطمہ پڻ واٽرلو يونيورسٽي مان بيچلر پاس ڪري ملازمت ۾ آئي آهي ۽ 2019ع ۾ سندس شادي به پاڪستاني ڪينيڊين خاندان ۾ ٿي وئي آهي جڏهن ته دانيا پڻ يونيورسٽي مان ڊگري وٺي گريجوئيٽ ٿي چڪي آهي.

منهنجو چوٿون نمبر ٻار "شيبا تبسم" آهي، جيڪا ايم.بي.بي.ايس ڊاڪٽر آهي ۽ ڪراچي سول اسپتال ۾ 19-گريڊ ۾ نوڪري ڪري رهي آهي. سندس شادي سنڌ جي نامياري شاعر، شيخ اياز جي پٽ مونس اياز سان ٿيل آهي جيڪو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور مان ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿي چڪو آهي. يونيورسٽي ۾ نوڪري دوران مونس اياز ڪجهه وقت ڊيپوٽيشن تي ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر ۾ ٽوئرزم سنڌ پڻ رهي چڪو آهي. مونس اياز پاڻ ناميارو ۽ گهڻ پڙهيو اديب آهي عالمي ادب تي پڻ گهري نظر رکي ٿو. سندس ڪيترائي آرٽيڪل روزاني اخبارن ۾ ڇپبا رهندا آهن. ادبي سرگرمين ۾ ادبي حلقن ۾ سڃاتو مان رکي ٿو. هي جوڙو اڄڪلهہ مستقل طور ڪراچيءَ ۾ سيٽل آهي.

منهنجو ٻاءِ ضياءُ الدين جيڪو حال ۾ گذاري ويو اهو رٽائر سرڪاري،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملازم هيو. سندس نياڻي انيلا MSc آهي پنهنجي سوٽ عبدالمنعم سان سندس شادي ٿيل آهي، جيڪو سئي سائوٿرن گيس ۾ آفيسر آهي. سندن هڪ پٽ مڪرم ۽ نياڻي حور ڪراچي ڪاليج ۾ پڙهن ٿا. منهنجي چاچن جو اولاد رتيديري ۾ پنهنجي حويلي ۾ رهن ٿا.سوٽ محمد ايوب به رتيديري ۾ رهي ٿو سندس پٽ ڊاڪٽر اسد الله 20 سالن کان سعودي ۾ دل جو ڊاڪٽر آهي سندس گهرواري هما پڻ ڊاڪٽر آهي، سندس وڏي نياڻي ڊاڪٽر ساره، ننڍي نياڻي ڊاڪٽر سوها آهن سندس پٽ بشار LUMS لاهور ۾ پڙهي ٿو. منهنجي سوٽ حاجي ثناءُ الله جو هڪ پٽ ڊاڪٽر عبدالحميد اسلام آباد ۾ سيٽلڊ آهي ۽ هاڻي دهلي ۾ پاڪستان هاءِ ڪميشن ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي سندس پٽ مزمل USA ۾ PhD ڪري رهيو آهي. ٻئي سوٽ مرحوم عبدالڪريم جو پٽ راشد انڪم ٽئڪس آفيسر آهي ۽ سندس پوٽو ارشد چائنا ۾ PhD ڪري رهيو آهي. سوٽ عبدالغني جو هڪ پٽ ڊاڪٽر عبدالقادر آهي ۽ ٻيو پٽ عبدالرحمان آفيسر آهي ۽ سوٽ محمد قاسم جو پٽ عبدالنبي سئي گيس ۾ آفيسر ۽ سندس ٻيو پٽ خالد نيشنل بينڪ اسلام آباد ۾ آفيسر آهي. منهنجي مرحوم سوٽ عبدالفتاح جا ٻه پٽ فدا حسين ۽ اختر حسين جواني ۾ فوت ٿي ويا. سندس ٽيون پٽ ذوالفقار حيات آهي. سندس ڌيءُ ڊاڪٽر حميرا جي شادي پنهنجي سوٽ انجنيئر عقيل سان ٿيل آهي. منهنجو هڪ سوٽ عبدالقيوم رٽائرڊ آفيسر آهي، جيڪو ڪراچي ۾ رهي ٿو. منهنجو سوٽ بدر رٽائرڊ آهي سندس ٻه پٽ سراج ۽ شعيب معمولي سرڪاري ملازم آهن، منهنجي سوٽ صبيحه جنهنجي شادي ڊاڪٽر سعيد سومرو سان ٿيل آهي ان جو پٽ عبدالله GIK يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر آهي، منهنجي سوٽ عبدالرؤف جي پٽ مهتاب کي هڪ پٽ جهانگير ۽ ٻه نياڻيون آهن جن مان لاريب ڊاڪٽر ۽ ٻي نياڻي سافٽويئر انجنيئر آهي جڏهن ته جهانگير سول اسپتال حيدرآباد ۾ ٽيڪنيشن آهي. منهنجو سڀ کان ننڍو سوٽ عبدالمنان حبيب بينڪ ۾ آفيسر هو ڪيس ٻه نياڻيون آهن جن جي شادي چڱن گهرن ۾ ٿيل آهي.

## پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن:

جيئن ته مان اڳ ۾ پنهنجي ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۾ 1967ع واري لاهور ڪنوينشن جو ذڪر ڪري چڪو آهيان ته 30 نومبر ۽ 1- ڊسمبر 1967ع تي ٿيل لاهور ڪنوينشن ۾ لاڙڪاڻي مان مون سان شريڪ ڪهڙن دوستن لاهور ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪئي پر ڪجهه دوستن جو ذڪر رهجي ويو آهي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن پڻ لاڙڪاڻي مان اچي شرڪت ڪئي هئي. انهن ۾ خاص سردار پير بخش خان ڀٽو عبدالوحيد ڪٽپر، چاڪر علي جوڻيجو آيل هيا. ممتاز علي خان ڀٽو بہ لاهور آيل هيو پر سندس نيشنل اسيمبلي جي ميمبر هجڻ سبب ڪيس شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪان روڪيو هيو.

رتيديري ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين عبدالواحد سومرو پنهنجي جيپ تي ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي، چوڌري محمد رمضان، امام الدين قريشي ۽ محمد رمضان سرهئي وارن سان آيو هيو. لاڙڪاڻي شهر مان احمد دهلوي، ميروخان تعلقي مان مصري خان ڪلهوڙو، بنگل ديري شهر مان مولوي غلام يحيٰ، وارهہ تعلقي مان يونين ڪائونسل لالو رائنڪ جو چيئرمين علي اڪبر پيچوهو، يونين ڪائونسل لاڪا جو چيئرمين عبدالرحمان لاکو ۽ يونين ڪائونسل گاجي کهاوڙ جو چيئرمين حبيب الله شاهہ شامل هيا. پاڪستان جي ٻين ضلعن مان ڪراچي مان معراج محمد خان پنهنجي ڪجهہ دوستن سان ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر ڪوڙ سارن ورڪرس سان شريڪ ٿيا هيا.

## رتوديرو ٽائون ڪاميٽيءَ جي چيئرميني:

مارچ 1959ع کان مان رتوديرو ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين چونڊيس. ورهاڱي کان اڳ ۾ رتيديري شهر ۾ ميونسپل ڪاميٽي هوندي هئي. پر ايوب خان جي دور ۾ بلدياتي قانون ۾ ترميم ڪري 10-هزارن کان گهٽ آباديءَ وارن شهرن کي ميونسپل ڪاميٽي مان گهٽائي ٽائون ڪاميٽي جو درجو ڏنو ويو. رتوديرو شهر بہ ٽائون ڪاميٽي ٿي ويو، جيڪو شهر مان هندن جي لڏي وڃڻ جو نتيجو هيو.

منهنجو دور ميونسپل جي ڪمن جو ڪامياب دور رهيو. هڪ وڏي اسپتال، هاءِ اسڪول ۽ ويم گهر جهڙا ادارا اسان وٽ هيا، جڏهن تہ پرائمري اسڪول، سرڪاري تحويل ۾ هلندڙ هيا. ڪجهہ اسٽاف جو مان اڳ ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان ۽ ڪجهہ رهجي ويل ميمبرن ۽ اسٽاف جو هتي ذڪر ڪندس.

اسان جا سينيٽري ورڪر ڏاڍا محنتي ۽ ايماندار هيا. صفائي ڪرڻ وارن ۾ هڪڙو پخالي پاڻي جي پخال پيري هاريندو ويندو هيو تہ پويان ٻهاريدار نالي کي ٻهارو هڻندي گندگي کي اڳتي ڌڪيندو صفائي ڪندو ويندو هيو. ننڍيون ننڍيون ناليون وڏن نالن ۾ پونديون هيون، نالن جو پاڻي شهر مان ٻاهر نڪرندو وڃي هڪ ڪوهہ ۾ پوندو هيو. ان ڪوهہ تي نار ٻڌل هوندو هيو. ڪوهہ تي ڏاند ٻڌل هوندو هيو جنهن جي هلڻ سان پاڻي ڪوهہ کان ٻاهر نڪري شهر کان ٻاهر ڇڏيل


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليل ميدانن ۾ پيو وهندو هيو.

ان وقت ٽائون ڪاميٽيءَ وٽ ڪجهه مارڪيٽ به هيا. سبزي مارڪيٽ، گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ هيا، جتي ننڍو گوشت ۽ مڇي ملندي هئي. ساوڻ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ وارن مهينن ۾ خشڪ مڇي به ملندي هئي جيڪا گهوڙيا ڪارن ۾ ڪٽي ڪپائيندا هيا. ٻئي طرف وڏي گوشت جو هڪ دوڪان پڻ هيو جيڪو شهر جي بازار کان ٻاهران هوندو هيو. جڏهن ته ننڍي گوشت ۽ مڇي جي مارڪيٽ شهر اندر هوندي هئي.

ٽائون ڪاميٽيءَ جي آمدني جو هڪ ذريعو ناڪا هوندا هيا، جن تي شهر ۾ اندر ايندڙ ۽ شهر کان ٻاهر ويندڙ مال تي آڪٽراءِ ٽيڪس وصول ڪيو ويندو هو. آڪٽراءِ/ ناڪا ٽيڪس جي وصولي به ميونسپل جا ملازم ڪندا هيا. ان کان سواءِ شهر ۾ ڪيترائي دوڪان ۽ مارڪيٽ به ٽائون ڪاميٽي جي ملڪيت هيا جن جي مسواڙ به آمدنيءَ جو ذريعو هئي. انهيءَ آمدني مان ٽائون ڪاميٽي ملازمن جي پگهارن، اسپتال ۽ هاءِ اسڪول جي عملي جي پگهارن وغيره تي خرچ ڪرڻ سان گڏ و گڏ مختلف ترقياتي ڪم پڻ ڪرايا ويندا هئا. اسان جي دور ۾ سمورا بلدياتي ادارا پاڻيرا هوندا هيا ۽ اڄڪلهه وانگر گرانٽون نه هونديون هيون. اڳتي هلي 1960ع ۾ اسپتال ۽ هاءِ اسڪول به صوبائي سرڪار جي تحويل ۾ هليا ويا.

اسان ٽائون ڪاميٽي پاران غريب ۽ هوشيار شاگردن کي اسڪالرشپون به ڏيندا هياسين پر اڄڪلهه اهو سلسلو بند ٿي ويو آهي. ان سان گڏ ترقياتي ڪمن ۾ شهر جون ناليون نهرائڻ ۽ گهٽيون نهرائڻ وغيره جا ڪم به ڪندا هياسين. مختلف قسمن جا ٺيڪا ڏنا ويندا هيا پر ڪميشن جو ڪو تصور ئي نه هيو. مان 1959ع کان 1964ع تائين چيئرمين رهيس.

## گوپال داس ٺيڪيدار:

"گوپالداس" ميونسپالٽي جو ڪنسٽرڪشن جو ٺيڪيدار هوندو هيو جيڪو رتيديري شهر جو هيو. گوپالداس پنهنجي ايمانداري سبب مشهور هيو ۽ رتيديري ۾ ڪانگريس جي قائم ڪيل سماجي اداري "گانڌي خدمت گهر" ۾ به سرگرم هوندو هيو. منهنجي ننڍپڻ ۾ گوپالداس جي رتيديري شهر جي ٻاهران سبزين جي واڙي هوندي هئي. نهايت سادو ۽ محنتي ماڻهو هيو. ڪيس ڪڏهن به ڪنهن سواري ۾ گهمندو نه ڏٺوسين. غريب غُربي جو مددگار ۽ نهايت شريف انسان هيو.

1974ع ڌاري مون کي گوپالداس چيو ته شيخ مولا بخش صاحب جا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي شهر جي ٻاهران بنا آهن جيڪي ڪپاٽڻ ٿو گهري. اچو ته گڏجي پائيواري ڪري وٺونس. گوپالداس جا رتيديري ۾ ٻه بنا هيا ۽ ڪيس ان ڪم جو تجربو هيو. اهو ٻه چيائين ته ڪل اٺ ايڪڙ زمين ۾ بنو آهي جيڪو مان هلائيندس. مون، گوپالداس کي ٻن قسطن ۾ پئسا ڏنا. پهرين قسط شيخ مولا بخش کي قيمت ادا ڪرڻ مهل ٻي قسط زمين نهرائڻ مهل ڏني مانس. ڪم هلندي سال کن کان پوءِ چيائين ته نئون ديرو روڊ تي 23 ايڪڙ زمين ملي ٿي جيڪا نهايت سستي آهي. اچ ته گڏجي اها ٻه وٺون. اتي ٻه بنو لڳائي سگهجي ٿو. مون حامي ڀري ۽ کيس پئسا ڏنا. اتي ٻه گڏجي پائيواري ۾ بنو لڳرايوسين. سال کان پوءِ 1976ع ۾ ٻوڏ سبب رائيس ڪينال کي اسان جي زمين جي سامهون گهارو لڳرايو ويو ته اهي ٻئي بنا ۽ سرون وغيره ختم ٿي ويون ۽ وڏو نقصان ٿي ويو.

سالن جا سال گذري ويا ۽ زمين پڙ اسان کان وسري وئي هئي. 1992ع ڌاري منهنجي پٽ "آصف"، پهرين ورتل زمين جيڪا شيخ مولا بخش کان خريد ڪئي هئي سين، ان جي هڪ ٽڪري ۾ پيٽرول پمپ لڳائڻ ٿي چاهيو. مون "گوپال داس" کي چيو ته تون پائيوار آهين زمين جا پئسا وٽ ته اسان ڪم آٽيون. هن نهايت فراخدليءَ سان چيو ته مان پئسا نه وٺندس، چو ته تون منهنجو دوست آهين. پر پوءِ ٻه مون ڪانئس سندس ڏيڍ جريب زمين جو اسي هزار روپيا ڏئي لکرائي ورتو. پوءِ منهنجي پٽ آصف علي، گوپالداس جي پٽ کي ڪمپنسيٽ ڪيو.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته آڪٽراءِ ٽيڪس جي وصولي ناڪي منشي ڪندا هئا ۽ ڪوبه نيڪو نه هوندو هيو. ناڪي منشي روزانو ناڪن تان ٽيڪس وصول ڪري ميونسپل آفيس ۾ جمع ڪرائيندا هيا. هڪڙي ڏينهن مون وٽ سيٺ ٽوپڻ داس شهر جو واپاري آيو. جنهن چيو ته ناڪي منشي بي ايماني ٿا ڪن، ان لاءِ انهن کي گهرائي قسم قرآن وغيره کڻايو. مون ٻه بيوقوفيءَ ۾ ساڻس هائوڪار ڪئي ۽ ناڪي منشين کي گهرائي چيو ته توهان کي قسم کڻڻو پوندو ته بي ايماني نه ڪندئو. پر پوءِ مون کي خيال آيو ته اها غلط ڳالهه آهي، مون کي ايئن نه ڪرڻ گهرجي ۽ ملازمن کي بي ايمان سمجهڻ نه گهرجي.

## رتيديري شهر ۾ U.B.L بينڪ برانچ جو قيام :

1962ع ڌاري "مُفتي" نالي هڪ يو بي ايل جو آفيسر جيڪو ڪراچيءَ مان رتيديري آيل هو مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ چيائين ته جيڪڏهن اسان کي جڳهه جو بندوبست ڪري ڏيو ته رتيديري ۾ بينڪ جي شاخ کولجي. اسان وٽ ڪجهه دوڪان هيا جيڪي مون هن کي ڏيکاريا ۽ چيو مانس ته جيئن چئو ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي گهرج موجب ٺهرائي ڏيون. هن دوڪان پسند ڪيا ۽ نقشو به ٺهرائي ڏنو. اسان نقشي مطابق ڪم ڪرائي بينڪ برانچ جوڙائي ۽ پوءِ رتيديري شهر ۾ پهرين بينڪ برانچ قائم ٿي، جنهن ڪري عام ماڻهن ۽ واپارين جو وڏو سک ٿي پيو. اهڙي طرح لاڙڪاڻي ضلعي ۾ يو بي ايل جي پهرين برانچ رتيديري ۾ قائم ٿي. ان کان اڳ رتيديري ۾ ڪنهن به بينڪ جي شاخ نه هئي. لاڙڪاڻي شهر ۾ رڳو نيشنل بينڪ جي شاخ هئي جڏهن ته يو.بي.ايل ان وقت به هڪ وڏي ڪمرشل بينڪ هئي.

**غمدل فقير:**

عبدالخالق دايو نالي هڪ همراهه پني عاقل واري پاسي کان رتيديري ۾ اچي رهيو ۽ ڪرياني جو دوڪان کوليائين. منهنجي چاچي خدا بخش سان واسطو هوندو هيس، جيڪو مختلف شاعرن ۽ سگهڙن جي سرپرستي به ڪندو هيو. عبدالخالق دايو، صوفي خيال وارو نيڪ ماڻهو هوندو هيو. شاعر به هيو ۽ "غمدل فقير" جي نالي سان سڃاتو ويندو هيو. منهنجون غمدل فقير سان ٽائون ڪاميٽيءَ جي چيئرميني واري دور ۾ گهڻيون ملاقاتون هونديون هيون. نهايت سادو، شريف انسان ۽ ڳالهين جو ڳهير ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هوندو هيو. منهنجو سنو دوست هيو. ڏاڙهي کي ميندي لڳل، گيڙو الفي، پوتڙو ٻڌل ۽ ڳچيءَ ۾ ڪننا پاتل هوندا هئس. چيڙي ۽ يڪتاري سان سماع به ڪندو هو رتيديري شهر ۾ سندس کوڙ سارا معتقد به هوندا هيا. سندس شاعريءَ کي ڪيترن ئي صوفي فنڪارن ڳايو آهي، سندس کوڙ ڪلام جڳ مشهور ٿيا آهن. سندس شاعري جو مجموعو به ڇپيل آهي.

رتيديري ۾ هڪڙو ٻيو همراهه رحيم فقير جي نالي سان هوندو هيو. جنهن جو ڪم هيو رتيديري جي قبرستان جي سارسنڀال ڪرڻ. سندس ڪو به معاوضو نه هوندو هيو، ڪجهه گهرن مان الله جي نالي جي ماني وٺندو هيو. منهنجي چيئرمين ٿيڻ کان اڳ گذاري ويو هيو. ڪانئس پوءِ سندس پاٽيو قبرستان جو رکوالو هيو، جنهن کي به ڪجهه گهرن مان ماني ملندي هئي.

**غلام حيدر عمراڻي:**

رتيديري ۾ مختيارڪار جي نائڪ حضور بخش عمراڻيءَ جو تمام وڏو گهر هوندو هيو. موتڻ پور پاڙي ۾ سندس رهائش هئي. کيس اولاد به جام هئي. سندس پٽ احمد بخش پڙهي ڪٽي ڪلارڪ ٿيو. محمد يعقوب به پڙهيو. الله بخش صفا نه پڙهيو. نور محمد به نه پڙهيو. سندس سڀ کان ننڍو پٽ هيو غلام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدر عمراڻي جيڪو منهنجو دوست هيو. عمر ۾ مون کان گهڻو ننڍو هيو ۽ منهنجي وڪالت شروع ڪرڻ وقت ميٽرڪ ۾ پڙهندو هيو.

منهنجي وڪالت شروع ڪرڻ وقت فدا حسين قادري ۽ سندس دوست عبدالحڪيم هليو به غلام حيدر جي معرفت منهنجا واقف ٿيا ۽ سنا دوست بڻجي ويا. غلام حيدر سرڪاري نوڪري ڪئي ۽ ڪلارڪ ٿيو. مهاجرن مان شادي ڪيائين. سندس سالو فوجدار خان اجان تائين لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو جيڪو پ.پ.پ جو به مشهور ورڪر آهي. غلام حيدر کي به چڱي اولاد آهي جيڪي هتي ئي رهن ٿا. سندس هڪڙو پٽ فوج ۾ آفيسر آهي. غلام حيدر ڪافي عرصو اڳ گذاري ويو آهي. غلام حيدر وڏو چرچائي هوندو هيو. ڪچهري ۾ ويهندو هيو ته رڳو کِل ئي کِل هوندي هئي. هر هنڌ سندس هاڪ ۽ عزت هوندي هئي، آفيسر ۽ دوست ڪيس ڏاڍو پيائيندا هيا.

## سيشن ڪورٽ جي عمارت جي اڏاوت:

1953ع ۾ مون جڏهن لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪئي ته لاڙڪاڻي ۾ سيشن ڪورٽ جي ڪا به عمارت نه هئي. سيشن ڪورٽ جو ڪم ڀن هنڌن تي ٿيندو هيو. سيشن جج جي بنگلي جي هڪ حصي ۾ ڪيس هلندا هيا، جتي سندس چيمبر به هوندو هيو ۽ ٻئي حصي ۾ وري سندس رهائش هوندي هئي. 1901ع ۾ لاڙڪاڻو ضلعو وجود ۾ آيو ۽ ڪليڪٽوريٽ جي عمارت ٺهي ته ان بلڊنگ ۾ سيشن جج جو ڪلريڪل ستاف ۽ سيشن جج جي لائبريري به هوندي هئي.

1955ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ ۾ سنڌ حڪومت فيصلو ڪيو ته ڪليڪٽري جي سامهون واري ميدان تي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ جي بلڊنگ ٺهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه پئسا به آيل هيا ۽ تعمير جي منظوري به ٿيل هئي ته اوچتو ون يونٽ ٺهي ويو. ون يونٽ ٺهڻ سان اولهه پاڪستان حڪومت فيصلو ڪيو ته جيڪي اسڪيمون شروع ناهن ٿيون، انهن لاءِ پئسا جاري نه ڪيا ۽ انهن جي ٻيهر منظوري وٺبي جڏهن ته هلندڙ اسڪيمن لاءِ فنڊ ڏئي انهن کي جاري رکيو ويندو.

انهن ڏينهن ۾ ناميارو شاعر هري درياڻي دلگير پي. ڊبليو. ڊي کاتي ۾ انجنيئر هيو. هڪ ڏينهن اسان بار روم ۾ ويٺا هياسين جيڪا سول ڪورٽ پرسان هڪ ڪمري ۾ قائم هئي. ان وقت سول ڪورٽ جي پنهنجي بلڊنگ هوندي هئي. هري درياڻي دلگير صاحب اتي اچي پهتو ۽ تفصيل سان اسان کي ٻڌايائين ته سيشن ڪورٽ جو نقشو تيار ۽ پاس ٿيل آهي، منظوري به ورتل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ٽيڪو بہ ٽيل آهي ۽ پئسا بہ موجود آهن. جيڪڏهن هلندڙ اسڪيم هوندي تہ بلڊنگ بچي ويندي. ان ڪري اُتو تہ افتتاح ڪري ڪم جي شروعات جي تختي لڳائي ڇڏجي تہ جيئن جاري ۽ هلندڙ ڪم ڏيکاري بلڊنگ بچائجي نہ تہ پئسا واپس موٽي ويندا ۽ پيهر منظوري لاءِ وڏي تڪليف ڪرڻي پوندي. اسان سڀ وڪيل گڏجي وياسين ۽ ڪم شروع ڪرائي سنگ بنياد جي تختي هڻي سين ۽ بلڊنگ جا فنڊ بچي ويا. 1958ع ۾ نئين عمارت جو افتتاح هاءِ ڪورٽ سنڌ جي جج جسٽس منشي هٿان ڪرايو ويو. ان وقت مسٽر عبدالرحيم ڪرل سيشن جج لاڙڪاڻو هيو. هاڻي تہ سيشن ڪورٽ جي ہي نئين عمارت بہ ٺهي وئي آهي پر نقشي ۽ جوڙجڪ جي حساب سان پراڻي عمارت جو ڪو جواب ڪونهي. بہ ماڙ عمارت ۾ مٿي هڪ پاسي سيشن جج ويهندو هيو تہ ٻئي پاسي ايڊيشنل سيشن جج ويهندو هيو. انهن جي اچڻ وڃڻ لاءِ جدا ڏاڪڻ هوندي هئي، جتان عام ماڻهن جي نظرن ۾ اچڻ کان سواءِ سندن آمد و رفت هوندي هئي. گرائونڊ فلور تي بہ ننڍيون ڪورٽون هونديون هيون. هاڻي تہ نئين عمارت بہ ٺهي وئي آهي جيڪا رضا شاهہ ڪبير روڊ کان ايندي ساڄي پاسي آهي.

ٻن ڪيسن جوا حوال:

هونئن تہ مون اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو هيٺين ڪورٽن کان هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ تائين وڪالت ڪئي آهي پر هتي پنهنجي شروعاتي دؤر جي ٻن ڪيسن جوا حوال ڪريان ٿو.

(1): گاهي خان جروار نالي همراهہ جيڪو خانواهہ ڳوٺ تعلقي رتوديرو جو رهاڪو هيو، ان خانبهادر احمد خان ڀُٽي خلاف اختيارين کي هڪ درخواست ڏني هئي، جيڪا جاچ کان پوءِ ڪوڙي ثابت ٿي تہ سندس خلاف ڪوڙي درخواست ڪرڻ سبب 182-قلم هيٺ ڪارروائي ڪئي وئي. اهو ڪيس ايس ڊي ايم لاڙڪاڻو وٽ هيو. اها ڳالهہ 1955 جي آهي.

گاهي خان جروار، مون کي پنهنجو وڪيل ڪيو. مان جڏهن پهرين حاضري تي پهتس تہ اتي مونکي ڪجهہ وڪيلن ۽ ماڻهن حيرت مان چيو تہ، "تون خانبهادر احمد خان ڀُٽي جي معاملي ۾ سندس خلاف وڪيل ٿيو آهين؟"

مون کين چيو تہ، "ڪير بہ هجي، مون جڏهن هڪ دفعو وڪالت نامو داخل ڪيو آهي تہ پوءِ مان پوئتي نہ هٽندس." هونئن بہ اها قديم روايت آهي تہ وڪالت نامو داخل ڪرڻ کانپوءِ هر صورت ۾ پنهنجي اصيل/ڪلائنٽ سان گڏ بيهڻو آهي ۽ ايمانداري جي بہ اها ئي تقاضا آهي. مون اهو ڪيس سهڻي نموني هلايو ۽ پوءِ گاهي خان جروار کي ڇڏايم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانبهادر احمد خان پُني کي جڏهن اها خبر پئي ته پوءِ هن به منهنجي ايمانداري ۽ ثابت قدمي کي ڏسندي مختلف ڪيس مون ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيا. مون کي ياد ٿو اچي ته هن پنهنجي هڪ ملازم جو خون جو ڪيس مون ڏانهن موڪليو. اها 60-1959ع جي ڳالهه آهي. ان دور ۾ ڇهن مهينن کان اٺن مهينن تائين ڪيس هلي ويندا هئا ۽ اجوڪي دور وانگيان ورهيه نه لڳندا هيا. اڳ ۾ فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ شاهدين وغيره وٽي ڇڏيندا هيا، پوءِ ڪيس سيشن ڪورٽ ۾ ويندو هيو. بنيادي ڪم، شاهدين ۽ ثبوت وغيره ۽ ڊاڪٽرن جا بيان هيٺين ڪورٽن ۾ پيش ٿي ويندا هيا پوءِ سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلندا هيا. جڏهن ته اجڪلهه اهي سڀ ڪم شاهدين ۽ ثبوت وغيره سيشن ڪورٽ ۾ پيش ٿين ٿا ۽ ڪيس هلڻ ۾ سال لڳي ٿا وڃن. ان دور ۾ ڪيس به ٿورا هوندا هيا. سيشن جج وٽ ڪيس پهچندو هيو ته ڪيس جي شروعات ٿي ويندي هئي ۽ سمن يا وارنٽ لازمي تعميل ٿيندا هيا ۽ اڪثر ڪيس ستت اڪلائجي ويندا هيا.

اهڙي طرح خانبهادر احمد خان پُني جو موڪليل همراهه ستن مهينن ۾ آزاد ٿي ويو ۽ خانبهادر کي وڃي پيرين پئي مليو ته خانبهادر حيرانگيءَ مان پڇيس ته، ”اڙي جيل مان ڀڄي آيو آهين ڇا؟“

هن چيس ته ”نه سائين آزاد ٿي آيو آهيان.“

ٻيو به هڪڙو ڪيس جنهن جو ذڪر ڪيان ٿو 57-1956ع ڌاري نظر محلي جي ابڙن ۾ ڦڏو ٿي پيو. وڏيرو الهورايو ابڙو ۽ مظهر علي ابڙو پاڻ ۾ اٽڪيا ۽ هڪ ٻئي تي ڪيس ڪيائون 107 جا ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر لاڙڪاڻي جي ڪورٽ ۾ داخل ٿيا هيا مظهر علي ابڙي، مون کي پنهنجو وڪيل ڪيو. اوچتو خبر پئي ته الهورائي ابڙي پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سندس وڪيل ٿي اچي حاضري واري ڏينهن ڪورٽ ۾ پهتو. ان وقت قانون هيو ته بيرسٽر، وڪالت نامو پيش ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن جي به طرفان وڪيل طور ڪورٽ کي ايڊريس ڪري سگهندو هيو. اجڪلهه اهو قانون ختم ٿي چڪو آهي پر اڳ ۾ بيريسٽر کي اهو اعزاز حاصل هيو ۽ ڀٽو صاحب به بيرسٽر هيو.

ان ڪيس ۾ ڀٽي صاحب حيدرآباد جي هڪ مشهور شيوامنڌلي ڪيس جو رفرنس پيش ڪيو جنهن جو مطلب اهو هيو ته ”غلط ڪم ڪندڙ ۽ غلط ڪم جو نشانو بڻجندڙ ۾ فرق هجڻ گهرجي، ان ڪري ٻنهي ڌرين تي ساڳئي وقت 107 جو قانون لاڳو نٿو ٿي سگهي. منهنجو اصيل متاثر ڌر آهي، ان ڪري ان جي خلاف 107- جي ڪاروائي نٿي ٿي سگهي. ان وقت ته ڪيس ۾ ڪوبه فيصلو ڪونه ٿيو پر جلد ئي الهورايو ابڙو ۽ مظهر علي ابڙو پاڻ ۾ ٺهي ويا ۽ پوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻي صاحب جي مان ۾ گڏيل دعوت ڪيائون، جنهن ۾ مان به هيس. مون وٽ ان دعوت جو فوٽو به آهي.

## رتيديري تعلقي جو راشدي خاندان:

جيئن ته مون پنهنجي ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۾ لاڙڪاڻي ۽ قنبر شهدادڪوٽ جي مختلف سياسي، علمي ۽ سماجي طور مشهور خاندانن ۽ فردن جو ذڪر ڪيو هيو. پر ويسر سبب ڪجهه اهم خاندانن جا ماڻهو رهجي ويا آهن، جن جو ذڪر هاڻ ڪرڻ گهران ٿو.

انهن اهم ۽ مشهور خاندانن مان هڪڙو آهي پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ سندن ٽئين نمبر ڀاءُ احمد شاهه راشدي جو خاندان، جيڪو بهمڻ ڳوٺ ويجهو پير ڳوٺ جو رهاڪو هيو. جيئن ته راشدي ڀائرن جي سياسي علمي ۽ ادبي حيثيت تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، ان ڪري مان سائن پنهنجي ذاتي تعلق جي ڳالهه ڪندس.

1945ع ۾ جڏهن سينٽرل ليجسليٽو اسيمبلي جي چونڊ هئي پير علي محمد راشدي چونڊ ۾ اميدوار هيو ۽ سندس مقابلي ۾ سر عبدالله هارون جو فرزند يوسف هارون بيٺو هيو. ان وقت ڪاتيدارن ۽ ٽيڪس ڏيندڙن کي ووٽ جو حق هيو. عام ماڻهن کي ووٽ جو حق ڪونه هو انهن ڏينهن ۾ پير علي محمد راشدي جي خانبهادر احمد خان ڀُٽي ۽ نواب نبي بخش خان ڀُٽي وارن سان گهڻي ويجهڙائپ هوندي هئي. خانبهادر احمد خان ڀٽو ۽ نواب نبي بخش خان ڀٽو سندس مدد ۾ اڳتي اڳتي هيا. مون کي ياد آهي ته پير علي محمد راشدي وڏا وڏا پوسٽر نهرايا هيا جيڪي ڏاڍو مشهور ٿيا هيا. پوسٽر ۾ لکيل هيو:

"مقابلو - مقابلو
موسيٰ جو فرعون سان
مچر جو نمرود سان
يعني پير علي محمد راشدي جو يوسف هارون سان."

ان اليڪشن جي مهم دوران مون پير علي محمد راشدي کي پهريون دفعو ڏٺو. مان ان وقت ميٽرڪ جو شاگرد هيس. مان جڏهن ڪراچي ۾ اين جي وي اسڪول ۾ استاد هيس ته پير علي محمد راشدي جو پٽ سيد حسين شاهه راشدي اتي پڙهندو هيو ۽ منهنجو شاگرد هيو. منهنجي تمام گهڻي عزت پڻ ڪندو هيو. سيد حسين شاهه راشدي اڳتي هلي وڪالت ڪئي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان گهرو تعلق هيس.

پير علي محمد راشدي جنگ اخبار جو ڪالم نگار، سنڌي اردو ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزي صحافت جو مشهور نالو ۽ سياست جو شهسوار بہ رهيو. "اهي ڏينهن اهي شينهن" سندس مشهور تصنيف آهي. پير علي محمد راشدي وزير بہ ٿي رهيو تہ صلاحڪار ۽ سفير بہ ٿي رهيو. چين ۽ فلپائين ۾ پاڪستان جو سفير رهيو هو. پير علي محمد راشدي، ايٽي صاحب جي حڪومت ۾ انفارميشن کاتي جو ايڊوائيزر بہ هيو.

هڪ دفعي ڀيٽي ۾ "پير محمد خان جتوئي" جي پٽ عاشق حسين جي شادي هئي، ان ۾ مونکي بہ شادي جي دعوت هئي مان بہ ويل هيس، ڀٽو صاحب وزيراعظم هيو، ڀٽو صاحب هيلي ڪاپٽر تي شادي ۾ پهتو. جڏهن ماني لڳي تہ "پير محمد خان جتوئي" پنهنجي بنگلي ۾ چند ماڻهن کي وزيراعظم سان گڏ ويهاري ماني کارائي، باقي سڀني ماڻهن شامياني ۾ ماني کاڌي. جتوئي صاحب جي پير علي محمد راشدي سان تمام گهٽي ويجهڙائپ هئي، ان ڪري کيس وٺڻ آيو تہ اندر هلي ماني کائڻ. راشدي صاحب، اسان سان گڏ ويٺو هيو. جنهن کيس چيو تہ "مان اندر نہ هلندس، تون اڳ ۾ ڀٽي صاحب کان پڇي اچ تہ مونکي ساڻس گڏ ٽيبل تي ويهارين پوءِ جيئڻ اهو چوي." پوءِ فارسي جو هڪ شعر پڙهيائين، "قُرب- شاهان آتش سوزان بُود." جنهن جو مطلب هيو "بادشاهن جي ويجهڙائي ساڙيندڙ باهہ ٽيندي آهي." پوءِ پير محمد خان جتوئي اندر ويو ۽ ڀٽي صاحب کان پڇي آيو ۽ بعد ۾ پير علي محمد راشدي کي اندر وٺي ويو. ان مان پير علي محمد راشدي جي خوددار طبيعت يا وري پروٽوڪول جي پاسداري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان وقت ڀٽو صاحب وزيراعظم ۽ پير صاحب انفرميشن کاتي جو ايڊوائيزر هيو. اڄڪلهہ تہ صدر ۽ وزيراعظم جي اچڻ تي الائي ڪير ڪير گهٽون هٽي ڪاهي ٿا پون. پير علي محمد راشدي جو پٽ سيد حسين شاهہ راشدي وڏي مان مرتبي وارو ماڻهو هو. نامر ڪئيو اديب ڪامياب سياسي ماڻهو ۽ سٺو وڪيل هو. افسوس جو ننڍي عمر ۾ گذاري ويو.

پير حسام الدين راشدي کي اولاد نہ ٿي. جڏهن تہ سندن ٽئين نمبر ڀاءُ احمد شاهہ کي ٽي فرزند ٿيا. 1. پير شاهہ، 2 سلطان شاهہ ۽ 3. حامد شاهہ، انهن ٽنهي مان پير شاهہ بہ اين جي وي اسڪول ۾ پڙهيو جتي مان 1951ع کان وٺي 1953ع تائين استاد هيس پر منهنجي استاد ٿيڻ کان اڳ پاس آئوٽ ڪري ڪاليج وڃي چڪو هيو. باقي سلطان شاهہ ۽ حامد شاهہ مون وٽ پڙهيا. پير حسام الدين وارن جا ڀاٽيجا بہ مون وٽ پڙهندا هيا.

راشدين کي فوٽو گرافي جو بہ وڏو شوق هوندو هيو. پير حسام الدين ۽ حسين شاهہ کي نهايت جديد قسم جون ڪيمرائون ساڻ هونديون هيون، جيڪي مون پاڻ بہ ڏٺيون. پير علي محمد راشدي بہ فوٽوگرافي جو شوقين هوندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيو. پير حسام الدين کي نئين ديري شهر ۾ هڪ ناهوڪي اوطاق هوندي هئي جتي اچي رهندو هيو ۽ وڏيون وڏيون ڪچهريون مچائيندو هيو. خان بهادر احمد خان پٺو جي بنگلي ۾ ساڻس ڪيترا دفعا ملاقاتون ٿيون. پير حسام الدين راشدي، تاريخ جو ماهر فارسي جو اسڪالر، دانشور، چاٺو ۽ سٺو نثر نگار هيو. سندس آتم ڪٿا "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۽ "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" مشهور ڪتاب آهن. پير حسام الدين راشدي کي سندس علمي ڪمن سبب ايران جي حڪومت 1963ع "نشانِ سپاس" جي ايوارڊ سان نوازيو هيو جڏهن تہ پاڪستان سرڪار کيس "تمغه امتياز" ڏنو هيو.

هڪ دفعي پير حسام الدين راشدي سان سنڌ مدرسي ۾ سيد غلام مصطفیٰ شاهہ پاران ڪرايل هڪ ادبي ڪانفرنس ۾ گڏ ويٺو هيس. مان، ڪريم بخش نظاماڻي ۽ پير حسام الدين راشدي هڪ صوفي تي گڏ ويٺا هياسين. 1977ع جو سال هيو ۽ ڪانفرنس جي صدارت گورنر سنڌ محمود هارون ڪري رهيو هيو. ان موقعي تي مون پهريون دفعو پير حسام الدين کي هٿ ۾ تسبيح ڏٺي، جنهن جي وضاحت ڪندي مون کي ٻڌايائين تہ، "جڏهن علي محمد فلپائين ۾ سفير هيو تہ مون کي دل جي تڪليف ٿي پئي هئي. مان فلپائين ۾ سندس وٽ رهيل هوس جتي مون کي هڪ ماڻهوءَ چيو تہ "توهان (ارتڪاز- Concentration) لاءِ تسبيح کڻو ان سان هٿ جي ورزش بہ پئي ٿيندي باقي توهان جي مرضي آهي تہ جيڪو ڪجهہ پڙهو." پوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين ۽ اسان بہ ڏاڍو کلياسين.

1988ع ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ گڏ هياسين. شايد تہ هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻو جي ڪانفرنس هئي. ان ۾ سائين جي ايم سيد جي نياڻي ڊاڪٽر دُر شهوار سيد سان بہ ملاقات ٿي جنهن مقالو پڙهيو هيو. اتي ڪچهري ۾ ويٺل ڪجهہ دوستن کي مزاحيہ انداز ۾ مخاطب ٿي پير حسام الدين راشدي چوڻ لڳو تہ "عبدالرزاق اسان جي سيني ينگ راشدين جو استاد آهي، اسان بہ هن کي استاد سمجهندا آهيون." سندس ڀائٽيو سلطان شاهہ ٽيلنٽيڊ نوجوان هيو، جيڪو لا پڙهيو، وڪالت ڪيائين. شادي ڪان پوءِ پنهنجي ساهرن ڏانهن سنگاپور هليو ويو. حالانڪ وڏو هوشيار وڪيل هيو. پر وڪالت ڇڏي هليو ويو ڪجهہ وقت زمينداري جو شوق بہ ڪيائين. وڪالت ۾ منهنجو جونيئر ٿي رهيو پر مستقل مزاج نہ هيو.

**علي حسن منگي خيرو ديرو ۽ سکر:**

علي حسن منگي اصل رتيديري ويجهو ڳوٺ خيري ديري جو رهاڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجابي واپارين جي موجودگيءَ ۾ هن ماڻهوءَ پنهنجي جاءِ ناهي ۽ معاشي سرگرمين ۾ پاڻ ميڙايو. اهو نہ رڳو سندس ڀاڳ بلڪ صلاحيت بہ هئي. علي حسن منگي وڏو سخي هو. پنهنجن ماڻهن کي بہ وڏو نوازيائين سو بہ پنهنجي کيسي مان. سندس اوطاق ۾ ايندڙ هر مهمان کي نہ رڳو ماني ملندي هئي بلڪ عزت بہ ملندي هئي، جنهن ۾ ڪوبہ فرق روا نہ رکيو ويندو هو. جھڙو سندس دسترخوان ڪشادو هو اهڙي ئي سندس دل بہ فراخ ۽ ڪليل هئي.

علي حسن خان منگي جو ڪراچي ۾ تاج محل هوٽل جي پرسان وزيراعليٰ هائوس جي اڳيان زبردست بنگلو هوندو هو جيڪو سندس پونئرن ڪپائي ڇڏيو آهي. ڪيس هڪ نياڻي ۽ پٽ جو اولاد هو جيڪي انگلينڊ ۾ پڙهيا ۽ شايد اڃان بہ ٻاهر ئي رهن ٿا. سندس نياڻي پنهنجي والد جي نالي سان "علي حسن منگي ٽرسٽ" ٺاهيو آهي جيڪو مختلف اسڪول هلائي ٿو.

## سائين سترام داس "سائل":

جيئن تہ مان ٻڌائي آيو آهيان تہ بي.ايم. هاءِ اسڪول رتوديرو جي پنجين درجي ۾ مونکي سائين سترام داس "سائل" پڙهايو هيو جيڪو لاڙڪاڻي پرسان "ننڍا مهر" ڳوٺ جو هيو. پاڻ 14-فيبروري 1914ع تي پيدا ٿيو. سندس خاندان نانڪ پنٿي هيو. سندس والد سوڀا سنگهہ، مڙ ٻاهُو ۾ حڪمت ڪندو هيو ۽ ماهر طبيب طور سڃاتو ويندو هيو. سائين سترام داس ميٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي ڪئي، سندس مک سبجيڪٽ فارسي ۽ سنڌي هيا. پاڻ شاعري بہ ڪندو هيو ۽ "سائل" سندس تخلص هيو. اول نوڪري ۾ پوءِ بچا سنگهہ ميونسپل هاءِ اسڪول رتيديري ۾ انگريزي استاد طور بدلي ٿي آيو. سائين سترام داس ان دور ۾ فردوسي جي "شاهنامہ ايران" جو بہ ترجمو ڪيو جيڪو 1939ع ۾ ڇپيو. ان کان سواءِ درسي ڪتابن جون گائيڊون ۽ گرامر جا ڪتاب بہ لکيائين. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ کي خيرآباد ڪري هندوستان لڏي ويو.

سنو عروضي شاعر هجڻ سبب بزم مشاعره ۽ جمعيت الشعرا سان بہ واڳيل هيو. جڏهن تہ انڊيا لڏي وڃڻ کانپوءِ علم عروض تي بہ هڪ ڪتاب لکيائين. راماڻ جي ڪٿا جو سنڌي منظوم ترجمو ڪيائين. "سنڌي صوفياڻي شاعري"، "ٻاراڻا ٻول" جي عنوان سان ٻارن لاءِ شاعري، "ماڻڪ موتي"، "سنڌي اصطلاح ٻن ٻاڳن ۾"، "دردن جي دٻلي"، "سنڌي پهاڪا ٻن جلدن ۾" ۽ ٻيا ڪوڙ ڪتاب ڇپرايائين.

پر سائين سترام داس جو اهم ڪم آهي "سائل ڪوش" جيڪو هن عمر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آخري حصي ۾ ڪنيو ۽ شاندار نموني نڀايائين. سائل ڪوش جهڙي علمي ڪم جي مڃتا تي سائين کي هندوستان سرڪار پاران سڄي عمر جي خدمتن جو ايوارڊ پڻ مليو هيو. سائين سترام داس، سنڌ مان لڏي وڃڻ ڪانپوءِ گجرات يونيورسٽيءَ مان اردو ۽ فارسيءَ ۾ ايم.اي بہ ڪئي، سينٽ زويئرس ڪاليج احمد آباد ۾ پروفيسر تي رهيو. 33- سال سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ سان وابستہ رهيو. سائين سترام داس سائل مهربان ۽ ٻاجهارو استاد هيو. مون کي سندس شفقتون سدائين ياد رهنديون. سائين سترام داس 19- فيبروري 2015ع تي احمد آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس خدمتون سنڌي ادب ۾ سدائين يادر رکيون وينديون.

**مرحوم غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ رحيم بخش چنو:**

منهنجي پراڻن دوستن جي حلقي ۾ مرحوم غلام مصطفيٰ جوکيو بہ هيو جيڪو منهنجي رتيديري ۾ بي.ايم هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران مون کان ٻہ يا ٽي سال جونيئر هيو. سندس گهر اسان جي گهر کان ڪجهہ پرپرو سرڪيولر روڊ جي ڀئي طرف "موٽڻ پور" محلي ۾ هيو. مان چاهيندو هيس تہ پنهنجي اوڙي پاڙي ۽ پرپاسي جي جونيئر شاگردن کي اڳتي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو رهان ۽ جيترو بہ ٿي سگهي تہ انهن کي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد بہ ڪريان. انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻيو شاگرد جيڪو پڻ مون کان ٽي سال جونيئر ۽ ساڳئي محلي (موٽڻ پور) جو رهاڪو هيو، اهو هيو رحيم بخش چنو. مان مرحوم غلام مصطفيٰ جوکئي ۽ رحيم بخش چني کي پڙهڻ ۾ مدد ڪندو هيس ۽ همٿ بہ وڌائيندو رهندو هيس. هنن ٻنهي بہ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ سخت محنت ڪري سماج ۾ سٺو درجو حاصل ڪيو.

غلام مصطفيٰ جوکئي ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور نوڪري حاصل ڪئي، جتان هاير ڪواليفائنگ امتحان پاس ڪيائين ۽ ترقي ڪري اول مختيارڪار ۽ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. غلام مصطفيٰ جوکيو هڪ ڪامياب آفيسر ثابت ٿيو. پاڻ هڪ صوفي منش هيو ۽ نوڪري دوران ننڍي وڏي جي خدمت ڪيائين. جتي جتي سندس پوسٽنگ رهي اتي پنهنجا ڪيترائي مداح ۽ دوست پيدا ڪيائين. مرحوم نهايت عزت ۽ وقار سان نوڪري ڪئي، رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ گذاريائين. شاگرديءَ واري زماني جي نسبت سان منهنجي تمام گهڻي عزت ڪندو هيو ۽ هرهنڌ، هرهڪ کي ٻڌائيندو هيو تہ مان، سائين عبدالرزاق جي صحبت ۽ مدد جي ڪري پڙهي هن پوزيشن تي پهتو آهيان. مرحوم صوفياڻين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محفلن جو ڪوڏيو هوندو هيو ۽ همعصر صوفي بزرگن ۽ مشهور راڳين سان سندس ويجهڙائي هئي. پاڻ صوفي ميوزڪ جو پروموٽر پڻ هيو.

سندس پٽن مان رياض جوکيو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ اياز جوکيو جج آهن. سندس ڀائٽيو ۽ نياٽو ڊاڪٽر امان الله جوکيو، لاڙڪاڻي جو مشهور سرجن ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻي جو پرو وائيس چانسلر به رهيو آهي. ڊاڪٽر امان الله جو پٽ سهيل به ڊاڪٽر آهي. الله تعالىٰ مرحوم غلام مصطفىٰ جوکئي جي مغفرت ڪري ۽ سندس روح کي راحت بخشي. آمين

مرحوم رحيم بخش چنو به مرحوم غلام مصطفىٰ جوکئي وانگر منهنجي همٿائڻ تي پڙهيو ۽ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪرڻ لاءِ اين.اي.ڊي ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتائين. انهن ڏينهن ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو ۽ لڏپلاڻ سبب هندو سنڌ خالي ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري مختلف شعبن جي ماهرن جي کوٽ ٿيڻ لڳي، جنهن جو پورائو هندوستان مان ايندڙ مهاجرن مان ٿيڻ لڳو. ان جي باوجود سنڌ ۾ سول انجنيئرن جي سخت اڻاٺ ٿي وئي. ان کوٽ جو پورائو ڪرڻ لاءِ انجنيئرنگ ڪاليج جي انهن مڙني شاگردن کي ڊپلوما پوري ڪرڻ کان اڳ نوڪريون ڏنيون ويون، جيڪي فائينل ۾ هيا.

مرحوم رحيم بخش چني کي به سول انجنيئر طور نوڪري ملي وئي جيڪو هڪ ڪامياب ۽ محنتي انجنيئر ثابت ٿيو. پاڻ هڪ نيڪ سيرت، سادگي پسند ۽ يار ويس ماڻهو هيو. مون سان سندس ڪافي ويجهڙائي هئي. دوستي رکڻ ۽ نڀائڻ ڄاڻندو هيو. صاف سٿرو آفيسر هيو. الله سندس مغفرت ڪري ۽ سندس درجا بلند ڪري. کيس هڪڙو ئي "حاجن" نالي پٽ آهي جنهن ايل.ايل.بي ڪئي پر وڪالت ۾ دلچسپي نه ورتائين ۽ رتيديري ۾ ئي رهي ٿو.

## ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي:

ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي پاڪستان کان اڳ نواب نبي بخش خان ڀٽو وٽ نوڪري ڪندو هيو ۽ نواب صاحب جا پٽ ممتاز علي، معشوق علي ۽ عاشق علي جڏهن مسوري/ انڊيا ۾ پڙهندا هيا، انهن جي خدمت لاءِ جيڪي نوڪر مسوري ۾ ويل هيا انهن مان هڪ اعتبار علي به هيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن هو موٽي آيا ته ڪجهه وقت کان پوءِ هن جي نوڪري به پوري ٿي ۽ پوءِ رتيديري شهر ۾ رهڻ شروع ڪيائين، جتي سئنيما جا پوسٽر ٺاهيندو هيو ۽ سٺو پينٽر هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ اعتبار علي سمجهدار ۽ سڄاڻ ماڻهو هيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي هاري تحريڪ ۾ به شامل هيو ۽ ناميارو ورڪر هيو. جڏهن ڀٽو صاحب حڪومت ۾ شامل ٿي، وفاقي وزير ٿيو ته ان وقت کان سنڌس حامي ٿي رهيو. پيپلز پارٽي جي نومبر 1967ع واري ڪنوينشن ۾ شموليت لاءِ مسٽر عبدالواحد سومري سان گڏ لاهور پهتو ۽ باني ميمبر ٿيو. وڏو عرصو "هاري" جي نالي سان اخبار به ڪيندو رهيو. هاري اخبار هفتيوار هئي جيڪا هن 1951ع ۾ جاري ڪئي هئي.

ڪامريڊ اعتبار علي جي مون سان 60- ورهين جي دوستي هئي. هو پ پ پ جو خاموش ورڪر هو. پارٽي لاءِ دل و جان سان ڪم ڪيائين. 1977ع ۾ جڏهن جنرل ضياءُ الحق اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو، تڏهن ڀٽو صاحب پڻ اميدوار هيو. ان سلسلي ۾ مير مرتضيٰ شهيد سان گڏ رتيديري ۾ اعتبار علي جي اوطاق تي اسان جي ميٽنگ ٿي هئي، ان جو گروپ فوٽو هن وقت به مون وٽ موجود آهي. نهايت سٺو وقت گذاريائين. جيئن ته اعتبار علي بي اولاد هيو ۽ سنڌس وصيعت موجب سنڌس مرڻ کان پوءِ سنڌس دوست امام الدين قريشي "هاري"اخبار کي جاري رکيو پيو اچي. جنهن کي هو پنهنجو وارث قرار ڏئي ويو هيو. امام الدين پڻ پ.پ.پ جو فائونڊر ميمبر آهي ۽ نومبر 1967ع واري لاهور ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيو هيو.

## رتيديري جو مائو ۽ پيڙا:

جيتوڻيڪ رتيديري جو مائو ۽ پيڙا اڄڪلهه به مشهور آهن پر ورهاڱي کان اڳ به رتوديرو پنهنجي مٺاين سبب مشهور هيو. "سلامت حلوائي" جو "ڏنڏاگيري حلوو" ته واهه جو مزيدار هوندو هيو. حلوي ۾ بادام ۽ پستا به پيل هوندا هيا. ان جهڙو حلوو ڪراچيءَ جو بندر روڊ وارو حلوائي، "چندو حلوائي" به ٺاهيندو هيو. اڄڪلهه ان حلوي کي ڪراچي حلوو چون ٿا پر ان جو اصل نالو "ڏنڏاگيري حلوو" آهي. ان وقت ڪوبه مسلمان مٺايون وغيره نه ٺاهيندو هيو. "سلامت" به هندو هيو. رتيديري شهر ۾ رڳو هڪ بوتن جو دوڪان هڪ مسلمان محمد رمضان جو هيو جيڪو شڪارپوري ميمڻ هيو باقي سڀ دوڪان ۽ ڪاروبار هندن جا هوندا هيا. اهو بوتن جو دوڪان گوڪل بازار ۾ هيو بعد ۾ پيو دوڪان به کوليو هيائون. گوڪل بازار، رتيديري ميونسپل جي پريزيڊنٽ راءِ صاحب گوڪل داس جي هئي جنهن ۾ مختلف دوڪان ڪرائي تي ڏنل هوندا هيا. انهيءَ بازار ۾ ڪپڙي، صرافه ۽ ٽوپن وغيره جا مڙئي دوڪان هندن جا هوندا هيا. آئون به ننڍپڻ ۾ سنگت سان گڏ سلامت جي دوڪان تان مٺائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي ڪائيندو هيس.

رتيديري جي ويجهن شهرن مان لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور هيا. شڪارپور هڪ وڏو ڪاروباري مرڪز به هيو. جتان جا سنڌورڪي واپاري سڄي دنيا ۾ واپار ڪندا هيا. شڪارپور جي مٺائي به مشهور هوندي هئي ۽ سوڪڙي پاڪڙي طور به مختلف شهرن ۾ ويندي هئي.

رتيديري شهر ۾ هوٽلنگ جو ڪوبه رواج نه هوندو هيو. نانوائين جا ٻه چار دوڪان هوندا هيا، جتي گهٽو ڪري دال،سبزيون ۽ قيمو ملندو هيو. جڏهن ته ڪڪڙ جي ماني پچائيندا هيا. اڪثر ڪري هندن جا دوڪان هوندا هيا ۽ گوشت نه پچندو هيو. اڪثر مسافر انهن نانوائين جي دوڪانن تان ماني وٺي ڪائيندا هيا، باقي شهر جا تمام گهٽ ماڻهو بازار جي ماني وٺي ڪائيندا هيا.

لاڙڪاڻي ۾ اڪثر ڪري مهمان تي مائٽن وٽ ويندا هياسين ته اتي به بازار جو ساڳيو منظر نامو هيو. اسي سيڪڙو ڪان وڌيڪ دوڪان هندن جا هوندا هيا. لاڙڪاڻي ۾ هڪڙو مشهور نانوائي هوندو هيو جنهن جو اصل نالو ته خبر ناهي باقي ڪيس "قَڪَڙُ" چوندا هيا. قَڪَڙُ مسلمان هيو. سندس دوڪان بندر روڊ تي ٽانگا اسٽينڊ جي سامهون "سيئُو بازار" ۾ هوندو هيو. "قَڪَڙُ" روڊ تان ماڻهن کي ويندو ڏسي ٿامي يا شايد ڪنجهي جو ٻوڙ وارو ديڳڙو چمچي سان ڪڙڪائي زور سان هوڪو ڏيندو هيو:

"ٻوڙ ماني تيار آ قَڪَڙُ بي ميار آ "

قَڪَڙُ جو ذڪر پير حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "هُو ڏوٽي هُو ڏينهن" ۾ به ڪيو آهي.

شهرن ۾ چانورن جي مانيءَ جو رواج نه هيو. چانورن جي ماني ٻهراڙين ۾ پچندي هئي. شهرن ۾ صبح جو نيرن تي ڪڪڙ جي مکڻ سان مکيل ماني، منجهند جو جوئر ۽ چانورن جي اٽي جي گڏيل ماني ۽ رات جو پٽ پچندو هيو جيڪو کير يا مٺائي سان کائبو هيو. ڪجهه گهرن ۾ ڪوئنرو پَٽُ پچندو هيو جيڪو کير سان کائبو هيو. سياري ۾ وري مند مٺائبي هئي ته پٽ منجهند جو ۽ ماني رات جو پچندي هئي. خشڪ پٽ کي "چڙيا چانور" چئبو هو.

رتيديري شهر ۾ باشي مل جو شربت جو دوڪان هوندو هيو. شربت اڪثر اونهاري ۾ ۽ چانهن جو واهپو گهٽ هو جيڪو اڪثر سياري ۾ هوندو هيو. چانهن، شربت ۽ بوتلن جا هوٽل هوندا هيا جتي ليمن ۽ جنجر واريون بوتلون ملنديون هيون. انهن بوتلن جو ڪارخانو به رتيديري ۾ هيو جيڪو ڪنهن هندو سيٺ جو هيو. اهڙو ئي ڪارخانو شڪارپور ۾ به هوندو هيو.

ان ڪانسواءِ رتيديري شهر ۾ هڪ پان جو دوڪان به هوندو هيو. منهنجو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والد مرحوم دودو خان ۽ سيد ديدار حسين شاهہ جو والد مرحوم سيد محبوب علي شاهہ جيڪي پاڻ ۾ دوست هئا ان دوڪان تي اڪثر ويهندا هيا. دوڪان جو مالڪ هندو هيو جنهن کي "ڪاڇو" ڪري سڏيندا هيا. ڪاڇي جي دوڪان تان شوقين مختلف خوشبودار مٺا ۽ تماڪ وارا پان خريد ڪندا هئا جن تي سونا ۽ روپا ورق بہ لڳل هوندا هيا. ان کان سواءِ هن دوڪان تي "ايوننگ اِن پيرس" نالي هڪ پرفيوم بہ ملندي هئي.

## ڊاڪٽر سرلا ديوي ۽ امرت راءِ جٽسنگاڻي سام

رتيديري شهر ۾ اسان جي پاڙي ۾ "دادا امرت راءِ جٽسنگهاڻي سام" جي گهر واري ڊاڪٽر "سرلا ديوي" جي پرائيويٽ ڪلينڪ هوندي هئي، سندس گهر بہ اسان جي گهر جي پرسان هوندو هيو. ورهاڱي کان پوءِ سندس ڪلينڪ ۾ منهنجي سوٽن رهائش اختيار ڪئي جيڪي اڄان بہ اتي رهن پيا. رتيديري تعلقي جو مشهور ڳوٺ طبيب هندوستان جي ورهاڱي کان اڳ نهايت صاف سٿرو ڳوٺ هيو جنهن ۾ هندو زميندارن جون وڏيون وڏيون عمارتون ۽ ڪيترائي بنگلا هوندا هيا. انهن هندو زميندارن کي ديوان جي نالي سان سڏيو ويندو هيو. اهي هندو زميندار ميرن جي صاحبي کان وٺي انهيءَ ڳوٺ ۾ دب دبي سان رهندا هيا. انهن مان ديوان آتمارام ۽ ديوان امرت راءِ مشهور هيا.

ديوان امرت راءِ وڏو پڙهيل ماڻهو هيو. سندس علمي لياقت ۾ نهايت اعليٰ درجي جي انگريزي، سنڌي ۽ فارسي ۾ ڪيل قلم ڪاري هئي. پاڪستان جڙڻ کان پوءِ طيب ڳوٺ جا سڀ زميندار لڏي ويا پر ديوان امرت راءِ سنڌ ۾ رهيو. سندس سڄو خاندان انڊيا هليو ويو. انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽر سرلا ديوي جيڪا هئي تہ شڪارپوري پر رتيديري ۾ سندس خانگي ڪلينڪ هئي. هڪ ننڍو ڇوڪرو گرڏاري، ڊاڪٽر صاحب وٽ نوڪري ڪندو هيو. ورهاڱي ٽيڻ کان اڳ ئي ديوان امرت راءِ جو اڪثر ڊاڪٽر سرلا ديوي وٽ اچڻ ٿيندو هيو. مونکي چڱي طرح ياد آهي تہ ديوان صاحب طيب ڳوٺ کان مهري اٺ تي چڙهي رتيديري ايندو هيو. مهري اٺ جو پاڪڙو سلڪ جي ڪپڙي سان سينگاريل هوندو هيو. اٺ کي جت هلائيندو هيو ۽ ديوان صاحب پنيان ويهندو هيو.

ديوان امرت راءِ جٽسنگهاڻي سام، سيڪولر ۽ صوفي ذهن جو ماڻهو هيو ۽ وڏي ڄاڻ رکڻ وارو اسڪالر هيو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي ذاتي زمين تي "اڪبر آشرم" نالي ادارو/تنظيم ٺاهي هئي، جنهن ۾ ساٿس ڪجهہ مسلمان ۽ هندو شامل ٿيا هيا.

'اڪبر آشرم' جا مول متا پڻ ديوان امرت راءِ ٺاهيا ۽ ڇپرايا هيا. سندس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنظيم پاران انگريزي ۽ سنڌي ٻولي ۾ ماهوار رسالا به ڇپبا هيا. هي سڀ ڳالهيون منهنجون ڏٺل آهن ۽ اهي سڀ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جون آهن.
اڪبر آشرم، مغل بادشاهه اڪبر جي دين الاهي جي طرز تي ٺاهيو ويو هيو. مونکي ياد ٿو اچي ته 1946ع ڌاري منهنجو ٻين هندو شاگرد دوستن سان اڪبر آشرم وڃڻ ٿيو هيو جتي آشرم جي باني ميمبر سان ملاقات ٿي، جنهن پنهنجو نالو ڏٽي بخش رٽائرڊ سنڌي اسڪول ٽيچر ٻڌايو هيو. ان وقت مون وٽ ديوان صاحب جا لکيل انگريزي توڙي سنڌي ٻولي جا ڪجهه ڪتابڙا به هوندا هيا جيڪي اڄڪلهه مون وٽ ڪونهن. 1946ع ۾ مون، ٻچاسنگهه ميونسپل هاءِ اسڪول مان، بمبئي يونيورسٽي هيٺ ميٽرڪ ڪري .S.M ڪاليج ڪراچي ۾ B.A جي پهرئين سال ۾ داخلا ورتي هئي، متئين سال 1947ع ۾ پاڪستان ٺهي ويو.
پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر سرلا ديوي کي لاڙڪاڻو ميونسپل ۾ ليڊي ڊاڪٽر جي نوڪري ملي جنهن ڪري ڪيس لاڙڪاڻو ميونسپل جي آفيس ويجهو رهائش ملي. ان وچ ۾ سرلاءِ سام جي شادي به ٿي چڪي هئي. ٻئي زال مڙس لاڙڪاڻي ۾ مليل جاءِ ۾ گڏ رهندا هيا.
ڊاڪٽر سرلا ديوي پڻ صوفي خيال رکندي هئي، ٻنهي زال مڙسن جي جوڙي لاڙڪاڻي ۾ وڏي صوفي منڊلي قائم ڪئي، سندن گهر ۾ هر هفتي صوفي راڳ ويراڳ جون محفلون سجنديون هيون. ڊاڪٽر سرلا ديوي جو لکيل ڪتاب "جيتامڙي جي ڊائري" به هڪ شاندار ڪتاب آهي.
ديوان امرت راءِ جي زمين (Evacue) اويڪيو پراپرٽي ڊڪليئر ٿي وئي هئي جنهن فيصلي خلاف هو عدالت ۾ ويو جتي اهو فيصلو رد ٿيو ۽ زمين سندس ذاتي ملڪيت ڊڪليئر ٿي پر افسوس جو پاڻ زمين تان غيرقانوني قبضو ڇڏائي نه سگهيو ۽ سندس زندگي نهايت ڏکي گذرڻ لڳي. سرلا ديوي جو نوڪر گرڏاري آخري وقت تائين هنن وٽ رهيو. ڊاڪٽر سرلا ديوي 11 فيبروري 1957ع جڏهن ته امرت راءِ جٿسنگهاڻي سام 12 فيبروري 1988ع تي لاڏاڻو ڪيو.
رتيديري جي خوبصورت عمارتن ۾ راءِ صاحب گوڪلداس جو بنگلو ۽ حويلي به ذڪر جوڳا آهن. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ راءِ صاحب ۽ سندس فيملي هندستان لڏي ويا. سندس بنگلي ۽ حويلي ۾ پراڻا پنجاب کان آيل سيٽلر جيڪي اٽڪل مني صدي کان رتيديري ۾ جانورن جي کلن جو واپار ڪندا هئا انهن جي اولاد اها پراپرٽي خريد ڪئي ۽ اتي رهڻ لڳا پر اهي انهن عمارتن کي درست نموني رکي نه سگهيا، ڇو ته ڪين ان جو شعور ۽ رهڻ جو طريقو نه هيو.
رتيديري جي ويجهن ڳوٺن ۾ هڪ طيب ڳوٺ به آهي جنهن جو ذڪر اڳ ۾ به ڪري چڪو آهيان جتي هندو ديوانن جي وڏي آبادي هوندي هئي، جيڪي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعليٰ تعليم يافتہ هيا. هي ڳوٺ نهايت صاف سٿرو ۽ شاندار نموني وسايل ڳوٺ هيو. ان دور ۾ هي ڳوٺ يورپ جي ڪنهن وسنديءَ جي ڏِکَ ڏيندو هيو. صاف سٿرا ۽ ويڪرا بنگلا، چمڪندڙ ۽ گندگي کان آجيون گهٽيون، هر گهر ۾ وڻ ۽ ٻوٽا يا وري ننڍيا پارڪ عجيب نظارو پيش ڪندا هيا. صبح سان طيب ڳوٺ مان سهڻي نموني سجايل ٽانگن جون قطارون نڪرنديون هيون. سهڻا گهوڙا ڇم ڇم ڪندا رتيديري ڏانهن ايندا هيا تہ واٽهڙو بہ بيهي اهو نظارو ڏسندا هيا. طيب جي ديوانن جا ٻار هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ انهن ٽانگن رستي ايندا هيا. انهن ٻارن مان "ساوتري" نالي هڪ ڇوڪري مون سان گڏ پڙهندي هئي جيڪا نهايت خوبصورت ۽ سهڻي سياءَ واري هئي.

**رتيديري جا مولوي ۽ حڪيم:**

رتيديري ۾ تي مولوي حڪمت جو ڪم ڪندا هئا جن مان مولوي درمحمد پنهوار جيڪو دهلي ۾ حڪيم اجمل خان جي طبيہ ڪاليج مان حڪمت پڙهي آيو هيو ۽ اصل لکي غلام شاهہ جو هيو. جڏهن تہ ٻہ ٻيا حڪيم مولوي عبدالله لاشاري ۽ حڪيم مولوي شرف الدين هيا. انهن کان سواءِ بہ مشهور مولوي وري رتيديري ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندا هيا جن مان هڪڙو مولوي سلطان احمد جتوئي جيڪو مولوي نذير حسين جتوئيءَ جو سالو ۽ پيٽيوپيو هيو ۽ سندس مدرسو هيو. ان کان سواءِ رتيديري جي پرسان ڳوٺ ٻانڊي قبي جي مولوي عبدالعزيز سومري بہ رتيديري ۾ مدرسو قائم ڪيو هيو جيڪو فاضل ديوبند هيو. هن مدرسي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وڏي پيماني تي ترقي ڪئي. جنهن مان وڏا عالم فاضل پڙهي نڪتا مرحوم مولانا عبدالعزيز کان پوءِ سندس پٽ مدرسو سنڀاليندا اچن ٿا.

ميونسپل جي ڊسپينسري ۾ "هريرام" نالي هڪ هندو ڊاڪٽر هوندو هيو جيڪو بمبئي مان L.F.S.M ڪورس ڪري آيو هيو ڇاڪاڻ تہ ان دور ۾ ايم.بي.بي.ايس جي ڊگري وارا تمام ٿورا ڊاڪٽر اڪثر وڏن شهرن ۾ هوندا هيا. ان کانسواءِ مسوديري جو فقير محمد ابڙو بہ 1945/46ع ڌاري بمبئي مان آيو ۽ ڪلينڪ شروع ڪئي هيائين. اڳ ۾ ڪنهن جهاز ران ڪمپني جي بحري جهاز تي ڊاڪٽر هيو. سندس بمبئي ۾ دوائن جي فيڪٽري بہ هئي جيڪا هندو مسلم فسادن ۾ ڦوڪوڙين ساڙي ڇڏي هئي. رتيديري ۾ خاڪسار تحريڪ جو بنياد وجهندڙ بہ ڊاڪٽر فقير محمد ابڙو ئي هيو. سندس ننڍو ڀاءُ هدايت الله ابڙو 1954ع ۾ لاڙڪاڻي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر هيو. سندن والد سائين صاحب ڏنو رتيديري پرائمري اسڪول جو هيڊ ماسٽر رهي چڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. سندن اصل ڳوٺ مسوديرو هو.

### قاضي عبدالحئي "قائل":

قاضي عبدالحئي "قائل" جو واسطو رتيديري جي قاضي فيملي سان آهي، سندس والد مولانا عبدالحق هڪ چاتل سڃاتل عالم هيو. قاضي عبدالحئي قائل، رتوديرو هاءِ اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر هيو ۽ قادرالڪلام شاعر به هيو. قاضي عبدالحئي قائل جو والد مولانا عبدالحق به شاعر هيو ۽ "عبد" تخلص ھوندو ھيس. مولانا عبدالحق "عبد" جو والد يعني قاضي عبدالحئي قائل جو ڏاڏو مولوي خوش محمد رتيديري ويجهو ڳوٺ خيروديرو ۾ ميرن جي دور ۾ قضاة جو ڪم ڪندو هيو ۽ عالم دين پڻ هيو، جنهن 1895ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ قاضي صاحب جو والد قاضي عبدالحق به انگريزي ڪورٽن جي قيام تائين ساڳيو ڪم ڪندو رهيو. مولوي خوش محمد جو پنهنجي ڳوٺ خيروديرو ۾ وڏو ڪتبخانو به هيو جنهن کي سندن پونئيرن به گهٽو وڌايو. قاضي عبدالحئي قائل ڪجهه ورهيه اڳ وفات ڪري ويو آهي. سندس پٽن مان قاضي خضر حيات به وڏو آرٽسٽ آهي. قاضي مقصود گل مرحوم به استاد ۽ شاعر هيو. قاضي منظر حيات، ياسر قاضي ۽ ناصر قاضي به ناميارا ليکڪ آهن. قاضي عبدالحئي قائل 1989ع ۾ سعودي عرب حج تي ويو، جتي بيمار ٿيو ۽ وفات ڪيائين، دفن به اُتان جي مِٽيءَ ۾ ٿي ٿيو.

### بشير خان قريشي:

بشير خان قريشي وارن جي وڏن جو اسان سان برادريءَ جو رستو رهيو آهي. سندن گهر ۽ اسان جي گهر جي وچ ۾ رڳو پيت آهي. سندن گهر اسان جي گهر جي پٺيان آهي. بشير خان جي وڏن جا تيل جا گهاڻا هوندا هيا. سندس والد غلام مرتضيٰ بعد ۾ چانهن جو ننڍو دوڪان کوليو جيڪو اڳتي هلي ٻن يا شايد ٽن دوڪانن تي مشتمل هوٽل ٿي ويو. هاڻي ته ساڻن مٽي ماٽي به ٿي وئي آهي ۽ سندن خاندان جون به ڇوڪريون منهنجي سؤٽ جي پٽن کي به ڏنل آهن جن جي شادي ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي وري بشير خان قريشي جي نياڻي جي شادي منهنجي سؤٽِ صبيه جي پٽ سان ٿي آهي. منهنجي سؤٽِ جو مڙس سعيد سومرو ڊاڪٽر آهي، جنهن جو پٽ عبدالله يعني بشير خان جو نياڻو نهايت هوشيار ۽ سائنسي، دماغ رکندڙ نوجوان آهي جنهن کي سندس اليڪٽرانڪ ايجاد سبب چين جي حڪومت گهرايو هيو عبدالله اڄڪلهه غلام اسحاق خان يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1938ع کان منهنجو والد جنهن دور کان ميونسپل جو ميمبر ٿيڻ شروع ٿيو. ان دور کان وٺي قريشي خاندان جا سڀئي فرد اسان کي ووٽ ڏيندا رهندا آهن. منهنجي والد کان پوءِ منهنجو چاچو خدا بخش ميمبر ٿيو ۽ پوءِ مان اليڪشن ۾ بيهڻ لڳس تہ منهنجي سپورٽ ڪندا هيا.

قريشي خاندان ڏيڍ سئو ورهين کان وڏيڪ عرصي کان رتيديري ۾ رهي ٿو. سندن وڏا ہڏائيندا هيا تہ سندن تعلق ڪڇي جي علائقي سان هيو جتان لڏي اچي رتيديري ۾ ويٺا. بشير خان جو والد غلام مرتضيٰ مون کان عمر ۾ ننڍو هيو ۽ منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو هيو. بشير خان بہ سلڇڻو چوڪرو هوندو هيو. عيد واري ڏينهن تي مان ۽ آصف جيئن قبرستان کان موٽندا هياسين تہ بشير خان وارن جي اوطاق رستي تي هوندي هئي. اسان بہ لڙي پوندا هياسين. بشير خان جيئن ئي ڏسندو هيو تہ اسان کي پيرين پئي ملندو هيو. چو تہ اسان جو هنن سان تمام ويجهڙائي جو رستو هيو. بشير خان اوڙي پاڙي ۾ هر ماڻهوءَ سان شرافت سان پيش ايندو هيو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ احساس نہ ڏيارپائين تہ مان هيڏو وڏو ليڊر آهيان. مطلب تہ سندس نهنائي مثالي هئي ۽ ڪنهن بہ قسم جي ٺانءِ ڦونءِ منجهس نہ هئي.

**عبدالواحد بانر:**

رتيديري ميونسپالٽي جو هڪ ميمبر عبدالواحد بانر بہ هوندو هيو. سندس والد "الهرکيو بانر" مشهور حڪيم هيو. جنهن وٽ الائي ڪٿان، ڪٿان جا ماڻهو دوا لاءِ ايندا هيا. سندس هڪ پٽ عبيد الله نالي بہ هيو. حڪيم صاحب جي پٽن مان ڪوبہ حڪيم نہ ٿيو پر سندس نياڻين گهر اندر حڪمت جي شروعات ڪئي هئي. انهن وٽ سڄي رتيديري جون عورتون علاج ۽ دوا لاءِ ايندڙيون هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاڙڪاڻي جا قانوندان، آفيسر ۽ ذاتي دوست

**جسٽس عبدالرحيم ڪرل:**

جيئن تہ منهنجو مئي 1953ع کان وٺي ليگل پروفيشن سان واسطو رهيو آهي. ان ناتي سان مون ڪجھ ججن جو ذڪر پنهنجي گذريل ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۾ ڪيو آهي ۽ ڪجھ جج صاحبن جو ذڪر هاڻي واري ڪتاب ۾ ڪيان ٿو.

1953ع ۾ لاڙڪاڻي ضلع جو ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج مسٽر غلام حيدر مغل هيو جيڪو 1953ع جي آخر يا وري 1954ع ڌاري رٽائر ٿي ويو. سندس جاءِ تي مسٽر قادر نواز اعوان ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج مقرر ٿيو. 1955ع جي شروعات ۾ ون يونٽ جوڙي پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جو وجود ختم ڪري هڪڙو صوبو اولهہ پاڪستان ٺاهيو ويو. صوبن سان گڏ رياستون بہ ختم ڪيون ويون. سنڌ ۾ هڪڙي رياست "خيرپور ميرس" هئي جيڪا پڻ ختم ٿي وئي.

ان وقت مسٽر عبدالرحيم ڪرل خيرپور رياست جي عدالتي نظام جو چيف هيو جنهن کي لاڙڪاڻي ضلع جو ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج مقرر ڪيو ويو جيڪا ساڻس وڏي نا انصافي هئي.ڪرل صاحب لاڙڪاڻي ضلع ۾ ٽي سال رهيو جتان ڊسٽرڪٽ حيدرآباد بدلي ٿيو ۽ پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿي رٽائر ٿيو. مون کي هن صاحب وٽ ڪافي پريڪٽس ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ سندس قابليت ۽ علميت مان بہ سٺو فيض حاصل ڪيم.

هڪ دفعي هڪڙي "Contempt of Court" جي اپيل جيڪا مون ريزيڊنٽ ميجسٽريٽ قنبر جي آرڊر جي خلاف داخل ڪئي هئي جيڪا آگسٽ 1957ع تي هلڻ لاءِ رکيل هئي. اپيل شروع ٿيڻ کان اڳ مون کي مخاطب ٿيندي ڪرل صاحب چيو تہ: "مسٽر سومرا مون کي توهان جي اصيل سان ڪا همدردي ناهي، مان نٿو چاهيان تہ ماتحت ڪورٽن جي مئجسٽريٽ جي بيعزتي ٿئي."

مون ڪيس ورائيو: "سائين! مان وڪيل جي حيثيت سان اپيلنٽ جي طرفان پيش ٿي رهيو آهيان ۽ مان اهو حق ٿو رکان تہ توهان جي آڏو اپيل جي ڪارروائي ڪريان، مون کي قوي اميد آهي تہ توهان منهنجا دليل ٻڌي اپيل بحال ڪندا."

اهو ٻڌي جج صاحب مرڪندي چيو: "ها ضرور اهو توهان جو حق آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجا دليل شروع ڪري پهريائين "Contempt" جي حوالي سان واسطيدار سيڪشن پڙهيو جنهن ۾ صاف چيل آهي تہ "اگر جوابدار بدنيتي سان ڪجهہ چوي يا عمل ڪري تہ اهو "Contempt" ڳڻيو/ليکيو ويندو." تنهنڪري ڏوهہ ثابت ڪرڻ لاءِ بدنيتي جو عنصر ثابت ڪرڻو پوندو. پوءِ مون هڪ مثال ڏيندي چيو تہ:

سائين! جيئن هن وقت توهان ڪورٽ ۾ اپيل جي ڪارروائي پيا هلايو. عين هن وقت ڪو فقير ڪورٽ ۾ داخل ٿي اوهان کي عرض ڪري تہ مونکي خيرات ڏيو. سندس ان عمل سان اوهان جي عدالتي ڪارروائي ۾ مداخلت تہ ٿي، پر فقير جي نيت ڪارروائي ۾ مداخلت ڪرڻ نہ هئي. ان ڪري اوهان متس "Contempt" جي سيڪشن ۾ ڪارروائي نہ ڪندا.

اهڙي طرح ٿي منهنجي اصيل جنهن سان ڪورٽ جي ٻاهران ٻي ڌُر واري ماڻهوءَ غلط سلوڪ/عمل پئي ڪيو، ان جي نتيجي ۾ هو ڪورٽ ۾ گهڙي آيو ۽ ڪورٽ کي گذارش ڪئي تہ مون کي ٻي ڌُر کان بچايو وڃي. هاڻي اهو عمل بدنيتي تي ٻڌل نہ هيو ۽ هو قانوني بچاءَ خاطر ڪورٽ ۾ گهڙي آيو ۽ ڪورٽ جي ڪارروائي ۾ مداخلت ڪئي تہ اهو عمل سندس خلاف "Contempt" نہ ليکبو." پوءِ مون هڪ پراڻي ججمينٽ ان متعلق پيش ڪئي. جج صاحب پبلڪ پراسيڪيوٽر محترم فقير محمد جعفري کان سندس راءِ ورتي تہ هن منهنجي مخالفت ڪئي پر جج صاحب سندس نڪتہ نظر سان متفق نہ ٿيو ۽ ان مهل ٿي منهنجي اپيل بحال ڪري ڇڏي.

**جسٽس ناظر حسين صديقي:**

جسٽس ناظر حسين صديقي جيڪو اڳتي هلي چيف جسٽس آف پاڪستان ٿيو. سندس سب جج طور پهرين پوسٽنگ بہ رتيديري ۾ ٿي. سب جج ٿي رهڻ کان پوءِ بدلي ٿي ويو. تڏهن بہ ساڻس واسطا رهيا. اڳتي هلي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ۽ پوءِ چيف جسٽس ٿيو، بعد ۾ سپريم ڪورٽ جو جج ۽ چيف جسٽس ٿيو تڏهن بہ ساڻس ملڻ جلڻ رهيو. ٻچاڙيءَ تائين هن نهايت عزت ۽ احترام سان نوڪري ڪئي ۽ سڄي سروس ۾ ڪڏهن بہ متنازعہ نہ رهيو. سندس ايمانداري جي بہ هاڪ هوندي هئي، سندس قانوني ڄاڻ جو بہ جواب نہ هيو. مان يا منهنجو پٽ آصف علي، ساڻس ملندا هياسين تہ ساڳئي قرب ۽ پنهنجائپ سان پيش ايندو هيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جسٽس عبدالرحمان شاهه: سيشن جج / هاءِ ڪورٽ جج:

سيد عبدالرحمان شاهه سيشن جج اصل هندوستان مان لڏپلاڻ ڪري اچي ڪوٽڙي ۾ سيٽل ٿيو. 1952ع ۾ ججن جي پرتي ٿي سنڌ ۾ سرڪار پاران سب جج مقرر ڪيا ويا. ان کان اڳ ۾ سب جج نہ هوندا هيا ۽ روينيو کاتي جا مختيارڪار ۽ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ فوجداري ڪيس هلائيندا هئا. عبدالرحمان شاهه بہ سب جج طور ئي سليڪٽ ٿيو هيو. پر جڏهن لاڙڪاڻي ۾ پوسٽ ٿي آيو تہ سيشن جج ٿي آيو. نهايت ايماندار ماڻهو هيو. جنهن ڪري گذارو ڏاڍو ڏکيو ٿيندو هيس. 5-روپين واري نيلامي شرٽ وٺندو هو ۽ ڪوٽ وغيره بہ سيڪنڊ هينڊ نيلامي خريد ڪندو هو. ساٽس گڏ ڪم ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. ڇو تہ هوشيار جج هو. نهايت چاڻ ۽ فهم وارو ماڻهو هيو. شاهه صاحب هاءِ ڪورٽ جج جي مرتبي تي پهتو ۽ جتان رٽائر ڪيائين. پوءِ بہ ڪيترين جوابدارين سرڪار طرفان نڀايائين.

## محمد صالح ميمڻ سيشن جج:

محمد صالح ميمڻ 1952ع ۾ سب جج ٿي رتيديري ۾ آيو. ميمڻ صاحب بہ ايماندار ۽ سادو ماڻهو هيو. سياري ۾ بہ ڪيس گرم ڪوٽ نہ هوندو هيو. هڪڙو معمولي سوٽي ڪوٽ هوندو هيس ۽ ٻيو هٿ جو اُڻيل سوئيٽر هوندو هيس جيڪو ڪوٽ جي اندران پائيندو هيو. ان دور ۾ ججن کي ڪوئلا الائونس ملندو هيو. جيڪي سياري ۾ جج صاحبان ڪورٽ ۽ چيمبر ۾ سگري ۾ ٻاريندا هيا. ڪورٽن ۾ بجلي نہ هوندي هئي، هڪ جَهلي هوندي هئي جيڪا ملازم هلائيندو هيو. ميمڻ صاحب جڏهن سيشن جج ٿيو تہ ان وقت بہ نهايت فراخدلي ۽ وقار سان ڪورٽ هلائيندو هيو. سندس ايمانداري تي اسان کي حيرت لڳندي هئي تہ ان دور ۾ بہ وٽس ٽي.وي ۽ ريفريجريٽر نہ هيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪئي هيائين، چوندو هيو تہ ڏاڍو خوش آهيان ۽ ضرورت جون سڀ شيون هاڻي ورتيون اٿم. ميمڻ صاحب بہ ڪجهہ وقت اڳ گذاري ويو آهي.

## جمال الدين جماڻي اسسٽنٽ ڪمشنر:

ان دور ۾ ايس.ڊي.ايم (سب ڊويزنل آفيسر) ڊپٽي ڪليڪٽر کي بہ عدالتي/جڊيشل اختيار هوندا هيا. انهن مان هڪڙو ايس.ڊي.ايم جمال الدين جماڻي بہ هيو جيڪو لاڙڪاڻي جو ايس.ڊي.ايم هيو ۽ قنبر جو بہ ايس.ڊي.ايم ٿي رهيو هيو. اها سٺ واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي، جماڻي صاحب ڪلارڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ترقي ڪري مختيارڪار ۽ پوءِ ايس.ڊي.ايم ٿيو هيو. جماڻي صاحب رتيديري جو به مختيارڪار ٿي رهيو هيو. جماڻي صاحب 1964ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ايس.ڊي.ايم هيو. سندس ٽريننگ انگريز آفيسرن جي هٿن ۾ ٿي هئي، ان ڪري پروسيجر ڪي فالو ڪندڙ ۽ انتهائي چاڻو آفيسر هيو. ان دور ۾ ايس.ڊي.ايم قلم 110- جا ڪيس هلائيندو هيو جنهن ڪي چيپٽر پروسيڊنگ چوندا هيا. هڪ دور ۾ "جرگا پروسيڊنگ" به شروع ٿيون هيون جن ۾ ايس.ڊي.ايم ٽن پين ماڻهن کي گڏ ويهاريندو هيو جتي خون جا ڪيس وغيره هلندا هيا جن جي اپيل ڪمشنر وٽ ويندي هئي. انهن ٽن ماڻهن ۾ اڪثر وڏيرا ۽ زميندار هوندا هيا، پر جرڳا پروسيڊنگ وارو قانون گهڻو وقت نه هليو ۽ ختم ٿي ويو. جماڻي صاحب وڏي وقار ۽ عزت وارو آفيسر هيو. ڪيس جناب ذوالفقار علي ڀٽو تائين به سندس رسائي هئي.

## سائين امداد علي شاهه اسسٽنٽ ڪمشنر:

سيد امداد علي شاهه ڏوڪري روڊ تي ڳوٺ خير محمد آريجا جي سادات خاندان مان هيو. روينيو ۾ ڪلارڪ ٿي ڀرتي ٿيو. گريجوئيشن ڪان پوءِ اول هيڊ منشي پوءِ مختيارڪار ۽ بعد ۾ ايس.ڊي.ايم ٿيو. پاڻ انگريزن جي دور جي ڀرتي هيو. سندس پوسٽنگ رتيديري ۾ به رهي هئي. منهنجو ذاتي طور اٿڻ ويهڻ سائنس گهڻو رهيو ۽ پيارن دوستن وانگر خيال به ڪندو هيو. سائين امداد علي شاهه قانون جو به وڏو چاڻو هوندو هيو. وڏو بردبار، سمجهدار ۽ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هيو. سنڌ ۾ جتي به هن جي پوسٽنگ رهي اتي هن وڏي عزت ڪمائي. رٽائرمينٽ ڪان پوءِ شاهه صاحب حيدرآباد شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

## علي مراد ابڙو وڪيل:

مرحوم علي مراد ابڙو، تعلقي رتيديري جي هڪ ننڍي ڳوٺ اگهم نمبر 2 جو رهاڪو هيو. پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪري ميٽرڪ لاڙڪاڻي مان ڪري باقي هائير تعليم ڪراچي جي مختلف ڪاليجن مان حاصل ڪيائين. ڪراچي ۾ ئي ڪيس نيشنل بينڪ ۾ نوڪري ملي. پر ايل.ايل.بي ڪرڻ ڪانپوءِ 1968ع ڌاري لاڙڪاڻي اچي وڪالت جي پريڪٽس جو آغاز ڪيائين. پنهنجي محنت ۽ لياقت سبب ٿوري وقت ۾ ئي ڪرمنل سائيڊ جو ناميارو وڪيل ٿي ويو.

علي مراد ابڙو وڏي چاڻ سڃاڻ وارو ماڻهو هيو. سندس ياري دوستيءَ جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حلقو تمام وسيع هيو. چڱا ڀلا زميندار ۽ وڏا وڏا آفيسر سندس دوست هوندا هيا. سندس آفيس ۽ رهائش گاهه يارن دوستن لاءِ کليل هونديون هيون. جو ته ٻارڻ ورهين جا ورهيه لاڙڪاڻي ۾ اڪيلو رهندو هيو ۽ سندس فيملي ڳوٺ ۾ رهندي هئي.

مون سان سدائين محبت وارو رشتو رهيس، وڪالت ۾ ته مون کان 15ورهيه جونيئر هيو پر شروعات کان ئي منهنجو دوست رهيو ۽ اسان جي گروپ پاران ئي ڊسٽرڪٽ بار جو صدر چونڊيو ويو. سياسي طور تي به شروعات کان ئي پيپلز پارٽي سان وابسته ٿيو. سچائي ۽ ايمانداري سان تنظيمي ڪم ڪندو رهيو. بعد ۾ ڪجهه سببن ۽ شڪايتن جي ڪري پيپلز پارٽي کي ڇڏي سردار ممتاز علي ڀٽو صاحب سان وابسته ٿيو.

زندگي ۽ موت جو فيصلو الله جي ذات ڪندي آهي. پڇاڙي واري زندگي ۾ ڪيترائي ورهيه بيمار رهيو پر حياتي هيس ته چاڪ چڱو ڀلو ٿيو ۽ وڪالت طرف موٽي آيو. پر پوءِ اوچتو ئي ٻيهر بيماريءَ جي سخت حملي سبب اجل جو شڪار ٿي ويو. الله کي دعا آهي ته سندس روح کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي.

## شاهه مسعود وڪيل:

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ سان هڪ طرف سنڌ مان ڪيترائي هندو خاندان ڀارت لڏي ويا، جن ۾ اديب، دانشور، شاعر، صحافي ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن جا ماهر هيا ته وري انڊيا مان به ڪوڙ سارا ماڻهو سنڌ ۾ آيا، جن مان ڪيئي خاندان لاڙڪاڻي ۾ اچي آباد ٿيا. انهن ۾ سي.پي (مڌيه پرديش) جي هڪ فيملي به هئي. شاهه مسعود وڪيل جو تعلق به ان فيملي سان هيو. شاهه مسعود صاحب نهايت نفيس قسم جو ماڻهو هيو. اٿڻ ويهڻ ۽ سياءَ ۾ تمام وٽندڙ انسان هيو. وڪالت جي پيشي ۾ سول سائيڊ جو سٺو وڪيل هيو. سندس انگريزي اکر اهڙا هوندا هيا جو ايئن لڳندو هيو ته ڇاپي خاني جا ڇپيل هجن.

شاهه مسعود هڪ سٺو شاعر ۽ اديب هيو. پنهنجي اديب دوستن ۽ ٻين ادب دوست ماڻهن جي حلقي جي مدد سان ريلوي اسٽيشن لاڙڪاڻي جي ويجهو ميونسپل جي الاٽ ٿيل پلاٽ تي "انجمن ترقي اردو" جي پليٽ فارم تان "شاهه عبداللطيف لائبريري" قائم ڪيائين. ان بلڊنگ ۾ هيٺ دوڪان ۽ مٿان لائبريري ۽ ادبي پروگرامن لاءِ هڪ هال به ٺهرايو ويو. دوڪان مسواڙ تي ڏنا ويا جنهن مان لائبريري ۽ نشست هال جو خرچ هلايو ويندو هيو. افسوس جو شاهه مسعود جي فوت ٿي وڃڻ کانپوءِ ڪيترائي سال گذري ويا ۽ لائبريري به ختم ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي. لائبريري جي عمارت تي قبضا ٿي ويا.

شاهه مسعود جي وفات کانپوءِ سندس پونئير، سندس اڏايل گهر وڪڻي لاڙڪاڻو ڇڏي ڪراچي هليا ويا، جتي مختلف دعوتن ۾ ساڻن ملاقات ٿيندي آهي. شادين مرادين ۾ هڪٻئي سان ملندا آهيون ته لاڙڪاڻي ڪي محبت سان ياد ڪندا رهندا آهن.

## موهن لال وڪيل:

موهن لال اصل ته مديجي، ضلع شڪارپور جو وينل هيو پر وڪالت پاس ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ لڏي آيو. مرحوم عبدالغفور پرڳڙي صاحب جو جونيئر ٿي رهيو. سول سائيڊ ۾ سٺو وڪيل ثابت ٿيو. پنهنجي وڪالت جي پيشي ۾ مشغول رهيو ۽ ڪنهن به سماجي يا سياسي هلچل جو حصو نه بڻيو. کلڻو ملڻو يار ويس ماڻهو آهي. وڪالت ڇڏي، ان سان گڏ لاڙڪاڻو ۽ پاڪستان پڻ ڇڏي انڊيا لڏي ويو. ڪجهه وقت انڊيا ۾ رهيو پوءِ پنهنجي پٽ وٽ دبئي ۾ رهڻ لڳو . هر عيد تي يادگيري سان گڏ عيد مبارڪ لاءِ فون ضرور ڪندو آهي، افسوس جو ويجهڙائي ۾ سندس انڊيا ۾ انتقال ٿيو آهي. شال ڌڻي سندس روح کي راحت بخشي.

## گلاب راءِ وڪيل:

گلاب راءِ اصل نصيرآباد تعلقي وارهه جو آهي. سندس پيئر نصيرآباد ۾ ڪاروبار ڪندا آهن. پاڻ سول سائيڊ جو ٽاپ جو وڪيل هو. سپريم ڪورٽ بار جو ميمبر هو، سپريم ڪورٽ ۾ پڻ ڪيسن ۾ پيش ٿيندو هو. وڏو محبتي ۽ سچو ماڻهو هو، جنهن ڪري سندس پريڪٽس به صاف سٿري ۽ شڪ شبهي کان خالي رهي. مستقل طور لاڙڪاڻي ۾ رهيو . سندس وڏو پٽ به وڪيل ٿيو آهي ۽ سندس تربيت سندس پيءُ جي هيٺ رهي وڏي افسوس ۽ صدمي سان ذڪر ڪري رهيو آهيان ته هو دوست ڪراچي ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيسن ۾ پيش ٿيڻ کانپوءِ واپس لاڙڪاڻي اچي رهيو هو ته حادثي جو شڪار ٿيو ۽ ڌڻي کي پيارو ٿي ويو.

## محمد بچل تنيو وڪيل:

مرحوم محمد بچل تنئي جو شمار لاڙڪاڻي جي ناميارن وڪيلن ۾ ٿيندو آهي. سندس واسطو ميروخان جي مشهور بزرگ ميان حامد حضوري جي خاندان سان آهي، جنهن جي مزار ميروخان شهر ۾ آهي. محمد بچل تنيو به



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير منش ادب دوست، اديب، ادب شناس ۽ سچو انسان هيو. سندس مطالعو به وسيع هيو. انگريزي، اردو ۽ سنڌي ادب سان سندس گهري دلچسپي هئي. انگريزي ۾ سندس ڪتاب "Views and vision & legacy of Bhittai" سان گڏ ڪجهه پيا ڪتاب به ڇپيل آهن. جيڪي سندس قابليت ۽ ادبي مهارت جو واضح ثبوت آهن. مرحوم محمد بچل تنيو صاحب وڪالت جي ميدان ۾ محبت ۽ عزت سان مشهور قانوندان ۽ مصروف وڪيل عبدالغفور پرڳڙي صاحب سان اٽڪل 20، 25 سال وابسته رهيو. ان کان پوءِ ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي پوزيشن ۾ پنهنجي وفات تائين ڪم ڪيائين. بچل صاحب سان ڪچهري ڪندي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. سندس علمي ڄاڻ ۽ مزاح پڻ مثالي هيو. ڪيترائي صاحبِ ڪتاب دوست سندس معترف هوندا هيا. فضل سليمان قاضي، مسلم شميم ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن پنهنجي لکڻين ۾ کيس خراج تحسين پيش ڪيا آهن.

پونين ڏينهن ۾ سندس صحت خراب ٿي پئي هئي جنهن مان جانبر ٿي نه سگهيو ۽ مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. الله تعالىٰ کيس پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي. محمد بچل صاحب کي ٻه پٽ نديم احمد ۽ سعيد احمد آهن جن مان نديم وڪيل ۽ سعيد وري سٺو ڳائڻو آهي.

**صمد رضوي ساز وڪيل:**

صمد رضوي به ورهاڱي جي نتيجي ۾ حيدرآباد دکن کان 1948ع ڌاري لاڙڪاڻي لڏي آيو. صمد رضوي صاحب هڪ فقير منش انسان ۽ نهايت نيڪ ماڻهو هيو. ادبي ذوق رکڻ وارو ۽ سٺو شاعر هيو. ساز سندس تخلص هيو. گهر جي پرسان هڪ پلاٽ تي لائبريري به ٺهرائي هيائين جتي ادبي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. هڪ ادبي سرڪل "بزمِ ادب" نالي ٺاهيو هيائين جنهن جي اجلاسن ۾ سنڌي اردو اديب شريڪ ٿيندا رهندا هيا. بزم ادب جو پهريون صدر ۽ سرپرست پاڻ هيو.

منهنجو ذاتي طور تي ساڻس ميل جول هوندو هيو. وڪالت به ڪيائين ۽ صاف سٿري پريڪٽس ڪيائين. ايل ايل بي عثمانيه يونيورسٽي حيدرآباد دکن مان ڪيل هيس. سرڪاري وڪيل به ٿي رهيو پر ان ۾ به صاف سٿرو ۽ ايمانداري سان ڪم ڪندو هيو. ڪلائنٽ سان سڌي ڳالهه ڪندو هيو. پرائيويٽ پريڪٽس به نيڪ نامي سان ڪيائين. وارهه ۾ منهنجا ڪيس هوندا هيا ته مون سان گڏ منهنجي جيپ تي هلندو هيو. سب جج ڪورٽ ۾ هو A.P.P هو. ڏوڪري ۾ به R.M جي ڪورٽ ۾ سرڪاري وڪيل ٿي رهيو ته اسان گڏ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا هياسين. هڪ دفعي اسان گڏ وڃون پيا تہ هڪڙو پوڙهو ماڻهو رستي ۾ ڏسي مون کي چيائين تہ "گاڏي روڪي ان کان پڇو جيڪڏهن ان طرف هلي ٿو تہ ڪيس ڪٿي هلجي ٻڌايائين تہ مان بہ جڏهن حيدرآباد دکن ۾ هوندو هيس تہ پنهنجي گاڏي ۾ رستي ويندڙن کي ڪٿي هلندو هيس." مون سندس ڳالهہ مڃي، سندس ان ڳالهہ کي ڏسي مان جتي بہ ويندو هيس تہ رستي ويندڙن کي ڪٿي منزل تي پڄائيندو هيس. پر اڄڪلهہ جي حالتن کي ڏسندي اهو ڪم ڪرڻ کان ڊپ ٿو ٿئي تہ جيڪر ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي رستي سان نہ کڻجي. صمد رضوي جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ هر مهيني مشاعرو ٿيندو هيو. جنهن ۾ ڪيترائي اردو سنڌي شاعر شاعري پڙهڻ ايندا هيا.

صمد رضوي ساز جو موت بہ عجيب نموني ٿيو. ڪيس قلندر شهباز سان عقيدت هوندي هئي ۽ اڪثر درگاهہ تي ويندو رهندو هيو. هڪ ڀيري سيوهڻ مان حاضري ڀري ريل ۾ واپس لاڙڪاڻي اچي رهيو هيو تہ رستي تي ويٺي ويٺي سندس ساهہ جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو ۽ لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن تي سندس ميت ريل جي گاڏي مان ڪنيو ويو. سندس وفات تي سڄو لاڙڪاڻو سوڳوار ٿيو هيو.

### حاجي غلام محمد سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر:

سومرو صاحب واري واري سان قنبر ۽ لاڙڪاڻي جو ايس.ڊي.ايم ٿي رهيو. ڏاڍو نيڪ نمازي ۽ فقير صفت ماڻهو هيو. لاڙڪاڻي ۾ پوسٽنگ مهل رٽائرمينٽ جي ويجهو هيو. سومرو صاحب نهايت سادو ماڻهو هيو. هڪڙي ننڍڙي بيگ هر وقت ساڻ هوندي هيس جيڪا نوڪري تي اچڻ مهل ڪٿي نڪرندو هيو. گهڻي سامان رکڻ جو عادي نہ هيو. هڪ ڀيري لاڙڪاڻي ۾ ايس ڊي ايم هيو تہ سندس چوري ٿي وئي، جنهن ۾ سندس سامان واري بيگ ڪٿي ويا. ان بيگ ۾ سڀ کان قيمتي شيءِ سندس پارڪر پين هئي، جنهن جي لاءِ سدائين چوندو هيو تہ منهنجي چوري ٿي وئي آهي. پنهنجي نوڪري دوران غريب غربي تي مهرباني جي نظر رکندو هيو. نهايت ايمانداري ۽ انصاف سان پنهنجو منصب نڀايائين.

### حبيب الله خشڪ اسسٽنٽ ڪمشنر:

حبيب الله خشڪ ايس. ڊي.ايم لاڙڪاڻو هيو. ڳالهائيندو بہ گهٽ هيو ۽ گارين بہ نڪري ويندين هيس. مان بہ نوجوان وڪيل هيس ۽ هڪ 110- جي ڪيس ۾ هن وٽ پيش ٿيس. هيءَ 55-1954ع جي ڳالهہ آهي. ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿيڻ سان هن جوابدارن کي گارين ڏنيون ۽ انهن لاءِ چور جا پٽ ۽ پيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتراض جهڙا لفظ استعمال ڪيا. مون کيس چيو تہ، ”مان توهان وٽ ڪيس هلائڻ لاءِ تيار ناهيان، توهان مون کي گاريون ڏنيون آهن.“ هن عجب مان چيو، ”مون توهان کي ڪٿي گاريون ڏنيون آهن؟“

مون کيس چيو تہ، ”مان جوابدار جو وڪيل آهيان توهان هن کي گاريون ڏنيون، جڻ مون کي گاريون ڏنيون، مان، توهان وٽ ڪيس نہ هلائيندس.“ اهو چئي مان سندس آفيس مان نڪري ويس. مون وچي بار ۾ سندس خلاف رزوليوشن پيش ڪيو. ان کان اڳ جو روزوليوشن پاس ڪجي، خشڪ صاحب منهنجي سينئر عبدالفتاح ميمڻ صاحب جي معرفت بدلي ڪرائي ويو پر پوءِ دوست ۽ يار ٿي ويو. مون کي، کيس رڳو اهو باور ڪرائڻو هيو تہ اسان وڪيل ڪورٽ جا مددگار آهيون، انسانن کي انصاف ڏيارڻ اسان جو مقصد آهي. اسان کي انصاف جي سلسلي ۾ هر قسم جي ڪورٽ اختيارين وٽ وڃڻو آهي ۽ جيڪي بہ ماڻهو اسان کي ڪيس ڏين ٿا، انهن کي هرو پرو بيعزت ٿيڻ کان بچايون. خشڪ صاحب بدلي ٿي ويو ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٿي ويو. پاڻ پنهنجي قبيلي جو چڱو مڙس بہ هيو. جڏهن بہ سندس قبيلي جي ڪنهن ماڻهو تي ڪو فوجداري ڪيس ٿيندو هو تہ کين وڪيل ڪرڻ لاءِ مون وٽ موڪليندو هو.

## علي گوهر خان منگي SSP_DIG:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي:

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

مٿيون شعر مرحوم علي گوهر خان منگي سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. سهڻي شڪل، سهڻي فطرت، سهڻو اٿڻ ويهڻ، ننڍن تي شفقت ۽ وڏن جي عزت، اهي سڀئي وصفون علي گوهر خان ۾ نهايت ججهي مقدار ۾ هيون.

پاڻ هڪ غريب گهراڻي جو فرد هيو. پوليس ۾ اي.ايس.آءِ جي حيثيت سان نوڪري جي شروعات ڪيائين ۽ ڊي.آءِ.جي جي عهدي تي پهتو. پوليس کاتي ۾ سندس خدمتن تي کيس ”پاڪستان پوليس ميڊل“ جهڙو امتيازي نشان بہ مليو جيڪو هڪ وڏو اعزاز آهي ۽ گهٽ ماڻهن کي ملندو آهي. سندس بهادري جي جيتري بہ تعريف ڪجي تہ گهٽ ٿيندي. هن پنهنجي ايامڪاري ۾ ڪيترن ئي ڏاڙيلن ۽ خطرناڪ ڌوهارين سان مقابلا ڪيا ۽ کين ختم ڪيو. اهڙن مقابلن تي لکين روپيا انعام بہ حاصل ڪيائين. لاڙڪاڻي ضلعي مان جن جن وڏن آفيسرن نالو ڪمايو انهن مان علي گوهر خان سرفهرست رهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي گوهر خان هڪ طرف تہ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪامياب رهيو پر پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ ان کان بہ وڌيڪ ڪامياب رهيو. شخصي زندگي، دوستي، رواداري، هرهڪ جي ڪم اچڻ، اوڙي پاڙي جي خدمت ڪرڻ ۽ غريب غُربي جو خيال ڪرڻ ۾ بہ سندس ڪردار نمايان رهيو. سندس واسطي وارن ماڻهن سان ملبو ۽ سندس ذڪر نڪرندو تہ خبر پوندي تہ علي گوهر خان پنهنجي شخصي زندگي ۾ بہ ڪيڏو نہ شاندار ۽ انسان دوست ڪردار هيو. پاڻ يارن جو يار، عزت ڏئي عزت وٺڻ وارو ماڻهو هيو. محفلن جو مور هوندو هيو، سندس اوطاق تي سائلن جا هجوم هوندا هيا ۽ ڪوڙ ماڻهو پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ وٽنا هوندا هيا، جن جي پاڻ وس آهر مدد ڪندو هيو.

منهنجي علي گوهر خان سان ويجهڙائي ان وقت ٿي، جڏهن هو ڊي.ايس.پي هيو ۽ سندس چوڻ تي. ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ وڪيل جي حيثيت سان مون سندس ڪنهن عزيز جي ٿوري گهڻي خدمت ڪئي هئي، ان ڏينهن کان وٺي اسان جو پريت جو رستو ٿيو. جيئن تہ هو عُمر ۾ مون کان ننڍو هيو ۽ ان حساب سان بہ منهنجي گهڻي عزت ڪندو هيو. مون ڪيترائي ڪامياب ماڻهو ڏٺا آهن پر هن يار جهڙو درجو ڪنهن ڪي نہ ڏٺم.

علي گوهر خان کي چار پٽ آهن، وڏو پٽ ظفر مناٽي ڊي ايس پي هيو جيڪو ڦوهہ جوانيءَ ۾ حادثي جو شڪار ٿيو ۽ وفات ڪري ويو. نهايت سلڇڻو، سهڻو ۽ پيارو نوجوان هيو. سندس ٻيو پٽ منور مناٽي ڊپٽي ڪمشنر آهي. ٽيون پٽ صفدر مناٽي آهي، جنهن کي سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب جي داين، جوکين، جماٽين ۽ قادرين پنهنجو سردار ڪري چونديو آهي ۽ سندس باقاعده دستاربندي بہ ڪئي آهي. سنو نوجوان آهي ۽ سياست ۾ بہ سرگرم رهندو آهي. سندس چوٿون پٽ آصف حسين مڪاني ڪاتي ۾ ٽي.ايم.او آهي.

علي گوهر خان رٽائرمينٽ کانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ خوبصورت اوطاق ۾ محفلون مچائيندو ۽ دعوتون ڪندو رهندو هيو جن ۾ مان بہ ويندو رهندو هيس. منهنجي دعا آهي تہ شال خدا ۽ عزوجل سندس مغفرت ڪري ۽ کيس جنت ۾ جاءِ نصيب ڪري. آمين.

**محمد خان کوسو SSP:**

محمد خان کوسو اصل شهدادڪوٽ جو رهاڪو هو جتان ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم ٿيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊي.ايف.سي جي آفيس ۾ ڪم ڪندو هيو.

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر جي آفيس منهنجي گهر ۽ آفيس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بلڪل ويجهو هئي ۽ ان وقت جو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر محمد هاشم ابڙو جيڪو منهنجو دوست ۽ رتوديرو ويجهو ڳوٺ طيب جو هيو. ان نسبت سان محمد هاشم ابڙي جي معرفت محمد خان کوسي سان به ويجهي ڏيٺ ويٺ ٿي جيڪا پڪي ياري ۾ تبديل ٿي وئي.

پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ جڏهن شهيد ڀٽو وزيراعظم هيو ته رئيس علي حسن خان چانڊئي جي سفارش تي شهيد ڀُٽي، محمد خان کوسو کي ڊائريڪٽ ڊي.ايس.پي ڀرتي ڪري ڇڏيو. جتان محنت ۽ اورچائي سان ترقي ڪري ايس.ايس.پي جي درجي تي پهچي رٽائر ٿيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ محمد خان کوسو ڪراچي ۾ رهڻ لڳو. دوستي رکڻ ۽ نڀائڻ جو ڪوڏيو هيو. چرچو يوڳ سندس خاص خوبي هئي. ڪچهري ۾ هوندو ته سنگت کي بور ٿيڻ نه ڏيندو. نوڪري واري دور ۾ يارن ۽ دوستن جو ڏاڍو قدر ڪيائين. ڪوبه دوست ڪو ڪم چوندو هيس ته وڏي دلچسپي سان ڪندو هيو. سندس پراڻا دوست اڄ به هن جي عزت ڪندا آهن مرحوم محمد خان کوسو ويجهڙائي ۾ وفات ڪري ويو شال ڌڻي سندس مغفرت ڪري.

## عبدالقادر منگي رٽائرڊ سيڪريٽري:

عبدالقادر منگي جو والد صاحب علي شير منگي، روينيو کاتي ۾ سپروائيزنگ تپيدار هيو ۽ رتيديري ۾ رهائش هيس. عبدالقادر منگي به اتي ئي پيدا ٿيو ۽ سندس اوائلي تعليم به رتيديري ۾ ٿي. عبدالقادر منگي 1970ع ۾ رينج فاريسٽ آفيسر ٿيو جڏهن ته 1975ع ۾ سڌي ريٽ انٽرويو ڏئي اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. جنهن کانپوءِ ڊي.سي ٿيو. 1997ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر هجڻ واري زماني ۾ هن ڪافي عزت ڪمائي ۽ سڀ ڪنهن جي ڪم آيو. ڪوشش ڪري سيني سان چڱائي ڪيائين. ڪڏهن به يڪطرفو ٿي فيصلا نه ڪيائين. عبدالقادر منگي 2006ع ۾ صوبائي سيڪريٽري ڪلچر طور رٽائر ٿيو ۽ اڄڪلهه ڌرتي ٽي.وي چينل جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر آهي. پاڻ نهايت سٺو بااخلاق ۽ لائق انسان آهي، منهنجي تمام گهڻي عزت ڪندو آهي.

## ڪي.بي رند اڳوڻو وفاقي سيڪريٽري:

قلي بخش ولد غلام نبي خان رند سڪرنڊ ويجهو رندن جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد تر جو مشهور زميندار هيو. رند صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگلش ايم.اي ڪئي، فائينل ۾ پهرين پوزيشن کڻڻ تي کيس گولڊ ميڊل به مليو. 1974ع ۾ سي.ايس ايس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ پوءِ 1980ع ۾ ڊي.سي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو. 1984ع ۾ لنڊن جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ ڪميونٽي اتاشي ٿي رهيو. 1988ع ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڪمشنر ٿي آيو ۽ پنهنجي سهٽي سڀاءَ سبب سٺو نالو ڪمايائين. 1989ع ۾ ايم.ڊي سنڌ سمال انڊسٽريز ٿيو. ڪجهه وقت سيڪريٽري ايڪسائيز بہ رهيو. 1993ع ۾ نگران حڪومتون آيون تہ رند صاحب کي سنڌ جي نگران وزيراعليٰ، سيد مددعلي شاهہ جو پرنسپل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. نئين حڪومت ۾ کيس زراعت ۽ تعليم جو سيڪريٽري ڪيو ويو. ڪجهه وقت هوم سيڪريٽري جي بہ چارج رهيس، جتان کيس وفاق ۾ موڪليو ويو. بہ ٽي سال وفاق ۾ رهڻ کانپوءِ 2002ع ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ، 2005ع ۾ چيف سيڪريٽري بلوچستان ۽ 2008ع ۾ وفاقي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو جتان 2011ع ۾ رٽائر ٿيو. اڄڪلهہ ڪراچي ۾ رهي ٿو. منهنجو ساٺس گهڻو واسطو رهيو ۽ پاڻ نهايت نفيس طبيعت جو مالڪ آهي.

## عزيزالله پيرزادو ڪنٽرولر گورنر هائوس:

ڳڙهي ياسين شهر کان ٿوري فاصلي تي هڪ قديمي ڳوٺ آهي جنهن کي "ميان جو ڳوٺ" چوندا آهن، هن ڳوٺ ۾ قديم رهاڪو پيرزادا آهن. لڳ ڀڳ هڪ صديءَ کان هن ڳوٺ جي رهاڪو پيرزادن جو مريدي خادميءَ جو سلسلو بہ آهي، ان سان گڏوگڏ هن ڳوٺ جا ڪيترائي نوجوان تعليمي ڊگريون حاصل ڪري ڪيترن ئي عهدن تي رهيا.

عزيز الله پيرزادي جو ويجهو عزيز عبدالمجيد پيرزادو وڪالت پاس ڪري 60-65 ورهيہ اڳ وڪيل ٿيو تہ وري بزنيس جي ميدان ۾ پڻ رهيو ۽ نامياري صنعتڪار ۽ بينڪار علي حسن خان منگي سان بہ شريڪِ ڪار رهيو. ان ساڳئي ڳوٺ مان ميان عزيز الله پيرزادو هڪ وڏو لائق انسان پيدا ٿيو جنهن پنهنجي بي لوث خدمت سان نالو ڪمايو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ بي.اي ۾ داخلا وٺي جناح ڪورٽس هاسٽل ۾ رهيو، جتي مان پڻ رهندو هيس ۽ ان زماني ۾ منهنجي عزيز الله صاحب سان دوستي ٿي.

عزيز الله گورنر هائوس ۾ نوڪري ڪندو هيو مون جڏهن ايل.ايل.بي ڪري چيف ڪورٽ آف سنڌ مان وڪالت جي سندَ حاصل ڪئي ۽ پوءِ روزگار جي سلسلي ۾ ڪراچي ويو هيس تہ عزيز الله پيرزادي وٽ جناح ڪورٽ مسلم هاسٽل ۾ مهمان ٿي رهيو هيس ۽ منهنجي پوليس پراسيڪيوٽر ٿيڻ جي سلسلي ۾ هن ڪوشش پڻ ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۾ پڻ ڪيو آهي. پيرزادي صاحب گورنر هائوس جي نوڪري مان ترقي پڻ حاصل ڪئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ون يونٽ ٽيڻ ڪانپوءِ هو گورنر هائوس لاهور ۾ شفٽ ٿي ويو. سندس لاهور ۾ رهڻ دوران 1967ع ۾ مان ۽ منهنجو استاد عبدالفتاح ميمڻ صاحب، عزيز الله پيرزادي وٽ ٽرسيا هياسين جتان اسان کي ڪوهه مري وٺي هليو. ون يونٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ عزيز الله صاحب، ڪراچي شفٽ ٿي آيو جتي هو گورنر هائوس جو ڪامپٽرولر (Comptroller) مقرر ٿيو.

عزيز الله صاحب شادي نه ڪئي ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي ٻن پٽن کي پاڻ سان رهايو ۽ پرائمري کان وٺي گريجوئيشن تائين پڙهائي سٺن عهدن تي رسايو. اهو سارو وقت منهنجو ساٿس ويجهو رستو رهيو. عزيز الله صاحب هڪ نيڪ انسان ۽ دوستن جي وڏي حلقي جو مالڪ هيو. ڪشادي دسترخوان ۽ غريب جي ڪم اچڻ وارو انسان هيو. پاڻ جوانيءَ ۾ ئي گورنر هائوس ۾ ڪم ڪندي هارٽ اٽيڪ ۾ وفات ڪري ويو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ٿيو. شال الله تعاليٰ سندس روح کي راحت عطا ڪري ۽ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي. آمين

**انجنيئر عبدالحميد شيخ:**

انجنيئر عبدالحميد شيخ منهنجو پيارو دوست هيو. اصل لاڙڪاڻي شهر جو وينل هيو. 1946ع ۾ مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان ميٽرڪ ڪيائين. ان وقت تائين بمبئي يونيورسٽي ميٽرڪ جو امتحان وٺندي هئي. ميٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ايس.ايم ڪاليج ڪراچي مان انٽر سائنس ڪري اين.اي.ڊي ڪاليج ڪراچي مان بي.اِي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ان وچ ۾ ورهاڱي سبب هتي انجنيئرن جي وڏي اڻاٺ ٿي وئي هئي ڇاڪاڻ ته سنڌ مان هندو انجنيئر هندوستان لڏي ويا هيا. شيخ صاحب به ايس.ڊي.او جي حيثيت سان نوڪري جي شروعات ڪئي. کيس آبپاشي کاتي ۾ نوڪري ملي، پنهنجي ذاتي قابليت ۽ محنت سان جتي به نوڪري ڪيائين پنهنجا دوست ۽ محبت ڪرڻ وارا ماڻهو ڇڏيائين. مون پاڻ به ساٿس ورهين جا ورهيه سنگت ۾ گذاريو جتي به سندس پوسٽنگ هوندي هئي ته مان وٽس ويندو رهندو هيس، شيخ صاحب به هر موقعي تي اتان جي دوستن کي به دعوت ڏئي گهرائيندو هيو.

پروموشن ٿيڻ ڪانپوءِ شيخ صاحب ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٿيو ته گهڻو وقت دادو ۽ خيرپور ضلعن ۾ پوسٽنگ رهيس. دادو ضلعي ۾ گهڻا دوست ناهيائين جن ۾ اڳوڻو وڏو وزير سيد عبدالله شاهه. مهيسر خاندان جو عبدالله خان مهيسر ميمبر صوبائي اسيمبلي، دادو جي مشهور درگاهه جو گادي نشين سيد صالح محمد شاهه، ايم.اين.اي سردار محمد بخش جمالي ۽ پيا ڪوڙ وڪيل، زميندار ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامورا سنڌس دوستي جي حلقي ۾ هوندا هيا. خيرپور ميرس ۾ هوندي ته ڪيترائي ڪامورا ۽ وڏيرا سنڌس دوستي ۾ هيا پر سنڌس سڀ کان وڏيڪ دوستي سيد اميد علي شاهه عرف ڏاڏا شاهه جيلاني سان هئي، جنهن سان منهنجي دوستي به سنڌس معرفت ٿي.

مرحوم عبدالحميد شيخ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ رهندو هيو جتي پڻ منهنجي ساڻس ويجهڙائپ رهي. ڪيس به پٽ ذوالفقار ۽ زاهد حسين آهن جيڪي سٺي مرتبي تي آهن، انهن سان منهنجي پٽ آصف علي ۽ منهنجا ڀائپي برادريءَ جا تعلقات آهن.

## منظور آرائين سوشل فگر ۽ ڪانٽريڪٽر:

سٺ واري ڏهاڪي بلڪ پنجاهه واري ڏهاڪي کان لاڙڪاڻي ۾ منظور آرائين نالي هڪ همراهه رهندو هيو. جيڪو اصل پنجاب جو هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٺيڪيداري ڪندو هيو. موجوده ميونسپل اسٽيڊيم جو ٺيڪو به منظور آرائين کي مليو هيو. اهو ڪم ڏيڍ سال کن هليو ۽ پوءِ 1966ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي هٿان افتتاح ٿيو هيو. اهو اسٽيڊيم منظور به شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ڪرايو هيو ۽ ذاتي دلچسپي سان ڪم ڪرايو هيائين. پاڻ جڏهن به لاڙڪاڻي ايندو هيو ته المرتضىٰ هائوس مان پنڌ نڪري اچي ڪم جو جائزو به وٺندو هيو.

منظور آرائين جو لاڙڪاڻي ۾ سرپرست "قاضي فضل الله" هوندو هيو. منظور آرائين، جناح باغ ۾ سٽيزن ڪلب ۾ روزانو ايندو هيو ۽ سمورين سرگرمين ۾ شريڪ ٿيندو هيو. منظور آرائين محفلن جو مور، نهايت خوش پوشاڪ، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ وڻندڙ انسان هيو. سنڌس هڪڙو پاءُ به هتي رهندو هيو پر ان جو نالو ذهن ۾ نٿو اچي. شايد 1980ع جي دور ۾ پنجاب هليو ويو.

## هاءِ ڪورٽ بار جي صدارت:

سال 2001ع ۾ مان، هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻي جو صدر چونڊجي ويس، هڪ سال پورو ٿيڻ کانپوءِ وري ٻئي سال لاءِ به صدر چونڊجي ويس. انهن ٻن ورهين ۾ هڪڙو وڏو ايونٽ هيو هاءِ ڪورٽ جي عمارت جو لاڙڪاڻي ۾ افتتاح، لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ جي اڏاوت جو ڪارنامو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو آهي جنهن جو اڳوات ذڪر ڪري چڪو آهيان. هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻه جي بلڊنگ تيار ٿي ته چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ گورنمينٽ آف پاڪستان پاران بلڊنگ جي افتتاح جي تاريخ صدر جنرل پرويز مشرف کان ڪرائڻ لاءِ 27 اپريل 2002ع مقرر ڪئي وئي. ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعي لاءِ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران چيف جسٽس آف پاڪستان، چيف جسٽس پنجاب هاءِ ڪورٽ، چيف جسٽس سرحد هاءِ ڪورٽ ۽ چيف جسٽس بلوچستان هاءِ ڪورٽ کي دعوتون ڏنيون ويون. ان موقعي تي مون صدر پاڪستان ۽ ٻين مهمانن جي مان ۾ خيرمقدمي تقرير ڪئي جيڪا هن ڪتاب جي انگريزي حصي ۾ موجود آهي. ٿوري وقت کانپوءِ وفاقي وزير قانون ڊاڪٽر خالد رانجها کي لاڙڪاڻي اچڻ ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني سين جيڪو پڻ آيو ۽ خطاب ڪيائين. ان موقعي تي مان پڻ موجود هيس ۽ خطاب بہ ڪيو هيم جيڪا تقرير بہ هن ڪتاب جي انگريزي سيڪشن ۾ شامل آهي.

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مون صدر هاءِ ڪورٽ بار ائسوسيئيشن لاڙڪاڻي جي حيثيت ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس افتخار محمد چوڌري کي 29-ڊسمبر 2005ع تي لاڙڪاڻي اچڻ جي دعوت ڏني. ساڻس گڏ جسٽس راڻا ڀڳوانداس، جسٽس عبدالحميد ڊوگر، جسٽس غلام رباني، چيف جسٽس سنڌ جسٽس صبيح الدين بہ آيا. لاڙڪاڻہ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران معزز مهمانن جي مان ۾ ڊنر جو انتظام ڪيو ويو. جڏهن تہ ڊنر کان اڳ ۾ چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ بار جي ميمبرن کي بار روم ۾ خطاب ڪيو. ان موقعي تي مون صدر جي حيثيت ۾ مهمانن جي لاءِ آجياڻي تقرير ڪئي جيڪا پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

ان موقعي ڪانسواءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صبيح الدين جڏهن عهدو سنڀاليو تہ پهريون دورو لاڙڪاڻي جو ڪيائين ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻہ جي ميمبرن کي خطاب ڪيائين. ان موقعي تي مهمانن جي آجيان مون صدر جي حيثيت ۾ ڪئي جيڪا هن ڪتاب جي انگريزي سيڪشن ۾ موجود آهي. جيئن تہ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ ۾ بار پاران لائبريري بہ قائم ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ان وقت جي گورنر سنڌ جناب محمد ميان سومري پاران پنج لک روپين جا ڪتاب عطيو ٿيل هيا. لائبريري جي افتتاح جي موقعي تي گورنر صاحب ۽ چيف جسٽس سنڌ سيد سعيد اشهد صاحب آيا. ان موقعي تي مون صدر طور سندن ڀرپور آجيان ڪئي، اها تقرير بہ هن ڪتاب ۾ موجود آهي، هي پروگرام 13-جون 2002ع تي ٿيو هيو.

هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلان تہ جڏهن مان هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻہ جو صدر چونڊيو ويو هيس تہ ان وقت هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻہ جا ڪي بہ باءِ لاز يا آئين منشور وغيره ٺهيل ڪونہ هيا. جيئن تہ هر تنظيم/اداري کي هلائڻ لاءِ ان اداري جي جنرل باڊيءَ جا منظور ٿيل قاعدا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانون هوندا آهن. ان ڪري اهڙي ڪوٽ محسوس ڪندي مون باءِ لاءِ جو مسودو تيار ڪيو. مون سان گڏ چونڊيل جنرل سيڪريٽري عنايت الله موريو هيو. جنهن جي معاونت سان اهو مسودو 30 مئي 2002ع تي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي جنرل باڊيءَ مان پاس ڪرائي ڇپرايو ويو جنهن تي اڄ تائين بار ايسوسيئيشن جو وهنوار هلي رهيو آهي. ٻي ڳالهه ته هاءِ ڪورٽ بار جي صدر جي حيثيت ۾ جنهن به ڪم لاءِ هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جي چيف جسٽس ۽ سندس مقرر ڪيل اٿارٽي پاران ڪنهن ڪم سان رجوع ڪيو ويندو هيو ته ان تي به عمل ڪندو هيس. ان دور ۾ هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جي رجسٽرار طرفان هڪ ليٽر پهرين جون 2005ع جو نڪتل، هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻه جي صدر لاءِ پهتو جنهن جو سبجيڪٽ هيو:

"Revision and Upgrading of Sindh Criminal Circulars"

ان ليٽر موجب بار جي صدر کان رايا ورتا ويا هيا، مون به پنهنجي طرف کان ڪجهه رايا لکي روانا ڪيا جنهن جي ڪاپي ڪتاب ۾ موجود آهي.

### مرحوم عبدالخالق پنو وڪيل:

مرحوم عبدالخالق پنو جو اصل ڳوٺ جمع خان پنو تعلقو پنو عاقل هيو. جتي 1942ع ۾ 1 مارچ تي سندس پيدائش ٿي. ميٽرڪ تائين پني عاقل ۾ پڙهيو. سندس والد ريلوي پوليس ۾ هيڊ ڪانسٽيبل هيو جيڪو لاڙڪاڻي لڏي آيو. سندس وفات کان پوءِ عبدالخالق مختلف ننڍيون نوڪريون ڪري پڙهائيءَ جو سلسلو جاري رکيو. 1977ع ۾ حيدرآباد ۾ نوڪري دوران سنڌ لا ڪاليج ما ل.بي جي ڊگري حاصل ڪري 1978ع ۾ وڪالت جي شروعات ڪ . 1979ع ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون ٿيون ته لاڙڪاڻي شهر جي جاڙل شاهه محلي مان وڏي اڪثريت سان ميونسپل ڪائونسلر چونڊيو ۽ پوءِ ميونسپالٽي جو چيئرمين به ٿيو. سندس دور ۾ لاڙڪاڻي ميونسپل ۾ تمام سٺو انتظام رهيو. منهنجي ساڻس سٺي نيازمندي رهندي هئي. تمام سٺو ماڻهو هيو. سندس دؤر ۾ لاڙڪاڻي جي تاريخ تي "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" نالي ڪتاب به مرتب ٿيو. مرحوم عبدالخالق پنو هڪ سٺو شاعر به هيو. سياسي طرح پاڪستان پيپلز پارٽي سان وابسته رهيو لاڙڪاڻي شهر ۾ هن شهرين جي رهائش لاءِ هڪ ڪالوني جو اضافو ڪيو جنهن جو نالو خالق ڪالوني آهي ڪيترن ئي بي گهر خاندانن کي گهر جي سهوليت ميسر ٿي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ڪورٽ جو قيام:**

گهڻي وقت کان لاڙڪاڻي جي وڪيلن جي گُهرَ هئي تہ لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ڪورٽ جي بينچ هجڻ گهرجي. 1979ع ۾ سکر ۾ هاءِ ڪورٽ جي سرڪٽ بينچ شروع ٿي چڪي هئي. 1994ع ۾ جڏهن محترمہ شهيد بينظير ڀٽو ٻيهر حڪومت ۾ آئي تہ اسان ڪجهہ دوستن ان کي گذارش ڪئي ۽ ڪيس لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ڪورٽ بينچ جي ضرورت ۽ اهميت کان آگاهہ ڪيوسين. اسان جي مطالبي تي شهيد محترمہ فورن ئي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهہ سان فون تي ڳالهايو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي منظوري ٿي وئي.

1958ع ۾ ٺهيل سيشن ڪورٽ جي پراڻي عمارت ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سرڪٽ بينچ ڪم شروع ڪيو. موجوده هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ لاءِ بہ شهيد محترمہ جي چوڻ تي پلاٽ الاٽ ٿيو ۽ ايسٽيميٽ بہ منظور ٿي. جنهن کان پوءِ محترمہ بجيٽ منظور ڪئي ۽ اٽڪل 6 ڪروڙ روپيا جاري ڪيا تہ ڪم جي شروعات ٿي وئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پاران وقت بوقت ڪنهن نہ ڪنهن جج کي اڏاوتي ڪم جي نظرداري لاءِ موڪليو ويندو هيو ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي بہ ڪم تي نظر هوندي هئي. ان وقت ڊسٽرڪٽ بار جو صدر اياز سومرو هيو. ڪجهہ ڪم رهيل هيو تہ شهيد محترمہ جي حڪومت ختم ٿي وئي پر پوءِ نواز شريف جي حڪومت بہ پئسا جاري ڪندي رهي. اڳتي هلي ڪم آخري مرحلن ۾ هيو تہ جنرل مشرف جي حڪومت اچي وئي ۽ ان دور ۾ ڪجهہ رڪاوٽ کان پوءِ فنڊ جاري ٿيو ۽ اڏاوت مڪمل ٿي وئي. جنهن جو افتتاح صدر جنرل مشرف 27 اپريل 2002ع تي ڪيو هيو.

مان ان وقت هاءِ ڪورٽ بار جو صدر هيس. افتتاح جا سڀ انتظام مون ڪيا. افتتاح جي تاريخ ۽ افتتاح ڪرڻ وارين شخصيتن جو فيصلو چيف جسٽس سنڌ ۽ گورنمينٽ آف سنڌ ۽ پاڪستان ڪيو. مون معزز مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن ۾ پراجيڪٽ جي منظوري ۽ اڏاوت دوران اينڊڙ ڏکيائين جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ مهمانن جا بہ ٿورا مڃيا. اهو پروگرام لاڙڪاڻي جي عدالتي تاريخ جو انتهائي شاندار ۽ پنهنجي نوعيت جو پهريون پروگرام هيو جنهن ۾ سيني هاءِ ڪورٽن جا چيف جسٽس گورنر سنڌ محمد ميان سومرو، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ راجا قريشي، هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جا جج ۽ ٻيا معزز جج شريڪ ٿيا.

**عبدالحامد پرڳڙي وڪيل:**

عبدالحامد پرڳڙي لاڙڪاڻي جي نامياري سياستدان وڪيل ۽ ليڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم عبدالغفور پرڳڙي صاحب جو فرزند آهي. پرڳڙي صاحب جو وڏو پٽ عبدالماجد پرڳڙي ڪمپيوٽنگ جي دنيا جو وڏو نالو آهي جنهن سنڌي ڪمپيوٽنگ ايجاد ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل دنيا جو حصو بڻائي ڇڏيو. عبدالحامد پرڳڙي وري پنهنجي والد جو پيشو يعني وڪالت کي ترجيح ڏيندي 1998ع ۾ لا ڪاليج لاڙڪاڻو مان ايل ايل.بي ڪري 1999ع ۾ سنڌ بار ڪائونسل مان سنَد وٺي وڪالت جي شروعات ڪئي. عبدالحامد اول ته پرڳڙي صاحب ۽ پوءِ مرحوم محمد بچل تنئي جي جونيئر طور وڪالت ڪئي ۽ اڄڪلهه لاڙڪاڻي جي هوشيار ۽ ڄاڻ وارن وڪيلن ۾ شمار ٿئي ٿو. اڄڪلهه ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ آهي. منهنجي پٽ آصف علي جو دوست آهي ۽ منهنجي سٺي عزت ڪندو آهي. پنهنجي محنت سان سٺو درجو حاصل ڪيو اٿائين. ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل جي حيثيت ۾ پنهنجي لياقت، اهليت ۽ ايمانداري جي ڪري وڪيلن توڙي ججن ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

## جسٽس راڻا ڀڳوانداس:

جسٽس راڻا ڀڳوانداس 20 ڊسمبر 1942ع تي نصير آباد جي هندو راجپوت خاندان ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم نصير آباد مان حاصل ڪيائين جڏهن ته اڳتي هلي ايل ايل بي ۽ ايم اي اسلامڪ اسٽڊيز ۾ ڪيائين. نصير آباد ۾ سنڌس پاڙي ۾ حيدرآباد دکن مان لڏي آيل ماسٽر قادر علي نالي هڪ وڏو پڙهيل، انگريزي زبان جو ماهر تاريخدان ۽ اديب رهندو هو جيڪو پاڙي جي ٻارن کي مفت ٽيوشن ڏيندو هو. ماسٽر قادر علي انگريزي ۽ تاريخ اسلام سان گڏ مذهبن جي مطالعي تي به چڱي دسترس رکندو هو. ماسٽر قادر علي جي تربيت راڻا ڀڳوانداس کي به مذهب اسلام جو ڄاڻو بڻائي ڇڏيو.

راڻا ڀڳوانداس 1965ع ۾ وڪالت جي شروعات لاڙڪاڻي جي سينئر وڪيل عبدالغفور پرڳڙي صاحب وٽ ڪئي. ٻن ورهين کان پوءِ امتحان پاس ڪري سول جج ٿيو ۽ بعد ۾ سيشن جج ٿيو جڏهن ته ستاويهه ورهيه نوڪري ڪرڻ کان پوءِ 1994ع ۾ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو سن 2000ع ۾ سپريم ڪورٽ جو جج به ٿي ويو. مشرف پاران چيف جسٽس افتخار چوڌري کي برطرف ڪرڻ کان پوءِ جسٽس راڻا ڀڳوانداس ڪنهن به دٻاءَ قبول ڪرڻ کانسواءِ جسٽس افتخار چوڌري جي بحالي جو فيصلو ڏنو جيڪو پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم فيصلو آهي.

جسٽس راڻا ڀڳوانداس نهايت ايماندار ۽ ذهين جج هو رٽائرمينٽ کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ نومبر 2009ع کان ڊسمبر 2012ع تائين فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به ٿي رهيو.
سينئر وڪيل طور منهنجي تمام گهڻي عزت ڪندو هو اسان جو هڪ ٻئي سان شادين مرادين ۽ ٻين موقعن تي به اچڻ وڃڻ رهندو هو. پاڻ سٺو شاعر به هو ۽ بهترين نعت گو پڻ هو. سندس اڪثر شاعري اردو ۾ آهي. جسٽس راڻا ڀڳوانداس 23 نومبر 2015ع تي وفات ڪئي.

**بيريسٽر اعتزاز احسن سياسي ليڊر، وڪيل، شاعر ۽ تاريخدان:**
بيرسٽر اعزاز احسن، پاڪستان جو مشهور قانوندان ۽ سياسي اڳواڻ هجڻ سان گڏ بلند پائي جو شاعر ۽ تاريخدان به آهي جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ گجرات مان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ پنجاب جو اطلاعات ۽ ڪلچر جو وزير به ٿي رهيو. جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي دور ۾، وفاقي گهرو وزير، وفاقي وزير تعليم ۽ قانون ۽ پارلياماني مامرن جو وزير به ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف وري سينيٽ جو ميمبر ۽ قائدايوان ۽ قومي اسيمبلي ۾ به مخالف ڌر جو اڳواڻ به هوندو هو.
بيرسٽر اعتزاز احسن جي پيدائش ڪوهه مري جي آهي، سندس چوڻ موجب اسان جٽ قبيلي جي وڙائچ شاخ مان آهيون. پاڻ گهڻي عرصي کان لاهور ۾ سيٽل آهي ۽ ايل ايل بي به گورنمينٽ ڪاليج لاهور (اڄڪلهه يونيورسٽي) مان ڪري ڊائوننگ ڪاليج ڪيمبرج مان ايل ايل ايم ڪري بعد ۾ بيرسٽري به ڪري آيو هو. اعتزاز احسن سي ايس ايس ۾ به پهرين پوزيشن حاصل ڪئي هئي پر سرڪاري نوڪري نه ڪيائين.
1992ع ۾ جڏهن غلام حسين انڙ تي مرتضيٰ بخاري ڪيس ٿيو ته ڄام صادق علي ان ڪيس ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ور آصف علي زرداري کي به گرفتار ڪرايو هو. ان سلسلي ۾ مونکي بيگم نصرت ڀٽو صاحبه چيو ته توهان آصف علي زرداري جا ڊفينس لاير ٿيو ۽ مان، اعتزاز احسن ۽ راجا قريشي ان ڪيس جي سلسلي ۾ ڊفينس ٽيم طور پيش ٿيندا رهندا هئاسين ۽ راجا قريشي جي بنگلي تي ڪيس جي سلسلي ۾ ميٽنگون ڪندا هئاسين. انهي دوران منهنجي ڪافي ويجهڙائپ ٿي. وڪالت جي ميدان ۾ سندس مقابلي جا وڪيل گهٽ آهن.
اعتزاز احسن، اصول پرست ۽ ياري دوستي نڀائڻ وارو ماڻهو آهي. اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن جيڪي هڪ ئي وقت شاعر، ليکڪ، دانشور ۽ وڪيل هجن. اعتزاز احسن منهنجي پٽ آصف سان به گهڻو ويجهو آهي. 4 اپريل


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ۽ 5 جنوري سالگره تي لاڙڪاڻي ايندو رهندو هو جڏهن تہ هاڻي 27 ڊسمبر تي بہ ايندو آهي وڏو مقرر آهي. جڏهن جسٽس افتخار چوڌري کي صدر مشرف برطرف ڪيو هيو تہ وڪيل برادري کي احتجاج لاءِ ايارڻ ۾ بہ اعتزاز احسن جو وڏو هٿ هو. پاڻ سڄي ملڪ ۾ افتخار چوڌري کي پنهنجي گاڏي تي کڻي وڪيل ۽ بار ڪائونسلن کي متحرڪ ڪيو هيائين، ان تحريڪ جي ڪاميابي ۾ سندس وڏو حصو آهي.

## جسٽس ايس اي رباني:

جسٽس سيد احمد رباني جو قانوني ڪيتر ۾ وڏو سفر رهيو آهي سندس شروعاتي پوسٽنگ سب جج وارهہ جي حيثيت سان ٿي. تنهن کانپوءِ هو سينئر سول جج لاڙڪاڻو تي رهيو. لاڙڪاڻي ۾ رهڻ دوران وڪيلن جي حلقي ۾ سندس وڏي تعريف هئي ڇاڪاڻ جو ڪيسن کي سمجهڻ ۽ اڪلائڻ ۾ هن جهڙا گهٽ ئي جج تي گذريا آهن. هاءِ ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ پڻ هن جو نمايان ڪردار رهيو. آخر ۾ شريعت ڪورٽ جو جج تي رهيو.

جسٽس ايس اي رباني ڏاڍو خوش طبع ايماندار، ديانتدار ۽ انصاف پسند جج هو. هن کي اها ڳالهہ نہ وڻندي هئي تہ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ فيصلا ڪري، بلڪ جيڪو صحيح ۽ قانوني فيصلو ڪري ان لاءِ اهو فڪر نہ ڪري تہ ماڻهو ڇا چوندا. انهيءَ ڳالهہ جي سلسلي ۾ هن هڪڙو آرٽيڪل لکيو هو جيڪو P.L.D ۾ ڇپيو هو جنهن جو ڪيپشن هو "Do not become an honest judge."

رباني صاحب، نيشنل اسيمبلي آف پاڪستان ۾ سيڪريٽري بہ تي رهيو. انهي زماني ۾ کيس آمريڪا موڪليو ويو جتي هن قانون جي ڊرافٽنگ ۾ تربيت ورتي ۽ واپس اچي "Drafting of Law" تي ڪتاب پڻ لکيو. پاڪستان جي وڪيل برادري ۾ کيس وڏي عزت سان ياد ڪيو ويندو آهي. رباني صاحب 3 آڪٽوبر 2020ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. انا لله وانا اليه راجعون شال رب ڪريم کيس پنهنجي رحمتن ۾ جاءِ عطا ڪري.

## عبدالعزيز عقيلي وفاقي سيڪريٽري:

عبدالعزيز عقيلي جو شمار ناميارن بيورو ڪريٽن ۾ ٿئي ٿو. پنهنجي تعليمي ڪيريئر ۾ ميٽرڪ کان وٺي هر امتحان ۾ پوزيشنون کڻندو آيو آهي. 1991ع جي سي ايس ايس واري امتحان ۾ بہ سندس ٽيون نمبر آيو هيو.

عبدالعزيز عقيلي اڄڪلهہ وفاقي گهرو وزارت ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري آهي جڏهن تہ لاڙڪاڻي ۽ گهوٽڪي ضلعن جو ڊي سي او. سنڌ روينيو بورڊ جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميمبر، صوبائي سيڪريٽري تعليم ۽ ڪلچر بہ ٿي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ جده/سعودي عرب ۾ ڪميونٽي ويلفيئر اتاشي ۽ سڊني/ آسٽريليا ۾ ڪائونسل جنرل طور بہ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي.

جڏهن 2008ع ۾ لاڙڪاڻي جو ڊي سي او هيو تہ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جو بنياد بہ سندس هوندي پيو ۽ پاڻ پهريون صدر ٿي رهيو. سندس ڳاٽيئتو انصاف پسند، ايماندار ۽ ديانتدار آفيسرن ۾ ٿيندو آهي.

## لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي:

لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي جو قيام 27 سيپٽمبر 1985ع تي ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم ميمڻ جي خاص ڪوشش سان پيو تہ جيئن لاڙڪاڻي جي تاريخ، جاگرافي ۽ شخصيتن تي تحقيقي ڪم ڪري سگهجي.

هسٽاريڪل سوسائٽي جو پهريون چيئرمين محمد هاشم ميمڻ جنرل سيڪريٽري انيس انصاري هيا جڏهن تہ باني ميمبرن ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙو، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر اياز قادري، عبدالحق زيب عاقلي، قربان علي بگٽي، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر سيد محمود شاهہ، مهتاب اڪبر راشدي، پروفيسر عبدالمنان چانڊيو ۽ خالد محمود کهڙو هئا.

2001ع کان سوسائٽي جي سرڪاري سرپرستي ختم ٿي تہ پوءِ ان جو چيئرمين محمد يوسف شيخ پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ سيڪريٽري مختيار سمون چونڊيا ويا. لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي پنهنجي قيام کان وٺي اڄ تائين لاڙڪاڻو ڪرانيڪل سميت ست عدد مختلف تحقيقي ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب ڇپرائي ۽ اٺ عدد ساليانيون ڪانفرنسون ڪرائي چڪي آهي. اڄڪلهہ سوسائٽي جو چيئرمين پروفيسر مختيار سمون ۽ سيڪريٽري رياضت برڙو آهي.

## آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو:

لاڙڪاڻي ۾ فن ۽ ادب جي خدمت لاءِ هڪ سٺو ادارو جوڙڻ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي خواهش هئي پر سندس دور ۾ اهڙو ادارو جُڙي نہ سگهيو.

2004-05ع ۾ ضلع ناظم خورشيد احمد جوڻيجي جي دور ۾ آرٽس ڪائونسل جي بلڊنگ جُڙي راس ٿي. 2008ع ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت اچڻ کانپوءِ ان بلڊنگ جو افتتاح وزيراعليٰ سيد قائم علي شاهہ، وزير قانون محمد اياز سومري ۽ صوبائي وزير ثقافت سسئي پليجو ڪيو. 2008ع ۾ آرٽس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي ايڊهاڪ باڊي جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جو صدر عبدالعزيز عقيلي (DCO) جنرل سيڪريٽري منظور ڪوهيار هيا. نائب صدر عبدالستار کهاوڙ ۽ خزانچي عبدالهادي بگٽي هئا.

هن اداري ۾ اوپن ايئر ٿيٽر، ڪلچرل ڪامپليڪس، آرٽ اسڪول ۽ هاسٽل شامل آهن سچل ڪالوني ۾ قائم هن اداري ۾ ٿيٽر، فيسٽيول، ادبي ميلا، مشاعرا ۽ نمائشون ٿينديون رهن ٿيون. 2017ع کان اداري طرفان ڇهه ماهي ميگزين ڇپبو رهي ٿو جڏهن ته ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن هن وقت اداري جي موجوده باڊي ۾ محمد اسماعيل جتوئي صدر ۽ عبدالنبي ساريو جنرل سيڪريٽري طور ڪم ڪري رهيا آهن. عبدالنبي ساريي جو شمار نوجوان وڪيلن ۽ ايرنڊڙ ليکڪن ۾ پڻ ٿئي ٿو.

**محمد عالم بروهي اڳوڻو سفير:**

محمد عالم بروهي صاحب لاءِ جڏهن ڪجهه لکڻ لاءِ ويٺس تڏهن اهو محسوس ڪيم ته مان هڪ غير معمولي شخصيت بابت لکڻ لاءِ قلم کنيو آهي.

هو ڪٿي به ڄائو نپنو يا ڪٿي به شروعاتي زندگي گذاريائين پر لاڙڪاڻي کي هن مستقل گهر بنايو. عالم صاحب جو ننڍپڻ بلوچستان جي سخت پنتي پيل ۽ تعليم کان وانجهيل علائقي ۾ گذريو. شهدادڪوٽ جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين، وري سکر مان ووڪيشنل اداري مان ٻن سالن جي ڊپلوما پاس ڪيائين.

ذاتي ذهانت ۽ سخت محنت ڪري پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت سان BA فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. تنهن کانپوءِ لاڙڪاڻه ميونسپالٽي ۾ ڪجهه سال نوڪري ۾ رهيو. نوڪري دوران فقط ٽن مهينن جي موڪل وٺي CSS امتحان ۾ ڪامياب ٿيو پر اهڙو ڪامياب ٿيو جو فارين سروس جي ڪيڊر ۾ کنيو ويو. فارين سروس ۾ وري ايمبيسيڊر (سفير) جي عهدي تائين پهتو.

فارين سروس دوران ڪيترين پوزيشنن ۾ UK ۾ ڪم ڪيائين برمنگهم ڪائونسليٽ ۾ رهيو. 3 سالن کانپوءِ لزبن/پورچوگال ۾ رهيو ۽ نالو ڪمايائين. سفير طور سندس پهرين مقرري ڪرغستان ۾ ٿي. عالم صاحب جي ڪامياب سفارتي ڪوشش سان ڪرغيزستان جي وزيراعظم,پاڪستان جو دورو ڪيو جيڪو سفير جي ڪاميابي سمجهيو ويندو آهي.

جڏهن مان يو.اي.اِي لاءِ بطور سفير مقرر ٿيس ته (Designated) سفير لاءِ رولز ۽ پروسيجر مطابق مقرري واري ملڪ وڃڻ کان اڳ پاڪستان جي هر صوبي جي گورنر ۽ چيف منسٽر سان ملاقات ڪرڻ لازمي هوندو آهي. انهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلسلي ۾ مان لاهور پهتم ته اتي پروٽوڪول ڊويزن جي آفيسر طور محمد عالم بروهي صاحب منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ لاهور ۾ رهائش لاءِ هوٽل انٽرڪانٽينينٽل ۾ بندوبست ڪيو هيو ۽ ترسڻ دوران ايتري ته خدمت ڪئي جڻ ته مان سندس ذاتي مهمان هئس ۽ منهنجي گورنر ۽ چيف منسٽر پنجاب سان ملاقات جو انتظام ڪري ڇڏيو هو. مونکي سندس مهمانداري اڃا تائين بخوبي ياد آهي.

جڏهن سوڊان ۾ سفير مقرر ٿيو تڏهن لاڙڪاڻي ۾ منهنجي دعوت تي منهنجي گهر آيو ۽ سوڊان مان منهنجي لاءِ ٻه واڪنگ اسٽڪس تحفي طور کڻي آيو.اڄ ڏينهن تائين ڪيترن ورهين کان هو جڏهن به لاڙڪاڻي ايندو آهي ته مهرباني ڪري مون وٽ ضرور ايندو آهي.

عالم صاحب جي علمي ۽ معلوماتي لکت سندس انگريزي ٻولي ۾ ٻه لکيل ڪتاب A Voice in the wilderness Memories Reflections ۽ ٻيو ڪتاب The Changing Global Geo-political and Strategic Dynamics: Challenges for Pakistan: Past and Present ٻولي جي مهارت سان گڏ سندس علمي ۽ معلوماتي سرمايي جو کليو ثبوت آهن. سندس پهريون ڪتاب جيڪو يادگيرين تي مشتمل آهي تنهن ۾ نه رڳو لاڙڪاڻو پر سڄي سنڌ جي معتبر سياسي شخصيتن جي باري ۾ نهايت سچائيءَ ۽ ايمانداري سان حقيقتون بيان ڪيون اٿائين ۽ پنهنجي ننڍن ۽ وڏن دوستن کي نه وساريو اٿائين ان سان گڏ پاڪستان جي ڪيترن ئي اهم واقعن ۽ ماڻهن بابت پڻ چاڻ ڏني آهي. ٻيو ڪتاب پاڪستان جي خارجه پاليسي بين الاقوامي سياست جي geo strategic (جغرافيائي حڪمت عملي ۾ اهميت) پس منظر جو تجزياتي مطالعو ڪيل آهي.

عالم بروهي صاحب انتهائي پڙهيو ڳڙهيو ماڻهو آهي. پنهنجي يادگيرين واري ڪتاب ۾ به لکي ٿو ته "مون مولانا مودودي جي ڪتابن سميت مختلف قسم جو اسلامي/مذهبي لٽريچر، مارڪسزم، تاريخ ۽ انگلش ڪلاسيڪي ادب کي چڱي ريت پڙهڻ سان گڏ جديد عالمي ادب به پڙهيو آهي ۽ پڙهندو رهان ٿو."

جين آسٽن، آسڪر وائلڊ، روسو، ٿامس هارڊي، جارج ايليٽ، چارلس ڊڪنس، والٽيئر، ٽالسٽاءِ ۽ ميڪسم گورڪي کان سواءِ ننڍي کنڊ جا مختلف ڪاهي ڏر جا وڏا اديب مثلن سيد سبط حسن ۽ سعادت حسن منٽو وغيره به پڙهيل اٿس. اصل ۾ سندس يادگيرين جو ڪتاب علم ۽ تجربي جو ناياب سنگم آهي ڪتاب جي Epilogue ۾ هن ملڪ کي درپيش تشدد ۽ بدعنواني جي خطرن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاڙڪاڻي جا ناميارا خاندان ۽ مشاهير

## سيد علي انور شاهه راشدي:

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته جتي به راشدي پير رهندا آهن ته ان ڳوٺ کي پير جو ڳوٺ چوندا آهن . ان ڪري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ به هڪ ئي وقت ڪوڙ سارا پير ڳوٺ آهن. جيئن بهمڻ وارو پير ڳوٺ، نئين ديري وارو پير ڳوٺ، لاڙڪاڻي ٻاهران پير ڳوٺ جنهن کي 'شاهه آباد' چوندا آهن. قنبر ميروخان روڊ وارو پير ڳوٺ ۽ وڳڻ ويجهو پير ڳوٺ، جڏهن ته اصل پير ڳوٺ به سيني جو ٻُڌل آهي. سيد علي انور شاهه جنهن پير ڳوٺ جو هيو ان جو نالو هاڻي شاهه آباد آهي. گهاڙ واهه جي ڪناري تي زيتونن جي باغن جي وچ ۾ آباد هن ڳوٺ کي پير محمد راشد روضي ڌڻي جي فرزند سيد صادق شاهه راشدي آباد ڪيو، جيڪو سيد علي انور شاهه جو ڏاڏو هيو.

سيد علي انور شاهه، اڪبر حسين راشدي جو ڏاڏو هيو، اڪبر حسين جي والد حاجي مير مصطفيٰ کان اتفاقي بندوق ڇٽي وئي ۽ سندس والد سيد علي انور شاهه راشدي کي لڳي جيڪو گذاري ويو. اهو هيو ته اتفاقي حادثو پر ڪجهه خانداني سببن ڪري مٽس پنهنجي پيءُ کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿي ويو. مان ان ڪيس ۾ سندس وڪيل ٿيو هيس. مون ڪيس هلائي سندس مدد ڪئي بعد ۾ سندس خانداني مسئلا حل ٿي ويا ته ڪيس به ختم ٿي ويو.

علي انور شاهه راشدي پنهنجي دور جو هڪ ناميارو سياسي اڳواڻ ۽ خلافت تحريڪ جو اهم نمائندو هيو. 1920ع واري لاڙڪاڻه خلافت ڪانفرنس ۾ به سندس اهم ڪردار هيو. 1922ع ۾ قنبر شهر ۾ سيد تراب علي شاهه خلافت ڪانفرنس ڪرائي هئي جنهن جي صدارت شڪارپور سان واسطو رکندڙ اڳواڻ مولانا عبدالڪريم چشتي ڪئي هئي. ان وقت اهي سڀ اڳواڻ "انڊين نيشنل ڪانگريس" سان لاڳاپيل هئا. مهاتما گانڌي ۽ ڪانگريس، خلافت تحريڪ جي ڀرپور حمايت ڪئي هئي، جڏهن ته جناح وري سخت مخالف هيو. سيد علي انور شاهه راشدي لاڙڪاڻي شهر توڙي ضلعي جي ابتدائي سياسي اڳواڻن مان هيو جن تحريڪون منظم ڪيون، عام راءِ جوڙي، ماڻهن جي اڳواڻي ڪئي ۽ سياست جا بنياد رکيا. سيد علي انور شاهه راشدي کان پوءِ وڏي عرصي تائين سندس خاندان جو ڪوبه ماڻهو سياست ۾ سرگرم نه رهيو. هاڻي ڪجهه ورهين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سيد علي انور شاهه راشدي جا پوٽا اڪبر حسين راشدي، سندس گهر واري مهتاب اڪبر راشدي، سندس پٽ رافع اڪبر راشدي، سندس ڀائر محمد مصطفيٰ، اصغر حسين راشدي ۽ علي رضا شاهه راشدي مقامي سياست ۾ سرگرم ٿيا آهن ۽ چڱي نموني سياسي ميدان ۾ آيا آهن. اڪبر حسين ۽ سندس گهرواري مهتاب جا سنڌ جي نامي گرامي خاندانن سان سماجي رابطا آهن پير صاحب پاڳاري جي سياست سندن سياست آهي. منهنجا اڪبر حسين ۽ سندس ڀائرن سان عزت ڀريا تعلقات آهن. اڪبر حسين راشدي جي گهرواري مهتاب بہ نهايت سجاڻ ۽ باشعور عورت آهي پاڻ سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري رهي چڪي آهي. علم ۽ ادب سان خاص واسطو اٿس ٽي وي تي بہ ڪمپيئر طور ڪم ڪري چڪي آهي. ڪنهن بہ ادبي ۽ علمي ميڙاڪي ۾ سندس شرڪت اهميت جوڳي هوندي آهي.

## سيد اميد علي شاهہ جيلاني عرف ڏاڏا شاهہ:

سيد اميد علي شاهہ جو تعلق سکر جي معروف سادات خاندان سان هيو. سندس والد سيد ڪرم علي شاهہ جي نالي سان سکر جو وڏو روڊ منسوب ٿيل آهي. سيد ڪرم علي شاهہ کي سکر ۾ تمام وڏي جائداد هئي. سائين اميد علي شاهہ خيرپور ميرس جي مشهور جيلاني خاندان مان شادي ڪئي هئي. سندس گهر واري سيد قائم علي شاهہ جي ڀيڻ هئي. پوءِ سيد اميد علي شاهہ بہ اچي خيرپور ۾ آباد ٿيو.

سندس عرف ڏاڏا شاهہ هيو. اڪثر ماڻهو کيس "ڏاڏا شاهہ" چوندا هيا ڇو تہ مٿس سندس ڏاڏي جو نالو رکيل هيو. خيرپور ۾ سيد اميد علي شاهہ وڏي مان مرتبي ۽ رعب تاب سان رهيو. پاڻ وڏي ملڪيت جو مالڪ هيو. سڄي زندگي سخاوت ۽ يار ويسي ۾ گذاريائين، محفلي انسان هيو. مرحوم عبدالحميد شيخ جي معرفت 64-1963ع ڌاري منهنجي دوستي سيد اميد علي شاهہ سان ٿي وئي. ڏاڏا شاهہ هر مهيني هڪ يا بہ دفعا خيرپور ميرس ۾ وڏي دعوت ڪندو هيو جنهن ۾ پنهنجا دوست گهرائيندو هيو. ان لاءِ هڪ بنگلو جيڪو ڪنهن وقت ۾ "بالي جو بنگلو" هيو، ان بنگلي تي دعوت ٿيندي هئي. ان محفل ۾ مان بہ "ڏاڏا شاهہ" جي مهرباني سان شريڪ ٿيندو هيس. سائين ڏاڏا شاهہ اعليٰ درجي جي جمالياتي ذوق جو مالڪ هيو، پاڻ سٺو ڳائي سگهندو هيو. پاڪستان جا مشهور فنڪار سندس دوستي جي حلقي ۾ هوندا هيا. آرٽ ۽ فن جو قدردان هيو. آرٽ سان محبت سبب خيرپور ۾ پنهنجي پٽ جاويد شاهہ جي نالي سان سئنيما بہ ٺهرائي هيائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين اميد علي شاھ/ ڏاڏا شاھ خيرپور ۾ وڏو سياسي اثر رسوخ حاصل ڪيو. 1970ع واري جنرل اليڪشن ۾ سيد قائم علي شاھ کي پ.پ.پ جي ٽڪيٽ وٺرائي ڏنائين ۽ کيس ڪامياب ڪرائڻ ۾ هر طرح هٿرئون وڙئون عملي طرح ڪم ڪيائين.

1977ع ۾ پ.پ.پ جي حڪومت ختم ٿي تہ کيس جيل ۾ رکيو ويو. ان وقت مان بہ سکر سينٽرل جيل ۾ پنهنجي گهر واري سان گڏ قيد هيس. ”فاطمہ“ کي تہ ليڊيز سيڪشن ۾ بند ڪيو ويو. باقي مان ٻين لاڙڪاڻي جي دوستن سان گڏ جنهن بيرڪ ۾ هيس اتي ”ڏاڏا شاھ“ بہ هيو. سائين اميد علي شاھ جا ٻہ مشهور پٽ آهن هڪ سيد جاويد شاھ جيلاني ۽ ٻيو پرويز شاھ جيلاني جنهن 1988ع جي عام چونڊن ۾ پير صاحب پاڳاري کي قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي شڪست ڏني هئي. جاويد شاھ جيلاني هن وقت پاڻ خيرپور جو چونڊيل MNA آهي.

## مولانا جان محمد عباسي جماعت اسلامي جو مرڪزي اڳواڻ:

مولانا جان محمد ولد مولانا غلام رسول عباسي اصل ڀيڙي چانڊيي پرسان ڳوٺ حيات هليو جو رهاڪو هيو. سندس والد مولانا غلام رسول عباسي وڏي پائي جو عالم هيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سندس پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو هيو جيڪو ورهاڱي کان پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ منتقل ڪيائين. مولانا غلام رسول عباسي جون اسلامي تعليم جي حوالي سان انتهائي غير معمولي خدمتون هيون.

مولانا جان محمد عباسي، دستاربندي کان پوءِ سياست ۾ حصو ورتو ۽ بنيادي جمهوريتن هيٺ لاڙڪاڻي شهر جي دڙي محلہ يونين ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. پاڻ سياسي طور تي جماعت اسلامي ۾ سرگرم رهيو. سندس سياست پنهنجي جاءِ تي پر هن صاحب جا سماجي لاڳاپا لاڙڪاڻو شهر تہ ڇڏيو مگر ضلع لاڙڪاڻي جي هر چڱي ماڻهوءَ سان هيا. مولانا جان محمد عباسي سياسي طور تي جماعت اسلامي سان وابستہ رهيو. اڳ ۾ لاڙڪاڻي جو امير، بعد ۾ صوبائي امير، جڏهن تہ آخر ۾ مرڪزي نائب امير بہ ٿي رهيو. منهنجي ساڻس ڪيترن ئي سالن کان نيازمندي رهي، هو صاحب بہ وڏي محبت سان پيش ايندو هيو. مولانا صاحب هڪ فضيلت مآب دانشور، انتهائي ڪميٽيڊ ۽ لائق ماڻهو هيو. صحت جي خرابيءَ جي باوجود ورهين جا ورهيہ فعال رهيو. پونين سالن ۾ عيد نماز تي نہ اچڻ جي ڪري مان ساڻس سندس گهر عيد ملڻ ويندو هيس. مولانا جان محمد عباسي جهڙن ماڻهن ئي سياست کي عزت بخشي ۽ گندگي جي سياست کان ڪوهين ڏور رهيا. مولانا صاحب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پنهنجي گهرواري فاطمہ سان گڏ.



مان ۽ منهنجي گهر واري، پويان بيٺل ۾ ساڄي کان پوٽي آمنہ، پوٽو حمزه،
پٽ عامر علي، عامر علي جي گهرواري ۽ ڊاڪٽر درشهوار،
آصف علي جي گهرواري شاهده پروين، آصف علي، حرمت، هاشم.



منهنجا پٽ آصف علي ۽ عامر علي پنهنجي فيملين سوڌو آمريڪا، ورجينيا ۾ غارن جي
تاريخي سلسلي گهمڻ وقت. (جولاءِ 2016ع)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي پوٽي آمنہ، آرڪيٽيڪٽ جي ڊگري وٺندي.



منهجي پوٽي حرمت لنڊن يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ پنهنجي پيءُ
آصف علي ماءُ شاهده ۽ ڀيڻ آمنہ سان گڏ.



منهنجو پوٽو حمزه پنهنجي والد ۽ والده سان گڏ. دبئي ۾ پنهنجي گريجوئيشن جي موقعي تي



آصف علي سومرو، عمران علي، آمنہ، عامر علي ۽ آئون آمنہ جي آرڪيٽيڪچر جي
گريجوئيشن جي موقعي تي.




منهنجي پوٽي حرمت لنڊن اسڪول آف لا مان ايل-ايل-بي جي ڊگري وٺڻ مهل پنهنجي
پيءُ، ماءُ ۽ ڀيڻ سان گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




منهنجو ڏوهٽو امداد حسين جوڻيجو لنڊن مان قانون جي ڊگري پاس ڪرڻ ڪانپوءِ
ڪنووڪيشن جي موقعي تي پنهنجي والده زهره ۽ والد شميم احمد سان گڏ.



منهنجا پوٽا حمزه ۽ هاشم دبئي ۾ حمزه جي گريجوئيشن جي موقعي تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجو ڏوهٽو علي ارسلان پنهنجي گهرواري ساره ۽ پٽ احد سان گڏ.



منهنجي ڏوهٽي دُرِ ثمين پنهنجي مڙس رابيل آخوند ۽ پنهنجي نياڻين عانيہ ۽ علينہ سان گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجو ننڍو
ڏوهٽو غلام
حسين لنڊن ۾
ايل-ايل- جي
ڊگري سان



مان ۽
منهنجي پوٽي
حرمت



منهنجو ننيو
ڀاءُ مرحوم
ضياءُ الدين



منهنجي سوٽ
جو پٽ ڈاڪٽر
اسد الله سومرو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي ڏوهٽي دُرِ شهوار پنهنجي مڙس رضوان ۽ ٻارڙن اميران ۽ امان سان گڏ.




مان ۽ منهنجي مرحوم گهرواري فاطمہ، نياڻي شيبا ۽ سندس گهرواري مونس اياز سان.



بيگم فاطمہ عبدالرزاق سومرو ۽ مختلف سفيرن جي گهرواريون جو گروپ فوٽو.
(ابوظهبي 1996ع)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بيگم فاطمہ عبدالرزاق سومرو ابوظهبي ۾ مينا بازار جو افتتاح ڪندي. (1996ع)



منهنجي نياڻي سيما پنهنجي ور الاهي بخش ۽ ٻارڙن سان گڏ.



ائٽمي سائنسدان ڊاڪٽر عبدالقدير خان سان گڏ ابوظهبي ۾ اظهار احمد جوڻيجي ۽ ٻين
پاڪستاني بينڪرن سان گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجو پٽ آصف علي سومرو، چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ۽ راڻا ڀڳوان داس سان گڏ.



افتخار محمد چوڌري، عبدالرزاق سومرو، راڻا ڀڳواس داس، عبدالحميد ڏوگر،
سيد سعيد اشهد ۽ مرزا صاحب.




ساڄي کان عبدالرزاق سومرو، آصف ڀٽو زرداري، عذرا فضل پيچوهو ۽ نصير ميمڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




اومان جي شهر سلاله جي هاليڊي اِن هوٽل اڳيان خالد شريف ۽ ٻين پاڪستاني معززن سان گڏ. 1990ع



دبئي جي بوهره ڪميونٽي جي دعوت تي سنڌن روحاني پيشوا جي فرزند (جيڪو هاڻي روحاني پيشوا آهي) سيدنا سيف الدين جي موجودگي ۾ خطاب ڪندي.



دبئي جي حڪمران هز ايڪسلينسي محمد راشد المڪتوم ۽ پاڪستاني جي وزير دفاع آفتاب شعبان ميراڻي سان گڏ. 1995ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ساڄي کان ويٺل ته ترڪي، ڀارت، جاپان، انڊونيشيا، پاڪستان ۽ ڪوريا
ساڄي کان بيٺل ملائيشيا، ايران، سري لنڪا، فلپائين، عراق، چين ۽ برونائي جا سفير.



يورپ ۽ آمريڪا مان آيل سنڌي هندو اديبن جي وفد سان گڏ ان موقعي تي ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، عبدالغفور ڀرڳڙي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي سان گڏ منهنجي گهر لاڙڪاڻي ۾.



منهنجي مرحوم ڀاءُ ضياء الدين جي نياڻي انيلا پنهنجي مڙس عبدالمنعم، پنهنجي پٽ مڪرم ۽ نياڻي حور سان گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مان منهنجي گهرواري فاطمه، شهيد محترمه بينظير، غلام الله ماهوٽو حافظ غلام مصطفیٰ عباسي، صفي الله جوکيو ۽ مرحوم اياز سومرو ٻه پويان بيٺل آهن. نئون ديرو هائوس. (1986ع)



شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه، المرتضیٰ هائوس ۾ عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي، آئون بيگم اشرف عباسي صاحبه، ثمينه ۽ عبدالغفور ڀرڳڙي صاحب. (1986ع)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بيگم نصرت ڀٽو صاحبه منهنجي گهرواريءَ فاطمه سان گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهايت عزت ڀري زندگي گذارڻ کانپوءِ 28-اپريل 2003ع تي الله کي پيارو ٿي ويو خدا تعاليٰ سندس درجا بلند ڪري ۽ جنت الفردوس عطا ڪري.

مولانا جان محمد عباسي جو فرزند قربان علي عباسي سياسي ميدان ۾ ڪامياب رهيو ۽ لاڙڪاڻي ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل چيئرمين رهيو. بئي دور ۾ وري لاڙڪاڻي تعلقي جو ناظم ٿي رهيو. ڪاميابيءَ سان عهدا ماڻيائين. ذاتي طرح وڏو يار ويس ماڻهو آهي. ڪم ڪرڻ ۾ ڪم وٺڻ جو ڏانءُ اٿس. مون سان سالن کان وٽي دوستي جو رشتو اٿس ۽ ننڍ وڏائي جو لحاظ رکندي هميشه هر دور ۾ عزت سان پيش ايندو آهي. مولانا صاحب جو ٻيو فرزند بدر الدين عباسي پڻ سياسي طرح ڪامياب رهيو آهي ۽ يونين ڪائونسل جو چيئرمين ۽ بعد ۾ ناظم ٿي رهيو آهي، جڏهن ته مولانا صاحب جو ننڍو پٽ شمس الدين عباسي به لائق نوجوان آهي. وڪالت جي شعبي ۾ هيو ۽ هاءِ ڪورٽ بار جو جنرل سيڪريٽري به چونڊيو ويو. هن وقت هو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج آهي.

مولانا جان محمد صاحب جو چوٿون پٽ قمر الدين عباسي آهي. نظير عباسي صاحب مولانا صاحب جو ناني آهي جيڪو نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ وڏي عهدي تي رهي چڪو آهي. مون سان سندس سالن کان ساڻس دوستي آهي. نظير عباسي جو پٽ به نيشنل بينڪ ۾ آفيسر آهي. نظير عباسي اڄ تائين مونسان ويجهڙائي رکندو اچي ٿو. الله سائين کيس خوش رکي.

**سيد بخشڻ شاهه:**

سيد بخشڻ شاهه لاڙڪاڻي ويجهو دودائي ڳوٺ جو رهاڪو هيو جتي سندس زمينون به آهن. دودائي ڳوٺ لاڙڪاڻي شهر جي اتر اوڀر ۾ نئون ديرو روڊ تي آهي. اٽڪل اڍائي ڪلوميٽر مفاصلو آهي جيڪو هاڻي شهر وڌڻ سبب لاڙڪاڻي شهر جو حصو ٿيڻ وارو آهي.

شاهه صاحب پنهنجي آل اولاد سميت لاڙڪاڻي شهر ۾ رهندو هيو. وڏو مجلسي ماڻهو هيو. سندس اوطاق سدائين يارن دوستن سان ڀريل هوندي هئي. سندس ياري دوستي لاڙڪاڻي جي ڪيترن وڪيلن سان هئي. انهن مان شمس الدين ابڙو ۽ تاج محمد ابڙو مرحوم ته خاص طور ڳتي سگهجن ٿا. منهنجي به ساڻس نيازمندي تي وٺي هئي جيڪا هميشه سندس حياتي تائين قائم رهي.

شاهه صاحب، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياست ۾ اچڻ کان ٿورو پوءِ ٿي سياسي طرح ڀُٽي صاحب سان وابسته رهيو. ۽ زندگي جي آخري گهڙين تائين پ پ پ جي حمايت ڪندو رهيو. سندس به پٽ حاڪم شاهه ۽ منير



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه لاڙڪاڻي شهر ۾ رهن ٿا. منير شاهه بينڪ مينيجر جي حيثيت ۾ نوڪري ڪري رٽائر ٿيو. شاهه صاحب جا فرزند پنهنجي والد جي نسبت سان مون سان ملندا رهندا آهن ۽ انهيءَ نگاهه سان ڏسندا آهن جيئن سندن والد مون کي ڏسندو هيو. سيد بخشڻ شاهه جي آخري آرامگاهه دودائي ڳوٺ ۾ آهي. سندس ويجهو عزيز ميهر شاهه آهي جيڪو شاهه صاحب جي گهر جي پرسان رهي ٿو. ساڻس پڻ منهنجي ويجهي واسطيداري آهي.

## قربان علي بگٽي اديب ۽ نقاد:

قربان علي بگٽي جي متعلق لکڻ مون کي ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. اها مڃيل حقيقت آهي ته هيري کي پرکڻ لاءِ هيري جواهر جو پرکيندڙ هجڻ کپي. قربان علي بگٽي به هيرو هيو. ڪيس پرکڻ مون جهڙي عام ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. بهرحال هڪ پراڻي دوست جي حيثيت سان چند لفظ سندس نذر ڪريان ٿو. هي فقير منش، پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هو، هڪ ادارو هو. لباس پوشاڪ ۾ نه ٺاٺ نه باٺ، بلڪ ڏسڻ ۾ حد درجي جو سادو ماڻهو هو. پر جهڙو رلٽو ملٽو ۽ کلٽو هيءَ انسان هو، اهڙا گهٽ ماڻهو هوندا آهن. ڪيس ڪتابن پڙهڻ جو انتهائي شوق هيو، وسيع مطالعو هيس. ڪتابن جو به چڱو چوکو ذخيرو هيس. لائبررين جون لائبريريون پڙهي پوريون ڪيائين. هن کي پنهنجي علم تي نه ڪو ناز هو نه ڪڏهن دعويٰ ڪندو هيو. پر پرکيندڙن جي نظر ۾ هيءَ ماڻهو علم جو درياهه هيو. قربان علي بگٽي صاحب وسيع ترين معلومات سان مالامال ۽ گهمندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا هو. سندس لکيتون پڙهڻ سان سندس علمي مطالعي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ذهانت ۽ يادداشت ۾ سندس مقابلي جا ماڻهو ڏاڍا گهٽ آهن. خير مان انهيءَ پوزيشن ۾ ناهيان جو قربان علي بگٽي کي ڪو سرٽيفڪيٽ ڏئي سگهان.

قربان علي بگٽي منهنجو ويجهو دوست هو، جڏهن به ٻه گهڙيون مون سان ملندو هيو ته مان منجهانئس ڪجهه نه ڪجهه پرائي وٺندو هيس. ڪيس سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعري به ڪافي ياد هوندي هئي. هڪ اردو جو شعر سدائين پڙهندو هو.

> کرم تیرا کہ بے جوہر نہیں میں
> غلام طغرل و سنجر نہیں میں
> جہاں بینی ہے میرا کام لیکن
> کسی جمشید کا ساغر نہیں میں۔

قربان علي بگٽي مذهبي نڪته نگاهه کان ڪهڙو به عقيدو رکندو هو پر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي هر قسم جي عقيدي وارن سان بہ سچي دل واري دوستي هوندي هئي. عملي طرح سان سندس دل صاف هئي ۽ سندس سرشت ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪٽرپڻو ڪونہ هيو. منهنجي ساڻس آخري ملاقات ڪراچي جي دل واري اسپتال ۾ ٿي جتي پاڻ دل جي باءِ پاس آپريشن جي سلسلي ۾ داخل هيو ۽ مان ڪانئس طبيعت پڇڻ ويو هوس. جتي ٿئي ستين جنوري 1986ع تي سندس وفات ٿي. نہ رڳو سندس دوست، عزيز ۽ خيرخواهہ پر هر اهو ماڻهو جنهن جي قربان علي بگٽي سان ملاقات ٿي هوندي، تنهن کي سندس جدائي جو افسوس هوندو. شال ڌڻي کيس پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي.

## جهانگير صديقي صنعتڪار، بينڪار، سماج سڌارڪ:

جهانگير صديقي سان منهنجي ملاقات طارق ڀٽي جي معرفت ٿي جيڪو سندس ڪمپني جو ڊائريڪٽر ۽ منهنجي نائي شميم احمد جوٽيجي جو دوست آهي. منهنجي فيملي ۽ سندس فيملي جو پاڻ ۾ ويجهڙائپ جو رشتو آهي. سندس بہ نياڻيون آسيا ۽ فاطمہ منهنجي پوٽين آمنہ ۽ حرمت جي ڀينرن وانگر آهن. ڪجهہ سال اڳ مان طارق سان ملڻ سندس اداري ۾ ويو هوس جتي طارق مونکي چيو تہ ڪمپني جو باس جهانگير صديقي صاحب پنهنجي آفيس ۾ ويٺو آهي. مون سان هلو تہ توهان جي ملاقات ڪرايان، ان موقعي تي جهانگير صديقي سان وڏي ڪچهري ٿي ۽ مان ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيس بعد ۾ ملندا رهياسين ۽ دوستي ٿي وئي. جهانگير صديقي، پاڪستان جو هڪ ناميارو بزنس مين، صنعتڪار ۽ بينڪار آهي، بلڪ ايئن ڪٺي چئجي تہ گروپ آف ڪمپنيز جو مالڪ آهي. سندس وڏو ڀاءُ مظهرالحق صديقي بہ گورنمينٽ آف پاڪستان جو اسٽيبلشمينٽ سيڪريٽري ٿي رهيو بہ دفعا سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. سندس سيڪريٽري شپ واري دؤر ۾ ساڻس واقفيت ٿي، مان ان وقت سفير هيس. سندس ڀيڻ سلطانہ صديقي بہ ناميارري پروڊيوسر ۽ اڄڪلهہ هڪ مشهور انٽرٽينمينٽ چينل "هم ٽي وي" جي مالڪ آهي، جنهن جو پٽ شنيد قريشي بہ هڪ وڏو واپاري آهي.

جهانگير صديقي ۽ سندس گهر واري مهوش جي نالي سان هڪ فلاحي ادارو بہ آهي. جهانگير صديقي جيڏو وڏو ماڻهو آهي. اوترو سٺو انسان بہ آهي. سندس طبيعت ۾ وڏي نهٺائي آهي. هن ماڻهوءَ ۾ مون حلم، شرافت ۽ خدمت جو جذبو ڏٺو آهي. ڪجهہ ورهيہ اڳ سندس پٽ جي شادي جنگ گروپ جي مالڪ مير شڪيل الرحمان جي نياڻيءَ سان دبئي ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ صديقي صاحب جي دعوت تي مان بہ شريڪ ٿيو هيس. شاديءَ جا ٿي فنڪشن ٿيا هيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن مان ميندي ۽ نڪاح وارا فنڪشن ڪنواريتن ڪيا هيا. جڏهن تہ وليمو وري گهوٽيتن ڪيو هيو. ٽيئي فنڪشن دبئي ۾ ٿيا هيا. انهن موقعن تي مهمانن سان ملڻ ۽ سندن آڌر ڀاءُ ڪرڻ مهل جهانگير صديقي جو سياءُ ڏاڍو وڻندڙ ۽ دلڪش هيو. جنهن مان سندس هڪ خاص طبيعت نظر پئي آئي ۽ مهمان نوازي جو منفرد طريقو ڏيکارجي پيو. جهانگير صديقي جتي بہ مونسان ملندو آهي تہ نهايت احترام سان ملندو آهي.

## قاضي اصغر علي :

قاضي اصغر علي جو والد حاجي عبدالغفور قاضي صاحب پوليس ۾ ڊي.ايس.پي هيو. قاضي اصغر علي ٽنڊو ڄام زرعي ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي. ڪجھ وقت کان پوءِ هن رائيس ملنگ ڪارپوريشن ۾ آفيسر جي نوڪري ڪئي. ان کان پوءِ نوڪري ڇڏي پنهنجي والد صاحب جو پيٽرول پمپ سنڀاليائين. اهو تہ ٿيو سندس ڪم جو ذڪر پر قاضي صاحب جي شخصيت گهڻ رخي هئي. سندس پنهنجو ڏنڌو هلائڻ واري لياقت هڪ طرف پر سندس ذاتي قابليت، دنيا ۾ هلڻ چلڻ جي صلاحيت ۽ ڄاڻ سڃاڻ وري ٻئي طرف هئي. سندس دوست ۽ سنگت جو حلقو بہ غير معمولي هيو. مون جهڙا ڪيترائي سندس يار دوست هيا. سندس دوستي جي دائري ۾ سندس شاگردي جي دور جا دوست، ڪاروباري ماڻهو، تعليمي ادارن جا سربراهہ ۽ وڏا وڏا آفيسر مطلب تہ هر قسم جا ماڻهو شامل رهيا. پيٽرول پمپ جي آفيس تہ سندس مستقل ڪچهري گهر هوندي هئي.

1986ع ۾ جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ لاڙڪاڻي آئي تڏهن قاضي صاحب سندس شاندار دعوت ڪئي ۽ تڏهن کان وٺي پيپلز پارٽي سان رهيو ۽ ڪيترائي دفعا پارٽي جا ذميوار عهدا بہ سنڀاليائين. قاضي صاحب نيڪ نمازي، سخي همدرد ۽ حاجي صاحب هو. بنا ناغي هر سال پنهنجي آل عيال سوڌو عمرو ڪري ايندو هو. سندس اڪيلو پٽ زيبسٽ مان ايم.بي.اي ڪري چڪو آهي. قاضي صاحب جنهن ڌام ڌوم سان سندس شادي ڪرائي ۽ وليمو ڪيو، ان جا اسان جي ضلعي ۾ گهٽ مثال آهن. قاضي اصغر علي صاحب تازو گذاري ويو آهي شال ڌڻي تعاليٰ جي رحمتن ۾ هجي.

## نبي بخش شيخ:

نبي بخش شيخ صاحب 1960ع واري ڏهاڪي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي مشهور معروف ڪاروباري شخصيت هيو. سندس والد صاحب جو بندوقن جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوڪان هيو جيڪو هُو سنڀاليندو هيو. سندس ننڍو ڀاءُ روشن علي شيخ ايم.بي.بي.ايس ڊاڪٽر هيو. نبي بخش شيخ 1960ع ڌاري لاڙڪاڻي ۾ سيون آپ بوتل متعارف ڪرائي. ان سلسلي ۾ هن آفيسرس ڪلب ۾ هڪ وڏي دعوت ڪئي. ان دعوت ۾ هڪ گروپ فوٽو به ڪڍرايو ويو جنهن ۾ ڪيترائي مهمان ڊي.سي لاڙڪاڻو سميع قريشي سميت سيون اپ بوتل هٿن ۾ ڪنيو بيٺا آهن مان به انهن ۾ هڪ آهيان.

جڏهن پي آءِ اي موهن جي دڙي کان لاڙڪاڻي اڏامون شروع ڪيون ته پهريون سيلز ايجنٽ نبي بخش شيخ مقرر ٿيو هيو. ان وقت هڪڙو ٿي پراڻو ۽ مدي خارج جهاز هوندو هيو جيڪو ڪراچي کان موهن جو دڙو ۽ واپس ڪراچي هلندو هيو. نبي بخش شيخ نهايت کلڻو ملڻو ۽ سٺو انسان هيو. سڀ ماڻهو کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هيا. مون سان دلي طرح دوستي هئس، مون کي ڪريڊٽ تي ٽڪيٽ ملندي هئي. سندس وفات به نهايت ڏکدائڪ نموني ٿي. پاڻ شهدادڪوٽ کان لاڙڪاڻي اچي رهيو هو ته رستي تي ڪجهه ڌاڙيلن هن جي گاڏي کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. گاڏي نه بيهڻ تي ڌاڙيلن فائرنگ ڪئي ۽ هڪ پيارو انسان اسان کان وڇڙي ويو. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.

**حاجي خان مگڻ رٽائر آفيسر ۽ زميندار:**

حاجي خان مگڻ ۽ منهنجي دوستي به ايتري پراڻي هئي جيتري محمد شفيع شاهه سان هئي. حاجي خان مگڻ جو واسطو تعلقي قنبر جي ڳوٺ گهوگهاري جي وڏيرن جي خاندان سان هيو. منهنجي وڪالت جي شروعاتي زماني ۾ حاجي خان سان واقفيت ٿي جيڪا پوءِ دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. حاجي خان، سنڌ ايڪسائيز کاتي لاڙڪاڻي ۾ انسپيڪٽر هيو. مان اڳ به اهو ذڪر ڪري آيو آهيان ته ايڪسائيز آفيس لاڙڪاڻو منهنجي وڪالت جي آفيس جي بلڪل پرسان هئي. انهيءَ ناتي سان جيڪي آفيسر لاڙڪاڻي ايڪسائيز دفتر ۾ ڪم ڪندا هئا، تن مان ڪن آفيسرن سان جاڻ سڃاڻ جي ليول تي ته ڪن سان وري دوستيءَ جي ليول تي تعلقات ٿيندا هئا. حاجي خان سان پيار ۽ محبت جي دوستي هئي. ايماندار آفيسر هيو. پنهنجي ڳوٺ گهوگهاري جي آسپاس سٺي زميندار پڻ هيس. 1956ع کان اڳ گهوگهاري جا سڳداسي چانور ملڪ ۾ مشهور هوندا هئا. ڪيترا سال حاجي خان مون کي سڳداسي چانور موڪليندو هيو. ٻين دوستن سان سندس ڳوٺ ۾ به ايندو ويندو رهندو هوس. حاجي خان گهڻو ڪري هر سال حج لاءِ ويندو هيو ۽ اتان اسان سنگتين


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ سدائين تحفا آڻيندو هيو. وڏي عزت سان نوڪري ڪيائين ۽ سهڻي نموني ياري نڀايائين. پاڻ الله ڪي پيارو ٿي چڪو آهي. سندس پونئين مان نصرت مگڻ جيڪو سندس ڀاڻيو آهي ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ ڊي آءِ جي جيل بہ ٿي رهيو آهي، ڏاڍو سٺو ۽ بااخلاق نوجوان آهي، هن وقت نصرت مگڻ آءِ.جي پرزنس سنڌ (I.G prisons) آهي.

## الطاف حسين ميراڻي:

الطاف حسين ميراڻي وارا اصل تعلقي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ تراڻي جا رهاڪو آهن. سندس والد صاحب بخشل علي خان ميراڻي تعليم کاتي ۾ استاد هيو ۽ سندس نوڪري لاڙڪاڻي ۾ هئي. پنهنجي اوڙي پاڙي ۽ برادريءَ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هيو. سندس وڏو پٽ عبدالمجيد هيو جيڪو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ٿي رٽائر ٿيو. سندس ٻيو پٽ الطاف حسين ميراڻي ڪجهہ وقت تہ جدا جدا حيثيت ۾ نوڪري ڪندو رهيو پر گريجوئيشن کان پوءِ هن سچو ڏيان پڙهائيءَ تي ڏنو ۽ مختلف امتحان ڏيندو رهيو.

1978ع ۾ الطاف حسين ميراڻي ڪميشن وسيلي پاڪستان ڪسٽم ۾ اپريزنگ آفيسر چونڊجي ويو. الطاف حسين ميراڻي نهايت ذهين، اعلىٰ علمي معيار سان آراستہ ۽ وڏين خوبين جو مالڪ انسان آهي. ياري دوستي نڀائڻ وارو ماڻهو آهي. سندس مون سان دوستي ڪيس نوڪري ملڻ جي زماني کان اڳ جي آهي. روزانو شام جو جن دوستن جي مون وٽ ڪچهري ٿيندي هئي، انهن مان هي صاحب بہ هڪ هيو. سندس دوستي جو دائرو وسيع رهيو آهي. يار ويس، مهمان نواز ۽ خوش خلق انسان آهي. پنهنجي پراڻن دوستن کي نہ وسارڻ هن جي خاص فطرت آهي.

مون سان الطاف حسين ميراڻي جو خاص محبت ۽ اخلاص جو رشتو آهي، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. سندس اولاد مان وڏو پٽ جنهن تي پنهنجي ڏاڏي جو نالو آهي، سندس والد ۽ اسان سڀ دوست ڪيس B.A Khan سڏيندا آهيون. هو چارٽرڊ اڪائونٽنسي ۾ ماسٽرس ڪرڻ وارو آهي. سندس نياڻيون پڻ گريجوئيشن ۽ ماسٽرس ڪري رهيون آهن. سندس ننڍو پٽ پڻ گريجوئيٽ آهي.

## در محمد ملاح:

منهنجو دوست در محمد ملاح هڪ ڪامياب سرڪاري ڪامورو ٿي گذريو آهي، اصل خيرپور ميرس جي هڪ ننڍي ڳوٺ کهڙا جو رهاڪو هيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي سندس جنم ٿيو. ڪراچي جي اين.اِي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج (اڄڪلهه يونيورسٽي) مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪري لوڪل گورنمينٽ ۾ نوڪريءَ جي شروعات ڪيائين. جيڪب آباد ميونسپل ڪاميٽي ۾ ايس.ڊي.او ٿيو. ان وقت احمد ميان سومرو صاحب ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ هيو. در محمد ملاح پنهنجي خداداد صلاحيت ۽ ذهانت سان احمد ميان سومري صاحب ۽ جيڪب آباد جي ٻين اثر رسوخ رکندڙ ماڻهن سان سٺا تعلقات جوڙيا. جڏهن قنبر ميونسپالٽي ۾ بدلي ٿي آيو تہ اتي دوست محمد خان هڪڙو، پريزيڊنٽ هيو. اتي پڻ ڪاميابي سان ڪم ڪيائين ۽ دوست محمد خان جي بہ ويجهو رهيو.

ان کانپوءِ ضلع ڪائونسل جي سطح تي انجنيئر جي پوسٽ ۾ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻي، ضلع ڪائونسل سکر ۽ ضلع ڪائونسل شڪارپور ۾ ڪم ڪرڻ کانپوءِ ضلع ڪائونسل ڪراچي ۾ پڻ ڪافي ورهين لاءِ انجنيئر جي حيثيت سان پنهنجي اداري جي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪاميابي سان ڪم ڪيائين ۽ پڄاڻي تي پهچايائين. ڪراچي ضلع ڪائونسل جي پريزيڊنٽ حاجي شفيع محمد ڄاموٽ جي سرپرستي ۾ نالو ڪمايائين.

در محمد ملاح پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ جتي بہ رهيو پنهنجا دوست ٺاهيائين، جن سان رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ نڀائيندو آيو. مون سان سندس دوستي لڳ ڀڳ چاليهہ سالن کان وڌيڪ عرصي جي هئي جيڪا سندس زندگي تائين رهندي آئي. پاڻ يارن جو يار ۽ سخي ماڻهو رهيو. رٽائر ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ ئي رهيو جتي سال کن اڳ گذاري ويو. شال الله تعاليٰ سندس مغفرت ڪري.

سندس اولاد مان ڊاڪٽر افتخار، سنڌ گورنمينٽ ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو، جتان هن کي پنهنجي لياقت جي ڪري ڪيترن سالن تائين يو.اين.او جي اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو پڻ مليو. سندس ٻيو پٽ اشفاق احمد لوڪل گورنمينٽ ۾ آفيسر آهي، سندس هڪ پٽ اظهار آمريڪا ۾ نوڪري سان آهي، جڏهن تہ سندس پٽ اقبال پنهنجي روزگار سان آهي. در محمد وسرڻ جهڙو ناهي.

فدا حسين قادري:

فدا حسين قادري جا وڏا اصل رتيديري تعلقي جي ڳوٺ "ڳڙهي قادري" جا زميندار رهيا. سندس والد محمد اسماعيل قادري انگريزن جي دور ۾ ڊائريڪٽ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو هيو جتان جلد ئي رٽائر ڪيو هيائين. فدا حسين جو چاچو محمد صديق پوليس جو سب انسپيڪٽر هو. پراڻي زماني ۾ اهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪريون وڏي مان مرتبي جو اهڃاڻ (Symbol) هونديون هيون. محمد صديق جو پٽ منظور علي قادري ڪجهه وقت مون سان گڏ رتيديري جي بي.ايم هاءِ اسڪول ۾ به پڙهيو هيو، پوءِ اهي اتان حيدرآباد ڏانهن لڏي ويا. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ S.M ڪاليج ڪراچي ۾ به مون سان گڏ پڙهيو. ڪاليج واري دور 1946ع ۾ ليسلي ولسن مسلم هاسٽل ڪراچي ۾ به هڪ ڪمري ۾ رهندا هياسين ۽ فدا حسين جو والد محمد اسماعيل قادري صاحب وري لاڙڪاڻي اچي سيٽل ٿيو هيو، فدا حسين جي تعليم به لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿي.

فدا حسين قادري منهنجي دوست غلام حيدر عمراڻي جي معرفت واقف ٿيو ۽ پوءِ ملندو جلندو رهندو هيو. پڙهڻ جو شوق هجڻ سبب هن کي سدائين ڪتاب ساڻ هوندو هيو. ان ڪري به مون سان ويجهڙائپ ٿيس ڇاڪاڻ جو مون وٽ ڪافي ڪتابن جو ذخيرو هوندو هيو ۽ انهن ڪتابن مان پڙهڻ لاءِ پرائيندو هيو. خاص ڪري انگريزي ادب پڙهندو ۽ انگريزي ڳالهائيندو رهندو هيو.

گريجوئيشن کان پوءِ فدا حسين، گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ استاد ٿيو. سندس والد صاحب محمد اسماعيل قادري جو سر شاهنواز ڀٽو صاحب سان ويجهو واسطو رهيو هيو ان ڪري شهيد ذوالفقار ڀٽو صاحب هُن کي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هيو. جڏهن ڀٽو صاحب وزيراعظم ٿيو ته محمد اسماعيل قادري صاحب کيس عرض ڪيو ته فدا حسين کي فارين سروس آف پاڪستان ۾ نوڪري ڏيو. ان موقعي تي فدا حسين، ڀُٽي صاحب سان انگريزي ۾ چڱي طرح ڳالهائي کيس متاثر ڪيو ۽ ڀُٽي صاحب، فدا حسين کي فارين سروس ۾ ٿرڊ سيڪريٽري جي حيثيت سان کنيو. سندس پوسٽنگ بيروت (لبنان) ۾ ٿي. ٿي سال کن نوڪري ڪري الائي ڪيئن لاڙڪاڻي موٽي آيو ۽ فارين سروس جي نوڪري ڇڏي ساڳي ماستري جي نوڪري شروع ڪيائين، جتان هيڊ ماستر ٿي رٽائر ٿيو ۽ اڄڪلهه حيدرآباد ۾ رهائش اٿس.

### مرحوم محمد پناهه ڪلهوڙو:

تعلقي رارهه جو ڳوٺ جاني بند جيڪو نصيرآباد شهر کان ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، هي ڳوٺ پراڻي دؤر ۾ چانورن جي ڪارخاني ۽ چانورن جي واپار کان مشهور رهيو. هن ڳوٺ ۾ منهنجو دوست محمد پناهه ڪلهوڙو رهندو هيو جيڪو هڪ سلجهيل، سمجهدار، سياسي سوچ ۽ شعور رکندڙ زميندار ۽ چانورن جو واپاري هيو.

محمد پناهه ڪلهوڙو، جنرل ايوب خان جي بي.ڊي سسٽم ۾ پنهنجي يونين ڪائونسل جو چيئرمين هيو. هر ڪنهن صوبائي اليڪشن توڙي قومي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبلي ۾ سندس اهم ڪردار رهندو هيو. ان دور ۾ تعلقي وارهہ جي سياسي منظرنامي ۾ ڪلهوڙا وڏيرن جو ڪافي اثر رسوخ هوندو هيو جيڪي ٻن ڌرين ۾ ورهايل هوندا هيا. هڪ ڌر جو سربراهہ مرحوم حاجي خان ڪلهوڙو هوندو هيو جيڪو پاڻ بہ وڏو زميندار هيو ۽ قاضي فضل الله سان سياسي واسطو هيس جيڪو ان وقت چيف منسٽر هيو.

محمد پناهہ ڪلهوڙو ۽ سندس وڏو ڀاءُ مير محمد ڪلهوڙو وري ٻي ڌر جا مهندار هيا ۽ آباد يونين ڪائونسل ۾ وڏو اثر رسوخ رکندا هيا. حاجي خان ڪلهوڙو، وزيراعليٰ قاضي فضل الله سان پنهنجي تعلق جو فائدو وٺي هنن ٻنهي ڀائرن ۽ سندن واسطيدار ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن رستي تنگ ڪندو رهندو هيو. حاجي خان هڪ دفعي هڪ خون جي ڪيس ۾ مير محمد ڪلهوڙي کي چالان ڪرايو ۽ ڪيس هلڻ کان پوءِ ايڊيشنل سيشن ڪورٽ مان ڪيس سزا ڏياري ڇڏي. ان ڪيس ۾ مون کي محمد پناهہ وڪيل ڪيو هيو، مان شروع کان وٺي سندس وڪيل رهيو هيس.

هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي سين، جنهن ۾ مون پنهنجي استاد طفيل علي عبدالرحمان کي اپيل هلائڻ لاءِ وڪيل ڪرايو جنهن سان گڏ مان پڻ پيش ٿيندو هيس اپيل ۾ مير محمد ڪلهوڙو ۽ ٻيا آزاد ٿي ويا. ان وقت کان محمد پناهہ منهنجو ذاتي دوست ٿيو ۽ مونکي هميشہ سياسي طور اهميت ڏيندو هيو. وعدي جو پڪو هيو، هڪ دفعي ڪنهن سان واعدو ڪندو تہ پوءِ ڪابہ لالچ ۽ دٻاءُ قبول نہ ڪندو هيو. سندس موت بہ اوچتو ٿيو، سندس ڀاءُ مير محمد خان پڻ هن کان اڳ ۾ الله کي پيارو ٿي چڪو هيو.

زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ آهي ۽ رهندو، مرڻ کانپوءِ هر ماڻهو جو ذاتي اخلاق ۽ ڪردار ياد رهي ٿو. محمد پناهہ پڻ ڏاڍو سچو ۽ وفادار انسان هيو. ڏڻي تعالىٰ سندس روح کي پنهنجي رحمت ۾ رکي. آمين

**مرحوم علي گوهر ڪلهوڙو/ عباسي:**

مرحوم علي گوهر عباسي، عبدالفتاح ميمڻ صاحب جو دوست هيو. ان سان منهنجي عبدالفتاح صاحب جو چيمبر جوائن ڪرڻ سان ئي سنئي دوستي ٿي. مرحوم علي گوهر عباسي اصل "نوف چوسول" ڳوٺ جو هيو جيڪو تعلقي ميروخان ۾ آهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ اچي رهڻ لڳو. نهايت يار ويس ماڻهو هيو. مزاحيہ گفتگو جو ماهر هيو. هڪ دفعو ڪنهن جي بہ ساڻس ويجهڙائپ ٿي تہ سڄي عمر پٺي هلندي.

مون جڏهن پنهنجي جدا ليگل پريڪٽس شروع ڪئي تڏهن پهريون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس مون کي مرحوم علي گوهر عباسي پنهنجي هڪ واسطيدار جو ڏنو هيو. افسوس جو سندس زندگي مختصر ٿي ۽ هو پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ گذاري ويو. ڪانٽس پوءِ سندس وڏي ڀاءُ شاهنواز خان سان دوستي ٿي جيڪو به پنهنجو مٽ پاڻ هيو ۽ ياري نڀائڻ وارو ماڻهو هيو. علي گوهر خان ۽ شاهنواز خان جو ننڍو ڀاءُ مصري خان به منهنجو پيارو دوست هيو جيڪو ڳوٺ ۾ ئي رهندو هيو ۽ پنهنجي ۽ ڀائرن جي زمين سنڀاليندو هيو.

پيپلز پارٽي جي شروعاتي دور ۾ لاهور ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيو ۽ پ.پ.پ ۾ شامل رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس نهايت عزت سان ڏسندو هيو. سندس فوت ٿي وڃڻ وقت سندس پٽ محمد علي ننڍو هيو. پر وڏي ٿيڻ ڪان پوءِ هن پنهنجي والد ۽ چاچن جو نالو روشن ڪيو آهي. سنگت، دوستي ۽ راڄ ڀاڳ ۾ اٿڻ ويهڻ سان مان مرتبي ۽ مالي طور تي به پاڻ کي مضبوط ڪيو اٿائين. سارين چڙڻ جو شيلر ۽ پيٽرول پمپ اٿس ۽ اولاد کي به پڙهايو اٿائين. محمد علي جو هڪ پٽ لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال ۾ ڊاڪٽر آهي. جنهن تي پنهنجي ڏاڏي مصري خان جو نالو آهي.

**ديوان مولچند:**

ديوان مولچند لاڙڪاڻي شهر جو رهواسي هو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ ايڪسائيز کاتي ۾ ڪلارڪي جي نوڪري شروع ڪئي هيائين. نوڪري دوران ئي مون سان دوستي ٿيس. ڀهريائين ميٽرڪ پاس هيو پوءِ گريجوئيشن ڪيائين. نوڪري جي زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ آمريڪي ڪرسچن مبلغن کي سنڌي ٻولي پڙهائيندو هيو. اهي گرمين ۾ ڪوهه مري ويندا هيا تہ هن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هيا. نوڪري تان استعفيٰ ڏيڻ کان پوءِ شراب جي دوڪان تي نوڪري ڪيائين ۽ اڳتي هلي شراب جي دوڪان جو مالڪ ٿيو. سندس ياري دوستي بہ وسيع هئي. دوڪان جي ٻاهران آئيس ڪريم جي مشين بہ لڳايائين جنهنڪري ڪافي دوست شام جو اتي آئيسڪريم کائڻ ايندا هيا. شراب جو ڌنڌو ختم ٿيڻ کانپوءِ ان دوڪان ۾ موٽر پارٽس جو ڪاروبار شروع ڪيائين. ڪراچي ۾ بہ موٽر پارٽس جو دوڪان پڻ کوليائين. ڪجهہ وقت خراب صحت جي ڪري لاڙڪاڻي جي گهر ۾ ئي رهيو. جتي هو فوت ٿيو. ڪيس سندس دوست ۽ واسطيدار چڱن لفظن ۾ ياد ڪندا آهن، سندس پٽ سندس ڪاروبار سنڀاليندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مرحوم احمد نواز مهيسر:

مرحوم احمد نواز مهيسر جو پيءُ غلام رسول خان مهيسر ضلع لاڙڪاڻي جي ڳوٺ "ذڪريا مهيسر" جو چڱو زميندار هيو. ڳوٺ ۾ سندس سٺو بنگلو ٺهيل هيو جيڪو اڃان تائين قتل حالت ۾ موجود آهي. مرحوم غلام رسول خان مهيسر پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو چونڊيل ميمبر هيو.

منهنجي مرحوم احمد نواز سان دوستي غلام حيدر عمراڻي جي معرفت ٿي جيڪو ننڍي هوندي کان منهنجو دوست ۽ ڳوٺائي هيو. مون جڏهن لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪئي ته ان وقت احمد نواز سان سنگت ٿي. سندس والد کي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ اوطاق هوندي هئي. ان ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ به رهندو هيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وري گهاڙ واهه جي پرسان هڪ اوبڪيو جڳهه تي رهڻ شروع ڪيو هيائين، جيڪا جڳهه اڃان تائين سندس اولاد وٽ آهي.

احمد نواز مهيسر به سنڌ ايڪسائيز کاتي ۾ نوڪري ڪندو هيو سندس آفيس مين روڊ تي منهنجي گهر جي سامهون هئي ۽ گهر به ويجهو هيس. ان ڪري هر ڏينهن هن دوست سان ملاقات ٿيندي هئي. نهايت سلجهيل انسان هيو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پنهنجي برادري ۽ ڳوٺ جي چڱمڙسي سنڀاليائين.

جڏهن مان پهريون دفعو مسقط ۾ سفير ٿي ويو هوس، تڏهن اتي مون وٽ آيو هيو. اڳتي هلي هن کي دل جو عارضو ٿي پيو. ان سلسلي ۾ مون الله جي مدد سان ڪيس سرڪاري خرچ تي دل جي باءِ پاس لاءِ لنڊن موڪلرايو. ان ڪم ۾ امتياز شيخ صاحب به مدد ڪئي هئي جيڪو ان وقت وزير اعليٰ سنڌ ڄام صادق علي جو سيڪريٽري هيو. باءِ پاس ڪانپوءِ به نوڪري ۾ رهيو ۽ رٽائر ڪرڻ کان پوءِ به دوستي نڀائيندو رهيو. سندس ڇهن پٽن مان ارشد علي انسپيڪٽر پوليس آهي ۽ ٻيو پٽ محمد علي زمين سنڀاليندو آهي. هڪ پٽ نيشنل بينڪ ۾ نوڪري ۾ اٿس.

## مرحوم شاهه محمد قادري:

مرحوم شاهه محمد قادري اصل قنبر شهر جو رهواسي هيو ۽ منهنجو ڪاليج جي زماني کان دوست هيو. پاڻ ميٽرڪ تائين پڙهيو ۽ ڪاليج ۾ داخلا نه ورتائين، پر جڏهن به ڪراچي ايندو هيو ته مون وٽ هاسٽل ۾ اچي رهندو هيو. سندس والد ورهاڱي کان اڳ ۾ قنبر شهر ۾ بوٽن جي دوڪان جو مالڪ هيو. ان زماني ۾ "ڪانپور" چمڙي جو وڏو مرڪز هيو بلڪ اڄ به ڪانپور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوستان ۾ چمڙي جي صنعت جو وڏو مرڪز آهي. مرحوم شاهه محمد قادري جو والد به پنهنجي دوڪان لاءِ ڪانپور جا بوٽ گهرائيندو هيو. شاهه محمد ڳالهه ڪندو هيو ته هو پڻ پنهنجي پيءُ سان ڪانپور ويندو هيو تنهن ڪري انڊيا جا ڪوڙ سارا شهر گهمي ڏٺا هيائين.

پاڪستان ٺهي ويو، مون به پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ لاڙڪاڻي اچي وڪالت شروع ڪئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ شاهه محمد به چانورن جي ايڪسپورٽ جو بزنس ايجنٽ طور ڪم شروع ڪيو، پاڻ به چانور خريد ڪندو هيو جنهن ۾ نهايت ڪامياب بزنيس مين ٿيو. ڪراچي ۾ به ملڪيت ورتائين. وڪٽوريا روڊ پرسان هڪ ننڍي بلڊنگ جو مالڪ ٿيو، جنهن جي هڪ حصي ۾ پاڻ رهندو هيو، اڳتي هلي ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي ۾ هڪ بنگلو ورتائين جنهن ۾ رهڻ شروع ڪيائين، منهنجو ان زماني ۾ ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو ته مان به ان بنگلي ۾ مهمان طور رهندو هوس.

شاهه محمد قادري جو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان به نيازمندي جو رستو هيو. غلام مصطفيٰ جتوئي کي پڻ ويجهو هوندو هيو. قدرت طرفان ڪو ڀاڳ ڦريو جو لنڊن هليو ويو. اول ته ڪو ڪم ڪار ڪونه ڪيائين، پوءِ هوٽل وٺڻ جي خيال سان ڪراچي واري سڄي ملڪيت کپائي رڳو رهڻ وارو بنگلو بچاياائين. لنڊن ۾ هوٽل ته نه ورتي سگهيو پر ملڪيت به ڊُڦ ٿي ويس. ڪراچي موٽي اچڻ کان پوءِ اول سندس گهر واري گذاري وئي پوءِ پاڻ به بيروزگاري ۾ وفات ڪري ويو.

شاهه محمد قادري پنهنجي زندگي ۾ وڏي ٺاٺ باٺ سان رهيو، وڏي اسٽيٽس جي ماڻهن سان اٿيو ويٺو، زبردست دعوتون ڪندو رهيو، ڊفينس وارو گهر به شاهه محمد پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي وڪڻي ڇڏيو هيو. سندس نياڻي جي شادي پنهنجي سؤٽ آصف قادري سان ٿيل آهي جيڪا وَرَ ۽ ٻارن سميت آمريڪا جي شهر ايٽلانٽا ۾ رهي ٿي ٽن چئن سالن کان هن جوڙي سان ويجهڙائي ٿي آهي. آمريڪا ۾ اسان جو ويجهو عزيز آصف علي جو سالو فاروق سومرو رهي ٿو جنهن جي معرفت تعلقات وڌيا. هو پاڪستان پڻ اسان وٽ اچي چڪا آهن.

**محمد اسماعيل قادري:**

محمد اسماعيل قادري به قنبر جو هيو ۽ مرحوم شاهه محمد قادري جو ننڍو ڀاءُ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ قنبر هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪئي هيائين. ٿوري وقت ۾ ڪيس سنڌ ايڪسائيز کاتي ۾ انسپيڪٽر جي نوڪري ملي جتان ترقي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڊسٽرڪٽ آفيسر ٿيو. نهايت خوش خلق، يار ويس ۽ پروسي وارو دوست هو. مون سان سندس دوستي سندس نوڪريءَ جي شروعات کان ٿي. شام جو روزانو مون وٽ ڪچهري ڄمندي هئي، جنهن ۾ ٻين دوستن سان گڏ هي يار به شامل هوندو هيو.

محمد اسماعيل قادري نهايت سمجهدار ماڻهو ۽ چاڻو عملدار هيو. پنهنجي ڪاتي ۾ سندس ساک چڱي هئي، دوستن جو دوست ۽ ڪچهري جي جان هوندو هيو. ڊسٽرڪٽ آفيسر جي حيثيت سان ڪيترن ئي ضلعن ۾ نوڪري ڪيائين.

سندس اولاد مان هڪ پٽ اختر حسين قنبر ۾ رهي ٿو. هن ڪي به شروعات ۾ ايڪسائيز ۾ نوڪري ملي جيڪا ڇڏي ڏني هئائين... سندس ٻيو پٽ آصف حسين قادري آمريڪا ۾ وڃي سيٽل ٿيو آهي. جنهن جي شادي پنهنجي چاچي شاهه محمد جي نياڻي سان ٿيل آهي. سندس هڪ ننڍو پٽ جنهن جو نالو ياد نٿو اچي، اهو شايد ڪراچي ۾ رهندو آهي. قادري صاحب ڪَنَ جي ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ ڦاسي ويو جنهن جي علاج لاءِ لنڊن ۽ نيويارڪ ويو مگر فائدو نه ٿيس ۽ جان هارائي ويٺو. الله سائين سندس مغفرت ڪندو.

### مسلم شميم ناميارو اديب، شاعر ۽ وڪيل:

برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي آباد ٿيل مهاجرن مان هڪ منهنجو دوست مسلم شميم به آهي. مسلم شميم گهڻ پاسائين شخصيت آهي. باڪمال شاعر هجڻ سان گڏ مختلف شخصيتن ۽ نظرياتي بحثن تي مشتمل 9 ڪتابن جو مصنف به آهي. مسلم شميم سان منهنجي واقفيت سندس سٺ واري ڏهاڪي ۾ لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ سان ٿي. مسلم شميم جي پيدائش بهار/انڊيا جي شهر "ولي پور" جي آهي. پر هو چوندو آهي ته "لاڙڪاڻو منهنجي گيان ڀومي ۽ پريم ڀومي آهي."

مسلم شميم، لاڙڪاڻي ۾ رهندو هيو ته نهايت متحرڪ هوندو هيو ۽ بزم ادب سان گڏ انجمن ترقي اردو جو سيڪريٽري ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ به سرگرم هيو. ان دور ۾ لاڙڪاڻي ۾ اردو سنڌي مشاعرا ٿيندا هيا، جن ۾ سندس ڪاوشون به شامل هونديون هيون. مسلم شميم، لاڙڪاڻي ۾ اي.پي.پي ۽ جنگ سان گڏ ڊيلي سن جو نمائندو به ٿي رهيو. جڏهن ته ڪامرس ڪاليج جي ميگزين وڻجارا ۽ الميزان جو ايڊيٽر به ٿي رهيو.

مسلم شميم سان منهنجي دوستي کي اڌ صدي کان وڌو عرصو ٿي چڪو آهي. مسلم شميم هڪ بيچين روح ۽ نهايت متحرڪ شخصيت جو مالڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هر وقت ڪانءَ ڪا تخليقي سرگرمي ڪرڻ يا تحقيقي ڪم ۾ مشغول هوندو آهي. مسلم شميم، مارڪسي فلسفي جو پرجوش داعي آهي ۽ سندس زبان ۽ قلم پورهيت نظرئي جي دفاع ۾ هر وقت چرپر ۾ هوندا آهن. مسلم شميم نہ رڳو لاڙڪاڻي ۾ رهائش دوران بلڪ ڪراچي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ بہ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

مسلم شميم جڏهن بہ لاڙڪاڻي ايندو آهي تہ مون سان ضرور ملندو آهي، جڏهن تہ ڪراچيءَ ۾ بہ مختلف پروگرامن ۾ ساڻس ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. نهايت سٺو دوست ۽ بهترين انسان آهي.

## فضل سليمان قاضي وڪيل، اديب ۽ بينڪار:

فضل سليمان قاضي سان منهنجي ملاقات لاڙڪاڻي ۾ ٿي جتي هو 1960ع جي ڏهاڪي ۾ پاپوليشن پلاننگ ۾ ڊسٽرڪٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر ٿي آيو. ساڻس ملاقات ٿورن ئي ڏينهن ۾ دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. فضل الحق انهن چند منفرد ماڻهن مان آهي جن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ "ڄمندي ئي ڄام" هو. شاگردي جي زماني کان وٺي هن هڪ باشعور انسان جي حيثيت ۾ نالو ڪمايو ۽ شاگردن جي تنظيم "سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾ ليڊنگ پارٽ ادا ڪيو.

لاڙڪاڻي واري عرصي ۾ قاضي صاحب سان منهنجو ويجهڙائي جو واسطو رهيو ۽ گهڻو ملڻ جلڻ ٿيو. سنڌس ڪچهري ۾ علم ۽ ادب ۽ ملڪي معاملات وغيره تي خيالن جي مٽاسٽا ٿيندي رهندي هئي. چاڪاڻ تہ پاڻ بہ عالم ۽ علم دوست ماڻهو هيو ان ڪري سنڊس دوستي بہ لاڙڪاڻي جي عالمن ۽ علم دوستن سان استوار ٿي. مرحوم قربان علي بگٽي جيڪو هڪ فقير منش انسان هو، علم جو پيندار ۽ ناميارو قلمڪار هيو. اهو بہ فضل صاحب جو ويجهو دوست هو. ان کانسواءِ محمد بچل ٽونيو ۽ ٻيا ڪيترائي ادب دوست ڪيس ويجها هوندا هيا.

در اصل قاضي صاحب، جيڪا نوڪري ڪري رهيو هيو اها سندس لياقت کان گهٽي گهٽ هئي. ان ڪري سُتت ئي اها نوڪري ڇڏي نيشنل بينڪ ۾ آفيسر ٿيو. جتي ڪيترن ئي ملڪن جهڙوڪ چين، آمريڪا وغيره ۾ وڏي پوزيشن تي ڪم ڪيائين ۽ آخر ۾ ايگزيڪيوٽو وائيس پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ پنهنجي اصل پروفيشن وڪالت طرف آيو جنهن کي حيدرآباد ۾ خيرآباد ڪري سرڪاري نوڪري ڪئي هيائين. وڪالت ۾ بہ قاضي صاحب جو وڏو نالو آهي. وڪالت دوران هڪ 859 صفحن جو ڪتاب (Discretionary Powers) لکيائين جيڪو "پاڪستان لا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائوس ڪراچي“ ڇپرايو آهي. هيءَ هڪ رفرنس بوڪ آهي، ملڪي ۽ غير ملڪي اٿارٽيز جي فيصلن ۽ نڪتہ نظر کي اجاگر ڪيو اٿائين ۽ ساڳئي وقت ملڪ جي سياسي ليڊرن، ججن ۽ بيوروڪريٽس جي اختيارن کي واضح ڪيو اٿائين.

ان کان اڳ ۾ قاضي صاحب هڪ ٻيو ڪتاب (Law and Politics in Pakistan) بہ لکيو هيو. پنهنجي بينڪ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ (Hand Book of Banking Terms) پڻ لکيو اٿائين. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌس ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌي“ ۾ قاضي صاحب سنڌ سان پنهنجي وفا ۽ محبت جو ثبوت پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ پاڻ جيڪي حقيقتون پيش ڪيون آهن، اهي بذات خود تاريخ آهن ڪيس جس هجي جو اهڙو نادر ڪتاب سنڌي ماڻهن لاءِ فراهم ڪيو اٿائين.

**حاجي علي حسن سومرو:**

حاجي علي حسن خان سومرو ٻنگل ديري شهر جي سومرن جو چڱو مڙس هيو ۽ چڱو زميندار پڻ هو. ڳوٺ جا سڀ ماڻهو سنڌس عزت ڪندا هيا. لاڙڪاڻي ضلع جي سياسي ماڻهن سان تعلق رکندو هيو. انگريز حڪومت جي دور ۾ لوڪل بورڊ جي هڪ اليڪشن ۾ خانبهادر احمد خان ڀٽي جي مقابلي ۾ بيٺو هيو پر ڪامياب ٿي نہ سگهيو هيو.

حاجي علي حسن خان سومرو خدمت گذار ماڻهو هيو. لاڙڪاڻي شهر ۾ بہ گهر هوندو هيس. جڏهن لاڙڪاڻي ايندو هيو تہ اتي اچي ڪچهري وغيره ڪندو هيو. مون جڏهن لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪئي تہ ٿوري وقت کانپوءِ حاجي صاحب سان نيازمندي ٿي وئي. ان وقت حاجي صاحب بزرگي واري عمر ۾ پهچي چڪو هيو. مون کي پنهنجي ويجهي عزيزن وانگر ڀائيندو هيو. هڪ دفعي مون وٽ مهرباني ڪري آيل هيو تہ ڪيس ڳالهيون ڪندي ٻڌايم تہ ”مونکي پيشاب ۾ رڪاوٽ جي تڪليف آهي.“ تنهن تي ڏس ڏيندي ٻڌايائين تہ ”توهان ٻاڪري کير ۾ پاڻي وجهي استعمال ڪريو تہ رڪاوٽ ختم ٿي ويندي.“ پوءِ ڳوٺ پهچڻ سان مونکي هڪ پلي ”ڪاموري“ ٻڪري موڪلي ڏنائين، مون سنڌس ٻڌايل نسخي تي عمل ڪيو تہ فائدو پئجي ويو. حاجي صاحب طبيعت جو سخي هيو. سنڌس خاندان وارا ويهين صدي جي اوائل ۾ ٻنگل ديري شهر ۾ پنهنجي وسيلن مان مشهور مدرسو هلائيندا هيا.

حاجي صاحب پنهنجي زمين جي ڪنهن ٽڪري ۾ خاص چانور پوکائيندو هيو ان جنس کي سنڌي سڳداسي/ خوشبو خاص چوندا هيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گهٽگهرن کي اهي چانور موڪليندو هيو. مون کي پڻ هر سال اهي چانور موڪليندو هيو. ڪيس هڪ پٽ دوست محمد سومرو هيو جيڪو جوانيءَ ۾ گذاري ويو. حاجي صاحب جو هڪ ڏوهٽو قربان علي سومرو رٽائر پوليس انسپيڪٽر آهي ۽ بنگلديري ۾ رهي ٿو. حاجي صاحب جي وفات کي ڪيترائي سال ٿي چڪا آهن پر سندس ياد ايندي رهي ٿي.

## ورهاڱي کانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ مهاجر ٿي آيل ڪجهه فرد:

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ڪيپٽن ايس.ايم.ادريس ڊاڪٽر ٿي آيو جيڪو بعد ۾ لاڙڪاڻي ميونسپل جو چيئرمين به ٿي رهيو. ڊاڪٽر ايس.ايم.ادريس، بهار جي ضلع درينگ جي هڪ ڳوٺ پالي جو رهاڪو هيو. پٽنا ۾ لنڊن مان پڙهي ڊاڪٽر ٿيو. ڊاڪٽر ٿيڻ کانپوءِ ٻي مهاڀاري جنگ دوران انڊين آرمي جي ميڊيڪل ڪور ۾ ڪميشن حاصل ڪيائين. ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان آيو ۽ سنڌ ميڊيڪل سروسز ۾ ڊاڪٽر ٿيو. 1948ع ۾ لاڙڪاڻي سول اسپتال ۾ مقرر ٿيو. اڳتي هلي سرڪاري نوڪري ڇڏي پرائيويٽ پريڪٽس جي شروعات ڪيائين. پنهنجو ايڪسري پلانٽ به لڳرايائين. بلدياتي سياست ۾ به سرگرم رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي سان به ويجهڙائپ هيس، ڇئن ڪتابن جو مصنف به هيو ۽ ادبي طور تي نهايت متحرڪ هوندو هيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ هڪ ته "بلند هستيان" آهي جيڪو ناول آهي، ٻيو "قائد عوام ڀٽو" جيڪو شهيد ڀٽو تي لکيل آهي، ٽيون ڪتاب "پٿر ڪا تابوت" به ناول ۽ چوٿون "به سنگ آمد" به ناول آهي.

ٻيو هيو ايس.ڪي خان جيڪو پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ يو.پي مان آيو ۽ لاڙڪاڻي جو ٿي ويو. پيپلز پارٽي جو سرگرم ورڪر هيو. ايس.ڪي خان پيپلز پارٽي، سٽي لاڙڪاڻي جو صدر هيو. ان کان سواءِ احمد دهلوي جيڪو هڪ پريس جو مالڪ هيو ۽ هڪ اخبار نالي "انقلاب" به جاري ڪئي هيائين. PPP جو باني ميمبر به هيو ۽ 1967ع واري لاهور ڪنوينشن ۾ به هليو هيو.

انهن کان اڳ چوڌري خليق الزمان جيڪو مسلم ليگ جو هڪ وڏو آل انڊيا ليول جو ليڊر هيو، اهو به لاڙڪاڻي اچي رهيو. چوڌري خليق الزمان پنهنجي ڪتاب "شاهراهه پاڪستان" ۾ لکيو آهي ته، "مون ڪڏهن به محمد علي جناح کي قائد اعظم چئي مخاطب نه ڪيو هيو." سندس ڪتاب مان خبر پوي ٿي ته سندس نڪته نظر به عام مسلم ليگين کان مختلف هيو. ساڻس گڏ سندس به پٽ عتيق الزمان ۽ رفيق الزمان به لاڙڪاڻي لڏي آيا. عتيق الزمان جي گهر واري سڪينه، لاڙڪاڻه ميونسپل جي ڪائونسلر هئي. خليق الزمان جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياٽيجي جو پٽ احمد فاروقي اڃان هتي رهي ٿو. احمد فاروقي نهايت باشعور انسان آهي، لاڙڪاڻي ضلعي اندر سندس وڏي ساک آهي، ترقي پسند زميندار آهي. سندس دوستي جو حلقو به وڏو آهي. مون سان وڏي جو رشتو اٿس، باقي منهنجي پٽ آصف جو دوست آهي. قاضي اصغر، نوابزاده مشتاق احمد چانڊيو ۽ ٻيا ڪيترا ناليوارا ماڻهو سندس دوست آهن. جڏهن ته جهونا ڳڙهه مان آيل قاسم ياڻي اسان کي ٻڌائيندو هيو ته اسان ذات جا سيهڙ آهيون. ان کان سواءِ جهونا ڳڙهه مان آيل عبدالله ياڻي چوندو هيو ته اسان ذات جا ٽيٻا آهيون ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماضيءَ ۾ جهوناڳڙهه ۽ سنڌ جو ويجهو تعلق رهيو آهي ۽ اتي به هتان واريون ذاتيون ۽ ساڳيو ڪلچر آهي. ياڻي به پنهنجي ڪلام ۾ جهوناڳڙهه جو ذڪر ڪيو آهي.

جهونا ڳڙهه جي حڪمران نواب مهابت خان جا ديوان (وڏا وزير) سنڌي رهيا آهن. پهريون عبدالقادر صاحب شڪارپور وارو ۽ ان کانپوءِ سر شاهنواز ڀٽو. جهونا ڳڙهه ڪاليج جيڪا بمبئي يونيورسٽي سان واڳيل هئي ان ۾ سنڌ جي شاگردن کي فري تعليم حاصل ٿيندي هئي.

## پاٽ ۽ ان جا مشهور ماڻهو:

”پاٽ“ ضلع دادو جو هڪ تاريخي شهر آهي جيڪو آڳاٽي دور ۾ سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ تي هڪ مصروف بندرگاهه هوندو هيو. ڪنهن دور ۾ ”پاٽ“ جو شهر جيڪو اڄڪلهه ڳوٺ تي ڇڪو آهي پنهنجي بندرگاهه جي معرفت بمبئي، ڪلڪتي، سورت، سري لنڪا ۽ بنگال سان واپار وسيلي رابطي ۾ هوندو هيو. ”پاٽ“ جو شهر هڪ علمي مرڪز طور به سڃاتو ويندو هيو، هتي وڏا وڏا عالم ۽ مفتي رهندا هيا جن مان ڪي جوٽيجا، چنا، انصاري ۽ صديقي خاندان جا فرد هيا. انهن مان ڪجهه همايون جي سنڌ ۾ آمد بعد هتان لڏي وڃي برهانپور ۾ رهيا.

تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته شهنشاهه همايون سال 1541ع ۾ حميده بيگم سان پاٽ ۾ شادي ڪئي هئي ۽ سندس ياءُ مرزا ڪامران جي شاه حسن ارغون جي ڌيءُ ”ماهه چوچڪ بيگم“ سان شادي به پاٽ ۾ ئي ٿي هئي. پاٽ جو مشهور مدرسو جيڪو مخدومن جي سرپرستيءَ ۾ هلندو هيو جيڪي صديقي هيا ۽ سنڌن پيري مريدي به هلندي هئي. مخدوم حبيب الله صديقي به هتان جو ناميارو تعليمي ماهر ۽ محقق آهي. جڏهن ته علامه آءِ.آءِ. قاضي به پاٽ جو هيو جنهن ابتدائي دور ۾ انگلينڊ مان بار ايٽ لا ڪئي. منهنجو پيارو دوست آءِ.ڊي. جوٽيجو پڻ لنڊن مان بينڪنگ ۾ ڊگري وٺي آيو ۽ مختلف بينڪن جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريزيڊنٽ ٿي رهيو. هن شهر جا ماڻهو سنڌ جي ٻين ڳوٺن/شهرن جي مقابلي ۾ علمي ڪيتر ۾ گهڻو اڳڀرو رهيا آهن.

آءِ ڊي جوڻيجي جي وفات ڪانپوءِ منهنجي نياڻي "زهره" جي شادي سندس پٽ "شمير احمد" سان ٿي جن کي هڪ پٽ "امداد حسين" جنهن انگلينڊ مان لا جي ڊگري حاصل ڪئي سندس هڪ ڌيءَ "ردا فاطمہ" گريجوئيٽ آهي جڏهن تہ ننڍي ڌيءَ "دانيا" ڪاليج اسٽوڊنٽ آهي. گذريل 15 ورهين کان ڪئناڊا ۾ سيٽل آهن، سندن ٽنهي ٻارن جي تعليم بہ اتي ئي ٿي آهي.

مخدوم خاندان جو ڊاڪٽر ظفر منهنجو سئو ۽ ذاتي دوست هيو. هن ميٽرڪ لاڙڪاڻي جي مدرسہ هاءِ اسڪول مان ڪري، انٽر سائنس S.M ڪاليج ڪراچي مان ڪري ايل.ايم.سي مان گريجوئيشن ڪئي. وڏو قابل ۽ هوشيار ڊاڪٽر هوندو هيو. ريڊيالاجي ۾ اٿارٽي سمجهيو ويندو هيو.

جيئن تہ پاٽ جا مشهور خاندان/فرد چئن ذاتين سان تعلق رکندڙ هيا جن ۾ چنا، جوڻيجا، انصاري ۽ صديقي جيڪي مخدوم سڏبا آهن. انصاري بہ قاضي سڏبا آهن. جوڻيجا بہ قاضي سڏبا آهن. علامہ آءِ آءِ قاضي انصاري هيو. سڀ انصاري بہ قاضي نہ هيا. ڊاڪٽر نور حسين انصاري ڪراچي شهر ۾ پنهنجي ذاتي اسپتال هلائيندو هيو ۽ وڏو سوشل ورڪر هيو. ڪراچي جي سنڌي رهاڪن لاءِ "محمد علي هائوسنگ سوسائٽي" قائم ڪرڻ ۾ سندس وڏو حصو هيو. غريب غُربي جو مفت ۾ علاج ڪندو هيو. سندس هڪ پٽ ڊاڪٽر خليل احمد انصاري ڪراچي ۾ رهي ٿو ۽ سندس نياڻي نگهت جي شادي اظهار احمد جوڻيجو سان ٿيل آهي جيڪي يو.اي.اِي ۾ رهندا هيا ۽ اظهار احمد اتي حبيب بينڪ ۾ مئنيجر هيو. سندس جواني ۾ وفات ٿي وئي سندس پٽ خيام آمريڪا ۾ رهي ٿو باقي سندس گهرواري پنهنجي ڌيءَ فيونا سان شارجا ۾ رهي ٿي، فيونا UAE جي هڪ وڏي بئنڪ ۾ هائر پوزيشن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. ادي نگهت سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيترائي ورهيہ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر نور حسين جو ڀيو ياءُ عبدالغفور انصاري هيو جيڪو منهنجي استاد عبدالفتاح ميمڻ جي قائم ڪيل پرائيويٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسپال هيو ۽ منهنجو ذاتي دوست هيو. عبدالغفور انصاري 1956ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پرنسپال ٿي آيو تہ مون سان گڏ رهندو هيو. مان بہ ان وقت اڪيلو رهندو هيس ۽ منهنجي شادي ٿيل نہ هئي. عبدالغفور جي بہ شادي ٿيل نہ هئي. مون جڏهن شادي ڪئي تہ پوءِ جدا گهر وٺي رهيو. اڳتي هلي ڪيس تعليم کاتي ۾ نوڪري ملي ۽ اهم عهدن تي رهيو جڏهن لاڙڪاڻي هيو تہ اسان هڪ پيرو گڏجي ڪوئيٽا ويا هياسين جتي اسان نواب احمد سلطان چانڊيي جا مهمان ٿيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هياسين.

ان ڪانسواءِ پاٽ جوئي عنايت الله جوڻيجو جيڪو لاڙڪاڻا ميونسپل جو ايڊمنسٽريٽر ٿي رهيو ۽ منهنجو سٺو دوست هيو. عنايت الله جوڻيجو مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو پوءِ ڪراچي پڙهڻ آيو ته جناح ڪورٽس هاسٽل ۾ رهائش اختيار ڪيائين جتي مان به رهندو هيس. پهريان 1969ع ۾ ڪجهه مهينن لاءِ لاڙڪاڻا ميونسپل جو ايڊمنسٽريٽر ٿي آيو. وري 1971ع ڏاري به ايڊمنسٽريٽر ٿي رهيو. جڏهن ته 1976ع ۾ ايڊمنسٽريٽر ٿي آيو ته 1979ع تائين لڳاتار هتي مقرر رهيو ۽ خدمت ڪندو رهيو. انتهائي بي لوث دوست هيو.

ان ڪانسواءِ قاضي غلام مصطفيٰ جوڻيجو رٽائرڊ سيڪريٽري گورنمينٽ آف سنڌ، سندس پٽ قاضي امام علي رٽائرڊ جج هاءِ ڪورٽ آف سنڌ هيو. سندس ٻيو پٽ قاضي اختر علي جنهن لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ ڪيترن اهم عهدن تي رهيو. وزيراعليٰ سنڌ به رهيو. قاضي اختر 14-آڪٽوبر 2010ع تي وفات ڪئي. ان ڪانسواءِ قاضي غلام نبي سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ کانپوءِ تعليم کاتي سنڌ جو ڊائريڪٽر ٿيو. سندس به پٽ هئا هڪ وڏو پٽ A.G.N قاضي پهريون سنڌي مسلمان I.C.S آفيسر ٿيو. آخر ۾ سيڪريٽري جنرل گورنمينٽ آف پاڪستان تان رٽائر ٿيو. ٻيو پٽ قاضي B.G.N هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو.

ايس.ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ پاٽ جي رهاڪو دوستن ۾ هڪڙو ته نور محمد پلهه هيو جيڪو روينيو کاتي ۾ ڊائريڪٽ مختيارڪار ٿيو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين، ٻيو دوست نذير احمد صديقي هيو جيڪو دادو ۾ وڪيل ٿيو ۽ مون کان ڪاليج ۾ به ورهيه سينئر شمشاد احمد جوڻيجو مشهور وڪيل ٿيو دادو ۾ سندس وڪالت جي آفيس هئي، جيڪو پڻ ڪافي وقت اڳ گذاري ويو آهي. سندس ڀاءُ مختيار احمد جوڻيجو جنهن وڪالت جي شروعات منهنجي استاد عبدالفتاح ميمڻ مرحوم جي چيمبر مان ڪئي هئي ۽ پوءِ سول جج مقرر ٿيو آخر ۾ سپريم ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو هنن سٽن لکڻ مهل سندس وفات کي مهينو کن ٿيو آهي.

**(مٿي ذڪر ڪيل ناميارن ماڻهن کان سواءِ پروفيسر امينه خميساڻي، جسٽس زيڊ.اي چنا، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ۽ مخدوم سليم الله صديقي سميت ڪوڙ سارا مشاهير پاٽ سان واسطو رکن ٿا. ان کان سواءِ قلندر اسحاق سنڌي پاٽائي جهڙي بزرگ جو واسطو به پاٽ سان هيو جيڪو هڪ ٻئي پاٽائي بزرگ شيخ طاهر بن يوسف سنڌي برهانپوري جو مريد ۽ شاگرد هيو. مرتب)**



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن جو باني:**

ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌ جي نهايت منفرد باصلاحيت ماڻهن مان هڪ آهي، چوٿين جولاءِ 1946ع هالن جي پورهيت خاندان ۾ پيدا ٿيل هي ماڻهو بنيادي طور تي ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي ۽ انسٽيزيا ۾ اسپيشلائيزيشن ٿيل اٿس سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سرڪاري نوڪري بہ ڪيائين. سندس اهم ڪم چين جي اڪوپنڪچر طريقہ علاج کي پاڪستان ۾ 1976ع ڌاري متعارف ڪرائڻ آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر صاحب سماجي خدمتن ۾ بہ اڳيرو رهيو آهي. سماجي خدمتن جي ميدان ۾ سندس خاص ڪارنامو "سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن" جو قيام آهي جيڪا 1970ع ۾ عمل ۾ آئي ۽ آمر ضياءُ جي دور ۾ پابندين جو شڪار پڻ بڻي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ڪيترن ئي ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي ۽ 21 سالن کان "زيبسٽ" جي بورڊ آف ٽرسٽيز جو سيڪريٽري آهي ۽ بورڊ جي ميمبر هجڻ سبب منهنجي ساڻس گهڻي ميل جول رهندي آهي. منهنجو سٺو دوست آهي ۽ جڏهن بہ لاڙڪاڻي ايندو آهي تہ ساڻس ڪچهريون ٿينديون آهن ۽ ڪراچي آفيس ۾ بہ ساڻس ملاقات رهندي آهي.

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب هڪ سٺو ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار بہ آهي سندس ڪالم هلال پاڪستان، جاڳو ۽ عوامي آواز ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڊاڪٽر صاحب جا 8 ڪتاب شايع ٿيل آهن. (1) اڪثريون اڃايون (2) انسان جا پُراسرار دشمن (3) سون ورني ڌرتي (4) گلن جهڙا ٻارڙا ڦلن جيئن نپجن (5) پيڪنگ پچارون (6) ويهہ مَر وساريج (7) وڪريل خواب اڌوري ڪهاڻي (8) منهنجي دنيا (9) جي هينئڙي منجهہ هُرن شامل آهن. شيخ صاحب جهڙا سياسي فڪر ۽ ادبي لياقت رکندڙ ماڻهو اسانجي ملڪ ۾ گهٽ آهن.

**زيبسٽ جو قيام:**

مون پنهنجي يادگيرين جي پهرئين ڪتاب "يادن جي ڳڙکيءَ مان" ۾ زيبسٽ يعني "شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي" جي باري ۾ وضاحت سان ذڪر ناهي ڪيو. جيڪو تعليم جي ميدان ۾ هڪ نالي وارو ادارو ثابت ٿيو آهي ۽ منهنجو پڻ هن اداري سان "بورڊ آف ٽرسٽيز" جي ميمبر جي حيثيت سان اٽڪل 23 ورهين کان واسطو آهي جنهن ڪري هن اداري جو مڪمل تعارف ڪرائڻ گهران ٿو.

جيئن تہ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاڻ دنيا جي بهترين علمي ادارن هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا مان گريجوئيشن ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماسٽرس ڪري چڪي هئي، جتي پنهنجي صلاحيتن سان پڻ نالو چڙهي آئي هئي. جيئن تہ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي 1960ع کان وٺي 1977ع تائين لاڙڪاڻي ۾ ڪينسر اسپتال LINAR، شيخ زيد عورتن جي اسپتال ۽ ميڊيڪل تعليم لاءِ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جهڙن ادارن جو بنياد وڌو هيو.

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي تربيت بہ پنهنجي والد جي هٿ هيٺ ٿي هئي ۽ جڏهن پاڻ وزيراعظم ٿي تہ هن محسوس ڪيو تہ ڪيس پنهنجي حلقي ۾ (جتان پاڻ پنهنجي والد وانگر چونڊجي آئي آهي) ڪو سٺو اعليٰ معيار جو تعليمي ادارو قائم ڪرڻ گهرجي. اهڙي خيال هيٺ زيبسٽ جو قيام عمل ۾ آيو ۽ "بورڊ آف ٽرسٽيز" جو بنياد رکيو ويو.

1995ع ۾ سنڌ اسيمبلي مان زيبسٽ ايڪٽ پاس ڪري زيبسٽ جي "ڊگري ايوارڊنگ انسٽيٽيوٽ" جو بنياد وڌو ويو. 2 جنوري 1996ع ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ SZABIM جي نالي مئنيجمينٽ انسٽيٽيوٽ شروع ڪري BBA ۽ MBA جي ڪلاسن جي شروعات ڪئي وئي. ان ڏينهن تي اداري جو افتتاح ڪندي شهيد محترمہ چيو تہ:

"مان اڄ نهايت خوش آهيان جو لاڙڪاڻي ۾ SZABIM جو افتتاح ڪري رهي آهيان جتي BBA ۽ MBA جا ڪلاس هلندا، جڏهن تہ هن وقت تائين هي ڪلاس فقط لاهور، ڪراچي ۽ راولپنڊي ۾ هلندا هيا. اهڙو ادارو پهريون دفعو رورل ايريا ۾ ڪم ڪندو جتي ڳوٺاڻي پس منظر وارا شاگرد پڙهندا ۽ نون موقعن مان لاڀ پرائيندا."

1996ع کان وٺي اڄ تائين SZABIST وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ علم جي وڏي خدمت پڻ ڪئي آهي. ڊگري ايوارڊنگ انسٽيٽيوٽ جا ڪراچي مين ڪيمپس ڪانسواءِ لاڙڪاڻو، حيدرآباد، اسلام آباد ۽ دبئي ڪيمپس وڏي مان مرتبي سان ڪم ڪري رهيا آهن. لاڙڪاڻي ۾ انٽر ميڊيئيٽ ڪاليج ۽ اسڪول، حيدرآباد ۾ اسڪول، ميرپورخاص ۾ انٽرميڊيئيٽ ڪاليج ۽ اسڪول، ٽنڊو محمد خان ۾ ڪاليج آهن انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ڪانسواءِ ٽيڪنيڪل ۽ ووڪيشنل ادارا (ZABTech (iTVE جي نالي سان ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي حيدرآباد، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد، ٽنڊو محمد خان، خيرپور ميرس، سيوهڻ، گهارو ۾ ڪم ڪن پيا.

انهن ادارن ڪانسواءِ تحقيق جي ميدان ۾ "ايرڊ ايگريڪلچر فارم گهارو" زيبسٽ سينٽر فار بايو سائنس ريسرچ SCBR ۽ سسٽينبل ڊولپمينٽ ۽ ريسرچ سينٽر SDRC پڻ ڪم ڪري رهيا آهن.

انهن سمورين تعليمي ۽ تحقيقي ڪاوشن ڪانسواءِ قانون جي تعليم لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي ڪيمپس ۾ "لنڊن يونيورسٽي آف لا" جو ايڪسٽرنل پروگرام ٻه ڪيترن سالن کان هلندڙ آهي. ان پروگرام موجب ڪراچي ڪيمپس ۾ شاگرد في پري لنڊن يونيورسٽي آف لا ۾ داخلا وٺندا آهن. اهو ٽن سالن جو ڪورس آهي جنهن جي پڙهائي ڪراچي ڪيمپس ۾ ٿيندي آهي. هر سال امتحان وٺڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽي جو عملو ايندو آهي جيڪو برٽش ڊپٽي هاءِ ڪميشن ۾ شاگردن جي امتحان جو بندوبست ڪندو آهي.

امتحان ۾ زيبسٽ جو ڪوبه ڪردار نه هوندو آهي. پيپر ٻه لنڊن مان ڪٽي ايندا آهن ۽ جوابي ڪاپيون ٻه لنڊن مان آيل عملو پاڻ سان کڻي ويندو آهي جتي چڪاس ۽ رزلٽ تيار ٿيندي آهي. ڊگري ايوارڊنگ ڪنووڪيشن ٻه لنڊن ۾ ٿيندو آهي. ان ڪانسواءِ هڪ ٻي سهولت شاگردن کي اها حاصل آهي ته جيڪڏهن ڪوبه شاگرد پهريون سال زيبسٽ ۾ پڙهي باقي رهيل ٻه سال مين ڪيمپس لنڊن ۾ پڙهڻ گهري يا آخري سال اتي وڃي پڙهي ته پڙهي سگهي ٿو.

جڏهن زيبسٽ جو بنياد پيو ته ان وقت مان "گڏيل عرب امارتن" ۾ پاڪستان جو سفير هيس محترمه جي حڪومت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ نومبر 1996ع ۾ مان ٻه عهدو ڇڏي پاڪستان موٽي آيس. جولاءِ 1997ع ۾ بورڊ آف ٽرسٽيز جي فيصلي سان محترمه بينظير صاحبه مون کي بورڊ جو ميمبر ڪيو. ان وقت کان وٺي مان زيبسٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جو ميمبر آهيان. هر ٽن سالن کان پوءِ زيبسٽ جي رولس مطابق بورڊ آف ٽرسٽيز جي ميمبر جي نالن تي نظرثاني ٿيندي آهي ۽ يا ته ڪنهن ميمبر کي فارغ ڪبو آهي يا وڌيڪ ٽن سالن لاءِ هلائبو آهي مان گذريل 22 ورهين کان ان عهدي تي رهندو اچان.

## اسلم گورداسپوري شاعر، اديب ۽ سياستدان:

اسلم گورداسپوري پيپلز پارٽي جي بنيادي ماڻهن مان آهي. پنجاب مان جيڪي ماڻهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان پيپلز پارٽي جي جوڙجڪ کان اڳ ۾ گڏ هيا، اسلم گورداسپوري ٻه انهن مان آهي.

سندس پيدائش اوڀر پنجاب جي ضلعي گورداس پور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي آهي، جتي 4 جون 1942ع تي هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيو. ورهاڱي سبب سندس خاندان گوجرانوالا پاڪستان لڏي آيو. جوان ٿيڻ کان پوءِ اسلم گورداسپوري لاهور شهر کي پنهنجو نڪاڻو بڻايو ۽ هڪ وڏي عرصي کان لاهور ۾ ئي رهي ٿو.

اسلم گورداسپوري سان منهنجي پهرين ملاقات پيپلز پارٽي جي بنياد رکڻ واري ڪنوينشن ۾ 30 نومبر، 1 ڊسمبر 1967ع تي لاهور ۾ ٿي هئي جيڪا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستي ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اسان جي دوستي اڄ به قائم آهي. اسلم گورداسپوري پنجين جنوري، چوٿين اپريل ۽ 27 ڊسمبر تي شهيدن جي ڏهاڙن تي لاڙڪاڻي ايندو آهي تہ مون سان ڪچهري ضرور ڪندو آهي. پيپلز پارٽي جي پهرئين ڪنوينشن ۾ هن پنهنجو مشهور نظم "منشور" پڙهيو هيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس شاعر عوام سڏيندو هو.

اسلم گورداسپوري مختلف وقتن تي پ پ پ پنجاب جو سيڪريٽري اطلاعات، پ پ پ لاهور ڊويزن جو صدر، ڀٽو فائونڊيشن جو صدر رهڻ سان گڏ ڪجھ مهينا پ پ پ پنجاب جو صدر بہ رهيو آهي. رانا شوڪت محمود جنرل سيڪريٽري هو. ان وقت ياسين وٽو صاحب پ پ پ پنجاب جي صدارت تان استعيفيٰ ڏئي ويو هو ۽ شهيد ڀٽو قتل ڪيس ۾ جيل ۾ هو.

اسلم گورداسپوري مشهور دانشور ۽ هڪ وڏو ليکڪ آهي سندس نثر ۽ شاعري جا 13 ڪتاب ڇپيل آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. شهید ذوالفقار علی بھٹو کی داستان حیات اور پاکستان پیپلز پارٹی (جلد اول و جلد دوئم)
2. لندن نامہ
3. مارکسزم اور آج کی دنیا
4. تجھے اے زندگی لاؤں کہاں سے
5. شہید بی بی کی داستان حیات اور میری جدوجہد
6. پیمبر عقل و خرد
7. کیا پاکستان ایک ناکام ریاست ہے

### شاعری

1. شعلہ سرکش
2. دھوپ کا سفر
3. سیل خون
4. دیار جاں
5. ملال بے ہنر

اسلم صاحب اڄ تائين لاهور جي سياسي ۽ ادبي سرڪلس ۾ وڏي اهميت رکندڙ ماڻهو آهي اسلم گورداسپوري جو فيض ۽ فراز سان ويجهو تعلق رهيو. هڪ ڀيرو احمد فراز سان گڏ ڳڙهي خدا بخش جلسي تي لاڙڪاڻي آيا هيا تہ مون سان هوٽل سنبارا ان تي سندن سٺي ڪچهري بہ ٿي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حاجي منور علي عباسي سياستدان، سوشل ورڪر ۽ زميندار:**

مرحوم حاجي منور علي عباسي، لاڙڪاڻي جي هڪ هر دلعزيز شخصيت هو. سندس پيدائش لاڙڪاڻي شهر ويجهو ڳوٺ وليد (هاڻي لاڙڪاڻي جو محلو) ۾ 30 سيپٽمبر 1944ع ۾ ٿي. سندس واسطو زميندار گهراڻي سان هو پاڻ بي اي، ايل ايل بي پڙهيل هيو. سندس والده بيگم ڊاڪٽر اشرف عباسي لاڙڪاڻي ضلعي جي ناميار سياستدان ۽ مشهور پارليامينٽيرين هئي جنهن جي تربيت حاجي منور علي عباسي کي بہ سياسي شخصيت بڻائي ڇڏيو.

حاجي صاحب 1970ع کان 1973ع تائين پ پ پ تعلقي لاڙڪاڻي جو صدر، 1973ع کان 1976ع تائين ضلع جو جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو مارشلا جي دور ۾ ڪيترائي ڀيرا جيل پڻ ويو. 1979ع ۾ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻي جو ميمبر ٿيو. 1980ع ۾ تعلقہ ڪائونسل لاڙڪاڻي جو چيئرمين ٿيو. 1987ع جي بلدياتي چونڊن ۾ لاڙڪاڻي ميونسپل جو چيئرمين ٿيو. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ لاڙڪاڻي شهر مان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. 1989ع ۾ وزير ٽرانسپورٽ ۽ پوءِ بلديات جو وزير ٿيو. 1990ع وارين چونڊن ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو کان هارايائين. 1997ع وارين چونڊن ۾ وارهہ تعلقي مان سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. اڳتي هلي 2002ع ۽ 2008ع وارين عام چونڊن ۾ ميروخان تعلقي مان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. انهن سڀني چونڊن ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿيو.

حاجي منور راندين ۽ رانديگرن جي سرگرمين ۾ بہ اڳرو هوندو هو. نوجوانيءَ ۾ والي بال جو سٺو رانديگر بہ هو. اسڪول جي ڏينهن ۾ ڪرڪيٽ بہ کيڏندو هو. لاڙڪاڻي ضلعي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جو صدر ۽ پوءِ ڊويزنل صدر بہ ٿي رهيو سندس ڪرڪيٽ سان دلچسپي سبب سنڌ اسپورٽس بورڊ جو ميمبر ۽ ڪرڪيٽ ڪنٽرول بورڊ جو لائيف ميمبر بہ ٿيو.

سماجي شعبي ۾ بہ سندس خدمتون جام آهن. 1983ع ۾ ”عباسي ڪلهوڙا تنظيم“ قائم ڪيائين جنهن کيس پڳدار بہ چونڊيو. جنهن جي بينر هيٺ هر سال ٽن ڏينهن لاءِ اکين جي مفت ڪيمپ لڳندي اچي ٿي ۽ هر سال ڪلهوڙا تاريخ جي مختلف موضوعن تي سيمينار ۽ ادبي گڏجاڻيون ٿينديون اچن ٿيون. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪميونٽي سينٽر، ڪميونٽي اسڪول ۽ دستڪاري مرڪز بہ کولرايائين.

سندس طبيعت ۾ سادگي، عاجزي، نهٺائي، بلند اخلاقي ۽ هر ننڍي وڏي سان ميل جول جهڙيون خاصيتون هر ڪنهن زميندار جي وس ۾ ناهن. حاجي منور علي عباسي جون پ پ پ لاءِ خدمتون يادگار رهنديون. پنهنجي زندگي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضلعي لاڙڪاڻي جي پ پ پ جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ پارٽي جي تنظيم ۾ سپ ڪان وڌيڪ فعال رهيو. ان وقت تنظيم جي سيٽ اپ ۾ چاڪر علي جوڻيجو پريزيڊنٽ ۽ مان سينئر وائيس پريزيڊنٽ هيس. خدمت خلق جي نالي حاجي صاحب وڏو نالو ڪمايو. 1977ع ۾ جنرل ضياءُ الحق پاڪستان ۾ مارشل لا لڳايو ۽ ان سان گڏ اعلان ڪيو ته جنرل اليڪشن 90 ڏينهن ۾ ڪرائيندا. اليڪشن جو شيڊول پڻ آيو نامينيشن فارم ڀرايا ويا. خود ذوالفقار علي ڀٽي صاحب لاڙڪاڻه تڪ مان MNA جو فارم ڀريو هو اليڪشن کان فقط ٻه، ٽي ڏينهن اڳ ۾ جنرل ضيا اليڪشن رد ڪري اعلان ڪيو ته جيڪڏهن اليڪشن ڪرائي ته ساڳيو نتيجو پ پ پ جي حق ۾ ايندو تنهنڪري اليڪشن ڪرائڻ بي سود ٿيندي انهي ڏينهن شام جو پيپلز پارٽي پاران اليڪشن جو جلسو وڪيل غلام الله شيخ واري، محلي لاڙڪاڻي ۾ ڪري گهر پهتاسين ته رات جو چاڪر علي، حاجي منور علي، مونکي ۽ ٻين پارٽي جي ورڪرن کي گرفتار ڪري صبح جو سکر سينٽرل جيل ۾ موڪليو ويو اسان سان گڏ نيڪ محمد ڀٽو، رضا محمد ڀٽو هئا جتي اسان ٻه مهينا گڏ گذاريا. حاجي صاحب اسان سيني کان عمر ۾ ننڍو هو ۽ جيل ۾ هن سيني رفيقن جو خيال رکيو. جيل ۾ اسان سيني ڏاڍو دلچسپ وقت گذاريو. شام جو روزانو بيڊمنٽن کيڏندا هئاسين حاجي صاحب اسان سيني کان سٺي بيڊمنٽن کيڏندو هو. باقي 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ واري گرفتاري کان پوءِ جدا جدا جيلن ۾ رهياسين.

حاجي منور علي عباسي هينئر الله کي پيارو ٿي چڪو آهي. پر سندس شاندار ڪردار اسان کي ياد آهي ۽ ياد رهندو دعا آهي ته الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏي. سندس زندگي ۾ ئي سندس پٽ معظم علي MPA سندس سياسي ۽ سماجي پوزيشن سنڀالي آهي ۽ سندس ٻيو پٽ بئريسٽر ڪاظم علي ڪراچي ۾ وڪالت جي پيشي ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضلعي لاڙڪاڻي/ قمبر شهدادڪوٽ جا زميندار ۽ خاندان

**خانبهادر پير بخش خان ڪهاوڙ:**

خانبهادر پير بخش خان ڪهاوڙ (اول) سن 1846ع ۾ پنهنجي خاندان ۽ هندن جي چئن پنجن خاندانن سميت ڪور ڏاتو جي ڳوٺ ٽنڊي مراد علي خان کان پوڙ سبب شهدادڪوٽ لڏي آيو. ان سال ئي انگريزن افغانستان تي حملو ڪيو پير بخش خان ته قنڌار پاسي ويندڙ انگريزن لشڪر کي رسد جي لاءِ رڍون ٻڪريون ۽ مال ڍوئڻ لاءِ اٺ وٺي ڏنا، جنهن جي انعام طور کيس خانبهادري جو لقب ۽ شهدادڪوٽ شهر جي ٻاهران ڪجهه هزار ايڪڙ زمين به ڏنائون.

سردار پير بخش خان ڪهاوڙ وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هيو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ محمد بخش ڪهاوڙ ۽ پوءِ وري سندس پٽ خانبهادر پير بخش ڪهاوڙ (ٻيو) ناميارا زميندار ٿيا. خانبهادر پير بخش ڪهاوڙ(ٻيو) اوائلي دور ۾ شهدادڪوٽ ميونسپل قائم ٿيڻ کان اڳ سينيٽري ڪاميٽي جو نامزد ميمبر هوندو هيو. جنهن وقت شهدادڪوٽ تعلقو جيڪب آباد ضلعي ۾ هوندو هيو ته تعلقه لوڪل بورڊ هوندو هيو جنهن جو پهريون پريزيڊنٽ رئيس محمد بخش ڪهاوڙ خانبهادر پير بخش (دوئم) جو والد هوندو هيو.

خانبهادر پير بخش خان ڪهاوڙ شهدادڪوٽ ۾ وڏي مان ۽ مرتبي وارو ماڻهو ٿي گذريو آهي، سندس اولاد مان محمد بخش خان ڪهاوڙ ڪجهه عرصو اڳ ڪراچي ۾ گذاري ويو. محمد بخش ڪهاوڙ جو نوجوان پٽ طارق امين شهدادڪوٽ ۾ زميندار ي ۽ جائداد سنڀالي ٿو جيڪو وسيع دوستي وارو ۽ ملنسار طبيعت جو مالڪ آهي.

**سرائي خدا بخش خان ڪهاوڙ:**

وارهه شهر ۾ سرائي خدا بخش هڪ چڱو ۽ ناميارو ماڻهو ليکيو ويندو هيو. سرائي خدا بخش ڪهاوڙ کرو انسان هو، وعدي جو سچو، قول ۽ فعل ۾ هڪ جهڙو ۽ هر ننڍي وڏي کي منهن تي سچ چوڻ وارو ماڻهو هيو. منهنجي ساڻس سٺي راهه و رسم هئي. سرائي خدا بخش وڏو زميندار ته نه هيو پر ننڍي زميندار ي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي پنهنجي محنت سان وارهہ شهر جي پرسان سايون ٻاجيون ۽ پٽاٽا پوکرائيندو هيو ۽ وارهہ شهر ۾ نيڪال ڪندو هيو. سرائي خدا بخش گهٽو عرصو ٿيو وفات ڪري چڪو آهي هن وقت سندس ٻن پٽن مان سرائي عبدالفتاح کهاوڙ وارهہ ۾ رهي ٿو ۽ زمينن جائيداد جا معاملا ڏسي ٿو. جڏهن تہ سندس وڏو پٽ عبدالوهاب ڪراچي ۾ رهندو آهي.

### شهہ بيگ خان ڏکڻ (سومرو) جو خاندان:

مرحوم شهبيگ خان (ڏکڻ) سومرو تعلقي شهدادڪوٽ جو هڪ وڏو زميندار هيو جنهن جي نالي پٺيان شهبيگ شاخ اڃان تائين موجود آهي. مرحوم شهبيگ خان انگريز دور ۾ وڏي اثر رسوخ ۽ هلندي پڄندي وارو ماڻهو هيو. سندس زندگيءَ ۾ سندس پوٽو الاهي بخش جو قتل ٿيو هيو جنهن ڪيس ۾ جوابدار کي ڪورٽ مان ڦاهيءَ جي سزا مليل هئي. شهبيگ خان پنهنجو اثر رسوخ کي استعمال ڪري جوابدار کي شهدادڪوٽ جي "ڪوٽو موتو چوڪ" تي سرِعام ڦاهي ڏياري هئي.

مرحوم الاهي بخش جو پٽ ۽ شهبيگ خان جو پڙ پوٽو سرائي غلام حسين خان پڻ نالي وارو زميندار هيو. سندس اٿڻ ويهڻ وڏن وڏن ماڻهن سان هيو. شهدادڪوٽ جا سڀ وڏيرا، چانڊيا، مگسي، بروهي، کهاوڙ ۽ شهر جا واپاري شيخ صاحب پڻ سندس دوستي جي حلقي ۾ هوندا هيا. مون سميت لاڙڪاڻي جي وڪيلن قاضي فضل الله، شمس الدين ابڙي، ڪامريڊ تاج محمد ابڙي ۽ ٻين سان بہ سندس تعلقات هيا. مونسان سندس ويجهڙائي هئي ۽ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ جو رستو هو. ائين سمجهو تہ منهنجو ڀائن وانگر پيارو دوست هو.

مرحوم سرائي غلام حسين خان کي ٽن پٽن ۽ ٻن نياڻين جي اولاد آهي. وڏو پٽ الاهي بخش منهنجو نياڻو آهي ۽ ڪسٽم ڊپارٽمينٽ جو آفيسر رهي رٽائر ٿيو. ٻئي پٽ سجاد حسين کي سومرا برادريءَ جي هڪ حصي سرداري پڳ ٻڌرائي آهي. ٻئي ڀائر جدي پشتي زميندار آهن ۽ پنهنجي زمين سنڀاليندا آهن، سندن دوستي جو دائرو پڻ وسيع آهي. سندس ننڍو پٽ زائد ننڍي عمر ۾ گذاري ويو.

### قنبر جا هڪڙا زميندار:

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ تائين قنبر تعلقي ۾ غيبي ديري جو جاگيردار، چانڊڪا جاگير جو ڌڻي، چانڊيا قبيلي جو سردار "سر نواب غيبي خان چانڊيو" تمام وڏي حيثيت جو مالڪ هيو. چانڊيہ سردارن لاءِ مان پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يادگيرن جي ڪتاب ۾ اڳ مفصل ذڪر ڪري چڪو آهيان چانڊيہ سرداري اڄ تائين قائم آهي نواب احمد سلطان چانڊيو کان پوءِ سندس پٽ شبير احمد خان سردار ٿيو هو بہ وڏي شان مان سان رهيو ۽ ايم پي اي سنڌ بڻيو سندس وفات کانپوءِ سندس پٽ سردار خان چانڊين جو نواب آهي پاڻ بہ ايم پي اي سنڌ چونڊيل آهي سندس ننڍو ڀاءُ برهان احمد خان پڻ ايم پي اي سنڌ آهي. جڏهن تہ قنبر تعلقي جا ڪجهہ ٻيا بہ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن.

قنبر علي خان شهر جو زميندار ۽ انگريز دور ۾ قنبر ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ خانبهادر علي حسن خان هڪڙو بہ ناميارو ماڻهو ٿي گذريو آهي. سندس پٽ دوست محمد خان هڪڙي پڻ پنهنجي پيءُ جي جاءِ ڀري. دوست محمد خان هڪڙو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ قنبر ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ رهيو. سنڌ اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر رهيو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر بہ چونڊيو ويو. 1970ع واري چونڊ ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي نواب احمد سلطان چانڊيي کي شڪست ڏئي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو.

سندس دوستي وسيع پيماني جي هئي. سياسي ميدان ۾ سندس مدِمقابل گهٽ ٿي گذريا آهن. سياسي وقت بہ پنهنجي "ٽرمس، ڪنڊيشن" تي گذاريائين ، وڏو يار باش ماڻهو هيو. سندس قنبر وارو بنگلو هميشہ ڀِڪندو هيو. اهڙي شام ٿي ئي نہ هوندي جڏهن ان بنگلي تي ڪا رنگارنگي محفل نہ هجي. سندس پٽن مان علي حسن هڪڙو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر رهي چڪو آهي. سندس وڏو پٽ فدا حسين سياست ۾ نہ رهيو پاڻ پنهنجي فيملي ساڻ گهڻو وقت ڪراچي رهيو. هاڻي گذاري ويو آهي.

## شيخ جي ٽڪ وارا شيخ:

قنبر تعلقي ۾ چانڊيا جاگير کانپوءِ جيڪي وڏا زميندار هيا سي هئا شيخ جي ٽڪ وارا شيخ، هزارن ايڪڙن زمين جا مالڪ ۽ مشهور ڍنڍ "ڊرگهہ" جا مالڪ هئا. انگريز حڪومت جي زماني کان وٺي ڊرگهہ ڍنڍ تي بمبئي جا گورنر ۽ بعد ۾ سنڌ جا گورنر ۽ وڏا وزير هر سال ڍنڍ تي آڙين جي شڪار لاءِ ايندا رهندا هئا.

پاڪستان جا صدر اسڪندر مرزا، جنرل ايوب خان، جنرل يحيٰ خان ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ هتي شڪار لاءِ ايندا رهيا آهن. جڏهن تہ مختلف عالمي اڳواڻ شهنشاهہ ايران، ابو ظهبي جو شيخ زائد بن سلطان بہ هن ڍنڍ تي شڪار ڪري چڪا آهن. شيخ فيملي جا ڪيترائي زميندار پنهنجون زمينون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپائي ڪراچي شفٽ ٿي ويا آهن. سندن لاڙڪاڻي واري بنگلي تي سردار محمد نواز شيخ رهي ٿو جيڪو تڪ وارن شيخن جو ڊائريڪٽ وارث ۽ پيپلز پارٽي ۾ سرگرم آهي ۽ زميندار ي سان گڏ راڄ ڀاڳ به سنڀالي ٿو. ڊرگهه ڍنڍ آهي ته هنن جي ئي هٿ پر پاڻي گهٽ هجڻ سبب ڍنڍ جي پراڻي اهميت ناهي رهي. هن فيملي جو هڪ نوجوان الطاف راجا شيخ سرڪاري نوڪري ۾ آهي ۽ ڪراچي ۾ سيٽل آهي. ذوالفقار شيخ ڪسٽم ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهي ۽ ڪراچي ۾ مستقل رهائش اٿس.

قنبر تعلقي جا ٻه دوست جيڪي وڏا زميندار ته نه هيا پر پنهنجي تر ۾ وڏي اهميت رکندا هيا. اهي هيا عبدالحميد سومرو دوست علي وارو، بخشل خان مگسي، ڳوٺ پنهنجو ۽ قنبر شهر جو بخشل خان جهنديل. ان کان سواءِ عبدالحميد جو ڀاڻيجو مرزا خان ويٺل ڳوٺ ڪاهي پڻ هن گروپ ۾ هيو. اهي سڀ گذاري ويا آهن، مرزا خان سومري جو وڏو پٽ ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ ڊپٽي ڊائريڪٽر هيلٿ تان رٽائر ٿيو آهي. ٻيو پٽ نذير احمد واپڊا ۾ S.E ٿي رٽائر ٿيو آهي.

## شهدادڪوٽ جا چانڊيا:

غيبي ديري ڪانپوءِ گهڻي زميندار ي ۽ اثر رسوخ وارا چانڊيا، شهدادڪوٽ تعلقي جا چانڊيا رهيا آهن، هي گهراڻو پنهنجي ڳوٺ اعتبار خان چانڊيو ۾ قديم زماني کان آباد آهي، مان 1954ع کان لاڙڪاڻي ۾ جنهن گهر ۾ اچي رهيو آهيان، ان جي پرسان اعتبار خان چانڊيي وارن جو بنگلو هيو، جيڪو ڪجهه وقت ٿيو ته نئين سر ٺهرايو ويو آهي.

مان انهن چانڊيا صاحبن سان اوائل کان دوستي جو ناتو ڳنڍيو. انهن مان جن صاحبن جا نالا ٻڌايان ٿو تن مان ڪيترائي الله کي پيارا ٿي ويا آهن؛ مرحوم لطف علي خان چانڊيو، سندس ڀاءُ علي حسن خان چانڊيو خدا ڏنو خان چانڊيو ۽ پنهل خان چانڊيو مشهور ٿي گذريا آهن. خدا ڏنو خان سان منهنجي ويجهڙائپ رهي، هي صاحب سڏيل زميندار هجڻ سان گڏ سياسي طرح به سرگرم رهيو ۽ ڪجهه وقت سنڌ گورنمينٽ ۾ ائڊوائزر به ٿي رهيو. ڳوٺ ۾ هر ڪنهن جا سهڻا بنگلا ٺهيل آهن. سندن هزارين جريب زمينون سندن خاندان ۾ ورهائجي ويون آهن ۽ لاڙڪاڻي وارو بنگلو خدا ڏني خان جي پٽن جي حوالي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل معزز گذاري ويا آهن باقي سندن اولاد ڳوٺ ۾ رهي ٿي ۽ ڪجهه سرڪاري نوڪري ۾ آهن ۽ شهرن ۾ رهن ٿا. ڪجهه پنهنجي زميندار ي ڪرڻ ڪي لڳل آهن. هن وقت سندن حال حيات فرزندن مان جن کي مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاڳان ٿو انهن ۾ حاجي علي حسن خان جو پٽ، اختر حسين پوليس ۾ ايس.پي آهي. خدا ڏني خان جو پٽ رئيس عبدالڪريم گيس ڪمپني ۾ آفيسر آهي. سندس ٻيو پٽ جاويد علي پنهنجي زمين سنڀالي ٿو. جڏهن ته سندس ٻه ڀيا ڀائر ڳوٺ ۾ رهن ۽ زميناري ڪن ٿا. مرحوم پنهل خان چانڊيءَ جو هڪ پٽ ذوالفقار علي ايڪسائيز کاتي ۾ نوڪري ڪري ٿو ۽ سندس ٻيو پٽ نصير احمد پنهنجي زمين سنڀالي ٿو.

## شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جا ڀائر

سر شاهنواز ڀُٽي کي ٽي پٽ هيا، وڏي ۾ وڏو امداد علي خان، ٻيو نمبر سڪندر علي خان ۽ ننڍي ۾ ننڍو ذوالفقار علي خان ڀٽو.

## امداد علي خان ڀٽو:

امداد علي خان منهنجي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪرڻ کان هڪ سال اڳ 1952ع ۾ وفات ڪري ويو. مون کيس نہ ڏٺو. مگر سندس والد جي ويجهي ملازم ۽ کيس ويجهو رهندڙ نظر محمد خان لغاري کان سندس بابت ڪافي ڳالهيون ٻڌل آهن. نظر محمد خان لغاري چواڻي تہ سر شاهنواز خان ڀُٽي کي انگريز حڪمران چيو تہ تنهنجي پٽ امداد علي خان کي پوليس ۾ ڊي ايس پي طور کڻون ٿا، امداد علي خان اهو عهدو قبول ڪيو (هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ پاڪستان ٺهڻ کان ڏهہ ٻارنهن ورهيہ اڳ تائين ڊي ايس پي جو عهدو انگريز آفيسرن لاءِ مخصوص هوندو هيو).

امداد علي خان ڀٽو ان عهدي تي اَٺَ ورهيہ ڪن رهيو. سندس نوڪري واري عرصي ۾ ضلع ٿرپارڪر ۾ هڪ جوابدار ۽ خوني ڏوهاري هن جي هٿان مار ۾ مري ويو هيو جنهن جي بدلي وٺڻ لاءِ سندس ڪنهن عزيز، امداد علي خان جي نوابشاهہ پوسٽنگ دوران سندس رهائشگاهہ ۾ اچي حملو ڪيو پر امداد علي خان هن کي پنهنجي سرڪاري روالور سان فائرنگ ڪري ماري وڌو. ان واقعي کانپوءِ سر شاهنواز ڀُٽي صاحب کانئس نوڪري ڇڏائي ۽ پوءِ امداد علي خان پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ زميناري سنڀالڻ شروع ڪئي. سندس لاڙڪاڻي ۾ بہ بنگلو هيو. پاڻ سخت گير ماڻهو هيو ۽ ڪنهن بہ چور چڪار يا بدمعاش بدڪار ماڻهوءَ کي برداشت نہ ڪندو هيو جنهن سبب تر-جُوءِ ۾ امن هوندو هيو.

امداد علي خان ڀٽو جي شادي شڪارپور مان خان بهادر غلام قادر خان ميراڻي جي نياڻي سان ٿيل هئي. آفتاب شعبان ميراڻي صاحب سندس سالو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. امداد علي خان کي پٽ جو اولاد نہ هيو ۽ بہ نياڻيون هيس جن مان هڪ ادي نرگس پنهور جي شادي حيدرآباد جي هڪ خانداني معتبر ماڻهو نور محمد سومري سان ٿي. ان مان ادي نرگس کي هڪ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. سندس پٽ اسد علي سومرو اعلیٰ تعليم يافتہ ۽ پارڪو ريفائنري ۾ سٺي عهدي تي آهي، سندس شادي وفائي خاندان مان ٿيل آهي. نور محمد صاحب جي وڏي نياڻي "دُر شهوار" ايم بي بي ايس پاس آهي ۽ منهنجي ننڍي پٽ عامر علي جي گهر واري آهي جنهن جي شادي جنوري 2001ع ۾ ٿي. سندس ٻي نياڻي سعديہ سومرو جي شادي منهنجي وڏي پٽ آصف علي جي سالي عمران ولد علي خان سومري سان ٿيل آهي. جڏهن تہ سندس ننڍي نياڻي جي شادي هڪ پنهور نوجوان سان ٿيل آهي جيڪو انگلينڊ ۾ رهندو آهي. امداد علي خان جي ٻي نياڻي زرينہ جي شادي پي. آءِ. اي جي سينيئر فلائنگ آفيسر الطاف حسين سومري سان ٿيل هئي. امداد علي خان جون ٻئي نياڻيون ۽ سندس مڙس الله کي پيارا ٿي چڪا آهن.

## سڪندر علي خان پنهور:

سڪندر علي خان سان منهنجي نيازمندي ۽ دوستي منهنجي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات يعني 54-1953ع ڌاري شروع ٿي. سڪندر علي خان پنهور منفرد شخصيت جو مالڪ هيو. ڪراچي ۾ ڪاليج جي تعليم هيس پر ڊگري حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي پڙهائي ڇڏي اچي زميندار ي کي لڳو. باقي علم سان سندس چاهہ هميشہ تائين رهيو. ڳڙهي خدا بخش ۾ سندس بنگلي ۾ سندس شاندار ذاتي لائبريري هوندي هئي. خداداد قابليت ۽ لياقت جي ڪري سندس يادگيري بہ زبردست هوندي هئي. نيشنل توڙي انٽرنيشنل هسٽري جي وڏي ڄاڻ هوندي هيس جيڪا هن انگريزي ڪتابن مان حاصل ڪئي هئي. انگريزي ٻولي ۾ ٿوري گهڻي شاعري بہ ڪئي هيائين.

مون کي هڪڙي ڳالهہ ياد پئي اچي تہ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزيرخارجہ هيو ۽ لاڙڪاڻي آيل هيو تہ وٽس المرتضیٰ هائوس ۾ "رائونٽري" (Rountree) نالي آمريڪن ايمبيسيڊر ترسيل هيو. شهيد ڀٽو ڪنهن ڪم سان شهر کان ٻاهر پئي ويو، سڪندر علي خان، المرتضیٰ هائوس ۾ موجود هيو. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ٻاهر وڃڻ مهل "رائونٽري" کي چيو تہ، "مان ضروري ڪم سان ٻاهر ٿو وڃان، منهنجي غير موجودگيءَ ۾ منهنجو وڏو ياءُ سڪندر علي خان توهان کي ڪمپني ڏيندو." مان بہ پنهور صاحب سان گڏ هيس. جڏهن ڀٽو صاحب واپس آيو تڏهن "رائونٽري" کان پڇيائين تہ منهنجي غير حاضري ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوريت تہ نہ ٿي. ”رائونٽري“ وراڻيو تہ ”بلڪل نہ، منهنجي توهان جي ڀاءُ سان آمريڪن تاريخ ۾ سول وار تي گفتگو ٿي. مونکي حيرت لڳي تہ هن کي آمريڪن سول وار تي مون کان بہ وڌيڪ معلومات هئي.“

سڪندر علي خان پڻو مشفق ۽ مهربان انسان هو. سخاوت ۽ يار ويسي هن جو طره امتياز هيو. پيئڻ ۽ پڙهڻ جو شوقين هيو. ڳوٺ ۾ سندس حويلي کان جدا سندس بنگلو هيو جنهن جي هڪ هال ۾ چوڌاري ڪتابن جا ڪبٽ پريل هوندا هيا. صبح جو حويلي مان نڪري اچي بنگلي ۾ ويهندو هيو. سندس خاص ملازم نظر محمد لغاري اتي سندس خدمت ۾ موجود هوندو هيو. سڪندر علي خان اچڻ سان ڪوبہ ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪندو هيو ۽ منجهند جو لنچ تائين مطالعي ۾ مشغول هوندو هيو. پوءِ حويلي ڏانهن اٿي ويندو هيو. شام جو وري بنگلي تي اچي ويهندو هيو ۽ ڪچهري پڻ مچندي هئي تہ جنريٽر هلائي روشني ڪندا هيا. بجلي تڏهن اجان عام نہ هئي.

سڪندر علي خان جڏهن لاڙڪاڻي ايندو هيو تہ سندس وڏي ڀاءُ امداد علي خان جي بنگلي تي ڪچهري مچائيندو هيو. سڀ يار دوست اتي ايندا هيا جن کي ڪارائي پياري موٽي ويندو هيو. مان بہ سندس ڪيترن ئي دوستن مان هڪ هيس. سڪندر علي خان ڪڏهن المرتضیٰ هائوس ۾ ڪچهري ڪندو هيو تہ ڪڏهن سردار پير بخش ڀُٽي جي بنگلي ۾ ۽ ڪڏهن وري دوستن کي وٺي لاڙڪاڻي جي مشهور ”گرين بار“ ۾ گپ شپ ڪندو هيو. سڄي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سندس دوست هوندا هيا. سندس ڪجهہ ذڪر مان پنهنجي پهرئين ڪتاب ۾ بہ ڪري چڪو آهيان. سندس نرينہ اولاد ۾ سندس پٽ امداد علي خان هيو جيڪو پڻ وفات ڪري چڪو آهي. سڪندر علي خان سان حياتي وفا نہ ڪئي ۽ قوهہ جوانيءَ ۾ گذاري ويو. شال ڌڻي سندس مغفرت ڪري. سندس بہ پوٽا حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

جوڻيجو خاندان لاڙڪاڻو :

جيئن مان اڳ ۾ پنهنجي ڪتاب ”يادن جي ڳڙڪيءَ مان“ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪرڻ مهل پنهنجي دوست سڪندر خان جوڻيجي جي مهرباني سان سندس چاچي رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي جي بنگلي جي هڪ حصي ۾ رهڻ شروع ڪيو هيم. انهيءَ وقت ۾ سڪندر خان جوڻيجي جي تمام ويجهي دوست نياز حسين سانگي سان بہ دوستي ٿي، جيڪو ميروخان تعلقي جي ڳوٺ ”محبوب جي بنگلي“ جو زميندار هيو. سڪندر خان جوڻيجي وٽ اڪثر ايندو رهندو هيو. ويچارو قوهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواني ۾ گذاري ويو. سندس پٽ قلب حسين سانگي پ.پ.پ ۾ آهي ۽ ساڻس بہ سٺو واسطو آهي.

چاچو پير بخش خان جوڻيجو مرحوم جيڪو سڪندر خان جوڻيجي جو والد ۽ بيرسٽر جان محمد جوڻيجي جو ڀاءُ هيو. اهو بہ مون تي وڏو مهربان هوندو هيو. سندس وڏو پٽ ۽ سڪندر خان جو وڏو ڀاءُ غلام حسين بہ بنگلي ۾ رهڻ دوران منهنجو گهرو دوست ٿيو. چاچي پير بخش جي زمين ۽ مستقل رهائش ڏامراهہ ڳوٺ ۾ هئي. چاچو پير بخش خان نهايت باشعور ۽ حاضر جواب ماڻهو هيو. وڏو زماني شناس ۽ جهانديده انسان هيو. هڪ دفعي ٻڌايائين تہ سندس ڀاءُ جان محمد خان جوڻيجو جيڪو رئيس المهاجرين جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ خلافت تحريڪ دوران افغانستان هجرت مهل پهرين ريل وٺي ويو هيو. اهو جڏهن 16-اپريل 1921ع تي اجمير ۾ فوت ٿي ويو ۽ بعد ۾ مهاتما گانڌي لاڙڪاڻي آيو هيو تہ سندس ڀاءُ چاچي پير بخش سان ٻئرسٽر جان محمد خان جي تعزيت بہ ڪئي هيائين.

چاچا پير بخش مونکي ٻڌايو پئي تہ تعزيت دوران مونکي بوسڪي جو پٽڪو ۽ سٽڻ قميص پاتل هيا. ڳالهين ڳالهين ۾ مهاتما گانڌي مون کي چيو تہ."اوهان وديشي ڪپڙو استعمال نہ ڪريو. اوهان وڏي ليڊر جي گهراڻي منجهان آهيو!"

مون سندس پاڪيٽ واچ تي هٿ رکي کيس چيو:"سائين هي بہ اسان جي ملڪ جي ٺهيل آهي؟"

گانڌي مرڪندي وراڻيو: "برابر هي واچ بہ وديشي آهي پر جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ ٺهندي تہ پوءِ اها استعمال ڪندس."

چاچي پير بخش خان جو پٽ ارشاد احمد (جيڪو سندس ٻي گهر واري مان آهي) اهو سياست ۾ سرگرم آهي ۽ نهايت ملنسار ماڻهو آهي. سندس پوٽو مرحوم سڪندر خان جوڻيجي جو پٽ مظهر علي خان پڻ لائق فائق شخص آهي. پ.پ.پ ۾ سرگرم آهي. ان ئي دور ۾ چاچي پير بخش جي ڳوٺ جو وڏيرو الله بخش خان ڏامراهو پڻ دوست ٿيو جنهن جو پٽ منظور ڏامراهو سنڌ ايڪسائيز کاتي ۾ وڏو آفيسر رهيو ۽ اڄڪلهہ رٽائر آهي.

ڏامراهن جي جوڻيجا خاندان جو هڪ ترقي پسند زميندار وڏيرو محمد هاشم جوڻيجو هيو. جنهن سان سٺو نيازمندي جو رستو رهيو. محمد هاشم جوڻيجي جديد دور جي تقاضائن کي محسوس ڪندي پنهنجي نياڻين کي بهترين تعليم ڏياري. پنهنجي سؤٽ ۽ سالي چاڪر علي خان جوڻيجي کي بار ايٽ لا ڪرڻ لاءِ لنڊن موڪليائين. چاڪر علي خان لنڊن مان تعليم تہ نہ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائي پر پوءِ بہ هڪ سمجهدار ماڻهو ثابت ٿيو. لنڊن مان واپس اچڻ کانپوءِ خانبهادر کهڙي سان وابستہ رهيو. 1963ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان سياسي طرح وابستہ ٿيو ۽ پ پ پ جو باني ميمبر ٿيو. پ پ پ سان وابستگي سبب جيل ۾ بہ ويو. محترمہ بينظير جي دور ۾ UAE جو سفير ٿيو ۽ مرڻ گهڙي تائين پارٽي ۾ رهيو. سندس وڏو پٽ پرويز احمد جوڻيجو وفاقي سيڪريٽري آهي، ٻيو پٽ فرحت علي DIG پوليس آهي، سندس ڀائيٽيو ذوالفقار علي SSP جي عهدي کان رٽائر ٿيو. وڏيري محمد هاشم جي گهر ۾ خورشيد احمد جوڻيجو پيدا ٿيو تہ سڪيلڌي پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ ڳوٺ ۾ هڪ تمام وڏي دعوت ڪئي هيائين، جنهن ۾ مان بہ شريڪ ٿيو هيس. وڏيري محمد هاشم جوڻيجي سان منهنجو سندس وفات تائين تعلق رهيو.

سندس پٽ خورشيد احمد جوڻيجو بہ نهايت سلجهيل ۽ ڪامياب ماڻهو آهي ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو مٿس اعتماد رهيو. خورشيد هن وقت پ.پ.پ ۾ آهي ۽ MNA ميمبر نيشنل اسيمبلي آف پاڪستان آهي. ان کان اڳ ۾ يونين ڪائونسل جو چيئرمين، ضلعي ڪائونسل جو ميمبر، ضلعي ناظم ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ پاڪستان جو سفير بہ رهي چڪو آهي. محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي وزارت عظمىٰ جي دور ۾ ڪنسلٽنٽ (Consultant) جي پوزيشن ۾ وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ پڻ ڪم ڪري چڪو آهي.

## ڪيهر خاندان لاڙڪاڻو:

ڪيهر خاندان بہ لاڙڪاڻي جو هڪ اهم خاندان آهي. هن خاندان جو واسطو لاڙڪاڻي شهر کان چار ڪلوميٽر جي فاصلي تي آباد "ڪيهر ڳوٺ" سان آهي. زيتونن جي باغن ۽ زرخيز زمين وارو هي ڳوٺ مالي طور تي خوشحال هارين ۽ زميندارن جو ڳوٺ آهي. خانصاحب غلام رسول خان ڪيهر هن ڳوٺ ۾ وڏيري شير خان جي گهر ۾ پيدا ٿيو. خانصاحب ميٽرڪ تائين سنڌ مدرسه ڪراچي ۾ پڙهيو جتان 1925ع ۾ ممبئي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪيائين. پاڻ سنڌ جو ٻيو ۽ لاڙڪاڻي جو پهريون مسلمان ڇوڪرو هيو جنهن بمبئي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي هئي. جڏهن تہ پهريون گريجوئيٽ مسلمان سر غلام حسين هدايت الله هيو. 1925ع ۾ گريجوئيشن کانپوءِ کيس سرڪار پاران مختيارڪاري جي آفر ٿي، جڏهن تہ ترقي ڪندو 1944ع ۾ ڪليڪٽر ٿيو.

1935ع ۾ کيس خانصاحب جو خطاب مليو هيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1952ع ۾ سي.ايس.پي جو امتحان پاس ڪيائين، جن ٻن ماڻهن کي سي ايس پي آفيسر طور چونڊيو ويو انهن مان هڪ خانصاحب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام رسول کيهر ۽ ٻيو اڳوڻو صدر غلام اسحاق هيا. 1952ع ۾ خانصاحب نوڪري تان استعفيٰ ڏئي سياست ۾ آيو ۽ چونڊن ۾ جمال ابڙي جي پاءُ شمس الدين ابڙي کي شڪست ڏئي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. 1956ع ۾ پاڪستان پاران جنيوا ۾ گڏيل قومن جي سماجي ۽ اقتصادي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو. ڪراچي فشرمين سوسائٽي جو باني چيئرمين ٿيو. 1970ع واري چونڊ ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. 1972ع کان 1977ع تائين سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر ٿي رهيو. 4- جنوري 1986ع تي سندس وفات ٿي. سندس ٻه پٽ هيا امداد حسين ۽ ڊاڪٽر بشير احمد ڪيهر، امداد حسين ڪيهر ٻه سنڌ اسيمبلي جو ميمبر هيو. امداد حسين ڪيهر سان ٻه شروعاتي ڏينهن ۾ 1956-1955ع ڌاري ملاقات ٿي هئي جيڪا دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. سندس سؤٽ الاهي بخش ڪيهر ته منهنجو انتهائي پراڻو ۽ ويجهو دوست هو. اڳ ۾ وڪيل هو پوءِ Evacavee ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪيائين، امداد حسين کي پٽ جي اولاد نه هئي جنهن ڪري ڪانٽس پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر بشير احمد ڪيهر جو پٽ رضوان ڪيهر هاڻي ڪيهر برادريءَ جو سردار آهي. ان ئي دور ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڪچي جي زميندار مرحوم غلام مرتضيٰ اعواڻ سان ٻه دوستي ٿي جيڪو منهنجي وڪالت جي شروعاتي دور ۾ روزانو شام جو علي گوهر عباسي وانگر عبدالفتاح صاحب جي آفيس ۾ ايندو هيو ۽ محفل مچندي هئي. مرحوم غلام مرتضيٰ اعواڻ ٻه نهايت پيارو انسان هيو ۽ چرچي پوڳ جو ماهر هيو.

## انڙ خاندان لاڙڪاڻو:

باقراڻي ۽ ڏوڪري تعلقن جو انڙ خاندان ٻه هڪ مشهور و معروف سياسي خاندان آهي. هن خاندان جو وڏو غلام عمر خان انڙ هڪ ناميارو زميندار ٿي گذريو آهي. پاڻ روايتي مهمان نواز ۽ بهادر انسان طور مشهور هيو. سندس پٽن مان حاجي غلام حسين انڙ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻي جو چيئرمين ۽ 1988ع ۾ پ.پ.پ جو ايم.پي.اي چونڊيو ويو. غلام حسين انڙ جو پٽ شفقت حسين انڙ وري سياست ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ لاءِ PTI ۾ شموليت ڪئي ۽ عمران خان کي دعوت ڏئي سندس وڏي پيماني تي جلسو ڪرايو هيائين. پر عمران خان جي بيقدري ۽ بي توجهي سبب پي ٽي آءِ ڇڏي پ پ پ ۾ شامل ٿيو آهي. سندس ٻيو ڀاءُ الطاف حسين انڙ غير جماعتي چونڊن ۾ ايم.پي.اي چونڊيو ويو ۽ مشرف دور ۾ ڪجهه عرصو روينيو منسٽر ٻه ٿي رهيو. اڄڪلهه هن خاندان جا ڪجهه نوجوان عادل خان انڙ، غلام عمرخان انڙ ۽ ڏاڏو الله بخش انڙ سياست ۾ سرگرم


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ سيئي پنهنجي راڄ ڀاڳ ۾ سنو اثر رکن ٿا.

**لاهوري خاندان لاڙڪاڻو:**

مان 1953ع کان لاڙڪاڻي ۾ رهندو اچان پيو. هاڻي ته لاڙڪاڻو گهڻو وڏو شهر ٿي ويو آهي. لاڙڪاڻي شهر جي بنيادي خاندانن مان هڪڙو خاندان "لاهوري خاندان" آهي، لاهوري خاندان وارا اصل ۾ ذات جا ڪرل آهن ۽ پنجاب مان انگريز دور ۾ سنڌ لڏي آيا هيا. هنن تي لاهوري نالو به ان ڪري پيو هيو جو پنجاب مان اچڻ سبب عام ماڻهن کين لاهوري سڏڻ شروع ڪيو ۽ اڳتي هلي پاڻ به لاهوري سڏائڻ لڳا. 1918ع ۾ نواب امير علي لاهوري لاڙڪاڻي ميونسپل جو صدر چونڊيو. ان دور ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندن جي اڪثريت هئي پر اهي به نواب صاحب کي چونڊيندا هيا. نواب امير علي لاهوري ميونسپل جي صدر هجڻ سان گڏ شهر جو چڱو مڙس به هيو. سندس سيڪيولر ۽ روادار طبيعت سبب هندو توڙي مسلمان کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هيا. انگريز سرڪار کيس اڳ ۾ خانبهادر جو لقب ڏنو هيو پر پوءِ لاڙڪاڻي شهر جي ڊولپمينٽ ۽ شهر کي خوبصورت بڻائڻ خاص ڪري گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ جي اڏاوت وغيره سبب انگريز سرڪار کيس نواب جو لقب ڏنو.

نواب اميرعلي لاهوري سر شاهنواز ڀُٽي جو گهرو دوست ۽ هممصر هيو. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پيدا ٿيو هيو ته سندس نالو ذوالفقار علي به نواب امير علي لاهوري رکيو هيو. جنهن علائقي ۾ نواب امير علي لاهوري جو بنگلو ۽ رهائش هئي ان علائقي جي اوپر پاسي رضا شاهه ڪبير روڊ تي ڀٽو ڪالوني هئي جنهن ۾ سر شاهنواز ڀُٽي ۽ ٻين ڀٽن صاحبن جا بنگلا هيا. المرتضيٰ هائوس به ان ڀٽو ڪالوني جو حصو آهي.

نواب امير علي لاهوري کي تمام گهڻيون زمينون هيون. لاهوري محلو به سندس زمينن تي قائم اهي. جڏهن ته لاڙڪاڻي شهر ۾ سندس به بنگلا هيا جن مان هڪڙي حويلي هئي، هڪ اوطاق هئي. علي گوهر آباد محلو به سندس زمينن تي سندس پٽ علي گوهر خان جي نالي سان قائم ٿيو. سول اسپتال به سندس پلاٽ تي جڙيل آهي. ان دور ۾ ان هنڌ کي منزل گاهه چوندا هئا جتي شهر ۾ ٻاهران ايندڙ قافلا اچي منزلون ڪندا هئا. نواب امير علي لاهوري 1918ع کان 1940ع تائين لاڙڪاڻي ميونسپل جو صدر رهيو. 1937ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر به چونڊيو. 1946ع واري صوبائي اسيمبلي جي چونڊن ۾ کيس مسلم ليگ آفر ڪئي ته نوابي جو لقب واپس ڪر ته توکي سنڌ اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏيون. نواب صاحب انڪار ڪري اليڪشن ۾ بيهي رهيو ۽ هارايائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواب امير علي لاهوري کي چار پٽ هئا علي گوهر خان، قلب حسين، احمد حسين ۽ مصطفيٰ حسين لاهوري جن مان علي گوهر خان ۽ مصطفيٰ حسين گذاري ويا آهن.

### قادري خاندان لاڙڪاڻو:

لاڙڪاڻي شهر جي ذڪر لائق خاندانن مان هڪ قادري خاندان به آهي جن جي سڪونت لاڙڪاڻي شهر جي پاڙي "ميان جي ڳڙهي" ۾ آهي. هن خاندان جو وڏو "ميان محمد صالح قادري" هيو جيڪو "ميان عبدالحق درازي" جو مريد ۽ سچل سرمست جو همعصر هيو. مرشد جي قادري سلسلي جي نسبت سان قادري سڏائڻ سبب سندن ذات ئي قادري مشهور ٿي وئي. تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته هي خاندان اصل ۾ بلوچستان جي لسٻيلي وارن جامن مان آهي. هن خاندان وارا پاڻ کي فقير به سڏرائيندا آهن. هن خاندان تمام وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن. مون پنهنجي ايامڪاري ۾ "ميان غلام عباس جوش قادري" کي ڏٺو جيڪو لاڙڪاڻو ميونسپل جو ميمبر هيو، الحقيقت اخبار ڪڍندو هيو جنهن جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هيو. جمعيت الشعرا جو ميمبر هيو ۽ ڊرامينڪ سوسائٽي جو باني ۽ ڊراما پيش ڪرڻ ۾ سرگرم هوندو هيو ۽ اڪثر "آغا حشر ڪاشميري" جا اردو ڊراما استيج ڪندو هو باڪمال شاعر به هيو. ڊرامينڪ سوسائٽي ۾ ساڻس گڏ لاڙڪاڻي جي مشهور شخصيت حافظ عبدالڪريم " محمد صديق شيخ به هوندا هئا ۽ سٺي اداڪاري ڪندا هئا.

هن ـ و هڪ ٻيو فرزند جيڪو 1946ع-1947ع ڏاري منهنجو دوست ٿيو. اهو ميو "اياز حسين قادري" جنهن بعد ۾ "سنڌي غزل جي اوسر" تي علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائيءَ ۾ پي ايچ.ڊي ڪئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو سربراهه ۽ شاهه عبداللطيف چيئر جو ڊائريڪٽر به ٿي رهيو. سنڌي ادبي سنگت جي بانين ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي بانين ۾ به سندس شمار ٿيندو آهي. منهنجو سٺو دوست هيو. اياز حسين قادري نه رڳو سٺو استاد بلڪ شاعر، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ نقاد به هيو. 15-ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪيائين ۽ اباڻي قبرستان ۾ دفن ٿيو.

هن خاندان مان "ميان غلام عباس جوش" جو فرزند الطاف حسين قادري به ايس.ايم ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو ۽ گريجوئيشن ڪيائين. مان ڪاليج ۾ الطاف حسين کان هڪ سال سينئر هئس اسان جو ان زماني کان رابطو ۽ واسطو آهي. اڳتي هلي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏئي مختيارڪار طور سليڪٽ ٿيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر طور رٽائر ڪيائين. الطاف حسين قادري به وڏن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي روايت کي برقرار رکندي ادب جي ميدان ۾ آيو ۽ سندس شمار به ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪجهه ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

"الطاف حسين قادري" جو فرزند ذوالفقار علي قادري به هڪ ناليوارو سول سرونٽ ٿي رهيو آهي. سندس شمار ملڪ جي ڪامياب، ٽيلينٽڊ ۽ هوشيار آفيسرن ۾ ٿيندو هيو. ذوالفقار علي قادري جي شخصيت جو ٻيو رخ ادب آهي. "قادري قلم قبيلي" جي نالي سان اشاعتي ادارو قائم ڪيو اٿائين، جنهن جي پليٽ فارم تان پنهنجي خاندان جي مختلف شخصيتن جا اڻڇپيل مسودا ڇپرايا اٿائين. جڏهن ته پنهنجي آتم ڪٿا انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۾ به ڇپرائي اٿائين. هن وقت به محنت ۾ لڳل آهي ۽ ادبي پروگرامن ۾ به سرگرم رهندو آهي.

## ٻگهيا زميندار لاڙڪاڻو:

ٻگهين جو ٿورو ذڪر مان پنهنجي يادگيرين جي پهرئين ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۾ ڪري آيو آهيان. ٻگهيا خاندان جا زميندار انگريز دور کان وٺي پنهنجي تر جا وڏا زميندار رهيا آهن ۽ سندن اثر رسوخ به سٺو رهيو آهي. پراڻن ماڻهن مان جيڪي منهنجي ڄاڻ ۾ آهن ۽ جن مان ڪجهه سان منهنجو لاڳاپو به رهيو، اهي هئا وڏيرو موسيٰ خان ٻگهيو ۽ وڏيرو ڏتي بخش خان ٻگهيو. وڏيري موسيٰ خان ٻگهئي جو وڏو پاءُ عبدالمجيد خان ٻگهيو پنهنجي دور ۾ نهايت رهائي رسائي وارو زميندار رهيو پر ان سان منهنجو واسطو نه هيو ڇاڪاڻ ته هو منهنجي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪرڻ کان اڳ وفات ڪري چڪو هيو. باقي وڏيري محمد موسيٰ خان سان منهنجي سٺي نيازمندي هئي. وڏيري محمد موسيٰ خان جو وڏو پٽ سڪندر علي خان ٻگهيو هيو جيڪو پڻ هن وقت دنيا ۾ ڪونهي. مرحوم سڪندر علي خان ٻگهئي جو پٽ مسلم خان پنهنجي ڏاڏي جو نالو روشن ڪيو اچي ٿو. باقي سندس زميندار ۽ اثر رسوخ اهو ناهي رهيو. دراصل سندس والد سڪندر علي خان پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي وڏي جائداد کپائي ڇڏي هئي.

ٻئي طرف وڏيري ڏتي بخش خان ٻگهئي جي پٽ واحد بخش خان وڏو نالو ڪڍيو. پيپلز پارٽي جي قيام کانپوءِ ستت پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ 1970ع وارين چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو. هن پنهنجي پٽن کي تعليم ڏياري ۽ ان سان گڏ زميندار پڻ سنڀالي. لاڙڪاڻي شهر ۾ وڏو بنگلو ٺهرايائين. سڄي حياتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان گڏ رهيو. سندس پٽ به ساڻس گڏ پ.پ.پ ۾ رهيا ۽ وڏي پوزيشن ۾ رهيا. واحد بخش خان جي وڏي پٽ نظير احمد خان وڪالت جي ڊگري حاصل ڪري پ.پ جي ٽڪيٽ تي قومي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ٻئي ٽرم ۾ سندس ننڍو ڀاءُ حزب الله خان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 2013ع واري اليڪشن ۾ نظير احمد خان وري قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 2018ع جي چونڊ ۾ وري حزب الله خان MPA چونڊيو آهي. واحد بخش خان جو هڪ پٽ عبدالفتاح، ڊاڪٽر آهي ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ سينئر پوسٽ تي آهي. سندس ننڍو پٽ اعجاز خان ضلع خيرپور ميرس ۾ پنهنجي خانداني زمين سنڀالي ٿو. خيرپور شهر ۾ شاندار بنگلي ۾ رهي ٿو سندس بنگلو خيرپور ۾ مهمان نوازي جو مرڪز آهي. واحد بخش خان ٻگهيي جو ننڍو پٽ ياسر ٻگهيو لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو. سڀ ڀائر پنهنجي پنهنجي خانداني حصي جي زمين سنڀالين ٿا ۽ پنهنجي اثر رسوخ سان رهن ٿا.

## سيال زميندار لاڙڪاڻو:

تعلقي ڏوڪري ۽ باقراڻي جي سيال فيملي پڻ اثر رسوخ واري فيملي آهي. ڳوٺ فريد آباد ۾ محمد پريل سيال زميندار هو جنهن کي ٽي پٽ هر هڪ محمد خان (جڊيشل کاتي ۾ ملازم) ٻيو پٽ مرحوم الاهي بخش خان سيال صاحب وڏو وڪيل ٿي رهيو. سندس پٽ شاهد حسين سيال پڻ وڪيل آهي. سندس ٽيون پٽ غلام سرور 2002ع ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي ايم پي اي ٿي رهيو. محمد خان جو پٽ انور خان سيال سپرنٽينڊنگ انجنيئر ٿي رٽائر ڪيو. انور خان جو پٽ سهيل انور خان 2013ع ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي ايم.پي.اي ٿيو ۽ صوبائي گهرو وزير بہ ٿي رهيو. سندس ٻيو پٽ طارق انور خان پڻ پ پ پ ۾ سرگرم آهي. سهيل انور خان هن ڀيري بہ MPA چونڊيو آهي ۽ سنڌ حڪومت ۾ وزير آهي.

## ملا عبدالله ٻگهيو:

1953ع ۾ وارهہ هڪ ننڍڙو شهر ۽ تعلقي هيڊڪوارٽر هيو. 1952ع کان وٺي وارهہ ۾ سب جج ۽ فرسٽ ڪلاس ڪورٽ هئي، جنهن جو 1953ع ۾ شمس الدين صديقي سب جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. صديقي صاحب بي ريا، ايماندار ۽ سمجهدار ماڻهو هيو ۽ هر لحاظ کان جج جي پوزيشن لائق هيو. مان نئون وڪيل ٿيس تہ مرحوم عبدالفتاح ميمڻ صاحب جي لا فرم ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. مسٽر عبدالفتاح ميمڻ صاحب وارهہ تعلقي مان سنڌ اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر هو. سندس وارهہ جي فوجداري ڪورٽ ۾ ڪافي ڪم هيو. مان سندن فرم پاران ڪيس هلائڻ لاءِ وارهہ گهڻو ايندو ويندو هيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان دؤر ۾ منهنجي واقفيت ۽ ويجهڙائي هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ سان ٿي جنهن جو نالو "مُلا عبدالله ٻگهيو" هيو. مُلا عبدالله ٻگهيو وارهہ جو نالي وارو عوامي ورڪر هيو. سندس وارهہ شهر ۾ اوطاق هئي جنهن جي آڳر ۾ وڏو وڻ هوندو هيو، جڏهن تہ هڪ معمولي ڪمرو ۽ چوڌاري کليل هوندي هئي. جنهن وقت منهنجي ساڻس واقفيت ٿي ان وقت مُلا عبدالله ٻگهيو بزرگيءَ جي عمر ۾ پهچي چڪو هيو. سياسي طور تي باشعور ماڻهو هيو ۽ 15-16 ورهين جي عمر ۾ هجرت تحريڪ ۾ شامل ٿيو جيڪا ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي جي هڪ تمام وڏي تحريڪ هئي. مُلا عبدالله ٻگهيو پڻ رئيس المهاجرين بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي سرڪردگي ۾ لاڙڪاڻي مان ريل رستي افغانستان ويندڙ قافلي ۾ هجرت ڪري افغانستان ويو هيو جيڪو سندس چوڻ موجب نهايت خوار خراب ٿي واپس موٽيو هيو.

مُلا عبدالله ٻگهيو پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ مهمان نواز هيو. جنهن جي بہ سياسي حمايت ڪندو هيو تہ وڏي واڪي ڪندو هيو، جڏهن تہ مخالفت بہ ظاهر ظهور ڪندو هيو. عبدالفتاح ميمڻ صاحب جي صوبائي اسيمبلي جي چونڊ مهل بہ سندس زبردست حامي هيو. ان کان گهٽو پوءِ 1970ع وارن عام چونڊن ۾ جڏهن پيپلز پارٽي جي حمايت ۾ ناميارو ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض صاحب لاڙڪاڻي ۾ آيو هيو تہ پارٽي فيصلي موجب مان کيس پنهنجي گاڏي ۾ وارهہ وٺي ويو هوس، جتي مُلا عبدالله ٻگهيي جي موجودگيءَ ۾ سندس وارهہ واري اوطاق ۾ جنهن کي چوديواري بہ نہ هئي اتي جلسي کي خطاب ڪيو هيائين. ان جلسي ۾ فيض احمد فيض صاحب پنهنجو مشهور نظم "لازم هي ڪہ هم ڀي ديکين گي" پڙهيو هيو. سندس شاعري پڙهڻ دوران سڄو پنڊال جهومي رهيو هيو.

مُلا عبدالله ٻگهيي جهڙا بي لوث سياسي ورڪر اڄڪلهہ ڪٿان آڻبا سندس انتقال کي ڪافي وقت ٿيو آهي پر سندس ياد اڃان دل ۾ تازي آهي. شال ڌڻي سندس روح کي سڪون بخشي.

**سيد فيض علي شاهہ:**

مرحوم فيض علي شاهہ جو تعلق حاڪم شاهہ پٽ واري جي خاندان سان هو. پاڻ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ وڏي واهڻ جو رهاڪو هو. سيلاني سيد هو ۽ خاص پيري مريدي هيس. سندس مئخاني تي سندس لنگر هلندو رهندو هيو. سخاوت سندس عام شيوو هيو. سندس پٽ سيد مظفر علي شاهہ ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر رهيو آهي ۽ منفرد مزاج رکندڙ انسان آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسراڻ فيملي لاڑڪاڻو:

لاڑڪاڻي ۽ قمبر تعلقن جي دنگ تي هڪڙو ننڍو ڳوٺ خيرپور جُوسو جي نالي سان آهي جيڪو هڪ قديم ڳوٺ آهي جنهن جي گهڻي ڀاڱي آبادي اسراڻن تي ٻڌل آهي. هن خاندان جو هڪ وڏو خانبهادر غلام محمد اسراڻ بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي لاءِ پنهنجي تڪ تان چونڊيو ويو هو جنهن کي اٽڪل سؤ سال ڪن ٿيندا.

خانبهادر غلام محمد اسراڻ لاءِ پير علي محمد راشدي لکيو آهي ته "خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ به پنهنجي دور جو ڏاڪي وارو مڙس هو. فيصلن لاءِ ماڻهو ٻين ٻين ضلعن مان هلي وٽس ايندا هئا، ماني به کارائيندو هو ۽ فيصلو به انصاف سان ڪندو هو. ماڻهن جا انبوهه سندس ڪڍ لڳا وتندا هئا. سندس حق پرستي ۽ انصاف پسندي جي ڏاڍي هاڪ هوندي هئي." (پير علي محمد راشدي، 'هجئي ناٺو ته گهر لاڙڪاڻو'، لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو صفحو 86) خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ، لاڙڪاڻي اسڪول بورڊ جو چيئرمين به ٿي رهيو.

ڳوٺ خيرپور جُوسو جي وچان لاڙڪاڻي کان ڪراچي ويندڙ رستو (انڊس هاءِ وي) گذري ٿو جنهن ڳوٺ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ڳوٺ جي اتر ۾ خانبهادر غلام محمد اسراڻ جو خاندان رهي ٿو جڏهن ته ڳوٺ جي ڏکڻ واري پاسي اسراڻن جو ٻيو خاندان رهي ٿو جنهن جو وڏو گهنور خان اسراڻ هو جيڪي پاڻ ۾ سوٽ هئا. خانبهادر غلام محمد اسراڻ کي به پٽ حاجي غلام مصطفيٰ خان ۽ روشن علي خان هئا. گنهور خان کي وري حسن علي خان ۽ حسين علي خان نالي به پٽ ٿيا جيڪي الله کي پيارا ٿي چڪا آهن.

شروع کان وٺي هنن خاندانن جو سياست ۾ عمل دخل رهيو آهي. حاجي غلام مصطفيٰ خان اسراڻ کي غلام مرتضيٰ خان ۽ غلام مجدد خان به پٽ ٿيا جن مان غلام مرتضيٰ خان پنهنجي زمين سنڀالڻ سان گڏ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي ٽي ڀيرا قمبر واري تڪ مان سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. سندس وفات کان پوءِ سندس ٻيو ڀاءُ غلام مجدد خان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. روشن علي خان کي هڪ پٽ هو جيڪو سياسي طور ايترو اڳيان اچي نه سگهيو آهي. ٻئي پاسي گهنور خان جي پٽن حسن علي خان ۽ حسين علي خان پنهنجي زمينداري ۽ راڄ ڀاڳ مان سٺو نانءُ ڪمايو ۽ سياست ۾ به سندن چڱي اثر رسوخ رهيو. حسن علي خان جو هڪ پٽ گوهر علي خان پوليس ۾ آفيسر ڀرتي ٿيو ۽ جواني ۾ گذاري ويو. سندس ٻيا پٽ پنهنجي زمينداري سنڀاليندا رهيا. حسين علي خان جا پٽ بنده علي خان ۽ ممتاز علي خان پڻ زمينداري سنڀاليندا رهيا، سندس ننڍو پٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد حسين اسراڻ ڊاڪٽر ٿيو ۽ سرڪاري نوڪري مان رٽائر ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر شهيد حسين اسراڻ جو پٽ گهنور خان لنڊن مان قانون جي ڊگري وٺي آيو آهي ۽ 2018ع جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو آهي. ٻئي پاسي وري ديدار حسين اسراڻ جيڪو حسن علي خان اسراڻ جو پٽ هو. اهو سندس جي روايتي ثقافتي شوقن ڏاند ڊاڙڻ ۽ گويون ڪرائڻ ۽ ڪڪڙن جو خفتي هوندو هو. سندس نڙي ۾ به ڏاڍو سوز هوندو هو ۽ تمام سهڻي نموني ڳائيندو هو. ديدار حسين اسراڻ به ڪجھ عرصو اڳ وفات ڪري ويو آهي.

## نور نبي جوڻيجو:

جتي شهدادڪوٽ تعلقي جي بنيادي زميندارن ۽ اثر رسوخ وارن خاندانن جو ذڪر ڪيو ويندو اتي جوڻيجو خاندان تي تبصرو ضرور ڪيو ويندو.

شهدادڪوٽ شهر کان ڳڙهي خيرو ويندي ڪجھ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اميد علي جوڻيجو ڳوٺ واقع آهي، جتان جو جوڻيجو خاندان ڪجھ هزار جريب زمين جو مالڪ آهي ۽ پنهنجي سخاوت ۽ مهمان نوازي کان مشهور آهي. جوڻيجو خاندان پاران سارو سال هر روز صبح کان رات تائين هر آئي وئي ماڻهو کي عزت سان ماني کارائي ويندي آهي ڳوٺ ۾ سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهن کي پڻ اتي ماني ملندي آهي. ڳوٺ سان گڏ ريلوي اسٽيشن جو عملو پڻ سندن دسترخوان تي ماني کائيندو آهي. انهيءَ ڳوٺ جو فرد نور نبي خان جوڻيجو هو جيڪو حال ۾ ئي وفات ڪري ويو آهي. نور نبي خان جوڻيجو پنهنجي ذات ۾ منفرد ماڻهو هو سخي، خوش مزاج، خوش پوش، مهمان نوازي ته ڪيس وڏن کان ورثي ۾ مليل هئي. دوستن جو دوست هجڻ سان گڏ غريب نواز به هو.

نور نبي خان، شهدادڪوٽ تعلقي جي سياست ۾ اثر رکندو هو. پنهنجي يونين ڪائونسل جو چيئرمين هجڻ سان گڏ ٻين يونين ڪائونسلن ۾ پڻ سندس مدد سان چيئرمين چونڊيا هئا. مرحوم چانڊيو صادق علي خان سان هن جو دلي لاڳاپو ۽ عزت جو رشتو هو. چانڊيو صاحب وٽ به نور نبي خان جي وڏي اهميت هئي. نور نبي خان جي سياست چانڊيو صادق علي جي سياست سان لاڳاپيل هئي. چانڊيو صادق علي خان جڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ ٿيو ته ڪيس وزارتي اختيارن سان پنهنجي ڪيبينيٽ ۾ ائڊوائيزر مقرر ڪيو هئائين. ان پوزيشن ۾ نور نبي خان ايمانداري سان ڪم ڪيو ۽ مٿس ڪرپشن جو ڪو به الزام نه لڳو.

نور نبي خان جي دوستن جو حلقو پڻ وسيع هو. منهنجي به ساڻس دوستي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. جڏهن ڇام صادق علي خان، لنڊن ۾ جلاوطني جا ڏينهن گذاري رهيو هو ان وقت ۾ نور نبي خان سائڻس ملڻ لاءِ لنڊن ويو هو ۽ منهنجي فرمائش تي منهنجي لاءِ بخمل جو ڪوٽ وٺي آيو هو جيڪو سندس محبت جو دليل هو. گذاري ويڃڻ کانپوءِ نہ رڳو سندس دوستن احبابن کيس نہ وساريو آهي بلڪ عام ماڻهو پڻ کيس دعائن سان ياد ڪندا رهن ٿا.

## قادر بخش ٽنيو:

قادر بخش ٽنيو، وارهہ تعلقي جي بنيادي زميندارن مان هو. 1953ع جي سنڌ اسيمبلي جي اليڪشن ۾ وارهہ تعلقي جي ٽڪ مان ميمبر چونڊيو ويو هو. اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ انهي اليڪشن ۾ وارهہ تعلقي جي ٻن ٽڪن مان ٻہ ميمبر ڪامياب ٿيا هئا. هڪ ٽڪ مان جناب عبدالفتاح ميمڻ وڪيل ۽ ٻئي ٽڪ مان قادر بخش ٽنيو چونڊجي ويا هئا.

مرحوم قادر بخش ٽنيو "چوديري" ڳوٺ جو هو ۽ ٽنيا برادري جا ماڻهو کيس پنهنجو سردار مڃيندا هئا. 1962ع ۾ سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ ممتاز علي خان پڳ ٻڌڻ ۾ دلچسپي نہ ورتي جنهن ڪري سندس سوٽ اسماعيل خان ٽنئي کي سردار جي پڳ ٻڌرائي وئي جنهن جي وفات کان پوءِ سندس وڏي پٽ بخشل خان پڳ ٻڌي جيڪو ستت گذاري ويو ۽ پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ الطاف حسين کي پڳ ٻڌرائي وئي. سردار الطاف حسين ٽنيو خوش مزاج ۽ رلڻو ملڻو ماڻهو آهي کيس اوڙي پاڙي، پسگردائي ۽ راڄ ڀاڳ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي.

## مگسي سردار شهدادڪوٽ ۽ بلوچستان:

جهل مگسي، بلوچستان ۾ قلات اسٽيٽ جي هڪ سب اسٽيٽ رهي آهي. مگسي قبيلو سنڌ بلوچستان جي دنگ تي هڪ طاقتور قبيلي طور پنهنجي موجودگي برقرار رکندو اچي ٿو. اڻويهين ۽ ويهين صدي ۾ مير قيصر خان مگسي هڪ طاقتور ۽ بااثر سردار طور مشهور رهيو جيڪو خان آف قلات جو اعتماد جوڳو ساٿي بہ هيو. سردار مير قيصر خان مگسي کي 1903ع ۾ انگريز سرڪار پاران نواب جو خطاب ڏنو ويو. 1922ع ۾ نواب قيصر خان مگسي ۽ سندس قبيلي جي معتبرن ۾ اختلاف ٿيڻ سبب انگريزن، نواب قيصر خان کي سرداري تان هٽائي سمورا خطاب واپس وٺي ملتان جلاوطن ڪري ڇڏيو ۽ سندس وڏي پٽ مير گل محمد خان "زيب" مگسي کي قبيلي جو سردار بڻائي ڇڏيو. نواب قيصر خان مگسي 10 سيپٽمبر 1927ع تي وفات ڪئي، کيس غوث



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهاءِ الحق ذڪريا ملتاني جي مقبري جي پر ۾ دفنايو ويو.

سردار گل محمد خان زيب، بنيادي طور تي فقير منش ۽ شاعر هيو. جيڪو پڻ سرداري نہ هلائي سگهيو ۽ پڳ جو بار سندس ٻيو نمبر ڀاءُ يوسف عزيز مگسي تي پيو ۽ گل محمد خان کي جهل مگسي مان نيڪالي ڏئي شهدادڪوٽ جلاوطن ڪيو ويو. مير گل محمد خان "زيب" 1957ع ۾ وفات ڪئي. سردار يوسف عزيز مگسي 31 مئي 1935ع تي ڪوئيٽا واري زلزلي ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کان پوءِ سندن ننڍو ڀاءُ مير محبوب علي خان کي قبيلي جي سرداري جي پڳ ٻڌرائي وئي. سردار محبوب علي خان سال جو وڏو عرصو شهدادڪوٽ ۾ گذاريندو هيو کس بہ پٽ هيا، مير سيف الله خان ۽ مير يوسف علي خان 1962ع وارين چونڊن ۾ مير سيف الله خان مگسي، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي مدد سان اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر ٿيو هو. سندس تڪ شهدادڪوٽ. ميرو خان ۽ رتوديرو تعلقن تي ٻڌل هو. مان ان وقت رتوديرو ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين ۽ سندس ووٽر هيس. ان اليڪشن دوران منهنجي مير سيف الله خان سان ويجهڙائي ٿي .مير سيف الله خان خوش پوشاڪ، با اخلاق، طبيعت جو سخي ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو نوجوان هيو. افسوس جو سندس عمر ننڍي ٿي ۽ پنهنجي قبيلي جي ماڻهن هٿان 1969ع ۾ قتل ٿي ويو. سندس تعزيت لاءِ مان بہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏجي جهل مگسي ويو هوس.

مير سيف الله مگسي کي ست پٽ آهن.

1. مير ذوالفقار علي مگسي جيڪو قبيلي جو سردار آهي ۽ بلوچستان جو گورنر وزير اعليٰ بہ رهيو آهي ۽ سندس گهرواري پروين مگسي بہ نامياري پارليامينٽيرين آهي.
2. مير طارق علي خان ايم پي اي ۽ ايم اين اي رهيو آهي.
3. مير نادر علي خان مگسي پ پ پ ۾ آهي ايم اين اي ۽ ايم پي سان گڏ وزير پڻ رهيو آهي.
4. مير اڪبر خان مگسي سينيٽر
5. مير خالد خان مگسي ايم اين اي
6. مير عامر خان مگسي سنڌ مان ايم اين اي آهي.
7. مير ظفر خان مگسي سرڪاري ملازمت ۾ آهي

سيئي مگسي ڀائر سمجهدار ۽ نهايت ذهين آهن. سردار محبوب علي خان مگسي جو ننڍو پٽ مير يوسف علي خان مگسي 1970ع وارين چونڊن ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي بلوچستان مان ايم پي اي ۽ منسٽر ٿيو هو. يوسف علي خان منهنجو گهاٽو دوست هو. سندس حياتي بہ ٿوري ٿي ۽ جواني ۾ گذاري ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سراج الاوليا راشدي:

جيئن تہ تہ مان اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ٻهمڻ جي راشدي خاندان ۽ گهاڙيڪ جي راشدي خاندان سان منهنجو پراڻو واسطو آهي اهڙي طرح نئين ديري ويجهو پير ڳوٺ جي راشدين سان بہ منهنجو گهرو ناتو آهي. سراج الاوليا راشدي بہ نئين ديري لڳ پير ڳوٺ جو آهي پر اڄڪلهہ آڳاٽين ۾ رهائش پذير آهي پاڻ نهايت پڙهيو ڳڙهيو ۽ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل بہ آهي پر اڄڪلهہ آئوٽ آف پريڪٽس آهي ۽ پنهنجي خانداني زمين سنڀالي ٿو. نئين ديري شگرمل جي اڳيان مين روڊ تي سندس فروٽ فارم ۽ راشدي نرسري آهي. ڪيس نرسري جو شوق ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي ڏياريو هو. سندس نرسري جو افتتاح 1989ع ۾ مون ڪيو هو.

سراج الاوليا راشدي زرعي ماهر طور ايگريڪلچر پاليسي انسٽيٽيوٽ جو ميمبر، چيمبر آف ايگريڪلچر لاڙڪاڻو جو صدر ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن سان وابستہ آهي. سندس فارم ۾ زيتونن جا 19 قسم موجود آهن جڏهن تہ "اسٽوپيا" نالي شگر فري مٺاڻ پيدا ڪندڙ ٻوٽو بہ سندس فارم تي آهي ۽ پاڻ جديد زرعي اصولن تحت مختلف اناج ۽ ميوا اپائي ٿو. سراج الاوليا راشدي هڪ سخت محنتي ۽ اورچ انسان هجڻ سان گڏ سنو آبادگار ۽ يارن جو يار آهي.

## محمد شفيع شاهہ:

محمد شفيع شاهہ منهنجي پراڻن دوستن مان هڪ آهي. شاهہ صاحب ڳوٺ ڏاتو تيوڻي تعلقي وارهہ جي مشهور سادات خاندان جي گهر ۾ جنم ورتو سندس پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ ٿي ٿي.

مئٽرڪ پاس ٽيڻ کانپوءِ جڊيشنل ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪئي لاڙڪاڻي جي جدا جدا ڪورٽن ۾ ڪم ڪندو رهيو. انهن ڏينهن ۾ مان جڏهن اڃي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪئي تہ سندس ڪورٽ جي وابستگي جي ڪري ويجهڙائپ ٿي. سائين بي اي پاس ڪرڻ کانپوءِ PIA ۾ نوڪري حاصل ڪئي جتي هو سالن جا سال رٽائرمينٽ جي عمر تائين نهايت عمدگي سان ڪم ڪرڻ سان نالو ڪمايو. سندس PIA جي ائڊمنسٽريشن سان سٺا تعلقات رهيا چاڪاڻ جو هو انٽرنيشنل فلائيٽ تي مسلسل ڪم ڪندو رهيو. شاهہ صاحب جا ناتا ۽ واسطا وڏن وڏن هلندي پڄندي وارن ماڻهن سان ٽيندا رهيا جيڪي گهڻو انٽرنيشنل ليول تي سفر ڪندا رهندا هئا. ياد رهي تہ انهن ڏينهن ۾ PIA جو وڏو نالو هو ۽ سندس سروس ڪي ساراهيو ويندو هو. سائين پنهنجي اهڙن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطن کي پنهنجي ڳوٺ جي ترقي لاءِ ڪم آڻيندو رهيو سندس ڪوشش جي ڪري سندس ڳوٺ "ڏاتو تيوٽي" ڪافي ترقي ڪئي. ڳوٺ لاءِ ايندڙ روڊ رستا، ڳوٺ جي اسڪول، ايگريڪلچر جي ترقي، صحت جون سهولتون سندس ڪاوش جو نتيجو رهيون. ماڊل ڳوٺ ٿيو. شاهه صاحب سان سندس هر پوزيشن ۾ منهنجو دوستيءَ وارو تعلق رهيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. رٽائرمينٽ کان پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ رهي ٿو. ان جي باوجود هن پنهنجي ڳوٺ جي ترقي جي ڪم ۾ ڪمي ڪانه ڪئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يورپ ۽ آمريڪا جو سير

جيئن مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ منهنجو ننڍو پٽ عامر علي، "ايچي سن ڪاليج لاهور" مان انٽر سائنس ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ آمريڪا ويو هيو ۽ جنوري 1985ع کان ڪمپيوٽر سائنس پڙهيو ۽ گريجوئيشن ڪئي. عامر مون کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن هن ڪمپيوٽر سائنس ۾ ئي ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي تہ اها ڪنهن ڪم جي نہ هوندي، "مان ماسٽرس اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ ڪرڻ ٿو گهران. ان لاءِ مون کي ٽي سيمسٽر يا ڏيڍ سال وڌيڪ پڙهڻو پوندو." مون کيس اجازت ڏني تہ هن نيويارڪ جي رٽگر انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي. ٽي سيمسٽر پڙهڻ کان پوءِ هن کي آفر ڪيائون تہ تون ڪيميڪل انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڪر. عامر چيو تہ مان ڪيميڪل انجنيئرنگ ۾ تہ دلچسپي ئي نٿو رکان. جنهن کان پوءِ هن "جارج ميسن يونيورسٽي ورجينا" ۾ داخلا ورتي. اها يونيورسٽي واشنگٽن ڊي.سي ويجهو "فيئر فيڪس" شهر ۾ آهي. عامر علي اتان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڪري ورتي. جنوري 1994ع ڌاري هن کي مستقل بنياد تي نوڪري بہ ملي وئي. سندس اسپيشلائيزيشن ٽيلي ڪميونيڪيشن ۾ هئي جنهن ڪري کيس هڪ سيليولر ڪمپني ۾ واشنگٽن ڊي.سي ۾ نوڪري ملي وئي. مان بہ انهن ڏينهن ۾ فيملي سان عامر علي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار هوس. ان وچ ۾ مونکي سفارتي ذميواري ملي وئي تہ مان ابوظهبي هليو ويس. آگسٽ 1994ع ۾ ابوظهبي مان ٽي آئون، منهنجي گهر واري ۽ ننڍي نياڻي شيبا واشنگٽن روانا ٿي وياسين.

اسان اول لنڊن وياسين، لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي منهنجي دوست شفيق انصاري اسان کي رسيو ڪيو. شفيق اصل پنجاب جو آهي ۽ سندس سڄي فيملي لنڊن ۾ رهندي آهي. هن جي والد لنڊن ۾ سڪونت اختيار ڪئي، هو برٽش نيشنل آهي. لنڊن مان پيرس گهمي پوءِ اسان جو خيال آمريڪا وڃڻ جو هيو. پر لنڊن ۾ منهنجي دوست عبدالواحد سومري جو پٽ نصرت حسن جنهن کي اسان بابُو سڏيندا آهيون ۽ ڪسٽم ۾ آفيسر هيو. اهو بہ لنڊن آيل هيو. ان مون کي چيو تہ چاچا، پيرس نہ وڃو گڏجي هاليند ٽا هلون، اتي منهنجي گهر واري جي ڀيڻ رهندي آهي انهن سان بہ ملنداسين. نہ رڳو دعوت ڏنائين پر بحري جهاز جون ٽڪيٽون بہ بڪ ڪرائي آيو. مان کيس انڪار نہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهيس. چو تہ مرحوم عبدالواحد سومرو منهنجو مهربان دوست هيو ۽ سندس اولاد کي مانِ پنهنجي اولاد وانگر سمجهندو آهيان.

اسان جي لاءِ ڪيبن بڪ ٿيل هئي. اها فيري هالينڊ جي راڻي جي نالي سان "ڪوئين بيٽرڪس لگزري لائينز" نالي هئي. اسان لنڊن کان هاروچ پورٽ لاءِ ڪار ۾ نڪتاسين. پورٽ هڪ سئو ميل پري آهي. هاروچ بندر تان اسان هالينڊ جي مشهور شهر "روٽرڊيم" لاءِ فيري ۾ چڙهياسين. اها فيري تمام وڏي هئي، اسان ڏٺوسين تہ ماڻهو ڪارين ۾ چڙهي فيري ۾ اندر ڪار پارڪ ڪري مٿي پئي ويا. هالينڊ پهچي ساڳي ڪار ڪڍي روانا ٿي پئي ويا. اٺ ڪلاڪن جو سفر هيو. منهنجو تہ پهريون تجربو هيو اهڙي بحري جهاز ۾ چڙهڻ جو. ان فيري ۾ پنج منزلون هيون. ان ۾ بار، شاپنگ مال، بہ ٽي سئنيما هال، ٽينس ڪورٽ، سوئمنگ پول، بال روم، ڊانس هال، ڪيسينو، ريسٽورنٽ مطلب تہ گهڻو ڪجهہ هيو. خبر ئي نہ پئي تہ اٺ ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا.

اهو سڄو وقت اسان پنهنجي ڪمري ۾ نہ ويٺاسين. جهاز اندر گهمندا ڦرندا رهياسين. بہ ٽي هزار ماڻهو جهاز ۾ هيا. ايئن ٿي لڳو تہ ڄڻ ڪنهن شهر ۾ هجئون. جهاز جي هلڻ جي بہ خبر نٿي پئي، جڏهن ڊيڪ تي پئي آياسين تہ پوءِ خبر ٿي پئي تہ بحري جهاز ۾ آهيون. هاروچ بندر پهچڻ وقت مون پاسپورٽ ڏٺا تہ اسان جون ويزائون "ملٽي پل" (Multiple) نہ هيون. هالينڊ جي ويزا تہ لڳل هئي پر اتان واپس برطانيہ اچڻ لاءِ هالينڊ مان ٻيهر ويزا لڳرائڻ جي ضرورت هئي. بهرحال جڏهن روٽرڊيم تي پهتاسين تہ اسان کي بابو (نصرت حسن) جي ساليءَ جو مڙس وٺڻ آيو هيو. اسان کي يعني منهنجي گهر واري، منهنجي نياڻي ۽ مون کي انهن پنهنجي گهر ۾ ترسايو. بابو وارن لاءِ فليٽ بڪ ڪرايل هو. بابو وارا بہ ٽي ڄڻا هيا. هڪڙو بابو يعني نصرت حسن، ٻيو بابو جو پاءُ نصرت حسين ۽ ٽيون بابو جو ناٺي جيڪو گدا حسين مهيسر جو فرزند هيو. جيڪو بعد ۾ مڪي ۾ ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو هيو. هالينڊ ۾ ٽي وڏا شهر آهن "روٽرڊيم" جيڪو يورپ جو تمام وڏو بندرگاهہ آهي، "هيگ" جتي انصاف واري عالمي ڪورٽ آهي ۽ ايمسٽرڊم جيڪو گادي وارو هنڌ آهي. هڪ ڪروڙ ٻاونجاهہ لک آبادي واري هن ملڪ ۾ ٽي لک انڊونيشي بہ رهن ٿا جيڪي بيٺڪي دور ۾ 1949ع کان 1964ع تائين لڏي آيا ۽ هتان جا شهري ٿي چڪا آهن. ملڪ جو نظام جمهوريت تي ٻڌل آهي ۽ هتي آئيني بادشاهت آهي. "وليم اليگزينڊر" هتان جو بادشاهہ آهي.

راٽرڊيم کان هيگ هڪ ڪلاڪ ۽ اتان کان ايمسٽرڊم بہ هڪ ڪلاڪ جو سفر آهي. اسان رات جو گهمي ڦري موٽي اچي سمهي پياسين. صبح جو اٺين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پاڪستاني سفارتخاني فون ڪئي ۽ اطلاع ڪري هليو ويس. سفير سان وڃي مليس. ان کي ٻڌايم ته آمريڪا لاءِ اسان جي فلائيٽ لنڊن کان آهي ۽ اسان کي واپس لنڊن وڃڻو آهي. سفير چيو ته ڪو مسئلو ڪونهي ڪو. پنهنجو ماڻهو ايمسٽرڊم موڪلي ڇڏيائين. اهو ماڻهو اسان جا پاسپورٽ کڻي ويو. مون کي شام جو اچڻ لاءِ چيائون ته شام جو اچي پاسپورٽون پاڪستاني سفارتخاني مان کڻي وڃجو. اسان گهمڻ هليا وياسين. شام جو موٽي آياسين ته پاسپورٽ وارو همراهه اسان جي انتظار ۾ ويٺو هيو. اسان پاسپورٽ اچي کنيا. هالينڊ سڄو گلن سان سينگاريل ۽ سائو ملڪ آهي، چين کان پوءِ هالينڊ جا ماڻهو وڌ ۾ وڌ سائيڪل جو استعمال ڪندا آهن. هتي هر روڊ جي ڪناري سان سائيڪل سوارن لاءِ الڳ الڳ ٽريڪ ٺهيل آهن.

سڄو ملڪ ساوڪ سان سينگاريل آهي، بلڪ سڄو يورپ گهمبو ته ايئن لڳندو ڄڻ ڪنهن بيلي مان هلي رهيا آهيون. ٻئي ڏينهن تي اسان "بروسيلز" وڃڻ جو پروگرام ٺاهيوسين جيڪو "بيلجيم" جي گاديءَ جو هنڌ ۽ خوبصورت شهر آهي. اسان روڊ رستي نظارا ڏسندا ننڍن ننڍن شهرن ۽ خوبصورت ڳوٺن مان گهمندا روانا ٿياسين.

بيلجيم، يورپ جو هڪ ننڍو پر انتهائي خوبصورت ملڪ آهي. بيلجيم جي ايراضي 30510 چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي هڪ ڪروڙ کن آهي. هتان جو سياسي نظام جمهوريت آهي ۽ آئيني بادشاهت آهي. بيلجيم ۾ تعليم جو تناسب 98٪ سيڪڙو آهي. هتان جي مکيه ڪاروبار ۾ دوائون، فولاد سازي، هيرن جو گهڙاءَ ۽ پالشنگ، موٽرون ٺاهڻ ۽ ٽيڪسٽائل شامل آهن جيڪي سڄي دنيا ۾ ايڪسپورٽ ڪيا وڃن ٿا. سڄو ڏينهن بروسيلز ۾ گذاري اسان واپس روٽرڊيم موٽي آياسين. هالينڊ سڄي دنيا ۾ ڊيري پروڊڪٽس سبب مشهور آهي، هتي ڍڳين ۽ رڍن جا وڏا فارم آهن، جڏهن ته هالينڊ مان يورپ ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن کي ڀاڄيون به ايڪسپورٽ ٿينديون آهن. ايمسٽرڊم شهر ۾ ڪيترائي محل آهن جن جو شمار آثار قديمه ۾ ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هتي ڪوڙ سارا ميوزيم به آهن جيڪي ڪيترن ئي قسمن جي نوادرات سان ڀريل آهن. هالينڊ، اليڪٽرونڪس جي سامان سبب پڻ مشهور آهي، دنيا جي مشهور ڪمپني فلپس به هالينڊ جي آهي. جڳ مشهور مصور "ريمبرانٽ" (Rembrandt) به هالينڊ جو هيو. "ريمبرانٽ" جو شمار سترهين صدي جي ناميارن آرٽسٽن ۾ ٿيندو آهي. سندس ڪيترين ئي تصويرون ايمسٽرڊم ۽ دي هيگ شهرن جي عجائب گهرن ۾ موجود آهن.

هالينڊ ۾ بابو وارن سان هڪڙو واقعو ٿيو: ٿيو ايئن جو جنهن فليٽ ۾ رهيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي، اتان هنن جي چوري ٿي وئي. بابو جو ڀاءُ نصرت حسين ۽ بابو جو نياٽو گدا حسين مهيسر جو پٽ لنڊن مان اسان وانگر آمريڪا ويٺا هئا ۽ سندن ويزا لڳل پاسپورٽون بہ گم ٿيل سامان ۾ هيون. پوليس کي اطلاع ڪيو ويو. پوليس فورن اچي پهتي ۽ صورتحال جو جائزو ورتو سڀني جا بيان پڻ ورتائون ان کانپوءِ پوليس چيو تہ اوهان جي چوري ڀاهران آيل ڪنهن ماڻهو ڪانہ ڪئي آهي ۽ چند منٽن ۾ پوليس وارن چيو تہ "توهان جي چوري نہ ٿي آهي پر توهان جي پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ سامان ڪنيو آهي." اسان کي يقين نہ ٿي آيو پر پوليس جي ڳالهہ صحيح نڪتي. جنهن ڏينهن اسان ايمسٽرڊم پئي وياسين تہ صبح جو اهي فليٽ تان اسان کي وٺڻ آيا تہ مون انهن کي چيو تہ سيءُ محسوس ٿو ٿئي. مان تہ ڪنهن دوڪان تان سوئيٽر وٺان ٿو، توهان بہ فليٽ تان گرم ڪپڙا کڻي وٺو. بابوءَ وارا فليٽ تان سوئيٽر وغيره کڻڻ ويا تہ تالو پڳل هيو ۽ سامان غائب هيو. ڏاڍا پريشان ٿيا، مون ان مهل پاڪستان جي سفير کي فون ڪئي ۽ ڪيس واقعي بابت ٻڌايم ۽ کيس چيو تہ هنن کي لنڊن تائين پاسپورٽ ٺاهي ڏيو، اڳتي لاءِ اتان پاسپورٽ ٺهرايون ٿا. لنڊن ۾ پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر واجد شمس الحسن هيو، مون ان سان فون تي ڳالهايو جنهن چيو تہ توهان جا ڇوڪرا لنڊن پهچن تہ کين ڊپليڪيٽ پاسپورٽ ٺاهي ڏبو ۽ سندن آمريڪي ويزا جو مسئلو بہ حل ٿي ويندو. ڇو تہ انهن وٽ سڄو رڪارڊ هوندو آهي. بهرحال انهن ڇوڪرن جو بندوبست ڪري اسان لنڊن هليا آياسين، جتان ٻئي ڏينهن تي آمريڪا روانا ٿياسين.

نيويارڪ جي "جان ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ" تي منهنجي پياري دوست امداد علي جوڻيجي جو فرزند نديم احمد اسان کي وٺي وڃڻ لاءِ آيو هيو، جيڪو نيويارڪ ۾ اسان جو ميزبان بہ هيو. بعد ۾ انهن سان اسان جي مٽي مائٽي بہ ٿي. سندس ڀاءُ شميم احمد منهنجو نياٽو آهي. نديم جي رهائش "ڪوئينز" جي علائقي ۾ هئي جتي هو فيملي سان گڏ رهيو پئي. منهنجو پٽ عامر وري واشنگٽن ۾ رهندو هيو. ان اسان کي فون تي چيو تہ توهان جلدي مون ڏانهن اچو ڇاڪاڻ تہ منهنجي پوسٽنگ "ٽيمپابي" (Tempa bay) ۾ ٿي آهي. اسان بہ ٽي ڏينهن نديم احمد وٽ رهياسين ۽ پوءِ ٽرين وسيلي واشنگٽن روانا ٿياسين. نديم احمد ۽ سندس گهرواري اسان کي ٽرين اسٽيشن تي ڇڏي ويا.

واشنگٽن ۾ ريلوي اسٽيشن تي "عامر علي" اسان جي لاءِ اڳواٽ بيٺو هيو. اسٽيشن تان اسان سندس فليٽ تي آياسين. ٻئي ڏينهن تي هڪڙي مزيدار ڳالهہ ٿي. عامر علي تہ پنهنجي ڊيوٽي تي هليو ويو ۽ اسان فليٽ تي ئي هياسين. سندس فليٽ تي هڪڙو فوٽو لڳل هيو. ان فوٽوگراف ۾ عامر علي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ سان گڏ هيو. منهنجي گهر واري اهو فوٽو ڏٺو ته ان کي ڳڻتي ورائي وئي ته هي ڇوڪرو اسان جي هٿن مان ويو. ڇو ته ان وقت تائين عامر علي جي شادي وغيره ٿيل نه هئي. هن سمجهيو ته عامر، ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو. اهڙو واقعو اسان جي خاندان ۾ اڳ ۾ ٿيل هيو. آصف علي جو وڏو سالو فاروق به آمريڪا ۾ شادي ڪري چڪو هيو. عامر علي جڏهن آفيس مان موٽي آيو ته اسان سيني جا موڊ خراب ڏسي پريشان ٿي ويو. منهنجي نياڻي شيبا ڪيس وڃي ٻڌايو ته آمريڪي ڇوڪري سان تنهنجي فوٽو تي مما مڇي ويو آهي ۽ بابا ۽ امان پريشان لڳا پيا آهن. پوءِ عامر علي، مونکي ۽ منهنجي گهرواريءَ کي اچي وضاحت سان ٻڌايو ته منهنجو ان ڇوڪريءَ سان يا وري ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو ڪوبه ارادو ناهي، نه وري ان ڇوڪريءَ مون کان شاديءَ جو مطالبو ڪيو آهي. هوءَ تمام سٺي ڇوڪري آهي، تازو هن کي F.B.I ۾ نوڪري ملي آهي ۽ اڄڪلهه هوءَ ٽريننگ ڪري رهي آهي، مان توهان کي هن سان ملايان به ٿو، باقي ٻي ڪابه ڳالهه نه آهي. پوءِ اسان کي وٺي وڃي ان ڇوڪريءَ سان ملايائين. ڏاڍي سٺي ڇوڪري هئي، اها ڇوڪري اسان کي شهر کان ٻاهر هڪڙي "وليج ٽائيپ" ريسٽورينٽ تي وٺي وئي، جتي ڏاڍي رش لڳي پئي هئي، اتي ان ڇوڪريءَ سان گڏ ماني به کاڌي سين ۽ ڪچهري به ڪئي سين. نهايت فضيلت واري ڇوڪري هئي. ان ريسٽورينٽ ۾ هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته اتي مگيرن جون ٻوريون پريل پيون هيون، جيڪو به آيو پئي مٺيون ڀري کائي پيو ۽ ان جي ڪابه چارجنگ نه هئي. بهرحال ان ڇوڪريءَ سان ماني کائي ڪچهري ڪري مطمئن ٿي واپس آياسين. رستي تي ان ڇوڪري کي سندس هاسٽل تي ڇڏي گهر اچي پهتاسين.

واشنگٽن شهر آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ آهي، 180چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل هن شهر جي آبادي ساڍا ڇهه لک آهي. واشنگٽن ۾ ڪيترين ئي مشهور جڳهون آهن، جن ۾ آمريڪي صدر جي رهائشگاهه "وائيٽ هائوس"، آمريڪي ڪانگريس جي عمارت، وزارتِ دفاع جي پنج ڪنڊي عمارت "پينٽيگان"، لنڪن ميموريل، ڪانگريس لائبريري سميت ڪيترين ئي لائبريرين ۽ نيشنل گيلري جتي دنيا جي مشهور مصورن جون ناهيل تصويرون موجود آهن، جڏهن ته ڪيترائي عجائب گهر ۽ ٻيون عمارتون به ڏسڻ وٽان آهن. اسان به اهي سڀ جڳهون ۽ تفريحي هنڌ گهمياسين. وائيٽ هائوس ۽ ٻين هنڌن تي فوٽو ڪيراياسين. ان کان سواءِ وڏا وڏا هوٽل ۽ شاپنگ مال به ڏٺاسين. مختلف مشهور ريسٽورنٽ گهمياسين. واشنگٽن جي اولڊ پوسٽ آفيس کي تفريح گاهه بڻايو ويو آهي ۽ واشنگٽن ايندڙ هر ماڻهو اتي ضرور ويندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان هنڌ تي ڪيترائي ڪائڻ پيپئڻ جي شين جا دوڪان، رانديڪن جا دوڪان، مختلف قسمن جا سوڪڙين جا دوڪان، فوٽو گرافرن جا دوڪان آهن. مطلب تہ اتي پهچڻ سان ماڻهو محسوس ڪندو تہ مان ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچي ويو آهيان، اهڙي دنيا جنهن جي وضاحت نٿي ڪري سگهجي ۽ جنهن کي ذاتي طور تي گهمڻ کانسواءِ سمجهائي يا بيان ڪري نٿو سگهجي. ڪجهہ ڏينهن گهمڻ کانپوءِ عامر اسان کي چيو تہ، توهان هاڻي نيويارڪ وڃو تہ مان بہ "ٽيمپابي" ۾ وڃي سروس جوائن ڪيان ۽ رهڻ جو بندوبست ڪيان، پوءِ توهان اچجو. اسان واپس نيويارڪ آياسين جتي نديم احمد جوڻيجو ۽ سندس گهرواري "هني" اسان کي اسٽيشن تان وٺڻ آيا هئا. نيويارڪ ۾ اسان مختلف تفريحي ماڳ گهميا. انهن ڏينهن ۾ "مجسمہ آزادي" تي وڏي رش لڳل هئي ۽ تمام گهڻا ماڻهو آيا پئي. "مجسمہ آزادي" نيويارڪ شهر جي هڊسن درياهہ جي هڪ ٻيٽ لبرٽي آئليند تي آهي جنهن کي 1956ع تائين بيڊلوز (Bedlo's) آئليند سڏيندا هيا. مجسمہ آزادي تائين وڃڻ لاءِ هاربر کان لانچ يا ڪروز شپ تي وڃڻو پوندو آهي، جڏهن تہ اسان "ورلڊ ٽريڊ سينٽر" جا ٻئي ٽاور بہ گهمي ڏٺاسين جيڪو 9/11 واري سانحي کان پوءِ "گرائونڊ زيرو" سڏيو وڃي ٿو. انهن ٽاورن جي مٿان دوربينون رکيل هيون جن تان سڄي شهر جو نظارو ڏسي سگهجي پيو. مجسمہ آزادي تي بہ اهڙيون دوربينون پيل آهن، انهن کانسواءِ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جيڪا وچ شهر ۾ آهي ۽ ڪرائسلر بلڊنگ بہ گهمي ڏٺيسين. اڻويهين صدي ۾ ٺهيل سينٽ پيٽرڪ ڪيٿڊرل جي مشهور ۽ خوبصورت عمارت ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪيترائي ميوزيم ۽ لائبريريون بہ گهمي ڏٺيون سين. نيويارڪ جو سينٽرل پارڪ شهر جي وچ ۾ آهي ۽ شهر کي اولهہ ۽ اوڀر جي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. ان پارڪ ۾ بہ دنيا جا مشهور ۽ اڻلڀ وڻ ۽ ٻوٽا رکيل آهن. هزارين عجيب و غريب وڻ، ٻوٽا ۽ گل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن مان 1974ع ۾ نيويارڪ جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستان جي نمائندگي لاءِ ويو هيس تہ اسان جي هوٽل جي ڪمري ۾ نيويارڪ جي ميئر جون اهي هدايتون لڳل هيون تہ صبح جو سوير يا سج لٿي کانپوءِ سينٽرل پارڪ ۾ نہ وڃجو نہ تہ ڦرجي وڃڻ جو خطرو آهي.

نيويارڪ شهر مختلف روڊن ۽ گهٽين ۾ ورهايل آهي، هرهڪ ايوينيو ۽ اسٽريٽ جو نمبر آهي، جنهن سبب ڀلجڻ جو ڪو خطرو ناهي. نيويارڪ شهر هڪ منظم شهر آهي، روڊ رستا انتهائي ويڪرا، گدلاڻ بلڪل نہ ۽ گهمڻ ۾ مزو ايندو آهي. نيويارڪ هڪڙو شهر نہ لڳندو آهي. ڪوئيز پنهنجي جاءِ تي جدا شهر تہ لانگ آئليند وري الڳ آبادي ڏسڻ ۾ ايندي، "هارلم" جيڪو اتان جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارن جي هڪ وڏي آبادي آهي. اسان ڪي اتي جهليندا هئا ته "هارلم" ۾ نه وڃجو. گڏيل قومن جي عمارت به نيويارڪ ۾ آهي.

نيويارڪ ۾ ڪجهه ڏينهن گذارڻ ڪانپوءِ اسان ٽيمپابي (Tempa Bay) وياسين. ٽيمپابي به هڪ وڏو ۽ خوبصورت شهر آهي، ٽيمپا جو بيچ به مشهور آهي. ٽيمپابي (Tempa Bay) شهر کان بلڪل اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي اورلينڊو (Orlando) شهر آهي جتي دنيا جي مشهور ترين جڳهه "ڊزني ورلڊ" آهي. ڊزني ورلڊ، دنيا جي ٻارڙن جي عظيم محسن "والٽ ڊزني" (1901-1966) پاران سڀ کان اول ڪيليفورنيا ۾ ٺاهيو ويو، جنهن ۾ سندس ڪارٽون ڪردار رکيا ويا ۽ مختلف تفريحي پروگرام پيش ڪيا وڃڻ لڳا. اڳتي هلي ڊزني ورلڊ ۽ ڊزني لينڊ جي نالن سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تفريح گاهون به ٺاهيون ويون. ڊزني ورلڊ جي گهمڻ مان به ڏاڍو مزو آيو. ٽيمپابي، فلوريڊا رياست جو شهر آهي ۽ ايٽلانٽڪ جي ڪناري تي آهي. فلوريڊا جي ساحلن تي ڪيترائي ماڻهو ايندا آهن ۽ هتان جو ڊيٽونا (Detona) بيچ جڳ مشهور بيچ آهي جتي سياحن جي لاءِ وڏي ڪشش آهي، اسان Detona بيچ تي به وياسين.

(Saint Augustine) قديم زماني جو هڪ ننڍو شهر آهي، ننڍڙي شهر جو چڪر به لڳايوسين، اهو هنڌ آمريڪا ۾ (Spanish) سپينش ماڻهن جي پراڻي سيٽلمينٽ آهي، شهر ۾ ميوزيم به آهي. سينٽ آگسٽائن شهر ۾ هڪ ايريا اهڙي آهي، جنهن کي پراڻي انداز ۾ برقرار رکيو ويو آهي، اتي سوڙهيون گهٽيون، پراڻا گهر، قديم کوهه مطلب ته قديم اسپينش ڪلچر کي برقرار رکيو ويو آهي. سياحن جو وڏو انگ رڳو ان اسپينش ڪلچر کي ڏسڻ اچي ٿو. سڄي دنيا ۾ سياحت مان وڏي ڪمائي ٿيندي آهي. يورپ ۽ آمريڪا وارن ان ڳالهه کي پروڙي ورتو آهي ۽ ٽوئرزم جي واڌاري مان فائدو وٺي رهيا آهن. هتي اهو به ٻڌائيندو هلان ته لنڊن شهر جي وڏي ۾ وڏي ڪمائي سياحت مان ٿئي ٿي. آمريڪا ۾ به چوڻي آهي ته "جنهن لنڊن نه ڏٺو ته ڪجهه نه ڏٺائين". سڄي دنيا ۾ سياحت جي واڌاري مان تمام گهڻو ناڻو ڪمايو وڃي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ به ڪيتريون ئي جڳهون آهن، جن جي مشهوري سان سياحن جو ڌيان ڇڪائي سگهجي ٿو. پر اسان وٽ ته "موهن جي دڙي" جي آثارن جي تباهي ٿي رهي آهي ۽ ٻيون به ڪيتريون قديم جايون بي ڌيانيءَ يا وري قبضي خوري جو شڪار آهن.

جڏهن اسان ڊزني ورلڊ گهمڻ وياسين ته اتي هڪڙي هنڌ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا Miniature ٺهيل آهن ۽ انهن جا ڪلچرل نظارا رکيل هئيا. مثال طور مراڪش واري ايريا ۾ مراڪش جي روايتي لباس ۾ ملبوس مقامي ماڻهو، اتان جون بازارون، زيور، ٻار ۽ رڌپچاءَ جو انداز وغيره، ترڪي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري پاسي ترڪ ڪلچر ۾ رهڻي ڪهڻي، فرانس واري ٽڪرن ۾ ڇڻ ته اتان جو پيرس شهر رکيل آهي، لنڊن واري طرف وڃڻ سان ايئن لڳندو ڇڻ ته اسان لنڊن شهر پهچي ويا آهيون. اهڙي طرح سڄي دنيا جو ڪلچر ۽ سولائيزيشن اتي محفوظ ڪيل آهي. ننڍين ٻارن جي تفريح لاءِ والٽ ڊزني جا مشهور ڪارٽون ڪردار "مِڪي مائوس-Micki Mouse" ، "ڊونلڊ ڊڪ-Donald Duck"، "ٽام ۽ جيري-Tom & Jerry" موجود آهن. ان کان سواءِ مشهور گڏي "بار بي ڊال-Barbee Doll" اهي سڀ ڪارٽون ڪردار سچ پچ هلندڙ چرندڙ نظر ايندا آهن. ان کان سواءِ هالي ووڊ جو ماڊل به ٺاهيو اٿن، جتي مشهور اداڪارن سان مشابهت رکندڙ ماڻهو انهن جي ڪردارن ۾ ملبوس گهمي رهيا هئا. هالي ووڊ ۾ فلم بندي ڪيئن ٿيندي آهي، اهو نظارو به ڏيکاريائون. هڪڙي ٻيڙي ۾ چڙهياسين ته اوچتو گهمندي هڪڙو واڳون وات پٽي حملي آور ٿيو سڀ ڊڄي وياسين، پر پوءِ خبر پئي ته اهو نقلي واڳون هيو. هلندي هلندي اوچتو لڙائي ٿيڻ لڳي، هڪڙو سڄو گهر ڏسندي ئي ڏسندي باهه لڳڻ سبب خاڪ ٿي ويو. بعد ۾ ٻڌايائون ته اها باهه به نقلي هئي ۽ اهڙو نظارو روزانو ڪيترائي دفعا سياحن کي ڏيکاريندا آهن. اسان ته باهه لڳڻ وقت ڇرڪي وياسين ڇو ته ڏاڍي خطرناڪ باهه هئي. مختلف قسمن جا جانور اتي موجود هئا. ڊزني ورلڊ جو هڪ مشهور آئٽم هوندو آهي، هڪ ريلي. سڀ کان اڳ ۾ سياحن کي ڇوڏاري بيهاري اها ريلي ڪيندا آهن، جنهن ۾ مِڪي مائوس، ڊونلڊ ڊڪ، بار بي ڊال ۽ ٻيا ڪيترائي فلمن ۽ ڪارٽونن جا مشهور ڪردار هزارين ماڻهن اڳيان چڪر لڳائيندا آهن، جيڪي انهن جا فوٽو ڪيندا آهن. هڪ سئنيما به آهي جتي هر وقت فلمون هلنديون رهنديون آهن. ننڍڙي ٽرين به آهي جنهن تي چڙهي گهمبو آهي، ڇو ته پنڌ سڄو ڊزني ورلڊ ڏسڻ ممڪن ناهي.

اسان جڏهن ٽيمپابي (Tempa Bay) ويا هياسين ته عامر علي هڪڙي فائيو اسٽار هوٽل جي اپارٽمينٽ ۾ پئي رهيو، جتي اسان به ساڻس گڏ ترسياسين. اسان جي اتي رهڻ دوران عامر شهر ۾ هڪڙو ننڍو بنگلو ورتو جتي شفٽ ٿي وياسين. ان وچ ۾ منهنجو وڏو پٽ آصف علي به جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستاني وفد جي ميمبر طور آيل هيو، سندس گهر واري شاهده به ساڻس گڏ هئي، اهي ابوظهبي ۾ اسان وٽان ٿيندا نيويارڪ هليا ويا هئا. جنرل اسيمبلي جي اجلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ آصف ۽ سندس گهرواري عامر وٽ ۽ فاروق سومري وٽ گهمڻ لاءِ پڻ ويا. فاروق، آصف جي گهرواري جو ڀاءُ آهي، جيڪو پڻ آمريڪا ۾ سيٽل آهي. منهنجي ٽن هفتن جي موڪل پوري ٿي وئي، جنهن کان پوءِ مان "قطر ايئرويز" جي جهاز ۾ دوها کان ٿيندو ابوظهبي موٽي آيس، جڏهن ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي گهر واري ۽ نياڻي ٽي مهينا اتي رهي پوءِ واپس آيون.

1996ع ڌاري عامر علي کي سندس ڪمپني "بروسيلز" موڪليو جتي هڪ نئين سيليولر ڪمپني کلي رهي هئي. ان ڪمپني جو سسٽم ڊزائين ڪرڻ جو ٺيڪو عامر علي جي ڪمپني کي مليو هيو. بروسيلز ۾ سندس ڪم جو مدو ٻارنهن مهينا هيو. عامر علي اسان کي به چيو ته گهمڻ اچو. پوءِ مان، منهنجي گهرواري ۽ منهنجي نياڻي شيبا گڏجي ابوظهبي مان نڪتاسين. اسان کي ترڪي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هيو. ان ڪري اسان "ترڪش ايئرلائين" جي ذريعي "استنبول" وٽي پهتاسين. استنبول ۾ پاڪستان جو "ڪمرشل اتاشي" به مقرر هيو. مون ابوظهبي مان ان سان فون تي رابطو ڪيو. ڪيس استنبول ۾ اسان جو ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو. ڪمرشل اتاشي چيو ته. "مان ۽ منهنجي فيملي، توهان جي اچڻ وارن ڏينهن ۾ اتي نه هونداسين، مهرباني ڪري توهان منهنجي جاءِ تي اچي ترسجو." اهو به ٻڌايائين ته "مون وٽ به گاڏيون آهن، هڪڙي گاڏي خراب آهي جڏهن ته ٻي گاڏي اسان جي استعمال ۾ هوندي، منهنجا ماڻهو توهان کي ٽيڪسي جو بندوبست ڪري ڏيندا. باقي ايئرپورٽ کان جڳهه تي پهچڻ لاءِ توهان کي گاڏي موڪلي ڏينداسين." اهڙي طرح ايئرپورٽ تان سندس موڪليل گاڏي ۾ چڙهي سندس جاءِ تي پهتاسين، جيڪا استنبول جي خوبصورت علائقي ۾ هئي. ٻئي ڏينهن تي اسان کي گهمائڻ لاءِ هڪ سئو ڊالر ڏهاڙي تي ٽيڪسي ڪري ڏنائون، جنهن جو ڊرائيور هڪڙو ترڪ نوجوان هيو. اسان صبح جو ناشتو ڪري استنبول شهر گهمڻ لاءِ نڪري پياسين.

استنبول شهر هڪ عجيب و غريب شهر آهي، جيڪو ايشيا ۽ يورپ يعني ٻنهي کنڊن تي مشتمل آهي ۽ مک بندرگاهه به آهي. استنبول جي آبادي ستر لک کن آهي. 660 قبل مسيح ۾ بزنطيني شهنشاهيت پاران هن شهر جو بنياد وڌو ويو ۽ "بازنطيم" نالو رکيو ويو. 330ع ۾ بانطيني شهنشاهه "قسطنطين اعظم" هن شهر کي پنهنجو گاديءَ جو هنڌ بنايو ۽ شهر جو نالو بدلائي "قسطنطنيه" رکيائين. ترڪن، "سلطان محمد فاتح" جي اڳواڻي ۾ "قسطنطنيه" تي 1453ع ۾ قبضو ڪيو ۽ عثماني خلافت جو بنياد رکيو. عثماني خلافت جي سڄي عرصي ۾ هي شهر گادي جو هنڌ رهيو. 1923ع ۾ "مصطفىٰ ڪمال اتاترڪ" پاران خلافت جو خاتمو آڻي جديد ترڪ جمهوري رياست جو بنياد وڌو ويو ۽ قسطنطنيه جو نالو مٽائي استنبول رکيو ويو. ان سان گڏ ترڪي جي گاديءَ جو هنڌ پڻ انقره شهر کي ڪيو ويو. پر اهڙي تبديلي هن شهر جو آب و تاب جهڪو نه ڪري سگهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استنبول شهر جي يورپ ۽ ايشيا وارن حصن کي باسفورس وارو ساموندي لنگهہ جدا ڪري ٿو. اسان جي رهائش بہ يورپ واري پاسي هئي. اڳي تہ باسفورس لنگهہ کي ٻيڙين ۽ لانچن وسيلي عبور ڪيو ويندو هيو. پر هاڻي هڪڙي وڏي پُل ٺاهي وئي آهي، اسان بہ ڪار ۾ چڙهي باسفورس کي عبور ڪيو هيو. هن شهر جو يورپ وارو حصو ڊويلپ ٿيل اهي باقي ايشيا واري حصي ۾ وڃڻ سان شهر جي پوئتي پوڻ جو احساس ٿئي ٿو.

استنبول شهر نهايت خوبصورت شهر آهي، قديم ايشيائي رومن ايمپائر جي دور کان وٺي عثماني دور جا محل ان دور جا خوبصورت يادگار آهن. عثماني خلافت واري دور ۾ تہ ترڪ فاتحن جو دائرو فرانس تائين پهتل هيو. ترڪ خليفن جو محل "توپ ڪاپي" اڄڪلهہ ميوزيم آهي، جتي هزارين ماڻهو ايندا رهن ٿا. ان کان سواءِ "اياصوفيہ" جيڪا رومن شهنشاهہ جسٽينين جي دور ۾ چرچ طور ٺهرائي وئي هئي، اها پڻ نهايت خوبصورت ۽ بازنطيني طرز تعمير جو نادر نمونو آهي.اها چرچ ترڪ خليفن جي دور ۾ مسجد طور ڪم آندي وئي. ڪمال اتاترڪ جي دور ۾ ان کي نہ مسجد نہ چرچ بلڪ هڪ تاريخي عمارت قرار ڏنو ويو. ان کان سواءِ سلطان احمد جي مسجد جيڪا بليوٽائيلز سبب "بليو مسجد" جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. ان کان سواءِ "سليمي بيرڪس" جيڪي شهر جي ٻاهرئين پاسي کان آهن ۽ ڪريميا جي جنگ ۾ اسپتال طور استعمال ڪيون ويون هيون، انهن بيريڪس ۾ نرسنگ جي باني "فلورينس نائيٽ اينگل" بہ اچي ترسي هئي، هتي بہ هڪڙو ميوزيم ٺهيل آهي.

استنبول شهر پنهنجي ٽيڪسٽائل، چمڙي، شيشي، تماڪ ۽ سيمينٽ جي پيداوار سبب مشهور آهي. توپ ڪاپي عجائب گهر ۾ قرآن پاڪ جو اهو نسخو بہ رکيل آهي جيڪو پڙهندي حضرت عثمان ؓ شهيد ڪيو ويو هيو. ان کان سواءِ رسول ڪريم ﷺ جي تلوار، حضرت علي ؓ جي تلوار، حضرت حمزه ؓ جي تلوار ۽ ٻيا ڪيترائي تبرڪات بہ پيا آهن. عثماني خليفن جي دور جون ڪيتريون شيون، فرنيچر ۽ مختلف وڏن ماڻهن جا استعمال ڪيل ڪپڙا، هٿيار، مختلف قسمن جا غاليچا ۽ عثماني خليفن کي مختلف حڪمرانن وٽان مليل سوکڙيون بہ رکيل آهن. تمام وڏو عجائب گهر آهي.

ترڪي ۾ جيئن تہ شيشي جو ڪم تمام سٺو ٿيندو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ هتان جا ڪرسٽل مشهور آهن، "بوهيميا ڪرسٽل" جيڪو چيڪوسلواڪيہ کان پوءِ ٻئي نمبر تي ترڪيءَ جو مشهور آهي، مان بہ مارڪيٽ مان ڪرسٽل جا ڪجهہ سيٽ خريد ڪيا. استنبول جي مارڪيٽن ۾ چانديءَ جو سامان بہ تمام گهڻو ملندو آهي. ترڪي ۾ مليل چانديءَ جو سامان پنهنجي جڙاءَ ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جي اعتبار کان سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. اسان به استنبول جي يورپ واري حصي ۾ وياسين ۽ اتي چانديءَ جي سامان واري بازار جو چڪر لڳايوسين. ان بازار ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا مارڪيٽ آهن جتي چانديءَ مان ٺهيل شيون دوڪانن جي شوڪيس ۾ جڳمڳ ڪري رهيون هيون. هڪ طرف زيور هيا ته ٻئي طرف چانديءَ جا ٿانوَ جن ۾ گلاسن ۽ جڳن کان سواءِ پليٽون، چانهن جا سيٽ ۽ ڊنر سيٽ به هيا. ٿئين پاسي وري خوبصورت شو پيس جدا نظارو پيش ڪري رهيا هئا. وڏن وڏن دوڪانن ۾ رکيل چانديءَ جو سامان خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سياح گهمي رهيا هئا ته ڪي وري ڪيميرائن سان تصوير ڪشي به ڪري رهيا هئا. اسان به اتي خريداري ڪئي ۽ چانديءَ جون ڪجهه شيون خريد ڪيون. استنبول ۾ رسول ڪريم ﷺ جي مشهور اصحابي ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي مزار به آهي، ان جي ديدار ڪرڻ جو موقعو به مليو. استنبول جي چوڌاري مختلف خوبصورت بيٽ آهن، ڪروز ۾ چڙهي انهن جو به نظارو ڪيوسين ۽ مختلف تاريخي هنڌ گهمي ڏٺاسين جن ۾ شهزادن جو جزيرو گهمڻ وٽان آهي. استنبول جون زير زمين بازارون به گهمڻ وٽان آهن، انهن ڪي به چڱي نموني گهمي ڏٺوسين. قونيه ۾ مولانا جلال الدين رومي جي مزار گهمڻ جو شوق هيو پر پري هجڻ سبب اوڏانهن نه وڃي سگهياسين ڇو ته اسان ڪي اڳتي ويڃڻو هيو ۽ ٽائيم نه هيو.

ترڪي يورپي ڪلچر اختيار ڪري ورتو آهي ۽ مردن توڙي عورتن جو لباس يورپي آهي. ترڪي ۾ جڏهن خلافت جو خاتمو آڻي "مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ" جمهوريت آندي ته 1928ع کان ترڪي ٻولي جو رسم الخط عربي مان رومن ڪري ڇڏيائون. قرآن پاڪ ۽ ٻين مذهبي ڪتابن ڪي ترڪي ۾ ترجمو ڪري رائج ڪيائون. مسجدن ۾ اذان به ترڪي ٻولي ۾ ڏيڻ شروع ڪيائون ۽ سيئي طور طريقا يورپي اختيار ڪيائون. جيتوٽيڪ ترڪي جاگرافيائي طور ته پنجانوي سيڪڙو ايشيا ۾ ۽ پنج سيڪڙو يورپ ۾ آهي پر ڪلچرل لحاظ کان سئو سيڪڙو يورپ ۾ آهي. ترڪي جي ڪافي به دنيا ۾ مشهور آهي، اسان وٽ ته "انسٽنٽ ڪافي" استعمال ڪئي وڃي ٿي جيڪا پائوڊر وانگر آهي پر ترڪي ۽ يورپ ۾ انسٽنٽ ڪافي جو استعمال تمام گهٽ آهي. هتي ڪافي داڻن جي شڪل ۾ ملندي آهي جنهن ڪي پيهي استعمال ڪيو ويندو آهي. ترڪش ڪافي ذائقي ۾ انتهائي ڪوڙي ۽ سواءِ کنهن مٺاڻ جي استعمال ٿيندي آهي. اسان استنبول ۾ هڪ ريسٽورنٽ جي ڪافي هائوس ۾ ويٺاسين ته اتي 1876ع جو سن لکيل هيو ڪافي گهرائي پيتي سين ته ڄڻ نڙيءَ مان زهر جو ڍڪ اندر ويو. پر اتان جا ماڻهو ته هري ويا آهن. ڪافي سان گڏ ٽماڪ به ترڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلچر جو حصو آهي، اڪثر پارڪن ۽ تفريحي هنڌن تي ترڪ پوڙها ۽ نوجوان، مرد ۽ عورتون تماڪ جا سگريٽ هٿ سان ٺاهي دونهون ڪيندي نظر ايندا. ترڪي جي زراعت ۾ تماڪ جي پوک به چڱو خاصو مقام رکي ٿي ۽ ان جي ايڪسپورٽ مان ترڪي کي چڱو خاصو پرڏيهي ناڻو حاصل ٿئي ٿو.

اسان چار ڏينهن استنبول ۾ گذاري بروسيلز (بيلجيم) هليا وياسين، جتي عامر علي اسان جي انتظار ۾ هيو. Brussels بيلجيم مان اسان جرمني به گهمڻ وياسين.

بروسيلس/بيلجيم مان جڏهن منهنجو پٽ عامر علي اسان کي باءِ روڊ اولهه جرمني جي گادي واري هنڌ "بون" شهر لاءِ وٺي وڃي رهيو هو ته واٽ تي يورپ جو هڪ ننڍڙو ملڪ "لگسمبرگ" (Duteliy of Luxembourg) به ڏسڻ ۽ گهمڻ جو موقعو مليو. لگسمبرگ جرمني، بيلجيم ۽ فرانس جي وچ تي هڪ ننڍو ملڪ آهي جنهن جي اوڀر ۾ جرمني، ڏکڻ ۾ فرانس جڏهن ته اتر ۽ اولهه ۾ بيلجيم آهي هن جي گادي جو هنڌ لگسمبرگ شهر آهي جيڪو فرينڪ فرٽ، بروسيلس ۽ سٽراسبرگ وانگر يورپي يونين جي گادي جي حيثيت به رکي ٿو. يورپي يونين جي ڪورٽ آف جسٽس به هتي ئي آهي. هتان جون سرڪاري ٻوليون لگسمبرگش، جرمن ۽ فرينچ آهن. 998 چورس ميلن جي ايراضي واري هن ننڍڙي خودمختيار ملڪ جي آبادي 6 لک 30 هزار آهي. يورپ جو هي ننڍڙو ملڪ دنيا جي مالدار ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. اسٽيل، دوائن ۽ ربڙ جي شين جي برآمد مان پڻ جام ڪمائي ٿو. سياحت جي شعبي ۾ به لگسمبرگ جام پرڏيهي ناڻو حاصل ڪري ٿو. بئنڪنگ سيڪٽر جي چاڻ موجب هتي دنيا جي مشهور 200 بئنڪن جون شاخون آهن هتان جا ريسٽورنٽ، هوٽل، ڪلب ۽ شاپنگ مال سڄي دنيا مان سياحن کي ڇڪي وٺي ايندا آهن.

قدرتي نظارن مان جهنجهيل هن ملڪ ۾ هڪ ننڍڙي ندي موسل (Mosel) وهندي آهي. هتي انگور جا باغ به جام آهن جن مان وائين ٺاهيو ويندو آهي. ان کانسواءِ جَوَ ڪڻڪ، پٽاٽا ۽ ٻيون زرعي جنسون به جام ٿينديون آهن جيڪي پڻ ايڪسپورٽ ڪندا آهن ۽ فوڊ پروسيسنگ جو ڪاروبار به اٿن.

شهر ۾ ڪيترين ئي تاريخي جايون آهن جن مان هڪ رومن ڪيٿولڪ ڪيٿيڊرل به آهي جنهن جو ڪم 1613ع ۾ شروع ۽ 1938ع ۾ پورو ٿيو مختلف وقتن تي جنگين ۽ عيسائي فرقن ۾ اختلافن سبب ڪم ڪڏهن هلندو و ته ڪڏهن بند ٿي ويندو هو. شهر جون پنجاهه کان مٿي جهونيون عمارتون ۽ قديم محلات يونيسڪو پاران عالمي ورثو قرار ڏنل آهن.

هن ننڍي ملڪ جي سونهن جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو حصو اسان ڏٺو ۽ لنگهياسين چڻ تہ هڪ سهڻي باغ مان لنگهي رهيا هئاسين. لگسمبرگ مان گذري اسان جرمني ۾ داخل ٿي وياسين.

اسان سڌو "بون" ويا هياسين، جرمنيءَ جي پارٽيشن کانپوءِ "بون" شهر "اولهہ جرمني" جو گاديءَ جو هنڌ هيو. جرمني جي متحد ٿيڻ کان پوءِ برلن ٻيهر گاديءَ جو شهر بڻايو ويو ۽ ديوار برلن کي ٽوڙيو ويو. بون شهر ڏاڍو خوبصورت شهر آهي. هتي ڪيترين ئي تاريخي عمارتون آهن. ناميارو موسيقار "بيٿووين" بہ 1770ع ۾ بون شهر ۾ پيدا ٿيو هيو. سندس اباڻو گهر بہ محفوظ ڪري ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. سندس 9 سمفينون مشهور آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين وڄايون وڃن ٿيون. يورپي ڪلاسيڪل ميوزڪ ۾ "بيٿووين" جو انتهائي مٿانهون درجو آهي. بون شهر 1949ع کان وٺي 1990ع تائين اولهہ جرمني جو گاديءَ جو هنڌ رهيو. بون شهر جي آبادي ٽي لک کن آهي. "رائين" درياءَ جي ڪپ تي واقع هن شهر جي حيثيت صنعتي شهر واري آهي. بون شهر ۾ ٽيڪسٽائل، پلاسٽڪ، دوائن ۽ اليومينم جا ڪارخانا آهن.

بون شهر کان پوءِ اسان جرمني جي ٻئي شهر ڪولون (Cologne) وياسين، اٽڪل ڏهہ لکن جي آباديءَ جو هي شهر بہ "رائين" درياهہ جي ڪاهي ڪپ تي آهي ۽ مشهور بندرگاهہ بہ آهي. جرمني جي مشهور ايئرلائين "لفٿنسا- Lufthansa" جو هيڊ ڪوارٽر بہ ڪولون ۾ آهي. ڪولون ۾ دوائن، موٽرن، ريل جي ڊٻن ۽ مختلف اوزارن ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن. ڪولون شهر پنهنجي خوبصورت عمارتن قديم گرجاگهر سبب مشهور سياحتي مرڪز بہ آهي. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ اتحادي جهازن جي بمباري سبب ڪولون شهر جو 85% سيڪڙو ۽ رائين درياهہ تي ٺهيل ٽي خوبصورت پُليون تباهہ ٿي ويون. ڪولون شهر نهايت قديم شهر آهي 38 قبل مسيح ۾ رومن ايمپائر هن شهر تي قبضو ڪيو هيو ۽ سندس نالو "ڪالونيا ڪلاڊيا ايگريپينڊيز" رکيائون جيڪو اڳتي هلي ڪولون ٿي ويو.

هتان جي مشهور "گاٿڪ ڪيٿيڊرل" لاءِ ٻڌايائون پئي تہ ان جي اڏاوت 1248ع ۾ شروع ٿي پر ان جا منارا مڪمل ٿي نہ سگهيا جيڪي اٺوين صدي ۾ يعني ست سئو ورهين کان پوءِ مڪمل ڪيا ويا. نهايت خوبصورت چرچ آهي. مان ۽ منهنجي گهرواري گهٽو مٿي چڙهي نہ سگهياسين پر منهنجي نياڻي ڊاڪٽر شيبا مٿي وڃي گهمي آئي. هن "گاٿڪ ڪيٿيڊرل" جي منارن جو ڪم 1880ع ۾ پورو ڪيو ويو. ڪيترائي سياح گهمي ڦري ۽ فوٽوگرافي ڪري رهيا هيا. اسان بہ فوٽو ڪيرايا. گهمياسين ۽ پوءِ موٽي بروسيلز آياسين.

مان بروسيلز ۾ پاڪستاني سفير سان جڏهن ملڻ ويس تہ هن مونکي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهمڻ لاءِ بروسيلز جي اوسي پاسي ۾ ڪجهه جايون ڏٺايون ۽ ڇپائين تہ سياڻي توهان ڏانهن گاڏي موڪليندس اوهان گهمڻ وڃجو. سفير خاص ڪري "واٽرلو Waterloo-" گهمڻ لاءِ چيو جتي "نيپولين بوناپارٽ" ۽ انگريزن جي وچ ۾ آخري جنگ لڳي هئي. ان جنگ ۾ انگريزن پاران "جنرل ويلنگٽن" سپہ سالار هيو. ٻئي ڏينهن تي سفير صاحب گاڏي موڪلي جنهن ۾ چڙهي اسان "واٽرلو" وياسين. "واٽرلو" بروسيلز کان تيرنهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. "واٽرلو" ۾ جنگ واري هنڌ تي چوڏاري پروجيڪٽر لڳل آهن ۽ وچ ۾ سياحن کي بيهاري جنگ جو نظارو اهڙي ريت ڊيڪاريو ويندو آهي جو اسان کي ايئن ٿي محسوس ٿيو تہ ڄڻ اسان بہ ان جنگ جو حصو آهيون. جنگ ۾ ڊڪندڙ گهوڙا ۽ انهن جون ٽاپون، سپاهين جون دانهون، توبن جا ڪڙڪا ۽ تلوارن جي ٽڪرائجڻ جا آواز عجيب اٽماسفيئر (Atmosphere) پيش ڪري رهيا هيا. چوڏاري جنگ هلي رهي هئي ۽ اسان ايئن پئي سمجهيو ڄڻ تہ جنگ حقيقي آهي، ڏاڍو مزو آيو.

بروسيلز ۾ هڪڙي ٻئي هنڌ تي "مني يورپ" نالي هڪڙي جڳهہ تي سڄي يورپ جي دارالحڪومتن جو نظارو جوڙيو ويو آهي، جتي پهچڻ سان ڄڻ تہ ماڻهو انهن شهرن ۾ پهچي ٿي ويو. لنڊن ۾ داخل ٿيڻ سان اتان جا سيئي نظارا ٽريفالگر اسڪوائر، بگ بين، آڪسفورڊ اسٽريٽ وغيره موجود هيا. پيرس ۾ بوءِ ڊي بولون، ايفل ٽاور وغيره مطلب تہ اندر داخل ٿيڻ سان ڄڻ تہ انهن شهرن ۾ پهچي ٿي وياسين. ان کان سواءِ بروسيلز کان سٺ ستر ڪلوميٽر پري هڪڙو پنج ڇهہ سئو ورهيہ پراڻو ڳوٺ بروج (Bruj) نالي آهي. جنهن کي اصل صورت ۾ برقرار رکيو ويو آهي. اهو ڳوٺ ان دور ۾ تہ سمنڊ جي ڪناري تي هيو پر اڄڪلهہ سمنڊ ڪجهہ پري هليو ويو آهي. اهو هنڌ بہ سياحتي مرڪز آهي ۽ ڪيترائي سياح گهمڻ ايندا آهن. ان ڳوٺ ۾ قديم يورپي تهذيب جا نظام ڏسڻ ۾ اچن ٿا. قديم وڻ ۽ ان دور جا دوڪان، گهر وغيره محفوظ ڪيا ويا آهن. نهايت خوبصورت ۽ ساوڪ سان ڀرپور ڳوٺ آهي. بروسيلز شهر بہ ڏسڻ وٽان آهي. هن شهر جي آبادي ڏهہ لکن کان ڪجهہ وڌيڪ آهي، جنهن جو اسي سيڪڙو فرينچ ڳالهائيندڙن تي ٻڌل آهي. بروسيلز ۾ يورپي يونين جو هيڊ ڪوارٽر ۽ "ناٽو-NATO" جي سيڪريٽريٽ پڻ آهي. هي شهر ڇهين صدي عيسوي ۾ آباد ٿيو. 1830ع ۾ بيلجيم جي گاديءَ جو هنڌ ٿيو. ان کان اڳ ۾ "اسپينش نيدرلينڊ" جو گادي جو هنڌ بہ رهيو. بروسيلز هڪ صنعتي شهر آهي هتي ڪيميڪل، مشينري ۽ ڪپڙي جا ڪيترائي ڪارخانا آهن. بروسيلز ۾ ڪيترائي محلات ۽ خوبصورت عمارتون آهن. جڏهن اسان اتي وياسين تہ اتي ڪو مشهور ڏينهن ملهايو پئي ويو. اسان بہ ان سلسلي ۾ هڪڙي قديم پيلس ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وياسين تہ آڳر تي بہ تي سئو قدم ساڄي پاسي ۽ بہ تي سئو قدم کابي پاسي رڳو گل ئي گل سجايل هيا. اول تہ اسان سمجهيو تہ گلن جا ڍير رکيا اٿن پر ويجهو وڃي ڏٺوسين تہ گلن جون ڪونديون سجايل هيون ۽ ڏاڍو دلفريب نظارو پيش لڳو جهڙوڪ ڪو وڏو قيمتي قالين.

بيلجيم جي هڪ خاص ڳالهہ هيرن جو ڪاروبار آهي، سڄي يورپ ۾ هيرن جو وڏي ۾ وڏو واپار بيلجيم ۾ ٿيندو آهي. بيلجيم جو مشهور بندر گاهہ "اينٽورپ" (Antwerp) جيڪو دنيا جو مصروف ترين بندرگاهہ سمجهيو وڃي ٿو. هتي هيرن جي تراشڻ جا ڪارخانا بہ آهن. بيلجيم ڪٽ هيرا سڄي دنيا ۾ مشهورآهن. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خام هيرا اينٽورپ آندا ويندا آهن جتي انهن جي ڪٽائي، تراش ۽ پالش ڪري مارڪيٽ ۾ موڪليو ويندو آهي. اينٽورپ جي بازارن ۾ سڄي دنيا مان هيرن جا شوقين خريداري ڪرڻ ايندا آهن. ان کان سواءِ اينٽورپ شهر ۾ پيٽرو ڪيميڪل، تيل صاف ڪرڻ، جهاز سازي ۽ ڪپڙي جا بہ ڪيترائي ڪارخانا آهن. اينٽورپ ۾ مشهور آرٽسٽ "ربن" جو گهر بہ محفوظ ڪيل آهي، جنهن کي ڪيترائي سيلاني گهمڻ ايندا آهن. جڏهن تہ هتان جي "گاٿڪ ڪيٿيڊرل" ۾ بہ سندس ڪيترائي فن پارا موجود آهن. اينٽورپ شهر بيلجيم جي اينٽورپ صوبي جي گادي جو هنڌ بہ آهي. نهايت خوبصورت شهر آهي. ويڪرا روڊ رستا، صفائي اعلىٰ درجي جي ۽ شاندار ريسٽورينٽ اينٽورپ جي خوبي آهن.

مان بيلجيم ۾ رهڻ دوران اتان جي هاءِ ڪورٽ بہ گهمڻ ويس پر اتي ڪورٽ کي ڪورٽ نہ چوندا آهن. مان جڏهن ڪورٽ گهمڻ ويس تہ اتي هاءِ ڪورٽ بجاءِ لکيل هيو "انصاف جو محل-Palace of Justice" انصاف جو طريقو سڄي يورپ ۾ تقريبن ساڳيو آهي، هاءِ ڪورٽ نهايت سهڻي هئي عامر علي جتي رهيو پئي، اها جاءِ ٽين ماڙ تي هئي ۽ ان جي گيلري مان ويهي "پيلس آف جسٽس" بہ ڏسندا هئاسين. انتهائي خوبصورت عمارت هئي. بروسيلز ۾ نادر شين جون ڪيتريون ئي گيلريون آهن جن ۾ انهن جو نيلام بہ ٿيندو آهي ۽ وڏا وڏا ماڻهوا ڇي خريداري ڪندا آهن. انهن جون قيمتون بہ لکين ڊالرن ۾ آهن. انهن ڏينهن ۾ هڪڙي تاج جي نيلامي ٿي رهي هئي. نهايت خوبصورت ۽ هيرن سان جڙيل تاج هيو. ڪيترائي ماڻهو بوليون لڳائي رهيا هئا. ان کان سواءِ بہ ڪيتريون شيون وڪري لاءِ رکيل هيون. اسان جي مالي حيثيت ايڏي تہ ڪونہ هئي جو هزارين ڊالر پري کا اڪليپ شئي خريد ڪيون پر انجواءِ ڪيوسين. اهڙي طرح هڪڙي ٻئي هنڌ تي هٿ جي هنرن جي نمائش ٿي رهي هئي، جنهن ۾ مختلف فنڪار ۽ هنرمند پنهنجون شيون نماءَ ۽ وڪري لاءِ کڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل هئا. نمائش جي خوبصورتي تعريف لائق هئي. مون بہ ڪاٺ جا ٺهيل ”ٽيولپ“ جا گل خريد ڪيا، نهايت خوبصورت آهن ۽ اڃا تائين مون وٽ آهن. بروسيلز جو پاڪستاني سفارتخانو بہ وڏو آهي، عمارت پاڪستان جي ملڪيت آهي. مان جڏهن سفير سان ملڻ ويس تہ سندس ذاتي آفيس مٿين منزل ۾ هئي. هن مون کي ٻڌايو تہ ”عملي جي لحاظ کان اسان وٽ جاءِ سوڙهي آهي ۽ ڪم ۾ تڪليف پيش اچي ٿي. جڏهن سفير صاحب مون کي خدا حافظ ڪرڻ لاءِ مون سان گڏ هيٺ لهي آيو تہ مون کيس چيو تہ ”هي جيڪو ميدان آهي، ان تي اڏاوت ڇونہ ٿا ڪرايو.“ سفير چيو تہ ڏسو ٿا، ”ان ۾ وڻ بيٺو آهي جيڪو سئو سال پراڻو وڻ آهي، اسان جڏهن حڪومت کي چيو تہ وڻ ڪاٽڻ جي اجازت ڏيو تہ اسان ڪمرا ٺهرايون، ملڪيت بہ اسان جي آهي“ پر بيلجيم جي حڪومت چيو تہ، ”سئو سال پراڻو وڻ آهي، ان کي ڪاٽڻ جا جازت نٿي ڏئي سگهجي.“ ان ڪري وڻ ڪاٽڻ کانسواءِ اڏاوت بہ نٿا ڪري سگهون. مطلب تہ اتي وڻن ۽ ساوڪ جي تمام گهڻي اهميت آهي، ان ڪري ئي يورپ وارا پنهنجي ماحول کي صاف سٿرو رکيو ٿا اچن.

منهنجي گهر واريءَ انگل کيو تہ مان پنهنجي نُنهن لاءِ هڪڙي هيري واري منڊي وٺڻ ٿي چاهيان. ان وقت تائين عامر علي جي شادي ٿيل نہ هئي، بلڪ شاديءَ جا سانباها هئا، پوءِ اتي حبيب بينڪ جي مئنيجر سان منهنجي ملاقات ٿي تہ ان سان هيري جي منڊي وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ ان کي چيو تہ اسان کي گائيڊ ڪيو. هن ٻڌايو تہ اسان وٽ هڪڙو ملازم آهي جيڪو روزانو اينٽورپ کان ايندو آهي ۽ اتان جو رهاڪو آهي. اهو توهان سان گڏجي هلندو. پوءِ اسان ان کي ساڻ ڪري اينٽورپ وياسين. بازار ۾ ڪيترائي هيرن جا دوڪان هيا. اسان بہ ”الله تو آهر“ ڪري هڪڙي دوڪان ۾ داخل ٿياسين. چوڌاري هيرا ۽ مختلف قسمن جا زيور سجايل هيا. دوڪاندار کي هيري جي منڊي جو چيوسين تہ هن انتهائي مهانگيون منڊيون ڪڍي اڳيان رکيون. اسان کيس ٻڌايو تہ ڪا هلڪي منڊي ڏيکار پوءِ هڪ منڊي منهنجي گهرواريءَ پسند ڪئي. دوڪاندار چيو تہ ”جيڪڏهن توهان بل نہ ٺهرائيندؤ تہ ٽيڪس نہ لڳندو ۽ اهي پئسا بچي پوندؤ. باقي منڊيءَ جو گارنٽي سرٽيفڪيٽ توهان کي ڏاهي ڏيان ٿو.“ پوءِ اسان ائين ڪيو. ان وقت ڊالر، ٽيهن روپين جو هيو، چوهٽ هزار پاڪستاني روپين ۾ اها منڊي خريد ڪئي سين. دوڪاندار اسان کي سرٽيفڪيٽ ڏاهي ڏنو جنهن ۾ ان جي ڪليئرٽي، ڪيريٽ، صفائي ۽ اصل هجڻ بابت سڀ ڪجهہ لکيل هيو. سڄي دنيا ۾ ڊائمنڊ جو اصول آهي تہ سرٽيفڪيٽ کان سواءِ خريد يا وڪرو ٿي نہ سگهندو آهي. پاڪستان ۾ تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو اصول ئي ناهي، هتي سيڪجھہ هلي ٿو. پاڪستان ۾ جيڪي هيرا ملن ٿا، اهي اڪثر "انڊياڪٽ" وارا آهن، اهي بہ سٺا آهن پر "بيلجيم ڪٽ" سڄي دنيا ۾ مشهور آهي.

بهرحال اسان هيري واري منڊي وٺي واپس بروسيلز موٽي آياسين. ٻئي ڏينهن تي اسان کي پيرس وڃڻو هيو. عامر علي چيو تہ ٽرين تي پيرس لاءِ ٽڪيٽون بڪ ڪرائي ڇڏيون آهن. توهان آرام سان يورپ جو سير ڪندا وڃو. ٻئي ڏينهن تي مان، منهنجي گهرواري فاطمہ ۽ نياڻي شيبا بروسيلز مان ٽرين رستي پيرس روانا ٿياسين. بروسيلز اسٽيشن تي پهچندي ۽ پليٽ فارم ڳوليندي اسان کي دير ٿي وئي ۽ ٽرين هلي وئي. ڪلاڪ کن ۾ ٻي ٽرين آئي ۽ اسان ان ۾ چڙهي روانا ٿياسين. ٽرين انتهائي صاف سٿري ۽ شاندار هئي جو ڏسڻ سان ئي مزو پئي آيو. نهايت تيز رفتار گاڏي هئي. ٽرين ۾ بار ۽ ريسٽورنٽ بہ هيا. دري کان ٻاهران ننڍا ننڍا ڳوٺ، باغات، وائين فيڪٽريون ۽ وائين يارڊ، انگورن جون پوکون ۽ ٻيا نظارا فرحت ڏئي رهيا هيا. ڏهين وڳي ڌاري بروسيلز کان ٽرين نڪتي ۽ شام جو ڇئين وڳي مين اسٽيشن پيرس تي پهتاسين. حبيب بينڪ جي صدر فضل معبود، پيرس ۾ حبيب بينڪ جي مينيجر کي اسان جي لاءِ چئي ڇڏيو هيو، جيڪو اسٽيشن تي موجود هيو. ٻئي طرف ابوظهبي مان بہ هڪ دوست پنهنجي هڪ دوست چوڌري رياست علي کي چيو هيو، اهو بہ اسان کي وٺڻ آيو هيو. چوڌري رياست علي فرانس جو شهري بہ آهي. چوڌري رياست علي ٻڌايو تہ هن، ڪنهن هوٽل ۾ اسان جي رزرويشن ڪرائي آهي. اسان کي فضل معبود صاحب چيو هيو تہ حبيب بينڪ جو مينيجر بينڪ جي جڳهہ ۾ رهندو آهي، سندس فيملي پاڪستان ويل آهي ۽ هن وٽ ٽي چار ڪمرا آهن، توهان کي بہ ڪمرا ڏيندو، مهرباني ڪري ان وٽ ترسجو. پوءِ مون چوڌري رياست علي کي چيو تہ، اسان هوٽل ۾ نہ رهنداسين باقي توهان اسان کي گهمائجو ڦيرائجو. اسان جي رهائش واري جاءِ "شانزاليزي" ۾ هئي جيڪو پيرس جو مشهور علائقو آهي. اسٽيشن تان اسان سڀ گڏجي مينيجر جي جاءِ تي وياسين. اتي چانهہ ڪافي وغيره پيتي سين پوءِ چوڌري رياست علي چيو تہ مون، توهان جي اعزاز ۾ ڊنر ڪئي آهي ۽ ان ۾ پنهنجا ڪجھہ فرينچ دوست بہ سڏيا اٿم. ڊنر جو انتظام پيرس ٻاهران هڪڙي ننڍڙي آبادي جيڪا "ايوري-Every" نالي سان هئي، اتي ڪيو هيائين. اسان تيار ٿي اٺين وڳي ڌاري نڪتاسين ۽ "سين" درياهہ ڪراس ڪري اتي وڃي پهتاسين. اهو هوٽل پاڪستاني هيو. چوڌري صاحب جا فرينچ دوست بہ ڊنر ۾ موجود هيا. هوٽل هيو تہ پاڪستاني پر ان ۾ هر قسم جا کاڌا موجود هيا. نهايت لذيذ ماني



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، ڪچهري ۾ به ڏاڍو مزو آيو. رات جو دير سان گهمندا ڦرندا اچي جاءِ تي پهتاسين. رات جو به محسوس نه پئي ٿيو ته ڪا رات آهي. ساڳيون ڏينهن واريون رونقون ۽ ٽريفڪ هئي.

ٻئي ڏينهن تي پيرس شهر گهمڻ نڪتاسين. پيرس دنيا جي خوبصورت ترين شهرن مان آهي، هن شهر ڪيترائي لاها چاڙها ڏٺا اهن، 53 قبل مسيح ۾ رومن فوجن جوليس سيزر جي اڳواڻي ۾ حملو ڪري هن شهر تي قبضو ڪيو. انگريزن چار دفعا هن شهر تي قبضو ڪيو. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جون 1940ع ۾ جرمن فوجن پيرس تي قبضو ڪيو جيڪو آگسٽ 1944ع ۾ ڇڏايو ويو. 1871ع ۾ پيرس ڪميون واري بغاوت ۾ مزدورن هن شهر تي قبضو ڪري ورتو. مارچ 1871ع کان وٺي مئي 1871ع تائين پيرس شهر تي مزدورن جو قبضو رهيو. بعد ۾ سرڪاري فوجن شهر تي حملو ڪيو ۽ 21-مئي کان 28-مئي تائين شهر ۾ ٽيهه هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي قتل ڪري ٻيهر ڪنٽرول حاصل ڪيو ويو. پيرس ڪميون جا سيئي اڳواڻ قتل ڪيا ويا ۽ مزدورن پاران رياست تي قبضي جو خواب پورو نه ٿي سگهيو.

پيرس شهر خوبصورتي ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. سين درياهه، پيرس شهر جي وچ ۾ وهي ٿو جنهن تي شهر اندر 32-پليون ٺهيل آهن، جن مان ڪجهه جديد ۽ ڪجهه انتهائي قديم آهن. انهن پلين مان 1578ع ۾ تعمير ڪيل "پونٽ نيوف" پل سڀ کان جهوني آهي. انهن پلين تي خوبصورت گلڪاري به ٿيل اهي. پيرس يونيورسٽي جو شمار دنيا جي قديم ترين يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿو. پيرس يونيورسٽي جو بنياد 1150ع ۾ رکيو ويو. يونيورسٽي شاندار عمارتن تي ٻڌل آهي ۽ سڄي ڪيمپس گلن ۽ وڻن سان جهنجهيل آهي، جتي شاگردن ۽ شاگرديائڻين جا ٽولا گهمي رهيا هيا. "اندرا گانڌي" به پيرس يونيورسٽي ۾ پڙهي هئي. پيرس جي مشهور عمارتن ۾ "ناٽري ڊيم" واري گرجا گهر سميت ٻيون ڪيتريون ئي گرجائون آهن جن ۾ سينٽ چيپل ۽ باسليڪا ڏسڻ وٽان آهن. ان کان سواءِ نيپولين جو مقبرو، فتح واري محراب، شهيدن جو يادگار، اورسي ميوزيم، "لوور پيلس" جيڪو اڳ ۾ ته شاهي محل هيو پر هاڻي مشهور آرٽ گيلري آهي، جتي دنيا جي مشهور مصورن جا شاهڪار رکيل اهن. لوور ميوزم ايترو وسيع آهي جو پوري طرح ڏسڻ لاءِ ڪيترا ڏينهن درڪار آهن. بهرحال ڪجهه حصو ڏسي سگهياسين. ان کانسواءِ پيرس جي مشهور يادگار ايفل ٽاور آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي سياح ايندا رهن ٿا. "ايفل ٽاور" کي 1889ع ۾ مشهور انجنيئر "گستاف ايفل" ڊزائين ڪيو هيو. ايفل ٽاور سڄو فولاد جو ٺهيل آهي ۽ ان جي اوچائي 1050-فوٽ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرس شهر ۾ 80- کان وڌيڪ ميوزيم ۽ آرٽ گيلريون آهن جن ۾ روزانو لکين سياح ايندا رهندا آهن. گلن ۽ باغن جو هي خوبصورت شهر جتي فنڪارن جو مرڪز رهيو آهي، اتي دنيا جي ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن به هتي رهائش اختيار پئي ڪئي آهي. انهن ۾ ويتنامي انقلابي اڳواڻ "هوچي منه" ذڪر لائق آهي، جڏهن ته ايراني انقلاب کان اڳ ايران جو روحاني اڳواڻ آيت الله خميني به ڪجهه مهينا پيرس ۾ ترسيل هيو. پيرس شهر سارتر، والٽيئر، روسو ۽ ٻين ڪيترن ئي روشن خيالن دانشورن جو گهر به رهيو آهي. ڪارل مارڪس به 1843ع تائين پيرس ۾ رهيو هيو. پيرس شهر جو مزاج به فلسفياڻو ٻڌايو ويچي ٿو.

پيرس شهر جي ايراضي 105-چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي هڪ ڪروڙ کن ٿيندي. اونهاري ۾ يورپ جي ٻين شهرن وانگر پيرس شهر ۾ به مختلف ريسٽورنٽ جي ٻاهران ڪرسيون ۽ ٽيبلون لڳل هونديون آهن، جتي گراهڪ ڪافي، بيئر يا وائين ويٺا پيئندا آهن، سگريٽ ۽ سگار جا ڪش پيا هڻندا، اخبار يا ڪو ڪتاب به پڙهندا ۽ ماني وغيره به کائيندا آهن. دز، مٽي يا ٻي ڪنهن گدلاڻ جو تصور به ناهي، صاف سٿرو ماحول آهي. سياري ۾ وري برفباري ۽ ٿڌ سبب ٻاهر ويهڻ ممڪن نه هوندو آهي.

اسان رات جو ايفل ٽاور تي وياسين. سڄو ٽاور روشن لڳو پيو هيو، وڏي رش هئي. ٽاور تان سڄي پيرس شهر جو نظارو به ڪيوسين. درياهه جون ڀُليون ۽ ٻنهي ڪنارن تي پکڙيل شهر ۽ ان جون تيز روشنيون عجيب نظارو پيش ڪري رهيون هيون. ڏينهن جو اسان "لوور پيلس" گهمڻ وياسين جيڪو دنيا جي وڏي آرٽ گيلري ۽ ميوزيم به آهي. پر ايترو ته وڏو آهي جو اسان سڄي ڏينهن ۾ ان جو ڪجهه حصو ئي ڏسي سگهياسين. بعد ۾ اسان "نيپولين بونا پارٽ" جي مقبري تي وياسين. مقبري جي ڀرسان شاپنگ مال به آهن. تمام وڏو مقبرو آهي، اتي سندس قول به لکيل آهن، اتي آرٽ شاپس به آهن جتي دنيا جي مشهور تصويرن جا نقل به ملن ٿا. ان کان سواءِ ٻيا آرٽ جا شاهڪار به رکيل آهن. پيرس ۾ سياحن کي گهمائڻ لاءِ ٽوئر ڪمپنيون آهن جن جي ٽور پيڪيج ۾ شهر ۽ ان جي مشهور جڳهن جو ٽوئر شامل هوندو آهي. اسان به ٽوئر پيڪيج وٺي گهمياسين. ٽوئر گائيڊ اسان کي سڄو شهر، مختلف ميوزيم، آرٽ گيلريون، نيپولين جو مقبرو، پيرس يونيورسٽي ۽ ٻيا هنڌ گهمايا. ٽوئر گائيڊ هر هنڌ ۽ جڳهه جي تاريخ ٻڌائي رهيو هيو.

شهر جا چونڪ ۽ رستا به ڏسڻ جهڙا آهن، هر چونڪ تي ڦوهارا ۽ گل آهن جن جي صفائي ۽ لائيٽنگ به ڏسڻ وٽان آهي. ان کان سواءِ ايفل ٽاور جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسپاس وڏو باغ لڳل آهي، جتي بينچون رکيل آهن، انهن بينچن تي نوجوان جوڙا ڪچهريون ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا. ڪئي فنڪار پنهنجا ساز وڄائيندي نظر ايندا تہ ڪئي وري نوجوان مصور، مصوري ۾ مشغول نظر ايندا. ايفل ٽاور جي لفٽ تان چڙهي وياسين تہ اڌ ڪان پوءِ ڏاڪڻيون هيون. مان تہ ٽين ماڙ تائين وڃي سگهيس پر اتان بہ نظارو شاندار ٿي لڳو.

هڪ رات چوڌري رياست علي اسان کي هڪڙي ڪلب ۾ وٺي ويو، چوڌري ان ڪلب جو ميمبر هيو. ان ڪلب ۾ مختلف فنڪارن جو مظاهرو بہ هيو. رياست علي انهن سان منهنجو تعارف ڪرايو تہ سومرو صاحب اسان جي ملڪ جو سفير آهي. پوءِ تہ فنڪارن منهنجي چوڌاري اچي ساز وڄائڻ شروع ڪيا ۽ منهنجي اعزاز ۾ فرينچ گيت ڳائڻ لڳا، سڄو هال اٿي بيهي تاڙيون وڄائڻ لڳو. ان ڪلب ۾ بہ ڏاڍو مزو آيو. پيرس شهر ۾ لبناني ۽ ترڪش ريسٽورنٽ تمام گهڻا آهن، انهن جي خوراڪ جو معيار بہ ڏاڍو سٺو آهي. اسان بہ اڪثر انهن ريسٽورنٽس تي وڃي ماني کائيندا هياسين. پيرس ۾ "سينٽ لاريٽ" نالي هڪ مشهور ڊزائينر جو اسٽور آهي، مون ان تان پنهنجي لاءِ هڪڙو اوني سوٽ بہ ورتو جيڪو مان اڄان تائين پائيندو آهيان. هونئن بہ اوني سوٽ جي عمر گهڻي هوندي آهي ۽ هتي اڪثر سياري ۾ پائي سگهبو آهي.

پيرس جو ميٽرو سسٽم بہ شاندار آهي، فرانس ۾ انڊرگرائونڊ ريلوي کي ميٽرو چوندا آهن. نيويارڪ ۾ ان کي "سب وي" ۽ لنڊن ۾ ان کي "ٽيوب" چوندا آهن. مونکي انهن سڀني ۾ چڙهڻ جو اتفاق ٿيو آهي پر پيرس جو "ميٽرو سسٽم" انهن سڀني کان سهڻو ۽ آرامده آهي.

چوڌري رياست علي کي اردو نہ پئي آئي يا تہ فرينچ پئي ڳالهايائين يا وري پنجابي پئي ڳالهايائين، البت اسان جي اردو سمجهي ٿي ويو. پيرس ۾ مختلف هنڌن تي سندس وڏا وڏا دوڪان آهن، جيڪي سندس پٽ ۽ ملازم هلائيندا آهن. چوڌري صاحب گهٽو پڙهيل ڳڙهيل تہ ناهي باقي اٽيل وينٽل ۽ فضيلت پريو ماٺو آهي. اسان جي ڏاڍي خاطر مدارت ڪيائين ۽ گهمايائين ڦيرايائين. چار پنج ڏينهن پيرس ۾ رهي اسان لنڊن وڃڻ جو ارادو ڪيو. ساڳي ريل "يورو ڪار" وسيلي اسان لنڊن وڃڻ لاءِ پيرس جي سينٽرل اسٽيشن پهتاسين. ريل اچڻ ۾ ڪجهہ ٽائيم هيو، ان ڪري چوڌري صاحب ۽ ٻين دوستن اسان کي ويٽنگ هال ۾ ويهاريو. پيرس جي سينٽرل اسٽيشن جو ويٽنگ هال بہ ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل جي هال جهڙو هيو.

ريل ۾ چڙهي لنڊن روانا ٿياسين، "يورو ڪار" فرانس جي "چينل ٽنل" جي اندران ٿيندي برطانيہ پهتي. ان سرنگهہ جي اڏاوت 1986ع ۾ برطانوي حڪومت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ فرانس جي سهڪار سان شروع ٿي ۽ 1993ع ۾ مڪمل ڪئي وئي، ۽ اڄڪلهه يورپ کي خشڪي وسيلي سمنڊ هيٺان برطانيه سان ملائي ٿي. سڄي سرنگهه ۾ بتيون لڳل آهن ۽ تيز رفتار ريل ۾ بوريت جو احساس به نٿو ٿئي. اهڙي طرح سمنڊ هيٺان گذري اسان جي ريل شام جو ڇئين وڳي ڌاري لنڊن پهچي وئي، اسٽيشن تي اسان جو ميزبان پنهنجي ٻن نياڻين سوڌو اسان کي وٺڻ لاءِ پهتل هو. اسان جو ميزبان هيو پنجاب جي شهر "چيچه وطني" جو شفيق انصاري. لنڊن ۾ سيٽل ٿيل برٽش شهري آهي شفيق ۽ سندس ڀائرن جا چار ريسٽورنٽ آهن جن ۾ بهترين پاڪستاني کاڌو ملندو آهي. ان ڪانسواءِ شفيق جي مامي جو هڪ ريسٽورنٽ آهي جتي لنڊن جي رهائش جي دوران وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اهو تمام وڏو ريسٽورنٽ هيو. اسان ڊنر جي وقت اتي پهتاسين، سڄو ريسٽورنٽ گورن ماڻهن ۽ انگريزن سان ڀريل هو. ان ۾ شراب ۽ بيئر پڻ گراڪن جي فرمائش تي Serve ٿي رهيو هو. ريسٽورنٽ جي مانيءَ جو معيار هاءِ ڪلاس هو. اسان ماني کائي اهو محسوس ڪيو ته اهڙي ماني کائڻ هر هنڌ نصيب ٿي نه ٿي سگهي.

اسان جو ميزبان شفيق انصاري جيڪو پنهنجي ٻن نياڻين سان گڏجي اسان کي لنڊن اسٽيشن تي وٺڻ آيو هيو. ان رستي تي چيو ته گهر هلڻ کان اڳ ۾ توهان کي لنڊن شهر به گهمايون ٿا ۽ رات جي ماني به ٻاهر کائي پوءِ گهر هلنداسين. اسان به چيو ته ٺيڪ آهي. اسان به گهمڻ آيا هياسين ۽ سمهڻ جي ٽڪر نه هئي، ڇو ته ريل جو سفر ايڏو ته آرامده هيو جو ٿڪ جو ڪوبه احساس نه ٿيو. شفيق انصاري سان منهنجي پهرين ملاقات اپريل 1986ع ۾ ٿي هئي، جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو، لنڊن کان لاهور آئي هئي ته ان جي استقبال تي لاڙڪاڻي کان ويا هياسين. اسان پنج ڄڻا گڏ هياسين، مان، نذير ڀگهيو، اياز سومرو، حزب الله ڀگهيو ۽ پنجون ڊرائيور هيو. گاڏي به ڀگهين جي هئي. لاهور ۾ نذير ڀگهئي جي والد واحد بخش خان جو هڪڙو سيد دوست هيو. ان وٽ ترسيا هياسين. رستي تي به "ننه قريشي" ڳوٺ ۾ پنجاب جي اڳوڻي گورنر مخدوم سجاد حسين قريشي جي سؤٽ وٽ ترسيا هياسين. لاهور ۾ جنهن سيد وٽ ترسيا هياسين ته ان جي بنگلي تي شفيق انصاري سان ملاقات ٿي هئي جيڪو انهن ڏينهن ۾ لنڊن کان آيل هيو. لاهور ۾ ساٿس ڏاڍي گهرائي ٿي وئي. مون کيس چيو ته لنڊن واپس وڃڻ وقت ڪراچي ۾ منهنجي دعوت کائي پوءِ وڃي. هن اهو قبول ڪيو. وڃڻ وقت مون کي لاهور مان ڪراچي اچڻ جو اطلاع ڏنائين، مان لاڙڪاڻي کان ڪراچي پهتس. ڪراچي ۾ مان سندس لائقي جهڙي خدمت ڪئي. وڃڻ وقت مونکي لنڊن اچڻ جي دعوت ڏني هيائين. پر مون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چيو تہ منهنجو پٽ آصف علي لنڊن اچڻو آهي هو ايندو تہ توسان ملندو. پوءِ آصف علي 1986ع ۾ جولاءِ ڏاري لنڊن ويو هيو تہ شفيق انصاري سندس سنڀو آڌرڀاءُ ڪيو هيو. 1994ع ۾ مان جڏهن لنڊن ويو هيس تہ ان دفعي بہ هن منهنجي گهڻي خدمت چاڪري ڪئي هئي ۽ لنڊن جو سير ڪرايو هيو. 1996ع ۾ ٽيون دفعو لنڊن وڃڻ ٿيو هو.

بهرحال شفيق انصاري اسان کي چڪر وغيره لڳرايو ۽ گهمائي ڦيرائي پنهنجي ڀاءُ جي ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويو. جيڪو سينٽرل لنڊن ۾ هيو. اتي ماني کائي پوءِ گهر ڏانهن روانا ٿياسين. شفيق انصاري، اسان جي رهائش لاءِ پنهنجي ڀاءُ جو گهر خالي ڪرايو هو. مٿين ماڙ تي بہ ڪمرا اسان جي حوالي ڪيا. اسان بہ سامان رکي سمهي پياسين. ٻئي ڏينهن تي شفيق انصاري وارن اسان کي لنڊن شهر گهمائڻ شروع ڪيو.

هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلجي تہ لنڊن نالي سان هڪ ٻيو شهر بہ آهي، جيڪو ڪيناڊا ۾ آهي ۽ ڏاڍو سهڻو شهر آهي، جڏهن انگريز ڪيناڊا ۾ ويا تہ ارڙهين صدي ۾ اهو شهر آباد ڪيو هيائون. بهرحال مان تہ برطانيہ جي گادي واري شهر لنڊن جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان.

لنڊن شهر جي آبادي نوي لکن کان ڪجهہ مٿي آهي. ٿيمس ندي جي ڪناري تي آباد هي شهر 1580 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي. اسان بہ شهر گهمڻ لاءِ نڪتاسين تہ سڀ کان اڳ ۾ "ٽاور آف لنڊن" ڏسڻ وياسين. ٽاور آف لنڊن ۾ شاهي خزاني جا جواهرات، مختلف قسمن جا تاج، پوشاڪون ۽ بادشاهن جي استعمال هيٺ آيل هٿيار رکيل آهن. راڻي ايلزبيٿ جو اهو تاج بہ هتي پيو آهي، جنهن ۾ ڪوهنور هيرو جڙيل آهي. ٽاور آف لنڊن ۾ ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ عجيب ۽ غريب نوادرات ڏٺاسين اسان جي معلومات ۾ اضافو ٿيو. تنهن کانپوءِ ٽاور آف لنڊن جي ويجهو لنڊن جي مشهور پل "لنڊن برج" بہ آهي جيڪا جهازن جي لنگهڻ وقت پنهي پاسن کان مٿي ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ هيٺ ڪئي ويندي آهي. اهو نظارو ڏسڻ لاءِ ڪيئي سياح موجود هوندا آهن ۽ جهازن جي گذرڻ جو انتظار ڪندا رهندا آهن. لنڊن برج ۽ ٽاور آف لنڊن ڏسڻ کانپوءِ اسان ڪروز وسيلي ٿيمس ندي جو سير ڪيو. اهو سير پارليامينٽ هائوس وٽ ختم ٿيو. پوءِ اسان پارليامينٽ هائوس وٽ لهي "ويسٽ منسٽر ايبي" ڏانهن وياسين جتي "سر ونسٽن چرچل" جو هڪ تمام وڏو مجسمو لڳل آهي، ڏاڍو شاندار مجسمو آهي. پارليامينٽ هائوس بہ گهميوسين، انهن ڏينهن ۾ پارليامينٽ جو ڪوبہ اجلاس نہ ٿي هليو.

ان کانپوءِ برٽش ميوزيم گهميوسين. هن ميوزيم جو بنياد 1753ع ۾ وڏو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ۽ عام ماڻهن لاءِ 1959ع ۾ کوليو ويو. هتي مصريات جي ڪارنر ۾ ڪيترين ئي مميون ۽ حنوط ٿيل لاش رکيل آهن جن ۾ مشهور مصري بادشاهه اخناطون، طوطنخ آمن ۽ ٻين جا خشڪ ٿيل لاش موجود آهن. قديم نوادرات به ڪيترائي آهن، سنڌو ماٿري ۽ ٻين قديم تهذيبن جو ڪيترو ئي سامان پڻ موجود آهي. ان کان سواءِ وڪٽوريا البرٽ ميوزيم، نيچرل هسٽري ميوزيم ۽ سائنس ميوزيم به گهمياسين، انهن سيني عجائب گهرن ۾ ٿورو ٿورو وقت گهمياسين، ڇاڪاڻ ته انهن مان هرهڪ ميوزيم کي چڱي ريت گهمڻ لاءِ ٽي چار ڏينهن گهرجن.

ميوزيم گهمڻ کان پوءِ انڊيا آفيس لائبريري جو به چڪر لڳايوسين، جتي برصغير ۾ انگريز دور جو سڄو رڪارڊ موجود آهي ۽ ان کان سواءِ هزارين قديم مخطوطا ۽ قلمي نسخا به پيا آهن. لنڊن جي نيشنل گيلري به گهمي ڏٺي سين، نيشنل گيلري ۾ ڪيترن ئي مشهور مصورن جون شاهڪار تصويرون پيون آهن، انهن سيني هنڌن تي هزارين سياح موجود هيا ۽ فوٽوگرافي به ڪري رهيا هيا. لنڊن شهر جي آمدني جو هڪ وڏو حصو انهن سياحن مان حاصل ٿئي ٿو جيڪي هر سال دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان گهمڻ لاءِ اچن ٿا.

هاءِ گيٽ واري قبرستان وٽان به گذرڻ ٿيو پر مون کي ذهن ۾ ئي ڪونه هيو ته "ڪارل مارڪس" اتي دفن ٿيل آهي، نه ته ان جي قبر تي ضرور وڃان ها. مارڪس ته اهو عظيم ماڻهو هيو جنهن کي علامه اقبال خراج پيش ڪندي چيو آهي ته:

صاحبِ سرمايه از نسلِ خليل
يعني آن پيغمبري بي جبريل
زاں کہ حق در باطل او مضمر است
قلب او مومن دماغش کا فر است

دنيا ۾ اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه هيو جنهن کي مارڪس متاثر نه ڪيو هجي. ان دور ۾ ته هر سوچيندڙ ماڻهو ڀلي اهو ڪميونسٽ نه هجي پر مارڪس کان ضرور متاثر ٿيو هيو. مارڪس جي فلسفي کان متاثر ٿي اقبال ٻئي هنڌ چيو ٿو ته:

اٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگا دو
کاخ امرا کے در و دیوار ہلا دو
جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روٹی
اس کھیت کے ہر خوشہ گندم کو جلادو۔

ڪامريڊ جمال الدين بخاري، علامه اقبال جي ان بيت بابت چوندو هيو ته "اها انارڪي آهي ته هر شئي کي ساڙي ڇڏجي ۽ مارڪس انارڪي جو مخالف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انقلاب جو پرچارڪ آهي.“ بهرحال مونکي مارڪس جي قبر تي نہ وڃڻ جو افسوس آهي، هاڻي جڏهن بہ لنڊن وڃبو تہ هاءِ گيٽ قبرستان ۾ ضرور وڃبو.

لنڊن ۾ ”ميڊم تسائو“ جو ميوزيم آهي جيڪو پنهنجي نوعيت جو نرالو ميوزيم آهي. ان ميوزيم ۾ ميڻ سان ٺهيل مجسما رکيا ويا آهن. ”ميڊم تسائو“ 1761ع ۾ فرانس جي شهر ”استراس برگ“ ۾ پيدا ٿي. ميڻ جي مجسمن ٺاهڻ جو ڪم پنهنجي چاچي فلپ ڪان سکيائين. پر اڳتي هلي پنهنجي چاچي ڪان اڳ ڪيڏي وئي. ميڻ جي مجسمن جي پهرين نمائش 1802ع ۾ لنڊن ۾ ڪيائين ۽ پوءِ اتي ئي ميوزيم قائم ڪيائين جيڪو 1850ع ۾ سندس وفات کانپوءِ بہ هلندو رهيو. اهو ميوزيم 1925ع ۾ باهہ لڳڻ سبب سڙي خاڪ ٿي ويو. 1928ع ۾ ميڊيم تسائو جو ميوزيم ٻيهر کوليو ويو. اڄڪلهہ هالي ووڊ ۾ بہ اهڙو ميوزيم کوليو اٿن. اسان بہ اندر داخل ٿياسين تہ ميڻ جا ٺهيل مختلف مجسما سياحن جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيا هئا انگلينڊ جي مهاراڻي سان گڏ سندس ساري خاندان جا مجسما هڪ هنڌ سجايل هئا. مهاتما گانڌي جو مرڪنڊڙ مجسمو بہ هو تہ هٽلر جو مجسمو بہ هو. جارج واشنگٽن جو بہ هو تہ لينن جو بہ هو. اندرا گانڌيءَ جو مجسمو بہ هو تہ ياسر عرفات جو مجسمو بہ هو. هڪ طرف سياستدانن جا مجسما آهن تہ ٻئي طرف اداڪارن جا مجسما، ٽئين طرف وري سائنسدانن، رانديگرن ۽ فنڪارن جا مجسما ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ شخصيتون اتي موجود آهن، جن سان ڪوبہ ماڻهو فوٽو ڪيڊرائي سگهي ٿو. ميوزيم گهمڻ سان ڏاڍو مزو آيو هر مجسمو اهڙي تہ هنرمندي سان ٺهيل هو جو زنده انسان لڳي رهيو هو.

ٽرافالگر اسڪوائر شهر جو مک چوڪ آهي، جتي ڏاڍا ڪبوتر آهن، سياح انهن کي چوڳو ڪرائيندا رهندا آهن. ٽرافالگر اسڪوائر تان شهر جي مختلف طرفن ڏانهن رستا ويندا آهن. آڪسفورڊ اسٽريٽ بہ ان طرف آهي، دنيا جو مشهور اسٽور ”هيرڊس-Harrods“ بہ اتي آهي، جيڪو ڪيئي ماڙ اوچو آهي ۽ دنيا جي هر شئي خريدارن لاءِ موجود آهي.

لنڊن مصروف ترين شهر آهي روڊن تي بہ ماڙ بسن (Double Decker Buss) کان وٺي هر قسم جون گاڏيون ڊوڙندي نظر اينديون. هائيڊ پارڪ جو سير ڪيوسين هائيڊپارڪ جي مشهوري انهي ۾ آهي جو ان جڳهہ تي سواءِ ڪنهن بندش جي ڪوبہ ماڻهو کلم کلا حڪومت تي نقط چيني ڪري سگهي ٿو. ڪنهن بہ وڏي ۾ وڏي ماڻهو لاءِ ڪجهہ بہ ڳالهائي سگهي ٿو. هي هڪ جمهوريت جو درسگاهہ آهي. هائيڊپارڪ گهمڻ کانپوءِ ”بڪنگهم پيليس“ ڏانهن وياسين جيڪو ”راڻي ايلزبيٿ“ جو محل آهي. بڪنگهم پيليس، ڊيوڪ آف بڪنگهم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي رهائش لاءِ 1703ع ۾ ٺهرايو هيو، جيڪو 1762ع ۾ جارج ٽئين خريد ڪيو ۽ بادشاهه جي رهائش گاهه بڻجي ويو. بڪنگهم پيليس جي اڏاوت شاندار نموني جي آهي ۽ روزانو هزارين سياح هن محل کي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن.

لنڊن جو رائل البرٽ هال به نهايت مشهور آهي، هتي ڪيترائي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن، ڪيترائي مشهور ڊراما هن هال ۾ اسٽيج تي چڪا آهن.

لنڊن ۾ منهنجو هڪڙو دوست ڊاڪٽر شمس الدين شيخ به رهندو هو. ساڻس رابطو ٿيو ته هو اسان کي برائيٽن شهر (Brighton City) وٺي ويو جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي خوبصورت شهر آهي. برائيٽن بيچ هزارين سياحن جي اچڻ سبب مشهور آهي، جيڪي ڪناري تي سرفنگ ڪندا ۽ تڙڳندي نظر ايندا آهن. ڊاڪٽر شمس الدين شيخ اسان کي چيو ته هيرو (Harrow) اسٽيشن تي اچي لهو ته مان گاڏي کڻي ايندس، پوءِ روڊ رستي هلنداسين، مان، منهنجي گهرواري فاطمه ۽ منهنجي نياڻي ڊاڪٽر شيبا لنڊن جي سينٽرل اسٽيشن تان ريل ۾ چڙهي، هيرو (Harrow) اسٽيشن تي لٿاسين ته ڊاڪٽر صاحب پنهنجي انگريز گهرواري سميت پنهنجي گاڏي ۾ اڳواٽ بيٺو هيو. اسان ساڻس گڏ روانا ٿياسين. واٽ تي قدرت جا بهترين نظارا ڏسندا رهياسين. زرخيز زمينن ۾ ڪٽڪ جو تيار فصل بيٺو هيو، جيڪو اکين کي فرحت ڏئي رهيو هيو. زمين جي ڪابه جڳهه ساوڪ کان خالي نه هئي. وڏن وڏن ٻارن ۾ ڪٽڪ بيٺي هئي جيڪا برٽش نسل جي هئي. برائيٽن شهر پڻ گهمياسين ننڍو شهر آهي پر نهايت پرڪشش آهي. ڊاڪٽر صاحب اسان کي سمنڊ جي پرسان ٺي هڪڙي سهڻي ريسٽورنٽ ۾ لنچ ڪرائي جتان سمنڊ ۾ هلندڙ ائڪٽوتي ڏسي رهيا هئاسين. ڊاڪٽر شمس الدين اصل شهدادڪوٽ جو آهي. 1972ع ڌاري هتان ويو هيو. شادي به اتان ڪئي هيائين. سندس گهر واري بعد ۾ گذاري وئي ته سندس لاش پاڪستان کڻائي آيو ۽ هتي دفنايو هيائين. گهر واري سان سندس ڏاڍو پيار هيو. اها به ڏاڍي سٺي عورت هئي. ڊاڪٽر شمس اتي ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ ڊاڪٽر هيو، پوءِ رٽائر ڪيو هيائين. اجڪلهه پاڪستان ۾ آهي، ڪجهه وقت اسلام آباد ۾ رهيو، اجڪلهه شايد ڪراچي ۾ سيٽل آهي. مون کان به ٽي سال ڪن ننڍو آهي. ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس گهرواري اسان کي سٺي ڪمپني ڏني ۽ گهمايو ڦيرايو ۽ اسان کي واپس ڇڏي ويا.

ٻئي ڏينهن تي اسان جي ميزبان شفيق انصاري مون کي چيو ته منهنجي گاڏي ننڍي آهي ۽ مونکي وڏي گاڏي وٺڻي آهي، توهان پنهنجي گهرواري ۽ نياڻي کي ڇڏيو ته اهي منهنجي گهر وارن سان ڪمپني ڪن. مان ۽ توهان هلي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏي وٺي اچئون، پوءِ مان ۽ شفيق انصاري گڏجي لنڊن کان ٻاهر وياسين. شهر جي ٻاهرئين پاسي هڪ هنڌ تي گاڏين جي مارڪيٽ هئي، جتي سوين گاڏيون بيٺيون هيون. گراهڪ چڪائي رهيا هيا ۽ ٻولي ڏئي نيلام مان خريد ڪري رهيا هئا. ڪن گاڏين تي ته مختلف واڪ لڳي رهيا هيا، ڪي وري خريدارن جي طاقت کان مٿي هيون. سوين ماڻهو هيا. شفيق انصاري به هڪ وڏي جاپاني گاڏي ورتي ۽ پوءِ اسان موٽي آياسين. رات جو شفيق انصاري اسان کي هڪ ڪلب ۾ وٺي ويو. پاڻ ان ڪلب جو ميمبر هيو. ڪلب ۾ جوئا به هلي رهي هئي، شفيق انصاري به جوئاري آهي، مختلف قسمن جي جوئا هلي پئي. روليٽ مشينون به هيون ته چڪا به هيا. تاس تي به جوئا هلي پئي، وڏيون وڏيون شرطون لڳي رهيون هيون. ان ڪلب ۾ ميمبرن توڙي سندن مهمانن کي ماني، شراب، سگريٽ، سگار ۽ پيا ڊرنڪس مفت ۾ پئي مليا. ڪلب جي ميمبرشپ به مهانگي هئي. ڪلب ۾ ٻيون دلچسپيون به گهڻيون هيون. اسان ماني وغيره کاڌي باقي شفيق انصاري مختلف داوَ لڳايا ۽ دير سان گهر موٽي آياسين. اها ڪلب "پڪاڊلي سرڪس" واري ايريا ۾ آهي. لنڊن ۾ پنج ڏينهن گذاري اسان ساڳي ريل "يورو ڪار" ۾ چڙهي "چينل ٽنل" مان لنگهي فرانس مان ٿيندا سڌو بروسيلز اچي پهتاسين جتي عامر علي اسان جي لاءِ اڳ ۾ ئي بيٺو هيو. ساڻس گڏجي گهر اچي پهتاسين. بروسيلز ۾ ڪجهه ڏينهن گذاري واپس ابوظهبي هليا آياسين.

## آمريڪا ڏانهن پهرروانگي

جيئن ته منهنجي ننڍي پٽ عامر علي جي شادي 9- جنوري 2001ع تي ڪراچي ۾ ٿي هئي ۽ شادي کان پوءِ عامر علي پنهنجي گهر واري کي وٺي آمريڪا نيو جرسي هليو ويو جتي سندس نوڪري هئي. ڊسمبر 2001ع ۾ سندس گهر واري ڳورهاري هئي. منهنجي گهر واري صلاح ڪئي ته عامر علي جي گهر واري هٿ پير لهڻ واري آهي ۽ ان موقعي تي اسان جو هجڻ ضروري آهي. ٻيو ته آمريڪا ۾ سندس ڪو ويجهو مائٽ به ڪونهي ۽ جيڪڏهن ڪي آهن ته اهي به پنهنجي ڪمن ڪارين وارا هوندا. پوءِ اسان به آمريڪا وڃڻ جي تياري ڪئي. ان وقت عامر علي "نيو جرسي" ۾ رهيو پئي. ڊسمبر 2001ع تي مان، منهنجي گهرواري فاطمه ۽ منهنجي نياڻي ڊاڪٽر شيبا ڪراچي کان پي.آءِ.اي جي فلائيٽ ۾ روانا ٿياسين. اها فلائيٽ ڪراچي کان مانچيسٽر ۽ پوءِ نيويارڪ وڃڻي هئي. سخت سيءُ هيو. مانچيسٽر ايئرپورٽ تي به برف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ڪجهه ڪلاڪ مانچيسٽر ايئرپورٽ تي ترسي جهاز نيويارڪ روانو ٿيو. نيويارڪ جي جان ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ تي عامر علي اسان کي وٺڻ آيو هيو. عامر علي جنهن سيليولر ڪمپني ۾ انجنيئر هيو. ان ڪمپني پاران يورپ جي چئن ملڪن ۾ اڳ ۾ ڪم ڪري آيو هيو. بروسيلز ۾ سندس پوسٽنگ دوران اسان به وٽس گهمي آيا هئاسين ۽ اڄڪلهه نيو جرسي ۾ سندس پوسٽنگ هئي. سندس گهر تمام وڏو هيو. نيو جرسي رياست انهن 13-رياستن ۾ آهي جن سڀ کان اڳ ۾ "يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا" ۾ شرڪت ڪئي هئي. رياست جي گادي جو هنڌ "ٽرينٽن" آهي. جڏهن ته نيو جرسي شهر به وڏن شهرن مان هڪ آهي.

نيو جرسي رياست ۾ ڪيترائي نالي وارا ۽ جڳ مشهور آمريڪي پيدا ٿيا، جن ۾ مشهور فنڪار فرينڪ سناترا، سابق آمريڪي صدر "وڊرو ولسن"، ناميارو ليکڪ ۽ شاعر "والٽ وٽمين"، مشهور موجد ۽ سائنسدان "ٿامس ايڊيسن" ۽ آمريڪا جي آزادي جو اڳواڻ "ٿامس پين" شامل آهن. هيءَ رياست ايٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ ڪيترائي ساحلي تفريحي هنڌ سڄو سال سياحن سان ڀريل هوندا آهن. هتان جي مک پيداوار ساوين ڀاڄيون ۽ مختلف قسمن جا ميوا آهن، جنهن سبب هن رياست کي گارڊن اسٽيٽ به چيو ويندو آهي. هتي دوائن، صابڻ ۽ شيمپو، تيل صاف ڪرڻ سميت مشينري جوڙڻ جا ڪارخانا به آهن. نيو جرسي رياست جي ايراضي 20200 چورس ڪلوميٽر آهي. نيو جرسي کي سترهين صدي ۾ ڊچ آبادڪارن پنهنجي ڪارروائين جو نشانو بڻائي اصلوڪن رهاڪن کي ڌڪي ڪڍيو 1664ع ڌاري انگريزن هن رياست تي قبضو ڪيو. 1787ع ۾ نيو جرسي کي رياست بڻايو ويو. دنيا جي مشهور يونيورسٽي، "پرنسٽن يونيورسٽي" جو بنياد نيو جرسي شهر ۾ 1746ع ۾ وڌو ويو.

نيو جرسي شهر ٻن حصن تي مشتمل آهي، هڪڙو حصو ته وڏين وڏين بلڊنگن ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن تي ٻڌل آهي. جڏهن ته شهر جو ٻيو حصو وري ننڍين ننڍين عمارتن ۽ سنگل يونٽ گهرن تي ٻڌل آهي. عامر علي به جنهن گهر ۾ رهيو پئي، اهو به سنگل يونٽ ۽ گرائونڊ فلور تي ٺهيل گهر هيو. هڪ طرف کان شيشي جي وڏي ديوار هئي جنهن مان تيز روشني ۽ اُس ايندي هئي، ڏاڍو آرامده گهر هيو. ان وچ ۾ رمضان جو مهينو به شروع ٿي چڪو هيو ۽ ڪيترين ئي افطار پارٽين به ٿي رهيون هيون جن ۾ پاڪستاني ڪميونٽي اسان کي به گهرائيندي هئي. اسان کي پنهنجي ننهن جي ڊليوري جو انتظار هيو، ان ڪري ٻين هنڌن تي گهمڻ لاءِ ته ڪونه پئي وياسين پر ويجهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ گهمڻ لاءِ ويندا هئاسين. عيدالفطر به اچي وئي، عيد نماز لاءِ هڪڙي وڏي هوٽل ۾ اجتماع ڪيا ويا. هال ننڍو هجڻ سبب ٽي چار دفعا جدا جدا عيد نماز ادا ڪئي وئي، ڇو ته ٻاهر روڊ وغيره تي نماز جي اجازت نه هئي. هونئن به آمريڪا ۾ ٻين مذهبن وارا به روڊن وغيره تي پنهنجون مذهبي رسمون ادا نه ڪندا آهن ۽ عبادت گرجائن، سيناگاگن، مندرن يا مسجدن ۾ ڪئي ويندي آهي يا وري ڪو هال وغيره ڪرائي تي وٺي عبادت ڪندا آهن.

عيدالفطر جي نماز ۾ عرب، ايشيائي، يورپي ۽ آفريڪي ملڪن جي مسلمانن شرڪت ڪئي. تمام وڏو اجتماع هيو. اسان جڏهن نماز ادا ڪري هال مان نڪتاسين پئي ته ٻين نمازين جو هجوم متي آيو پئي، ڏاڍي پوسٽ تي وٺي. اسان به نماز پڙهي هيٺ آياسين ۽ گهر موٽي آياسين. نيو جرسي ۾ سنڌي به ڪوڙ سارا هيا. انهن ۾ آءِ.ڊي جوڻيجي جو فرزند، منهنجي نياڻي جو ڏير نديم جوڻيجو، ڊاڪٽر نور راڄپر، علي ابڙو ۽ آصف علي جو سالو عمران به شامل هيو. سنڌس والده به اتي آيل هئي. گل محمد سومرو رٽائر ايس.پي جيڪو پنهنجي خاندان سميت اتي رهي ٿو. سنڌس پٽ نويد سومرو اسان کي ڏاڍو ڪم آيو ۽ اڪثر اسان کي پنهنجي ڪار ۾ گهمائيندو ڦيرائيندو هو. انهن سڀني سان دعوت تي گڏ هياسين.

8-جنوري 2002ع تي منهنجي نُنهَن هٿ پير لڏا، ڪيس فرزند پيدا ٿيو. جنهن جو نالو "حمزه" رکيو ويو. منهنجي گهر واري ۽ اسان سڀني جي خوشيءَ جي حد ئي نه هئي. ڊليوري ڏاڍي تڪليف سان ٿي. منهنجي نُنهُن کي اٺ ڏينهن اسپتال ۾ رهڻو پيو جڏهن ته سنڌس ڊسچارج ٽيڻ ڪانپوءِ به ڊاڪٽرن چيو ته ننڍڙو اجان 48 ڪلاڪ اسپتال ۾ هوندو. اسان کي ڏاڍي پريشاني هئي. منهنجي نُنهُن جي ڊليوري نيو جرسي جي مشهور ۽ وڏي ۾ وڏي اسپتال، "جان ايف ڪينيڊي هاسپيٽل" ۾ ٿي هئي جيڪا نهايت جديد ترين اسپتال آهي. اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ ڪانپوءِ به ڪيترائي مهينا منهنجي نُنهُن جي طبيعت نيڪ نه هئي ۽ گهمڻ ۾ تڪليف سبب سنڌس فزيو ٿراپي ٿيندي رهي. اهڙي صورتحال سبب اسان به گهمڻ ڦرڻ ڇڏي نيو جرسي ۾ ئي رهياسين.

پوين ٻن هفتن ۾ منهنجي ملاقات محمد ابراهيم چنا، نديم جوڻيجو ۽ منهنجي نياڻي شميم جوڻيجو جي دوست سان ٿي جيڪو اصل دادو جو آهي ۽ ڪوآپريٽو سوسائيٽيز جو رجسٽرار هوندو هيو. اهو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ آمريڪا هليو ويو هيو ۽ هاڻي اتان جو شهري آهي. سنڌس به پٽ خالد ۽ بشو آمريڪي شهري ٿي چڪا آهن. نيو جرسي ۾ رهندا آهن. شميم منهنجي ناني، ٽيليفون تي ڳالهائيندي مون کان پڇيو ته "محمد ابراهيم چنا سان ملاقات ڪئي اٿئو؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کيس ٻڌايو تہ "مونکي خبر ئي ناهي تہ ڪٿي ٿا رهن." پوءِ شميم جي چوڻ تي سندس جاچ ڪئيسين تہ محمد ابراهيم چنا پاڻ نيو جرسي ۾ موجود ڪونہ هيو ۽ ڪنهن ٻي اسٽيٽ ويل هيو. سندس موٽي اچڻ کان پوءِ ان سان بہ ملاقات ٿي ۽ سندس ٻن پٽن خالد ۽ بشو سان بہ ملاقات ٿي. محمد ابراهيم چنہ صاحب جي سنگت ۾ پڻ گهڻو گهمڻ ٿيو ۽ ساڻس پڪي دوستي پڻ ٿي وئي. هو صاحب گهڻو ڪري ڪراچي ۾ رهي ٿو جتي ساڻس مستقل دوستي جو ناتو قائم آهي.

سعيد سومرو جيڪو انجنيئر هيو ۽ ضياءَ واري دور ۾ نيو جرسي ۾ وڃي رهيو هو. ان سان بہ ڪچهريون ٿيون. سياري جي مند هئي، سخت ٿڌ هئي. ذاتي طور تي مونکي ڪچهري جي عادت آهي ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ مزو ايندو آهي. هتي بہ روزانو ڪيترن ئي ماڻهن سان ملڻ ٿيندو آهي، وڪالت ڏنڌو ئي اهڙو آهي جو روز گهڻن ماڻهن سان رابطو رهي ٿو. آمريڪا ۾ تہ لائيف اسٽائيل ئي مختلف آهي. منهنجي پٽ عامر علي جي آفيس نيو جرسي شهر کان هڪ ڪلاڪ جي پنڌ تي هئي، هفتي جا پنج ئي ڏينهن ٻاهر هو. پر مان اتي بور قطعي نہ ٿيس، ڪڏهن لائبريري هليو ويندو هيس، ڪڏهن عمران سومرو منهنجي پٽ آصف علي جو سالو ۽ منهنجي عزيز دوست مرحوم علي خان جو پٽ پڻ نيو جرسي ۾ رهندو هو. ان سان گڏ نڪري پوندو هيس، چو تہ سندس آفيس شهر ۾ ئي هئي ۽ مان کيس فون ڪندو هيس تہ اچي کڻي ويندو هيو. ڪنهن هنڌ تي ڇڏي هليو ويندو هيو ۽ پوءِ اچي کڻي ويندو هيو. ڪڏهن گڏجي گهمڻ ڦرڻ ويندا هياسين.

آمريڪا ۾ ڪنهن کي سيءُ کان بچڻو هجي ۽ رونق ڏسڻي هجي تہ ڪنهن شاپنگ مال ۾ هليو وڃي. اتي ضرورت جي هر شئي موجود آهي. ڪيترن ئي قسمن جي تفريح بہ موجود آهي ۽ کائڻ پيئڻ جو هر قسم جو سامان هڪيو تڪيو موجود آهي. ڪيترائي ماڻهو هر وقت موجود هوندا آهن. بوريت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هڪڙي شاپنگ مال تي ويس تہ اتي هڪڙي ڪيبن تي سانوري رنگ جو ماڻهو ويٺو هيو. مون کانئس پڇيو تہ ڪير آهين؟ ٻڌايائين تہ بنگالي آهيان. بنگلاديش جو هيو. مون کيس ٻڌايو تہ پاڪستان جو آهيان. اهو ٻُڌي هن مون کي ڪافي جي صلاح ڪئي. اسان ٻنهي ڪافي پيتي. پوءِ اڪثر ڪري ان وٽ وڃي ويهندو هيس، ڪافي وغيره پيئندا هياسين ۽ ڪچهري بہ ڪندا هياسين. ان ڪانسواءِ ٻين هنڌن تي بہ وڃي ويهندو هيس. پر منهنجو اڪثر وقت ڪتابن جي دوڪانن تي گذرندو هيو. انهن دوڪانن تي ويهڻ جي جڳهہ بہ هوندي هئي جتي ويهي گراهڪ ڪتاب ڏسندا ۽ پسند ڪندا هئا. مان بہ ڪڏهن خريد ڪندو هيس. ڪڏهن ويهي پڙهندو هيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ٽائيم پاس ٿي ويندو هيو. مون اتان ڪيترائي ڪتاب خريد ڪيا. شام جو عامر موٽي ايندو هيو تہ سڀ گڏجي گهمڻ نڪري پوندا هياسين ۽ رات جي ماني بہ ٻاهر کائيندا هئاسين.

نيو جرسي ۾ "ڊاڪٽر لوئيس فليم" بہ رهندو آهي، "ڊاڪٽر لوئيس فليم"، آرڪيالاجي جو پروفيسر آهي ۽ سنڌ تي سنڌس ڪيتروئي ڪم ڪيل آهي. سنڌ ۾ ڳاڄي شاهہ. ضلعو دادو ۾ ان جي پرپاسي وارن هنڌن تي ڪيترائي دفعا هن ريسرچ ڪئي آهي، هڪ نہ ٻئي سال سنڌ ۾ ايندو رهندو آهي. سنڌ جي ڪاڇي ۾ چانڊين جي جاگير واري علائقي ۾ گهڻو گهميو بہ آهي، سنڌس ريسرچ ورڪ ڇپيل بہ آهي، منهنجي پٽ آصف علي سان دوستيءَ جو ناتو اٿس. نيو جرسي ۾ سنڌس گهر آهي. مون وٽ عامر جي گهر اڪثر ايندو هو. سنڌس گهر بہ ويندو هيس ۽ گڏجي گهمندا هياسين. سنڌس گهر ۾ داخل ٿيڻ سان محسوس ٿيندو تہ ڄڻ ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ جي گهر پهچي وياسين. هڪ طرف رلهيون ٽنگيل تہ ٻئي طرف اجرڪ، ٽئين طرف ڪيس ۾ لونگيون نظر اينديون. ڪاشي جي ڪم جو سامان بہ ان وٽ آهي تہ جنڊيءَ لٿل فرنيچر ۾ ڪٽون بہ پيون آهن. مطلب تہ سڄو سنڌي ڪلچر سنڌس گهر ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. مون کي پرنسٽن يونيورسٽي بہ وٺي ويندو هيو ۽ اڪثر سنڌس ڪمپني ۾ گهمڻ ڦرڻ رهندو هيو.

هڪ دفعي مون کي پي ڪيپ (P Cap) جي ضرورت هئي جيڪا اڪثر سياري ۾ پائيندو آهيان. مون ڊاڪٽر "لوئيس فليم" کي چيو تہ ٽوپي وٺڻي آهي. نيو جرسي ۾ ٽوپي ڪنهن مال تي ڏسڻ ۾ نہ آئي. ڊاڪٽر صاحب چيو تہ اهڙيون ٽوپيون عام ماڻهو نہ پائيندا آهن، اڪثر ڪري وڏا ماڻهو پائيندا آهن. پرنسٽن شهر ۾ اهڙيون ٽوپيون ملن ٿيون. پوءِ اسان پرنسٽن شهر وياسين. شهر تمام خوبصورت هيو. اتي ڏاڍيون خوبصورت عمارتون آهن، جيڪي گرجا گهرن جون آهن. پرنسٽن يونيورسٽي جي (Main Campus) بہ اتي آهي جيڪا ڪيترن ئي ايڪڙن ۾ ڦهليل آهي.

ڊاڪٽر لوئيس فليم سان منهنجي واقفيت تڏهن ٿي جڏهن ٻارڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو هيو ۽ ڳاڄي شاهہ واري ايريا ۾ پڪڙيل قديم آثارن تي ريسرچ جو ڪم پئي ڪيائين. انهيءَ ريسرچ جي ڪم دوران لوئيس فليم جي مرحوم نواب شبير احمد خان چانڊئي سان دوستي ٿي وئي هئي. منهنجي پٽ آصف جي وري نواب شبير احمد خان سان دوستي هئي. اتي ئي لوئيس فليم منهنجي پٽ آصف جو واقف ٿيو ۽ جڏهن بہ لاڙڪاڻي ۾ ايندو هيو تہ اسان وٽ رهندو هيو ۽ ساڻس پڪي دوستي ٿي وئي. هتان هليو وڃڻ کان پوءِ هر سال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ايندو آهي. جڏهن به ايندو آهي تہ ياد ڪندو آهي. گذريل سال بہ آيو هيو تہ ڪراچيءَ مان منهنجو ڊرائيور ڪيس ڳاڏيءَ ۾ ڳاجي شاهہ طرف وٺي ويو. ڊرائيور مون کي ٻڌايو پئي تہ "ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي ۽ هارين نارين، مزدورن وغيره سان ڏاڍي قرب سان ڀاڪر پائي ٿي مليو. وڏائي تہ ٽڪي جي بہ ڪونہ اٿس. اتان جي ماڻهن بہ ڪيس سچاتو پئي ۽ ڏاڍي عزت پيا ڪنس." بهرحال ڊاڪٽر صاحب سان گڏجي پريسٽن شهر مان ٽوپي ۽ اسڪارف ورتاسين. آچر جو ڏينهن هيو يونيورسٽي بند هئي. ان ڪانسواءِ ٻين ڪيترن هنڌن تي بہ ڊاڪٽر صاحب گهمايو. نيو جرسي ۾ مان بہ مهينا کن رهيس. شاپنگ مال، لائبريري ۽ ڪتابن جا دوڪان منهنجا پسنديده هنڌ هوندا هئا. ڪتابن جي دوڪانن تي گهمندي مون "بل ڪلنٽن" جي بايوگرافي جو پهريو حصو بہ خريد ڪيو. ٻن مهينن کان پوءِ مان موٽي آيس پر منهنجي نياڻي ۽ گهرواري ڪجهہ عرصو اتي رهيون، ڇاڪاڻ تہ منهنجي نُنهن مڪمل صحتياب نہ ٿي هئي. افسوس سان لکي رهيو آهيان تہ ڊاڪٽر لوئيس فليم ڪجهہ وقت اڳ نيو جرسي ۾ فوت ٿي ويو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوئيڪارنو جي ملڪ: انڊونيشيا جو سفر

2004ع ۾ منهنجو ننڍو پٽ عامر علي، جڪارتا انڊونيشيا ۾ Nokia سيل فون ڪمپني جو ڪنٽري مئنيجر هو. هن اسان کي چيو ته چڪر لڳائي وڃو. پاڻ جڏهن لاڙڪاڻي آيو ته منهنجي گهر واري (پنهنجي ماءُ) کي پاڻ سان وٺي ويو. مون کيس چيو ته مان به ايندس پر پندرنهن ويهه ڏينهن کان وڌيڪ نه رهي سگهندس، ڇو ته هتي به مصروفيتون آهن. بهرحال مان به سنڌن وڃڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن رکي ٿائلينڊ ايئرلائن ۾ بڪنگ ڪرائي جيڪا بئنڪاڪ کان ٿيندي جڪارتا ويندي هئي. مون اهو فائدو ورتو ته به راتيون بينڪاڪ ۾ رهي پوءِ اڳتي ويس.

بينڪاڪ شهر، ٿائلينڊ جي گادي جو هنڌ ۽ بندرگاهه آهي. 65-لکن جي آباديءَ تي مشتمل شهر نهايت سهڻو ۽ ڏسڻ جهڙو آهي. ڪيترائي ٻڌ ڌرم جا مندر هن شهر جي خوبصورتي جو سبب آهن. 1768ع ۾ برمين جي حملي ۾ "اووٿيا" نالي گادي واري هنڌ جي سڙي وڃڻ کانپوءِ پنجهٺ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي موجوده بئنڪاڪ نالي شهر کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. بينڪاڪ شهر 1769ع کان ٿائلينڊ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هي شهر ڪاغذ، ڪپڙي، ٽانون، سيمينٽ ۽ جهاز سازيءَ جي صنعت جو مرڪز پڻ آهي پر سندس شهرت جو اصل سبب هوٽل، جوئا گهر، نائيٽ ڪلبون، مساج گهر ۽ بدڪاري جا اڏا آهن، جتي روزانو لکين سياح ۽ سيلاني تفريح ڪرڻ ايندا آهن.

پاڪستان مان روانو ٿيڻ کان اڳ مون بينڪاڪ جي "ايمبيسيڊر هوٽل" ۾ بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي، جيڪو فور اسٽار هوٽل آهي. هوٽلن ته "نفيس ذڪريا" جيڪو پاڪستان ايمبيسي ابوظهبي ۾ منهنجي سفارت واري زماني ۾ ٿرڊ سيڪريٽري هيو ۽ هاڻي بينڪاڪ واري پاڪستاني سفارتخاني ۾ فرسٽ سيڪريٽري هيو. پر مون کيس تڪليف ڏيڻ مناسب نه سمجهيو، نه وري کيس اوڏانهن وڃڻ بابت ٻڌايم.

بينڪاڪ ايئرپورٽ تي ٽيڪسي ڪيم ته ڊرائيور مون کان پڇيو ته "توهان شهر مان هلڻ پسند ڪندئو يا ايڪسپريس وي تان ٻاهران هليا هلئون." مون کيس چيو ته، "شهر مان هليو هل ته نظارا ڏسندا هلئون." پوءِ ٽيڪسي وارو شهر مان گهمائيندو هوٽل تي وٺي آيو جتي منهنجي ريزرويشن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيل هئي.

هتي اهو به ٻڌائيندو هلان ته پهرين ڏينهن مون هوٽل ۾ پهچڻ شرط ئي نفيس ذڪريا کي فون ڪئي هئي، فون تي منهنجو آواز ٻڌي چيائين ته "سر توهان ڪٿان پيا ڳالهايو" مون کيس ٻڌايو ته "بينڪاڪ پهتو آهيان ۽ ايمبيسيڊر هوٽل ۾ ترسيل آهيان." نفيس ذڪريا چيو ته،"ان هوٽل ۾ ته اسان پنهنجي مهمانن کي به ترسائيندا آهيون. سفارتخانو به ان هوٽل جي ويجهو آهي، مان هاڻي ئي حاضر ٿو ٿيان." مان ڪمري مان نڪري لائونج ۾ اچي ويٺس ته نفيس ذڪريا به آيو ڪجهه وقت ڳالهيون ٻوليون ٿيون، مون کي اهو به چيائين ته "مون وٽ هلي رهو" مون کيس چيو ته،"مان گهمڻ ڦرڻ آيو آهيان ۽ هوٽل ۾ ئي رهندس." پوءِ نفيس ذڪريا چيو ته "هتي هڪڙي هنڌ تي بهترين ڪافي ملندي آهي، هلو ته هلي گهمئون به ۽ ڪافي به ٿا پيئون."

هوٽل تان اٿي ڪار ۾ ويٺاسين، ڪار هلي ته روڊ تي ايڏي ته رش ۽ ٽريفڪ جام هئي جو پريشان ٿي وياسين. پنڌ گهمڻ وارا به گاڏين کان اڳ ڪڍيو ٿي ويا، اسان جي ڪار جونئن جي رفتار سان هلي رهي هئي. نيٺ ڪار تان لهي پنڌ ڪندا ڪافي هائوس تي پهتاسين ڪافي ڏاڍي سٺي ۽ معياري هئي. نفيس ذڪريا سان اتي پڻ ڪچهري ڪئي سين. نفيس ذڪريا مونکي ٻڌايو ته هتي رڪشا کي "ٽُڪ ٽُڪ" چوندا آهن ان ۾ گهمڻ جو مزو پنهنجو آهي، اڪثر سياح به ان تي چڙهندا آهن. چالاڪ ته "ٽڪ ٽڪ" وارا ٽرئفڪ جي تنگي هوندي به ڪارن کان اڳ نڪري ويندا آهن. مون کيس چيو ته ڪنهن "ٽُڪ ٽُڪ" واري سان ڳالهايو ته ان ۾ چڙهي في الحال "ڪروز شپ" تائين وڃان. منهنجو ڪروز شپ جو پروگرام هو اهي بئنڪاڪ جي سمنڊ جي سير سان گڏ ٻڌ ڌرم جا قديم مندر گهمائيندا آهن. نفيس صاحب پنهنجي ڊرائيور کي موڪليو جيڪو هڪڙي ٽُڪ ٽُڪ واري کي وٺي آيو جنهن کي انگريزي به آئي پئي.

ٽڪ ٽڪ تي چڙهي، جنهن وقت سمنڊ تي پهتاسين ته ان وقت عام ماڻهو ڪرائي تي ڪٽڻ واري ڪابه لانچ ڪانه هئي، مونکي اڪيلي لانچ ڪرائي تي ڪرڻي پئي، لانچ تي سوار ٿي سمنڊ جو سير ڪيو. سمنڊ جي هڪ پاسي ڪيترائي ٻڌ ڌرم جا قديمي مندر هئا، جن جو عمارتي حسن ڏسڻ وٽان هو. مختلف مندر به گهمياسين. لانچ جو ڪرايو ڏاڍو مهانگو هيو. ٽڪ ٽڪ وارو به مونسان گڏ هليو، هن مون کي اهو ڪونه ٻڌايو ته ٿوري دير ڪانپوءِ عام لانچ وري ايندي. اول هڪڙي وڏي مندر تي پهتاسين ان ۾ گوتم ٻڌ جو سون جو وڏو مجسمو هيو. ٻڌ ڀڪشو به عبادت ڪري رهيا هيا. ڪيترائي سياح اتي موجود



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، بہ تي مندر ڏٺا. هڪڙي هنڌ تي وري مختلف شو هلي رهيا هيا، جن ۾ جانورن جا تماشا، ناچ گانا ۽ بازيگر بہ پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهيا هيا. هر هنڌ غير ملڪي سياح وڏي انگ ۾ موجود هئا. ان کانسواءِ "فلوٽنگ مارڪيٽ" بہ ڏٺوسين. هر ٻيڙي تازن خوبصورت گلن سان سينگاريل هئي سارو مارڪيٽ رڳو ٻيڙيون ئي ٻيڙيون هيون، جن تي مختلف قسمن جو سامان وڪامي رهيو هيو. نظارو بہ ڏسڻ جهڙو هو ڪاڏي پيتي جي شين سان گڏ اليڪٽرانڪس جو سامان ۽ ڪپڙو وغيره موجود هيو. مقامي دستڪاري جو سامان بہ اتي ڪپائي رهيا هيا. ڪروز کان واپسي تي ٽڪ ٽڪ وارو جيڪو مون سان مندرن وغيره جي ڏسڻ وقت گڏ هو ۽ پنهنجي ٽڪ ٽڪ سمنڊ جي ٻاهران ڇڏي هليو هو سو مون کي شهر جي سير تي وٺي هليو. مون کيس چيو تہ ٿاءِ سلڪ جي ڪنهن اسٽور تي وٺي هل، هو مون کي هڪ وڏي اسٽور تي وٺي ويو، اتي سلڪ آڏاڻن تي پڻ ٺهي رهي هئي. ايتري مهانگي هئي جو خريد ڪرڻ تان روح ئي ڪڇي ويو.

ٿائلينڊ جي هر شهر ۾ تفريحي هنڌ تي مساج گهر آهن. هر شاپنگ مال ۾ ٻين دوڪانن سان گڏ مساج گهر بہ آهن، جتي مساج ڪرڻ واريون عورتون موجود آهن. جيڪي مختلف قسمن جا تيل ۽ لوشن هٿي پيرن کان وٺي مٿي تائين مساج ڪن ٿيون. انهن مساج گهرن ۽ هوٽلن تي مساج کان سواءِ ٻيو گهڻو ڪجهہ بہ ٿيندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ايشيا ۾ انڊيا ڪانپورءِ وڌ ۾ وڌ سيڪس ورڪر ٿائلينڊ ۾ آهن.

ٿائلينڊ ۾ ڪيترائي ڪروڪوڊائل فارم بہ آهن جتي واڳون ۽ مانگر مڇ پاليا ويندا آهن. انهن جي گوشت، کل، چربي ۽ هڏن مان جنسي طاقت جون دوائون بہ ٺهن ٿيون، جنهن ڪري اهي فارم چڱو خاصو ناڻو ڪمائين ٿا. انهن فارمن تي ٽرينڊ ۽ تربيت يافتہ مانگر مڇن جا شو بہ سياحن جي ڌيان جو مرڪز هوندا آهن.

ٻئي ڏينهن تي گهمڻ لاءِ مون هڪ ٽوئر ڪمپني جو ٽوئر ورتو. ٽوئر وارا سڀ کان اڳ ۾ "پٽايا بيچ" تي وٺي ويا. جيڪو بينڪاڪ کان ڏيڍ ڪلاڪ جي ڊرائيو تي آهي. پٽايا بيچ تي چوويهہ ئي ڪلاڪ سياحن جي رش هوندي آهي ۽ يورپي ملڪن جا سيلاني سڄو ڏينهن سمنڊ ۾ ترڳندي ۽ اس جو سيڪ وٺندي نظر ايندا آهن. صفائي بہ ڏاڍي آهي. ننڍا ننڍا هوٽل ۽ مختلف کاڌي پيتي جي شين کپائڻ وارا بہ کوڙ گهمندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪچي ناريل جو پاڻي، بيئر، مختلف قسمن جا مشروب ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون عام جام ملن ٿيون. بينچن تي ڪيترائي جوڙا "راز نياز" ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي آسپاس کان بيخبر هڪٻئي ۾ گم هوندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتايا بيچ تي سامهون ئي سمنڊ ۾ هڪڙو بيٽ آهي جتي لانچ ۾ چڙهي ويڃڻو پوندو آهي. اسان کي بہ ٽوئر ڪمپني وارا هڪڙي آگبوٽ ۾ چاڙهي اتي وٺي ويا. ان بيٽ تي هڪڙو ريسٽورينٽ هيو. ان ۾ وڏيون ڇتيون لڳل هيون جن جي هيٺان ٽيبلون ۽ ڪرسيون پيل هيون، جن تي ويهي ڪائي پي سگهجي پيو ۽ مختلف نظارا بہ ڏسي سگهجن پيا. اسان جڏهن آگبوٽ تي چڙهي وياسين پئي تہ رستي تي ڪيترائي ماڻهو بيلون تي سمنڊ جو سير ڪندي نظر آيا جن کي هيٺان لانچون ڇڪي رهيون هيون. اسان کي بہ ٽوئر ڪمپني وارن چيو پر مون انڪار ڪري ڇڏيو. باقي نوجوانن اها تفريح ڪئي. ان بيٽ تي بہ چار ڪلاڪ گهمياسين، اتي لنچ وغيره ڪري سج لٿي کان اڳ ۾ پتايا پهتاسين. اتي بہ چڪر لڳائي بس ٽرمينل تان پنهنجي بس ۾ چڙهياسين.

ان سڄي تفريح ۾ هڪڙو انڊين نوجوانن جيڪو راجستان جو هيو. تنهن سان ملاقات ٿي سندس خاندان کي بمبئي ۾ هيرن جو ڪاروبار هيو. سندس هڪڙو ڀاءُ بينڪاڪ ۾ رهيو پئي. پاڻ بمبئي مان گهمڻ آيو هيو. ان نوجوان جو واسطو "جين ڌرم" سان هيو. جين ڌرم وارا ڪيترين ئي شين نہ کائيندا آهن ۽ اڪثر ڪري هوٽل تي بہ ماني نہ کائيندا آهن. انهن کي گوشت مڇي تہ پري رهي بصر کائڻ جي بہ منع آهي. ان ڏينهن بہ رڳو پاڻي پيتائين ۽ بکيو رهيو.

مون سان ڪچهري ڪندي مون کي ٻڌايائين تہ ڪين ڪيترين ئي سبزين کائڻ جي بہ منع آهي. چيائين پئي تہ ماني بہ مون سان ساڻ آهي پر غلطي وچان ٽرمينل تي بس ۾ وساري آيو آهيان. گڏجي موٽياسين تہ ٽرمينل تي سيپ کان اڳ ۾ هن ٿيلهي مان ماني ڪڍي ۽ مون کي بہ صلاح هنيائين. مان سندس دلي دعوت تي انڪار نہ ڪيو ۽ ساڻس گڏجي ماني کاڌي. ماني سبزين جي ٺهيل هئي ۽ ان سان گڏ چٽڻي بہ هئي، ڏاڍي لذيذ ماني هئي.

ان نوجوان سان ڏاڍي ڪچهري ٿي پنهنجي مذهب، ڌنڌي ۽ ڳوٺ جا حوال پئي ڪيائين. ڏاڍو سٺو نوجوان هيو. جڏهن ٽوئر وارن مون کي هوٽل تي پئي ڇڏيو تہ ان نوجوان مونکي چيو تہ هي جيڪا بچيل ماني آهي، مهرباني ڪري تون کڻي وڃ. منهنجي لاءِ تہ گهر تي ماني هوندي. سندس خلوص کان متاثر ٿي مان کيس انڪار نہ ڪري سگهيم. مون کي پنهنجي ايڊريس ڏنائين ۽ مون بہ کيس پنهنجي ايڊريس ۽ ڪارڊ ڏنو.

هڪڙو رات جو شو بہ اٽينڊ ڪيوسين. ان شو جو نالو ئي "ڊرٽي شو" هيو. ان شو ۾ راڳ روپ بہ هيو پر سڄو شو اگهاڙو هيو. بهرحال مان تہ جلدي اٿي آيس. پئي ڏينهن تي ٽوئر ڪمپني وارا اسان کي بينڪاڪ کان ٻاهر "روز گارڊن" ۾ وٺي ويا، جيڪو شهر کان ستر ڪلوميٽر ڪن پري آهي. بس ۾ هڪڙي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوستاني عورت هئي جيڪا اسڪالرشپ تي ٿائلينڊ ۾ آيل هئي. ان کان سواءِ هڪڙو ايراني جوڙو به هيو ۽ هني مون ملهائڻ آيا هيا. روز گارڊن نهايت خوبصورت پارڪ هو جتي ناياب گل ٻوٽا وڏي انگ ۾ هيا. اتي هڪڙو شو به هلي رهيو هو. ان شو ۾ مقامي ريتون رسمون به ڏيکاريائون پئي جن ۾ شادي جو پروگرام به شامل هو. ان کان پوءِ هاٿين جا ڪرتب هيا. هاٿين جو ٿائلينڊ جي سماجي زندگي ۾ وڏو عمل دخل آهي، جيڪي ماڻهن کي سواري لاءِ ڪم اچڻ کان وٺي جهنگلن مان ڪاٺ جا بنڊ ڪڍڻ جهڙا ڏکيا ڪم به ڪن ٿا.

ٽئين ڏينهن تي منهنجي روانگي هئي. نفيس ذڪريا مونکي پنهنجي گاڏي ۾ ايئرپورٽ ڇڏڻ آيو. منهنجي سيٽ ٿائي ايئرلائين ۾ بُڪ ٿيل هئي. فلائيٽ وايا سنگاپور، جڪارتا هئي. جهاز به ڪلاڪ ليٽ هيو. اڏامڻ کان پوءِ سنگاپور لٿو جتي ڏيڍڪلاڪ گهمياسين ۽ ڪجهه شاپنگ به ڪئي. ان کانپوءِ جڪارتا لاءِ روانا ٿياسين.

سوئيڪارنو ايئرپورٽ تي منهنجو پٽ عامر علي اگوات بيٺو هيو. جڪارتا ۾ پهچڻ سان هڪ نئين دنيا محسوس ٿي. جڪارتا شهر هڪ وڏي ٻيٽ جاوا تي ٻڌل آهي. انڊونيشيا 13677-ٻيٽن تي مشتمل ملڪ آهي. انڊونيشيا دنيا جو سڀ کان وڏو اسلامي ملڪ آهي. هن ملڪ جي آبادي ويهه ڪروڙن کان مٿي آهي، جنهن مان 88% سيڪڙو مسلمان، 10% سيڪڙو عيسائي ۽ باقي به سيڪڙو هندو ۽ ٻڌ ڌرم سان واسطو رکن ٿا. انڊونيشيا پنهنجي ڪافي، چانهن، ربڙ، عمارتي ڪاٺ، تماڪ، ناريل ۽ پام آئل جي پيداوار سبب چڱو خاصو ناڻو ڪمائي ٿو. جڏهن ته ڪجهه تيل ۽ گيس به ايڪسپورٽ ڪندو آهي.

انهن ڏينهن ۾ عامر ايمبيسيڊر اپارٽمينٽ (Ambassador Apartment) نالي بلڊنگ جي 32-ماڙ تي رهندو هيو. منهنجي لاءِ ٻٽيهه ماڙ وڏي ڳالهه هئي. تيز رفتار لفٽون لڳل هيون. ان فليٽ ۾ چار ڪمرا هيا ۽ سٺو فرنش ڪيل هيو. اٽيچ باٿ روم، مهمانن جو ڪمرو، ڊرائينگ روم وغيره به هيا. عامر علي کي ان وچ ۾ ٻيو فرزند به ڄمي چڪو هيو. جيڪو ڪراچي ۾ پيدا ٿيو هيو ۽ سنڌس نالو "هاشم" رکيو هيوسين. ٻئي ننڍڙا اسڪول وڃڻ جهڙا نه ٿيا هيا. انڊونيشيا تعليم ۾ به گهڻو اڳتي آهي ۽ اتان جو لٽريسي ريٽ مردن ۾ 83% سيڪڙو، جڏهن ته عورتن ۾ 65% آهي. عامر علي جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ ٻن عورتن مان هڪ گريجوئيٽ ۽ ٻي ميٽرڪ پاس هئي. هڪڙي مائي انگريزي سمجهندي هئي، ٻي گهٽ سمجهندي هئي. ٻئي نهايت محنتي ۽ ايماندار مايون هيون. منهنجي نُنهَن اتي رهڻ دوران انڊونيشي ڳالهائڻ سکي ورتي هئي ۽ انهن سان سندن زبان ۾ ڳالهائيندي هئي. انهيءَ اپارٽمينٽ سان گڏ "ايمبيسيڊر مال" به



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جتي دنيا جي هر شئي ملندي هئي ۽ ڪاٻہ شئي وٺي ڏهن منٽن ۾ موٽي اچبو هيو. اهو شاپنگ مال بہ ڏهہ ماڙ هيو ۽ هر فلور تي پنجاهہ سٺ دوڪان ۽ هال هيا. مساج سينٽر بہ هيا جتي سڄي بدن تي مالش ۽ آڌ وغيره جو انتظام هيو پر ٿائلينڊ وانگر اگهاڙپ ڪونہ هئي ۽ صاف سٿرو مساج هيو.

انڊونيشيا ۾ شاپنگ سينٽرن تي نوي سيڪڙو ڇوڪريون ڪم ڪن ٿيون جن جو لباس جينز ۽ شرٽ آهي. انگريزي بہ ڄاڻن ٿيون. مسلمانن جي وڏي آبادي واري ملڪ هجڻ باوجود عورتون آزاد آهن. عام ماڻهو روين ۾ سيڪيولر آهن. مذهب سان عام ماڻهوءَ جو واسطو گهرو آهي پر ڪٽرپڻو نہ آهي. باقي گذريل ڪجهہ ورهين کان مذهبي انتهاپسندي، بم ڌماڪا ۽ وڳوڙ وڌي رهيا آهن، جنهن ڪري بالي جهڙي خوبصورت ٻيٽ تي بم ڌماڪا ڪري ڪيترن ئي بيگناهہ سياحن کي قتل ڪيو ويو.

انڊونيشيا جي ايراضي بہ تمام وڏي آهي. 19-لک 20 هزار چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي تي پکڙيل هن ملڪ جو بہ ياڱي تي حصو رڳو هڪ ٻيٽ جاوا تي مشتمل آهي، ان کان سواءِ گني، سماٽرا ۽ ٻيا ننڍا وڏا ٻيٽ آهن. انهن ۾ بالي، لمبوڪ، ملوڪو، سمباوا، بورنيو، سمبا ۽ فلورس شامل آهن. هن ملڪ جو وڏو حصو ٻيلن تي مشتمل آهي. ڪيترائي ٻرندڙ جبل پڻ انڊونيشيا ۾ آهن.

"بنڊونگ" شهر انڊونيشيا جو وڏو بندرگاهہ پڻ آهي، جڏهن تہ "سرابايا" ۽ "سيمارانگ" بندرگاهہ چڱا وڏا بندرگاهہ آهن. "ٻاشا انڊونيشيا" انڊونيشيا جي ٻولي آهي، ان جو اسڪرپٽ رومن آهي، ان کان سواءِ هتي پنجاهہ کان وڌيڪ مقامي ٻوليون بہ ڳالهايون ويندیون آهن. هن ملڪ ۾ 300 نسلي گروپ آهن، هتي بہ موسمون آهن، هڪڙي وسڪاري جي موسم ۽ ٻي خشڪ موسم، جنهن ۾ مينهن گهٽ پوندا آهن. ڊسمبر کان وٺي مارچ تائين هتي شديد مينهن پوندو آهي، جڏهن تہ باقي مهينن ۾ گهٽ مينهَن پوندا آهن.

سياسي طور هتي صدارتي سسٽم آهي، مان جڏهن اتي هيس تہ ميگهاوتي سوئيڪارنو پتري صدر هئي ۽ اليڪشن ٿي هئي، جنهن ۾ سوسيلو کٽي ويو هيو. اتي مون کي اليڪشن مهم جو نظارو بہ ڏسڻ جو موقعو مليو. اليڪشن جي اعلان جي پهرين ڏينهن سڀئي صدارتي اميدوار هڪ عام کليل ميدان ۾ گڏ ٿيا، اتي سڀني اميدوارن تقريرون ڪيون، پنهنجو منشور بيان ڪيو ۽ عوام کي خطاب ڪيو. ان کانپوءِ هر اميدوار پنهنجي پنهنجي ڪاروان سان شهر جو گشت ڪيو. مان هتي ٻڌائيندو هلان تہ اليڪشن صاف سٿري رهي، هڪڙو واقعو جيڪو مون اخبارن ۾ پڙهيو تہ، صدارتي اميدوار "ميگهاوتي سوئيڪارنو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتري" جيڪا ان وقت سٽنگ صدر هئي ان جي بالي آئيلنڊ ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ ٿيل جلسي ۾ ڪجھ سرڪاري آفيسرن به شرڪت ڪئي. اهڙي شڪايت ٿيڻ تي انڊونيشيا جي اليڪشن ڪميشن ميگهاوتي سوئيڪارنو پتري (جيڪا ان وقت ملڪ جي صدر هئي) کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن تنهنجي جلسن ۾ وري ڪنهن سرڪاري آفيسر شرڪت ڪئي ته پوءِ توکي چونڊ وڙهڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويندو.

اسان وٽ اليڪشن جو حال ته سڀني جي اڳيان آهي، جنهن ۾ سڀ حڪومتي عملدار ڪنهن نه ڪنهن جي سپورٽ پيا ڪندا آهن ۽ سرڪاري فنڊ، گاڏيون، مطلب ته سڀ حربا هلائيا آهن. پر انڊونيشيا جي اليڪشن ڪميشن آزاد آهي. اتي هڪڙو ٻيو واقعو ٿيو جو هڪڙي اسلامي مذهبي جماعت ميگهاوتي سوئيڪارنو پتري جي خلاف هڪڙي فتويٰ ڏني جنهن ۾ عورت جي اليڪشن ۾ بيهڻ کي حرام قرار ڏنو ويو ۽ ان جي مخالفت ۾ وري هڪڙي ٻي جماعت جي عالمن فتويٰ ڏني ته اسلام عورت کي سياست ۾ حصي وٺڻ ۽ اليڪشن ۾ بيهڻ جي اجازت ڏئي ٿو. اسان وٽ به اهڙيون فتوائون اينديون رهنديون آهن. پر اتي اهڙيون خبرون پڙهڻ کانپوءِ اندازو ٿيو ته "سڄي دنيا جا ملان" هڪجهڙا آهن.

اليڪشن مهم دوران جهنڊا لڳائڻ، پمفليٽ ورهائڻ ۽ بينرن يا وال پوسٽرن سان روڊ رستا جهنجهيل هئا. صدارتي اليڪشن ۾ ڪنهن به اميدوار پنجاهه سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ نه کنيا جنهن ڪان پوءِ "رن آف اليڪشن" واري قانون تحت پهرئين ۽ ٻئي نمبر وارن اميدوارن وچ ۾ ٻيهر اليڪشن جو اعلان ڪيو ويو هيو. اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ "ميگهاوتي سوئيڪارنو پتري" اليڪشن هارائي ۽ "سوسيلو" اليڪشن کٽي ويو.

انڊونيشيا جي گادي وارو شهر جڪارتا هڪ ماڊرن شهر آهي. هن شهر جو بنياد "ڊچ" غلبي دوران 1619ع ۾ پيو. چاهٺ لکن جي آباديءَ وارو هي شهر پهريائين "بٽاويه" جي نالي سان سڃاتو ويندو هيو. جڏهن ته 1949ع ۾ سندس نالو جڪارتا رکيو ويو. هي شهر ڪينال وسيلي "تانجينگ پري اوڪ" بندرگاهه سان ڳنڍيل آهي ۽ هڪ وڏو صنعتي ۽ واپاري مرڪز به آهي.

جڪارتا ۾ تمام وڏيون پلازائون آهن. شهر ۾ ٽريفڪ جو شاندار انتظام آهي. شهر جي اڪثر وڏن روڊن تي موٽر سائيڪلن لاءِ جدا ٽريڪ ٺهيل آهن. شهر ۾ هلندڙ گاڏين لاءِ مخصوص اسپيڊ مقرر ٿيل آهي. صبح جو آفيس ٽائيم تي ڪنهن به ڪار لاءِ هڪ پئسينجر سان وڃڻ جي اجازت نه هوندي آهي، گهٽ ۾ گهٽ به مسافر هجڻ گهرجن. منهنجي پٽ ٻڌايو پئي ته صبح جو آفيس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڻ وقت يا تہ ڪو پيو ماٺو گاڏي ۾ ويهاري وچي سگهجي ٿو يا وري ڪجهہ ماٺو موٽر سائيڪل سان رستي تي بيٺا هوندا آهن جيڪي هڪ ماٺو کي معاوضو وٺي موٽر سائيڪل تي آفيس ڇڏي ايندا آهن. عامر علي بہ ڪنهن موٽر سائيڪل واري سان ويندو هيو. مان اتي هيس تہ عامر علي مون کي ساڻ کڻي ويندو هيو پوءِ مان وري شهر جو چڪر لڳائي گهمي ڦري موٽي ايندو هيس.

جڪارتا شهر ۾ "مني انڊونيشيا" جي نالي سان هڪڙو تفريح گاهہ ٺاهيو اٿن. ان ۾ انڊونيشيا جي سيني پيٽن، نسلن ۽ قومن جون مختلف نشانيون رکيل آهن. جيئن اسان بروسيلز ۾ مني يورپ ڏٺو هيو. ان ۾ يورپ جي مختلف ملڪن ۽ وڏن وڏن شهرن جون نشانيون ايفل ٽاور وغيره رکيل آهن. پر جڪارتا واري مني انڊونيشيا ان کان بہ وڏي آهي ۽ ڏاڍي سٺي آهي، هڪ ڏينهن مان منهنجي گهرواري ۽ عامر جي فئملي پڻ مني انڊونيشيا ۾ گهمڻ وياسين جتي ڪيترائي سياح گهمي ڦري رهيا هئا. ان ڪانسواءِ آزادي جو يادگار بہ جڪارتا جي وچ ۾ ٺاهيو اٿن. ان يادگار ۾ سوئيڪارنو ۽ محمد حتا جا انساني قد کان بہ وڏا مجسما آهن. ان هنڌ تي سوئيڪارنو 1945ع ۾ انڊونيشيا جي آزاديءَ جو اعلان پڙهيو هيو ۽ ڊچ حڪمرانن جي غلبي خلاف آزاديءَ جو اعلان ڪيو هيو. ان کان پوءِ 1949ع تائين ڊچ آرمي سان قومپرستن جي ويڙهہ ٿيندي رهي. ان جنگ ۾ ڪيترائي ماٺو مارجي ويا. ان جنگ ۾ شهيد ٿيلن جا مجسما ۽ يادگار انڊونيشيا جي پين شهرن ۾ پڻ لڳل آهن.

[احمد سوئيڪارنو 6 جون 1901ع ۾ پيدا ٿيو. 1920ع ۾ "انڊونيشين نيشنلسٽ پارٽي" ۾ شامل ٿيو ۽ ان جو سربراهہ بڻجي ويو. جدوجهد دوران 1930ع ۾ ڪيس جيل موڪليو ويو ۽ مٿس ڪيس هلائي تي ورهيہ سزا ڏني وئي. جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ جدوجهد جي شروعات ڪيائين ۽ انڊرگرائونڊ ٿي ويو. ڪجهہ وقت جلا وطن تي بہ رهيو. 1945ع ۾ آزاديءَ جي اعلان ڪانپوءِ ڊچ حڪمرانن ۽ قومپرستن وچ ۾ شروع ٿيل خونريز جنگ جي پڄاڻي 1949ع ۾ ٿي ۽ ڊچ حڪمران سندن آزادي کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. آزاد انڊونيشيا جو پهريون صدر "احمد سوئيڪارنو" ۽ نائب صدر "محمد حتا" ٿيا. بعد ۾ 12 مارچ 1967ع تي جنرل سوهارتو، سوئيڪارنو کي صدارت تان لاهي قيد ڪيو ۽ پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري ڇڏي. سوئيڪارنو قيد دوران 21-جون 1970ع ۾ وفات ڪئي. [مرتب]

آزادي واري يادگار تي سوئيڪارنو ۽ محمد حتا جا وڏا مجسما ڏسي مون کي لنڊن ۾ پارليامينٽ هائوس ۽ ويسٽ منسٽر جي وچ تي لڳل چرچل جو مجسمو ياد اچي ويو. اهو بہ تمام وڏو مجسمو آهي. سوئيڪارنو ۽ محمد حتا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مجسمن جي پوئين پاسي آزادي وارو اعلان اڪريل آهي، جنهن تي سوئيڪارنو ۽ محمد حتا جون صحيحون ٿيل آهن. انهن مجسمن جو افتتاح 1980ع ڌاري ڪيو ويو هيو.

آزاديءَ واري يادگار ويجهو، سوئيڪارنو پاران ٺهرايل "استقلال مسجد" به آهي، چاليهه ڪن ايڪڙن جي ايراضي تي ٺهيل استقلال مسجد، ڪينال جي ڪناري تي آهي. ڊچ حڪمرانن ان ڪينال جي ڪناري تي هڪڙي چرچ ٺهرائي هئي. مسجد استقلال به ان چرچ جي آمهون سامهون ڪينال جي ٻئي ڪناري تي آهي. ڏاڍي خوبصورت مسجد آهي. تمام مهانگو ۽ اعلىٰ درجي جو ماربل لڳل آهي. اسلام آباد واري فيصل مسجد ۽ لاهور واري بادشاهي مسجد ته ان جي مقابلي ۾ تمام ننڍيون آهن. گرائونڊ فلور کان سواءِ چار فلور يعني ڪل پنج ماڙ مسجد آهي گرائونڊ فلور وارو مين هال ئي هڪ لک چورس فوٽن کان وڌيڪ آهي. مسجد ۾ وڏا وڏا فانوس لڳل آهن، مسجد تي ٿيل خرچ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن سوهارتو، سوئيڪارنو جي حڪومت ختم ڪئي ته حڪومت ختم ڪرڻ جي سببن ۾ ايڏي مهانگي مسجد ٺاهڻ وارو الزام پڻ شامل هيو.

سوئيڪارنو غير وابسته تحريڪ جو باني پڻ هيو. ساڻس گڏ يوگو سلاويه جو صدر مارشل ٽيٽو، جواهر لال نهرو، جمال عبدالناصر، الجزائر جو بن بالله ۽ ٻيا حڪمران پڻ گڏ هيا. ان تحريڪ جو بنيادي مقصد سوويت ۽ آمريڪي بلاڪن مان ڪنهن جو به ساٿ نه ڏيڻ هيو. غير وابسته تحريڪ جي بنيادي اصولن ۾ امن برقرار رکڻ، نو آبادياتي نظام، سامراجيت ۽ نسل پرستي جي خاتمي وارا نقطا شامل هيا.

جڪارتا ۾ صدارتي محل به ڏاڍو سٺو ٺهيل آهي جيڪو سوئيڪارنو ٺهرايو هيو. سوئيڪارنو ڪيترائي محل ٺهرايا هيا، بالي ٻيٽ تي به هن هڪڙو خوبصورت محل ٺهرايو هيو. جڪارتا واري صدارتي محل جي پرسان سيڪريٽريٽ آهي جتي ڪيترين ئي سرڪاري آفيسون آهن. ان جي ويجهو سپريم ڪورٽ جي پرشڪوه عمارت آهي جيڪا اڏاوت جي لحاظ کان انتهائي خوبصورت ۽ دلفريب آهي. اتان جي ليگل ٽرمنالاجي ۾ سپريم ڪورٽ کي "ٽيمپل آف جسٽس" چوندا آهن. بروسيلز بيلجيم ۾ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ کي پيليس آف جسٽس يعني انصاف جو محل سڏيو ويندو آهي جيڪو عمارت جي مٿان اڪريل آهي.

جڪارتا ويجهو هڪڙو خوبصورت شهر بوگور (Bogor) آهي جتي سوئيڪارنو پيدا ٿيو هيو. بوگور شهر جڪارتا کان ٽيهه ميلن جي مفاصلي تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي خوبصورت هل اسٽيشن آهي، سڄو علائقو وڻڪار ۽ گلن سان ڀريل آهي. ان شهر جي ڀرسان سفاري پارڪ آهي.

انڊونيشيا جو ٽيون وڏو شهر "بنڊونگ" آهي، اٽڪل ساڍن پندرنهن لکن جي آباديءَ جو هي شهر صنعتي ۽ واپاري مرڪز هجڻ سان گڏ بندرگاهه به آهي. پر هن شهر جي عالمي شهرت جو سبب "بنڊونگ ڪانفرنس" آهي، جنهن ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي 27- ملڪن شرڪت ڪئي. اها ڪانفرنس اپريل 1955ع ۾ منعقد ٿي هئي.

اپريل 1954ع ۾ ڪولمبو (سريلنڪا) ۾ هندوستان، پاڪستان، برما، سريلنڪا، انڊونيشيا ۽ مصر جي سربراهن گڏيل ميٽنگ ۾ طئي ڪيو ته ايشيا ۽ آفريڪا جا نوان آزاد ٿيل ملڪ گڏجي، گڏيل سهڪار لاءِ معاهدو ڪن. ان سلسلي ۾ جواهر لال نهرو ۽ سوئيڪارنو اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ اپريل 1955ع ۾ بنڊونگ ۾ پهرين "افرو ايشيائي" ڪانفرنس ٿي.ان ڪانفرنس ۾ چين جو وزيراعظم چواين لائي، سعودي عرب جو شهزادو فيصل (جيڪو بعد ۾ سربراهه ٿيو) مصر جو صدر جمال عبدالناصر ۽ پاڪستان جي وزيراعظم محمد علي بوگرا سميت مختلف ملڪن جا سربراهه شريڪ ٿيا.

مون کي بنڊونگ وڃڻ جو شوق هيو، مون عامر کي چيو ته هڪڙي آچر ڏينهن بنڊونگ هلڻو آهي. آچر ڏينهن اسان بنڊونگ لاءِ نڪري پياسين. رستي تي هڪڙو ڀرنڊڙ جبل به ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان دونهون نڪري رهيو هيو. اهو ڀرنڊڙ جبل 1830 ميٽر اوچو هيو. گندرف جي بوءِ اچي رهي هئي. هزارين سياح موجود هيا. ڪيترائي هوٽل ۽ ريسٽورنٽ ماڻهن سان ڀريل هيا، گهمندي ڦرندي منجهند جو بنڊونگ پهتاسين. اسان کي بک لڳي هئي، عامر علي چيو ته ماني کائي پوءِ وڌيڪ گهمئون ٿا. پوءِ هڪڙي جاپاني ريسٽورينٽ "هوڪا هوڪا بينٽو" نالي هيو، ان ۾ وڃي ويٺاسين. اتي ماني کائي ڪانفرنس واري هنڌ پهتاسين. اتي پهچڻ کانپوءِ خبر پئي ته آچر ڏينهن موڪل هجڻ سبب ڪانفرنس هال بند آهي. اتي هڪڙي آفيس هئي جنهن ۾ ڪجهه ملازم ويٺا هيا، عامر علي انهن سان ڳالهايو ۽ کين ٻڌائين ته منهنجو والد پاڪستان کان آيو آهي ۽ هال ڏسڻ گهري ٿو. اول ته انهن انڪار ڪيو، پوءِ ڪجهه خرچي وٺي، اسان کي هال کولي ڏنائون.

هال ۾ اسٽيج تي ڇهن ماڻهن جا مجسما به آهن جن ۾ سوئيڪارنو، روسٽرم تي ڳالهائي رهيو آهي، جڏهن ته ويٺلن ۾ جواهر لال نهرو، محمد علي بوگرا، چواين لائي، سريلنڪا جو صدر ۽ برما جو صدر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

اتي 1955ع جون اخبارون ڪانفرنس جي ڪاروائي متعلق خبرن سان وڏن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوردن تي تنگيل هيون، پاڪستان مان جنگ اخبار بہ اتي ٽنگيل هئي، جنهن ۾ ڪانفرنس جي خبر سان گڏ پاڪستاني وفد ۾ شامل ماڻهن جا نالا بہ لکيل آهن. انهن ۾ وزيراعظم محمد علي بوگرا سان گڏ چوڌري خليق الزمان جيڪو انڊونيشيا ۾ پاڪستان جو سفير هيو، جنرل رضا (جيڪو سيڪريٽري خارجہ هيو ۽ 1964ع ۾ مان جڏهن چيني انقلاب جي سالگره تي پاڪستاني وفد سان چين ويو هيس تہ جنرل رضا چين ۾ پاڪستان جو سفير هيو) جي.اي.رحيم، عزيز احمد، آغا شاهي ۽ ابراهيم رحمت الله وفد جا ٻيا ميمبر هيا.

مختلف وفدن کي جنهن جاءِ تي ترسايو ويو هيو، اها جاءِ بہ ويجهو ئي هئي ۽ شاندار محل نموني هئي. ڪانفرنس هال بہ ڊچ دور جو يادگار آهي ۽ سؤ ورهين کان وڌيڪ پراڻو آهي. ان هال ۾ مختلف اخبارن جون ڪٽنگ، ڪانفرنس جي ڪاروائي ۽ مختلف ڪاميٽين جو ڪم بہ رکيو اٿن. سيني وفدن جا فوٽو بہ لڳل آهي. هال جي ٻاهران ڪيترائي فوٽوگرافر بہ گهمي رهيا هئا جيڪي معمولي معاوضي تي سياحن جون تصويرون ڪڍي رهيا هئا. بعد ۾ اسان بنڊونگ شهر جو چڪر لڳايو ۽ گهمي ڦري شام جو جڪارتا واپس اچي وياسين.

انڊونيشيا جيئن تہ هزارين ٻيٽن جو مجموعو آهي ۽ اتي ڪيترين ئي ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون. انڊونيشيا وارن انهن ٻولين مان هڪڙي ٻولي ٺاهي، ان ٻوليءَ جو رومن اسڪرپٽ تيار ڪيو آهي. سموري لکپڙهہ ان ٻوليءَ ۾ ٿئي ٿي. ان ٻوليءَ جو نالو "ڀاشا انڊونيشيا" رکيو اٿن. مون هڪ دفعي هڪڙي مقامي اخبار رومن اسڪرپٽ ڏسي سمجهيو تہ انگريزي آهي ۽ خريد ڪيم پر پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پئي تہ "ڀاشا انڊونيشيا" ۾ آهي ۽ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آئي.

## يوگ يڪارتا

ٻہ ڏينهن رکي عامر علي مون کي چيو تہ قديم شهر "يوگ جڪارتا" ڏسڻ وڃان آهي ۽ اتي هندو حڪمرانن جي دور جا يادگار بہ آهن. پر هتان کان پنج سئو ميل کن پري آهي، ان ڪري هوائي جهاز ۾ هلنداسين." مون کيس چيو تہ "گهمڻ جو مزو باءِ روڊ آهي ۽ جيڪڏهن پري آهي تہ رات جو ڪٿي ترسي پونداسين." پوءِ اسان ٻئي ڏينهن صبح سان نڪري پياسين. جيئن مان اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ جاوا ٻيٽ انتهائي گِتيل آبادي وارو ٻيٽ آهي ۽ انڊونيشيا جي بہ ٻاڱي ٽي آبادي جاوا تي رهي ٿي. جيئن ئي جڪارتا مان نڪتاسين تہ خبر ئي نہ پئي تہ جڪارتا ڪٿي ختم ٿيو ۽ ٻيو شهر ڪٿان شروع ٿيو. رڳو بورڊ پڙهڻ ڪانپوءِ پتو پيو تہ هاڻي ٻيو شهر شروع آهي. آبادي پويان آبادي هئي. شهر، ٻيو شهر، ڳوٺ، وري ٻيو ڳوٺ مطلب تہ رڳو آباديون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. ڪٿي ساوڪ هئي ڪٿي جبل هيا، ڪٿي باغ هيا. ڪٿي وري گلن سان جهنجهيل زمينون هيون. پر هر هنڌ ماڻهو نظر پئي آيا. شهر ٻه پاڻ ۾ گڏيل هيا. ڪٿي سمنڊ جو ڪنارو اچي ٿي ويو. ڪٿي ڪينال سامهون اچي ٿي ويو. اتي قدرتي ڪينال آهن جن ۾ مينهن جو پاڻي وهندو رهندو آهي. اهو ئي پاڻي زرعي استعمال ۾ اچي ٿو ته صنعتي ۽ گهريلو استعمال ۾ پڻ اچي ٿو. رستي تي ننڍين ننڍين شهرن ۾ هران ريسٽورينٽ هيا. جتي اڪثر عورتون ڪم ڪري رهيون هيون. گهڻي ڀاڱي انهن هوٽلن تي سڄي فيملي ڪم پئي ڪيو. هر ريسٽورينٽ ۾ هڪڙي شيشي جي ڪيبن ۾ کاڌي پيتي جي شين جا نمونا رکيل هيا ۽ انهن جي قيمت به لڳل هئي. گراهڪ پنهنجي پسند واري شئي ٻڌائن پيا ۽ پوءِ سندن آرڊر جو پورائو ڪيو ٿي ويو.

ڊرائيور ڪار هلائي رهيو هو. اسان سان گڏ منهنجو پٽ عامر، منهنجي گهرواري فاطمه، ننهن ڊاڪٽر در شهوار ۽ ٻه ننڍيا پوٽا حمزه ۽ هاشم ٻه ساڻ هيا. اسان جيئن ئي ڪنهن ريسٽورنٽ تي پهتاسين پئي ته ڪم ڪندڙ ڇوڪريون، ڇوڪرا ٻارڙن کي ڪٽي تي ويون ۽ انهن جو خاص خيال پئي رکيائون. اسان کي ڏاڍي حيرت پئي ٿي، انگريزي گهٽ ماڻهن کي سمجهه ۾ پئي آئي. جو ته اتي حڪومت به هالينڊ وارن جي رهي هئي ۽ انگريزي سان گهٽو واسطو نه پيو هين. رستن تي ڪيترين ئي عورتون موٽر سائيڪلون هلائيندي نظر آيون. عورتن جو سماج جي هر شعبي ۾ حصو آهي ۽ ان ۾ ڪوبه عيب نٿو سمجهيو وڃي.

چانور انهن جي خوراڪ جو اهم حصو آهن، ماني، نان يا چپاتي جو ڪوبه تصور ناهي. وڏن شهرن ۾ ڊبل روٽي بيڪرين وغيره تي ملندي آهي پر اڪثر فارينر استعمال ڪندا آهن. مقامي ماڻهو چانورن تي گذارو ڪن ٿا. هونئن به دنيا جي آبادي جو سٽر سيڪڙو ماڻهن جي خوراڪ چانور آهي. انڊونيشيا ۾ چانورن مان ڪيترين ئي ڊشز ٺاهيون وڃن ٿيون. فرائيڊرائيس ته عام آهن جن کي "ناسي" چوندا آهن. مون کي اتان جون مختلف خوراڪون ڏاڍيون سٺيون لڳيون. اتان جو چانور سائيز ۾ ننڍو ۽ ڪجهه ٿلهو ٿئي ٿو. باقي ذائقو چڱو اٿس. هتان جو باسمتي ته زبردست آهي. اتي به انڊين اسٽورن تي باسمتي چانور ملن ٿا، پر مهانگا آهن. چانور صبح، منجهند ۽ رات، ٽئي ويلا مقامي ماڻهن جي خوراڪ ۾ موجود رهن ٿا. عامر علي مون کي ٻڌايو پئي ته انڊونيشيا ۾ چانورن مان بيشمار ۽ مختلف کاڌا تيار ڪيا ويندا آهن.

اتان جو پرنٽيڊ ڪپڙو "باتڪ" اسان جي اجرڪ وانگر مشهور آهي ۽ جنهن به شهر مان لنگهيو يا بازارن ۾ وڃبو ته "باتڪ" جا وڏا وڏا دوڪان نظر ايندا. باتڪ هر ماڻهو لباس طور استعمال ڪندو آهي ۽ ان ڪپڙي جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلچرل اهميت آهي. صدر سوسيلو بہ باٽڪ جي شرٽ پائيندو هيو. مون بہ اتان باٽڪ جي شرٽ ورتي هئي. اڪثر ڪري ٻاهرين ماڻهن ۾ مهمانن کي اهو ڪپڙو سوکڙي طور ڏنو ويندو آهي. شاديـن ۾ بہ اهو ڪپڙو استعمال ڪيو ويندو آهي. اسان جڪارتا مان صبح جو ڇهين وڳي نڪتا هياسين. رستي تي ترسندا، گهمندا، ڦرندا اچي "يوگ يڪارتا" کي هڪ سئو ميل ويجهو پهتاسين تہ رات ٿي وئي. اول چيوسين تہ رستي تي ترسي پئون، پوءِ اها صلاح بيٺي تہ جيڪڏهن يوگ جڪارتا جي ڪنهن هوٽل ۾ بڪنگ ٿي وڃي تہ نڪري ٿا پئون ۽ رات اتي ٿا ٽڪون.

عامر علي پنهنجي آفيس جي هڪ ملازم کي فون ڪئي ۽ کيس بڪنگ لاءِ چيائين. ان "يوگ يڪارتا"، جي هلٽن هوٽل ۾ بڪنگ ڪرائي ڇڏي. اسان رستي ۾ هڪ ريسٽورنٽ تي ماني کائي نڪري پياسين. رات جو هڪ وڳي ڌاري "يوگ يڪارتا" پهچي هوٽل تي وڃي سمهي پياسين. صبح جو اٿي ناشتو ڪيوسين. نيرن ۾ "بوفي" لڳل هيو جنهن ۾ انڊونيشي کاڌن کان سواءِ چائنيز ۽ يورپي کاڌا بہ موجود هيا. هونئن بہ فائيو اسٽار هوٽلن تي هر شئي موجود هوندي آهي. فروٽ جي اسٽال تي آڱر جيڏا ننڍا ڪيلا بہ پيا هيا. مان تہ حيران ٿي ويس، منهنجي پٽ عامر چيو تہ "اهي ڪيلا ڏاڍا مٺا ۽ لذيذ ٿيندا آهن توهان کائي تہ ڏسو." مون جڏهن ڪيلا کائي ڏٺا تہ واقعي ڏاڍا مٺا ۽ لذيذ هيا. مون کي ايترو تہ مزو آيو جو جتي بہ وڃان پيو تہ اهڙا ئي ننڍا ڪيلا ضرور خريد پيو ڪريان. هونئن بہ انڊونيشيا ۾ فروٽ تمام گهڻو ٿيندو آهي. انڊونيشيا جا انناس، ناريل، مختلف قسمن جا ڪيلا، هنداڻا، گدرا ۽ اسٽرابيري سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. انب هتي ڪونہ ٿو ٿئي ۽ ٻاهران ايندو آهي.

نيرن ڪرڻ کانپوءِ اسان سڀ کان اڳ ۾ يوگ يڪارتا جو مشهور هنڌ "سلور سٽي" گهمڻ وياسين. سلور سٽي هڪ مشهور بازار آهي، جتي چاندي جو ڪم ٿيندو آهي ۽ ان چاندي جي ڪم جي ملڪان ملڪ هاڪ آهي. اها بازار بہ ٻہ ٽي سئو ورهيہ پراڻي ٻڌائي پئي وئي. ترڪي ۽ شام ۾ ٿيندڙ چانديءَ جو ڪم دنيا ۾ گهڻو مشهور آهي پر هن "سلور سٽي" جو ڪم بہ نهايت سهڻو ۽ وڻندڙ هيو. مختلف شوپيس، چاندي جا ٿانو، زيور ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون دوڪانن ۾ پيل هيون. انهن ۾ مختلف سائيزن جا خنجر، تلوارون ۽ ٻيو سامان بہ موجود هيو. چاندي جي ڪم جو ڪجهہ سامان مون بہ خريد ڪيو.

ان کان پوءِ عامر علي ٻڌايو تہ هندو مت جي دور جا ڪجهہ مندر جيڪي هزارين ورهيہ قديم آهن، اهي بہ ڏسندا هلئون. ان وچ ۾ زوردار مينهن شروع ٿي ويو. اصل ۾ انڊونيشيا ۾ مينهن جي اچڻ جي خبر ئي نہ پوندي آهي. اسان بہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪڙ ۾ چئيون خريد ڪري پسڻ کان بچاءَ ڪيوسين ۽ اڳتي گهمڻ لاءِ وڏي وياسين. انڊونيشيا ۾ ٽوئرسٽ پوائنٽن ايترين آهن جو انهن جو ڪو حساب ئي ڪونهي. ڪيترائي ايشيائي، يورپي، آمريڪي، آفريڪي ۽ آسٽريليائي سياح گهمي رهيا هئا. آسٽريليا ته انڊونيشيا کي هونئن ئي ويجهي آهي، ان ڪري آسٽريليا مان ڪيترائي سياح اتي گهمڻ ايندا رهن ٿا. اسان به مندرن ڏانهن وياسين. ٻڌاياڻون پئي ته اهڙا قديم مندر سون جي انگ ۾ آهن پر وقت گهٽ هجڻ سبب اسان 10-15 وڏا مندر گهمياسين. ڏاڍا شاندار مندر آهن. انهن مندرن کي اُتان جو ٽوئرزم کاتو چڱي نموني ۾ رکيو ٿو اچي، اتي صفائي سترائي ۽ مرمت جو ڪم ڪرائيندا رهن ٿا.

پئي ڏينهن تي عامر علي اسان کي ٻڌڙم جي هڪ مندر "بور بندر" وٺي ويو، ان مندر لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو دنيا ۾ ٻڌ ڌرم جو وڏي ۾ وڏو مندر آهي. اتي تمام وڏي رش هئي. اسان جي ڪار آهستي آهستي هلي رهي هئي. اهو مندر تمام گهڻو مٿي هڪ ٽڪري تي ٺهيل آهي. مان به پنهنجي اسٽڪ ۽ عامر علي جي سهاري مٿي وڃي پهتس. "بور بندر" مندر جون ڇهه منزلون آهن جن لاءِ چيو ويندو آهي ته آخري ليول تي پهچڻ واري کي وڏو ثواب ٿيندو آهي. اسان به اهو ثواب ڪمايوسين پر ٿڪجي ڏاڍا پياسين.

اهو مندر هونئن ته سياحن جي اچڻ جي پوائنٽ آهي ۽ عام ڏينهن تي ان ۾ عبادت نه ٿيندي آهي پر پاڪستان موٽي اچڻ کانپوءِ ڊان اخبار ۾ ان مندر لاءِ لکيل هيو ته هر سال هڪڙي خاص ڏينهن تي سڄي دنيا مان هزارين ٻڌ ياتري ان مندر ۾ اچي عبادت ڪندا آهن ۽ ٻڌ ڀڪشو به ايندا آهن. اخبار ۾ ڇپيل فوٽو مطابق گلن جا ڍير مندر ۾ نظر اچي رهيا هئا، ٻُڌ پوڄاري پڻ گهڻي انداز ۾ هيا.

يوگ يڪارتا شهر ان مندر سبب تمام گهڻو مشهور آهي. مندر کان هيٺ وري هڪڙي هنڌ تي ڪلچرل شو هيو جنهن ۾ مقامي طور تي شاديون ڪيئن ٿيون ٿين، انهن جو مظاهرو ۽ رسمون ڏيکاريائون پئي. اهو منظر به ڏسڻ وٽان هيو. ان شو ۾ رشتي طئي ٿيڻ کان وٺي شادي ٿيڻ تائين جا مختلف مرحلا ڏيکاريا پئي ويا. يوگ يڪارتا، حيدرآباد جيترو شهر آهي ۽ انتهائي مصروف، ماڻهن سان ڀريل نظر آيو. يوگ يڪارتا جي اوسي پاسي ۾ ڪيترائي گهمڻ جا هنڌ آهن. هي شهر 1945ع کان 1969ع تائين انڊونيشيا جي گادي جو هنڌ به رهيو آهي. هن شهر جي آبادي ساڍا چار لک کن آهي، هي شهر 750ع ڌاري آباد ڪيو ويو. شام جو اسان جڪارتا ڏانهن موٽ ڪئي. رات جو هڪ ننڍڙي شهر ۾ هڪ هوٽل ۾ ترسي صبح جو جڪارتا ڏانهن روانا ٿياسين. جڪارتا ۾ پهچي آرام وغيره ڪيوسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**بالي ٻيٽ:**

انڊونيشيا وڃڻ کان اڳ ۾ مون کي بالي گھمڻ جو ڏاڍو شوق هيو. بالي ٻيٽ کي دنيا تي جنت سان ڀيٽ ڏني ويندي آهي. قدرتي نظارن ۽ فطرتي حسن سبب بالي ٻيٽ تي سياحن جي رش لڳل هوندي آهي. انڊونيشيا پهچڻ کانپوءِ اهو خيال ٿيو تہ بالي گھمي اچجي. منهنجي پٽ عامر بہ چيو تہ بالي گھمڻ بہ ضروري آهي. عامر وارا تہ ٻہ ٽي دفعا گھمي چڪا هيا.

نيٽ مان ۽ منهنجي گھرواري بالي وڃڻ لاءِ تيار ٿياسين. عامر علي چيو تہ توهان ٻئي جڻا ڪيئن ويندؤ. اسان بہ توهان سان گڏجي هلئون ٿا. سندس مرضي هئي تہ پاڻ ۽ سندس فيملي بہ اسان سان گڏ هلي. اسان هن کي چيو تہ، "توهان اڳيئي بہ ٽي دفعا گھمي آيا آهيو هاڻي اسان کي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي. اسان دنيا ۾ هلئون چلئون ٿا ۽ اسان اڪيلا ويندا سين." عامر علي اسان جي ڳالھہ تہ مڃي ورتي پر چيائين تہ "مان توهان جو بندوبست اهڙو ٿو ڪريان جو توهان کي ڪابہ تڪليف نہ اچي." جڪارتا کان بالي تائين ٻن ڪلاڪن جو هوائي سفر آهي. عامر ٽڪيٽون بڪ ڪرائي ڇڏيون هيون. ٻئي ڏينهن تي صبح جو سوير جڪارتا جي "سوئيڪارنو حتا ايئرپورٽ" تي وٺي هليو جتي اسان کي ڇڏي پاڻ موٽي آيو.

"سوئيڪارنو حتا ايئرپورٽ" تمام وڏو ايئرپورٽ آهي، اسان کي لائونج تائين پهچڻ لاءِ وڏو پنڌ ڪرڻو پيو ۽ ٿڪجي پياسين. لائونج وٽان هڪ بس ۾ چڙهي اچي جهاز تي پهتاسين، جهاز تمام وڏو هيو پر مسافر سٺ کن هياسين. ٻن ڪلاڪن جي اڏام کانپوءِ جهاز اسان کي بالي جي گادي واري شهر "دين پسار" جي ايئرپورٽ تي لاٿو. جيئن ئي ٻاهر نڪتاسين تہ هڪڙو ماڻهو پلي ڪارڊ کنيو بيٺو هيو. جنهن جو پورو نالو "پنڊت دانا" هيو ۽ اسان جو گائيڊ هيو. ٽيڪسي جو انتظام بہ اڳواٽ هيو. ٽيڪسي واري بہ پنهنجو تعارف ڪرايو. سڌو هلي "ڊسڪوري پلازا" نالي فائيو اسٽار هوٽل تي پهتاسين، جتي اڳواٽ بڪنگ ٿيل هئي.

بالي ٻيٽ، جاوا جي اوڀر ۾ سنڊا ٻيٽن جي مجموعي جو هڪ ٻيٽ آهي، بالي جي ايراضي 5800-چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي ساڍا پنجويھہ لک آهي. بالي تي سون ۽ چانديءَ کان سواءِ ڪاٺ جو ڪم بہ شاندار ٿيندو آهي. هتان جي دستڪاري جي بہ سڄي دنيا ۾ هاڪ آهي، جڏهن تہ هتي ميون سان گڏ ڪافي جي پيداوار بہ ٿيندي آهي. هتي هر سال 10 لکن کان وڌيڪ سياح ۽ سيلاني ايندا آهن.

بالي ٻيٽ، انڊونيشيا جو واحد ٻيٽ آهي جيڪو سورنهن هزار ٻيٽن مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوا ڪثريت جي ماڻهن تي مشتمل آهي. هتي سون جي تعداد ۾ هندومت جا شاندار مندر آهن، بالي بيٽ تي ڪيترائي ٻرندڙ جبل پڻ آهن جن مان نڪرندڙ لاوا، بالي جي زمينن جي زرخيزي ۾ هزارين ورهين کان واڌارو ڪري رهيو آهي. هوٽلن تہ جيڪي ٽوئرسٽ بالي گهمڻ اچن ٿا، اهي شيڊيول ٽوئر خريد ڪندا آهن، پر اسان جو انتظام عامر الڳ نموني ڪيو هيو. اسان کي پنهنجي ڪار بڪ ٿيل هئي، پنڊت دانا نالي نوبڪلو گائيڊ هيو ۽ وقت جي ڪابہ پابندي نہ هئي. جڏهن تہ شيڊيول ٽوئر پروگرامن ۾ وقت جي سختيءَ سان پابندي هوندي آهي.

پهرين رات اسان ٻئي ڄڻا (مان ۽ منهنجي گهرواري) ڊنر ڪرڻ کانپوءِ هوٽل مان نڪتاسين تہ چڪر ڏئي اچئون. ان مهل مينهن بہ وسيو هيو ۽ زمين پسيل هئي. ٿڌي هوا گهلي رهي هئي، جيئن اڳتي وڌياسين تہ هڪڙو انگريز مليو، ان سان ”هاءِ هيلو“ ٿي. پڇيائين تہ اوهان انڊيا کان آيا آهيو؟ اسان کيس ٻڌايو تہ، پاڪستان مان آيا آهيون (هن انگريز جو اسان کي انڊيا مان اچڻ جو شڪ اسان جي لباس جي ڪري هو ٻيو تہ انڊيا مان ڪيترائي سياح اتي اچن ٿا) پاڪستان مان ڪو ورلي اچي ٿو ڪيترائي جوڙا اتي گهمي رهيا هئا. اسان بہ سڌو سمنڊ ڪناري وڃي ويٺاسين ۽ ٿڌي هوا جو مزو وٺڻ لڳاسين.

بالي ۾ ڪيترن ئي هوٽلن کي پنهنجا ”بيچ Beach“ آهن ۽ اسان وارو هوٽل بہ هڪڙي صاف سٿري بيچ وارو هيو. ناريل ۽ ٻيا ڪيترائي وڻ سمنڊ ڪناري سهڻو نظارو پيش ڪري رهيا هئا. سمنڊ جون ڇوليون ڪناري سان ٽڪرجي واپس وڃي رهيون هيون ۽ ڪيترائي سيلاني موسم ۽ ماحول مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. اسان بہ ڪجھ وقت پسار ڪري چڪر ڏئي هوٽل موٽي آياسين. رات جو هوٽل ۾ آرام ڪيوسين. صبوح جو طئي ٿيل پروگرام موجب اسان جو گائيڊ ”پنڊت دانا“ اسان کي گهمائڻ لاءِ هوٽل ۾ آيو ۽ گاڏي ۾ چڙهي نڪري پياسين. جيئن ئي ”دين پسار“ شهر مان گذرڻ لڳاسين تہ شهر جي مختلف رستن تي وڏا وڏا بت لڳل هيا جيڪي انتهائي قديم هيا. ”پنڊت دانا“ اسان کي ٻڌائي رهيو هيو تہ اهي بت ”شو ڀڳوان“، ”ڪرشن ڀڳوان“ ۽ ”رام“ وغيره جا آهن. اسان جو گائيڊ ”پنڊت دانا“ برهمڻ هيو جيڪو اسان کي ”مهاڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ جا قصا بہ ٻڌائي رهيو هيو ۽ انهن بتن جو تعارف ڪرائي رهيو هيو. برهمڻ هجڻ سبب کيس هندو ميٿالاجي بہ چڱي ياد هئي.

”پنڊت دانا“ اسان کي سڀ کان اڳ ۾ ”رائل ٽيمپل“ ۾ وٺي هليو جيڪو شهر ۾ هيو ۽ اتي سوين ماڻهو موجود هيا. ان مندر ۾ سنگتراشي جو شاندار ڪم ٿيل هيو ۽ مون پنهنجي حياتي ۾ آرٽ جو اهڙو شاندار ڪم اڳ ۾ نہ ڏٺو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. سيلاني فوٽوگرافي ڪري رهيا هيا. اتي اسان کي هڪ ملائيشيا جي عورت "مسز گِل" ملي جنهن جا وڏا هندوستان جا هيا ۽ پاڻ هندي پئي ڳالهاياڻين. "رائل ٽيمپل" کان پوءِ اسان هڪڙي ڍنڍ "براتان" تي وياسين جنهن جي چوڌاري جبل آهن، ان ڍنڍ بابت پنڊت دانا اسان کي ٻڌايو تہ ڍنڍ جي چوڌاري جيڪي جبل آهن اهي جبل هزارين ورهيہ اڳ ٻرندڙ جبل هيا ۽ انهن جي ڦاٽڻ سان جيڪو خال پيدا ٿيو تہ ڍنڍ ٺهي وئي. ڍنڍ جو نظارو انتهائي سهڻو هيو، چوڌاري جبلن تي نيڻ نهار تائين ساوڪ ۽ وڻڪار هئي. ڍنڍ جي پرسان هندومت ۽ ٻڌ ڌرم جي مندرن سان گڏ هڪ خوبصورت مسجد هئي. مندر تہ قديم هيا پر مسجد ايڏي پراڻي نہ هئي. ڍنڍ ۾ ٻيڙيون ۽ لانچون بہ هلي رهيون هيون. ڪيترائي ماڻهو اتي تفريح ڪري رهيا هئا. اها جاءِ سمنڊ کان هزارين فوٽ مٿي ٻڌائي پئي وئي. انتهائي ٿڌو علائقو آهي. هڪڙا ٻار، عورتون، پوڙها ۽ جوان ڍنڍ جي نظارن مان مزو وٺي رهيا هئا تہ ٻئي طرف وري دوڪانن ۽ هوٽلن تي ڪيترائي ماڻهو مختلف شين جي خريداري ۾ مصروف هيا. ايئن ٿي لڳو جڻ ڪو ميلو لڳل هجي. پرسان اسٽرابيري جي پوک هئي ۽ ٻيا ڪيترائي ميويدار وڻ بہ هيا.

ڍنڍ کان ڪجهہ پريرو "مانڪي فاريسٽ" آهي جتي هزارين پولڙا آهن. اتي وڻن کان وڌيڪ ٻارڙن کي مزو اچي ٿو. قدرتي ماحول ۾ پولڙا وڻن تي ٽپا ڏئي رهيا هئا ۽ سياحن کان ملندڙ ڪيلا، ڪٽمنڙا ۽ ٻيون شيون وٺي کائي رهيا هئا. مانڪي فاريسٽ ڪيترن ئي ڪلوميٽرن جي ايراضي ۾ آهي. سياحن جو وڏو انگ انهن جي فوٽوگرافي ۾ مصروف هيو. ڪيترائي هوٽل ريسٽورينٽ ماڻهن سان ڀريل هيا. اسان بہ اتي چڱو وقت گذاريو ۽ شام جو هوٽل تي موٽي آياسين. پنڊت ۽ ڊرائيور اسان کي هوٽل تي ڇڏي موٽي ويا. رات جي ماني کانپوءِ اسان هوٽل جي بيچ تي نڪري پياسين. سمنڊ ۾ بہ ڪيترائي سياح واٽر اسڪوٽرن تي تفريح ڪري رهيا هئا ۽ ڪجهہ سياح وري سرفنگ ۾ مصروف هيا. سرفنگ هڪ خطرناڪ راند آهي جنهن ۾ فائيبر جي ڇهہ فوٽ ڊگهي بورڊ تي لهرن جي سهاري ترندا آهن. هن راند جي شروعات هوائي ۽ آسٽريليا کان ٿي هئي پر اڄڪلهہ سڄي دنيا ۾ کيڏي ويندي آهي ۽ عالمي سطح تي مقابلا ٿيندا آهن. هن راند جو هڪڙو ٻيو قسم "ونڊ سرفنگ" بہ آهي جنهن ۾ "سرفنگ بورڊ" تي هڪڙو ننڍڙو سڙهہ لڳل هوندو آهي ۽ هوا جي سهاري تربو آهي. اسان بہ ڏهين وڳي رات تائين گهمندا رهياسين ۽ ٿڪاوٽ سبب ننڊ اچڻ لڳي تہ هوٽل تي اچي سمهي پياسين.

صبح جو ننڊ مان اٿي نيرن ڪئي سين تہ پنڊت دانا اچي ويو ۽ اسان گاڏي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ چڙهي نڪري پياسين. رستي تي چانورن جي پوک ڏٺي سين. انڊونيشيا ۾ چانورن جا ٻه فصل ته عام آهن پر ڪجهه هنڌن تي سال ۾ چانورن جا ٽي فصل به ڪيا ويندا آهن. جبلن تي به چانورن جو فصل ٿئي ٿو. جبلن تي مينهن پوڻ سبب ڏاڪن وانگر ٺهيل ٻارن ۾ پوک ڪئي ويندي آهي. پنڊت جي چوڻ موجب في ايڪڙ هزارين ڪلوگرام پيداوار ٿئي ٿي. سنڊس چوڻ مطابق ”انڊونيشيا ۾ فصلن ۾ چانورن مان حاصل ٿيندڙ مقامي ڀاڻ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال به نه ڪيو ويندو آهي.“ جبلن تي ڪم ڪرڻ لاءِ ننڍڙا هٿ سان هلڻ وارا ٽريڪٽر استعمال ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته عام ٽريڪٽر جبلن تي چڙهي نٿو سگهي. سارين ڇڙڻ جا ننڍڙا ڪارخانا به هلي رهيا هئا. اسان انهن ڪارخانن ۾ به چڪر لڳائي ڏٺو. زمين تي پوک ڪندڙ هارين کي ٻج زميندار فراهم ڪندو آهي ۽ ڍل به اهي ئي ڀريندا آهن. جڏهن ته اڌو اڌ ونڊ جو سسٽم آهي. پنڊت ڀرين ڏينهن اسان کي ٻڌايو ته بالي بابت هڪ سوسائٽي آهي جنهن کي ”باليتي سوسائٽي“ چون ٿا. ان سوسائٽي جو هڪڙو شو ٿيندو آهي، جيڪڏهن توهان ڏسڻ چاهيو ته صبح سان هلي ڏسجو.

صبح جو تيار ٿي اسان ”بالو بلان“ وياسين، اها جاءِ ”دين پسار“ جي ويجهو ئي آهي. اتي وڃڻ کان پوءِ اسان کي پروگرام جي شيٽ آڻي ڏنائون، جنهن ۾ شو جا تفصيل ڇاپيل هيا. سڀ کان اڳ ۾ ”ڪريسٽ ڊانس“ جو آئٽم هيو. ڪريسٽ ڊانس، بالي جي مقامي ڊانس آهي ۽ ڏاڍي مزيدار آهي. ان ڊانس کان پوءِ مقامي ڏند ڪٿا تي ٻڌل شو پيش ڪيو ويو. ان ڏند ڪٿا ۾ نيڪي ۽ بدي جو جهيڙو ڏيکاريل آهي. ڏند ڪٿا موجب ”بارونگ“ نالي هڪ عجيب و غريب جانور جيڪو نيڪي جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ ”رنگا“ جيڪو برائيءَ جي نمائيندگي ڪري ٿو. انهن ٻنهي يعني نيڪي ۽ برائيءَ جي لڙائيءَ ۾ فتح آخر نيڪي جي ٿئي ٿي ۽ برائي جي نصيب ۾ شڪست اچي ٿي. ان ڏند ڪٿا جا ڪردار مقامي ڪاسٽيوم ۾ شاندار نموني پرفارم ڪري رهيا هئا. ان ڏند ڪٿا واري مظاهري کان پوءِ ٻن ڇوڪرين مقامي ڪلاسيڪل ڊانس پيش ڪئي، ان کان سواءِ پنج ڪن ننڍا ڊراما به پيش ڪيائون. اهو سڄو شو ڪلاڪ ڪن جو هيو.

پوءِ اسان ”سلور سٽي“ ڏانهن وياسين. سلور جو ته نالو هيو، پر اتي هٿ جي هنرن جا بيشمار ڪاريگر مختلف قسم جا ڪم ڪري رهيا هيا. چانديءَ جي ڪم سان گڏ سونارا، فرنيچر جو ڪم، آڏاڻن تي خوبصورت ڪپڙي جي اڻت، مختلف قسم جون ٽوڪريون، بيگون، شو پيس ۽ ٻيو ڪيترو سامان ٺهي رهيو هيو. سياح هٿو هٿ اهي شيون خريد ڪري رهيا هيا. اسان جي سامهون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انگريز فرنيچر جو هڪڙو وڏو آرڊر ڏنو. انڊونيشيا جو عمارتي ڪاٺ تمام سٺو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ ايڪسپورٽ ٿيندو آهي. انڊونيشيا جو فرنيچر به تمام خوبصورت ۽ مضبوط ليکيو ويندو آهي. اسان اتان ڪجهه به خريد نه ڪيو ڇو ته اسان اڳ ۾ ئي "يوگ جڪارتا" واري "سلور سٽي" مان ضرورت جون شيون خريد ڪري چڪا هئاسين.

جيئن مان اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهيان ته انڊونيشيا ٻرندڙ جبلن جو ملڪ آهي ۽ بالي ۾ به ڪيترائي ٻرندڙ جبل آهن. پنڊت اسان کي چيو ته ٻرندڙ جبلن جو سير ڪرڻ هلبو. پوءِ اسان "باتور" نالي هڪ شهر ويجهو هڪڙي خاموش "ولڪانو" تي وياسين. سوين ماڻهو ۽ گاڏيون ان ولڪانو تي موجود هيا. ان مان ڪجهه عرصو اڳ نڪتل لاوا جا نشان موجود هيا. پنڊت اسان کي ٻڌائي رهيو هيو ته ولڪانو يعني ٻرندڙ جبل ڇا ٿيندو آهي ۽ ان مان لاوا ڪڏهن نڪرندو آهي. سندس سائنسي ڄاڻ به چڱي خاصي هئي. ان خاموش ٻرندڙ جبل وٽ ريسٽورينٽ هيو. "بتور ساري" ان ريسٽورينٽ جو نالو هيو. چوڌاري شيشي جون پٽيون لڳل هيون ۽ چئني پاسن جو نظارو ڏسڻ ۾ ئي آيو. ماني وغيره کاڌي سين. اندران هڪڙي مندر جهڙي عمارت ڏسڻ ۾ آئي، مون پنڊت کان پڇيو ته اها عمارت ڇا جي آهي. پنڊت وراڻيو ته "اها عمارت چشمي واري مندر جي آهي. ان مندر ۾ هڪڙو پاڻيءَ جو چشمو آهي جتان پاڻي تيزيءَ سان اڀڙڪا ڏئي نڪري ٿو. اهو پاڻي نهايت برڪت وارو آهي. ان مندر جو نالو به "اسپرنگ ٽيمپل" آهي. ماني کائڻ کانپوءِ اسان مندر ڏانهن وياسين ۽ في پري ٽڪيٽ وٺي اندر وياسين. ان مندر کان گهڻو مٿي ساڄي ٽڪري تي صدارتي محل ٺهيل آهي جيڪو سوئيڪارنو ٺهرايو هيو ۽ موڪلن ۾ اتي اچي رهندو هيو.

بالي يا وري انڊونيشيا ۾ هر هنڌ في پرٽي پوندي آهي. اول ته گاڏي بيهارڻ مهل پارڪنگ في، پوءِ ڪنهن به تفريحي هنڌ تي داخلا في، ان کان سواءِ ڪجهه هنڌن تي داخلا في کان سواءِ مختلف حصن ۾ گهمڻ لاءِ وري جدا جدا في رکيل آهي. اهو حال رڳو انڊونيشيا جو نه بلڪ انهن سڀني ملڪن جو آهي جيڪي سياحت تي خاص ڌيان ڏين ٿا ۽ ججهو ناڻو ڪمائن ٿا. هرهڪ تفريحي هنڌ يا سياحتي ماڳ جي پبلسٽي ڪئي وڃي ٿي ۽ اتي رهائش ۽ کاڌي پيتي کانسواءِ هر قسم ۽ هر عمر جي سياحن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. ٻاهرن جي رانديڪن کان وٺي مختلف گفٽ شاپ قائم ڪيا وڃن ٿا. پر اسان جي ملڪ ۾ اهو شعبو ٻين شعبن وانگر نهايت ڪمزور آهي.

ان مندر وٽ گهمندي اسان کي ملائيشيا کان آيل هندوستاني عورت "مسز گل" جيڪا ٻهرئين ڏينهن ملي هئي، اها ملي وئي. اصل ته پنجاب جي هئي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ڪانپوءِ ملائيشيا ۾ ٿي رهي. اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. ڪچهري ڪندي اسان کي ٻڌايائين ته "هن مندر جي پاڻي جي هُن ٽانڪي مان جيڪو وهنجندو ته سدائين لاءِ جوان ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن پاڻي بدن کي لڳائيبو ته ان حصي جي بيماري ختم ٿي ويندي." اسان جو گائيڊ پنڊت سندس تائيد ڪري رهيو هيو. اسان وهنتاسين ته ڪونه پر پاڻيءَ جا ٻه ٽي ٻڪ "ثواب" خاطر ضروري پيتاسين ۽ پوءِ موٽڻ واري ڪئي سين.

ان ڪانپوءِ پنڊت اسان کي هڪڙي پلانٽيشن گارڊن ۾ وٺي ويو. ان گارڊن ۾ بالي بيٽ تي پيدا ٿيندڙ سيني فصلن، ٻوٽن، وڻن، گلن ۽ ميون جا نمونا پوکيل آهن. اتي "ڪوڪو" جو وڻ به موجود هيو. جنهن مان چاڪليٽ سميت ڪيترين شيون ٺهنديون آهن، بانس، ربڙ، ناريل، اناناس، پپيتو مطلب ته ڪيترن ئي قسمن جا وڻ ۽ ٻوٽا هيا. ڪي عجيب و غريب وڻ به هيا جن جو قد ٽي فوٽ کن هيو ۽ ڪي وڻ ته پنجاهه فوٽن کان به اوچا هيا. مختلف قسمن جا گل به موجود هيا.

ان ڪانسواءِ پان ۽ سوپاريءَ کان علاوه ڪارن مرچن ۽ اڇن مرچن سميت ڪيترن ئي مصالحن جا وڻ به ڏسڻ ۾ آيا. اسان جو گائيڊ پنڊت ته ڄڻ حافظ هيو. ڪيس انهن ٻوٽن، وڻن ۽ مصالحن وغيره جا سائنسي نالا به ياد هيا ۽ انهن جي هسٽري به ٻڌائي رهيو هيو. اتي ڪيترن ئي اسٽالن تي گارڊن ۾ موجود وڻن، ميون، ٻوٽن ۽ گلن بابت بروشر ۽ ڪتاب به وڪري لاءِ پيا هيا. باغ ايترو ته وڏو هيو جو اسان گهمي ٿڪجي پياسين.

"پلانٽيشن گارڊن" گهمڻ ڪانپوءِ اسان شهر ڏانهن واپس موٽياسين. عامر وارن اسان کي ڪجهه پينٽنگس وٺڻ لاءِ چيو هيو. اهي پينٽنگس "آرٽ سٽي" مان ٿي مليون. بالي ۾ مختلف قسمن جون تصويرون سٺيون ٺهنديون آهن ۽ بالي جون نهايت مهارت سان ٺاهيل پينٽنگس سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. اسان پنڊت کي وٺي "آرٽ سٽي" پهتاسين. انتهائي نفاست سان تجريدي ۽ ريئل آرٽ واريون تصويرون ڏاڍيون خوبصورت هيون. پنڊت اسان کي ٻڌايو ته تڪڙ نه ڪجو، چو ته قيمت تمام وڌيڪ ٻڌائيندا آهن ۽ بارگيننگ به ڪندا آهن. آرٽ سٽي ۾ رَنبي سان ڪاٺ تي "اُڪرَ" جو ڪم به ڏاڍو سهڻو هيو. وڏا وڏا دوڪان هيا جن ۾ پنڌين پاسي کان ڪاريگر ۽ مصور ڪم ۾ مصروف هيا. سياحن جو هجوم فوٽوگرافي ۽ خريداري ۾ مصروف هيو. هونئن ته سڄي انڊونيشيا ۾ عورتون زندگيءَ جي وهنوار ۾ مشغول آهن پر بالي ۾ ته هر ڪم ۾ عورتون، مردن سان گڏوگڏ آهن. اسان به ضرورت مطابق خريداري ڪئي. پنڊت اسان جي مدد ڪري رهيو هيو. اسان به پينٽنگس خريد ڪيون ۽ پوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس موٽياسين. جيئن ته اسان جنهن هوٽل تي ترسيل هياسين ان جي سامونڊي ڪناري تي تفريح ڪئي هئي. پر پبلڪ بيچ تي نه وياهياسين، ان ڪري خيال ٿيو ته عام سامونڊي ڪناري جو به سير ڪجي. ڇو ته هوٽلن جا پنهنجا بيچ هوندا آهن ۽ اتي عام ماڻهن کي اچڻ جي اجازت نه هوندي آهي.

پوءِ اسان "ڪُتا پبلڪ بيچ" تي وياسين بيچ تي هزارين ماڻهو هيا. وڏي رش لڳل هئي. اڪثريت آسٽريليا جي رهاڪن جي هئي، ڇو ته آسٽريليا وارن کي بالي ويجهو پوي ٿي. بهرحال اسان بيچ تي وڃي ويٺاسين، مونکي ۽ منهنجي گهرواري کي نه ترڻو هيو ۽ نه وري سرفنگ ڪرڻي هئي، ان ڪري اسان سج لٿي تائين اتي گهمندا رهياسين ۽ جوس وغيره پيئندا رهياسين. ان بيچ تي گهمندي خبر پئي ته ڊچ حڪمرانن سان آزاديءَ جي ويڙهه دوران "ڪُتا" نالي هڪ مقامي آزادي پسند جو اهم ڪردار هيو. "ڪُتا"، سوئيڪارنو جي اهم ساٿين مان هڪ هيو ۽ سندس جدوجهد کي ڏسندي پيٽا ڏيڻ خاطر ان ساموندي ڪناري جو نالو "ڪُتا" بيچ رکيو ويو. بيچ تي سندس وڏو مجسمو به لڳل آهي. رات ٿيڻ تي اسان هوٽل تي واپس موٽي آياسين.

صبح جو ننڊ مان اٿي نيرن ڪري پنڊت جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، اڄ اسان جو بالي ۾ ٽيون ۽ آخري ڏينهن هيو. اسان جي شيڊيول ۾ هڪڙو ٻيو بيچ گهمڻ جو پروگرام هيو. ان بيچ جو نالو "تنالوٽ" هيو جيڪو بالي جو مشهور بيچ آهي. پنڊت جي اچڻ تي اسان نڪري پياسين. شهر جي مک مارڪيٽ مان ٿيندا "تنالوٽ" بيچ ڏانهن روانا ٿياسين. بيچ ته شاندار هيو پر تمام وڏو هيو، ماڻهو ٽولن ٽولن ۾ ۽ جوڙن جوڙن ۾ گهمي رهيا هيا. ڪي پسار ڪري رهيا هيا، ڪي سرفنگ ۽ ترڻ جو مزو وٺي رهيا هيا. ڪي سياح دارون جي شيشن ۾ گم هيا ته ڪي وري ڪنهن سندري جي نگاهن جي نشي ۾ هيا. عام بيچن وانگر پيهه ڪونه هئي. گهوڙيا ڪچي ناريل جي پاڻيءَ سميت مختلف ڇهريون ۽ مٺيون شيون کپائڻ لاءِ هوڪا ڏئي رهيا هيا. جيتوڻيڪ صبح جو وقت هيو پر پوءِ به ڪيترائي سياح اتي موجود هيا ۽ ڪوڙ سارا آسٽريليائي مرد ۽ عورتون جسم تي مختلف قسمن جا لوشن ۽ ڪريمون مکي سن باٿ ۾ مصروف هيا.

سمنڊ ڪناري هڪڙي قديم عمارت به هئي، شايد ڪو مندر هيو. پر انتهائي اوچو هيو، مان ۽ منهنجي گهر واري مٿي نه چڙهي سگهياسين. باقي هيٺان چڪر هڻي بيچ تي گهمندا رهياسين ۽ ٻارڙن لاءِ مختلف شيون خريد ڪيون سين، ڇو ته عمر اسان کي نوجوانن وانگر تفريح ڪرڻ کان روڪي رهي هئي. ان ڪري اسان جي تفريح گهڻو تڻو ڏسڻ ۽ گهمڻ تائين محدود هئي. باقي نوجوان مرد ۽ عورتون ته بيچ تي ٽينگ ٽپا ڏئي، فٽبال کيڏي، سمنڊ ۾ ترڪي يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري سرفنگ ۽ ٻين واٽر اسپورٽس ۾ مشغول هيا. ان کري بيچ تي ڪجهه وقت گذاري اسان پوئتي موٽياسين. پنڊت کي چيوسين تہ هاڻي شهر گهمنداسين، پوءِ شهر جو چڪر لڳايوسين ۽ مختلف بازارون گهمندا رهياسين.

شهر ۾ گهمندي گهمندي پنڊت چيو تہ مان توهان کي هڪڙي خاص جاءِ گهمائڻ ٿو چاهيان. اسان ان کان پڇيو تہ "ڪهڙي جڳهہ آهي." پنڊت چيو تہ "ڏوسا دوئا" نالي هڪڙو بيچ آهي ۽ سڀني بيچن کان مختلف آهي. جڏهن وياسين تہ اتي خبر پئي تہ پنج کن هوٽل هيا ۽ هڪڙو پوش علائقو هيو جتي وڏن ماڻهن جي رهائش هئي. حيات ريجنسي ۽ انٽرڪانٽي نينٽل هوٽل بہ اتي هيا. آمريڪي صدر ريگن جڏهن 1984ع ۾ انڊونيشيا آيو هيو تہ جڪارتا وڃڻ بجاءِ سڌو بالي آيو هيو ۽ صدر سوهارتو سندس استقبال بالي ۾ ئي ڪيو هيو "دوسادوئا" جو بيچ نهايت خوبصورت آهي. اسان آخري ڏينهن هجڻ سبب پنهنجو سامان پيڪ ڪري هوٽل مان چيڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو هيو ۽ سڄو ڏينهن گهمندي ڦرندي گذاريو. شام جو "دين پسار" ايئرپورٽ تي فلائيٽ ۾ چڙهي جڪارتا اچي پهتاسين، جتي منهنجو پٽ عامر علي ۽ سندس ننڍڙو حمزه اسان کي وٺڻ لاءِ آيا هيا.

بالي گهمڻ جو تجربو انتهائي شاندار رهيو. جڏهن مان انڊونيشيا ويس پئي تہ دوستن چيو هيو تہ بالي ضرور وڃجانءِ. چو تہ بالي گهمڻ کان سواءِ انڊونيشيا وڃڻ مڪمل ٿي ناهي. بالي جا شاندار مندر، شهر ۽ اوسي پاسي ۾ عظيم الشان بت، هينڊيڪرافٽ جو ڪم ۽ سهڻا سامونڊي ڪنارا اڄ بہ نظرن اڳيان ترن ٿا. جڪارتا پهچڻ کانپوءِ سڀاڻي تي جڪارتا جو ميوزيم ڏسڻ جو ارادو ڪري گهران نڪتاسين.

## جڪارتا جو ميوزيم:

جڪارتا جو ميوزيم بہ شاندار آهي. هندو بادشاهت جي دور جا بت بہ ميوزيم ۾ رکيل هئا. گڻيش ديوتا کان وٺي شِوَ ڀڳوان، ڪالي ديوي، پاربتي، ڪرشن ۽ رام سميت ديوين ۽ ديوتائن جا شاندار بت موجود آهن، جن جي قدامت تہ پنهنجي جاءِ تي پر جنهن ڪاريگري سان اهي بت ٺاهيا ويا آهن انهن جي هنر کي داد ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي. جڪارتا جي ميوزيم ۾ هڪڙي مسلمان ڇوڪري سان ملاقات ٿي، ٻڌايائين تہ "مان مسلمان آهيان ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهندي آهيان، مون کي هندو ديوتائين مان "گڻيش ديوتا" ڏاڍو پسند آهي". اتي ماڻهن ۾ تعصب يا مذهبي ڪٽرپڻو تمام گهٽ آهي پر ان جي باوجود 12 آڪٽوبر 2002ع تي مسلمان انتها پسندن بالي ۾ بم ڌماڪا ڪيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ سوين ماڻهو مري ويا هيا. چو تہ عالمي سطح تي بنياد پرستي وڌي رهي آهي ۽ ان جا اثر ڪيترن ئي ملڪن وانگر انڊونيشيا تي بہ پئجي رهيا آهن. ميوزيم ۾ مسلم دور جا ڪيترائي نادر نمونا موجود هئا. تاريخ جي اوائلي دور کان ماڊرن دور تائين شيون رکيل هيون.

جڪارتا ۾ رهڻ دوران ربڙ جي وڻن جي فارمنگ ڏسڻ جو موقعو مليو. سوين ايڪڙن جي فارم ۾ ربڙ جا هزارين وڻ بيٺا هيا. ربڙ جو ٻوٽو برازيل ۾ دريافت ٿيو جتان ڏکڻ اوڀر ايشيا پهتو. هن وقت ملائيشيا، ڪمبوڊيا، سريلنڪا، ٿائيلينڊ، برونائي، ويتنام ۽ انڊونيشيا ۾ ربڙ جا فارم آهن. ربڙ جو وڻ سٺ فوٽ اوچو ٿئي ٿو. ربڙ جو تجارتي استعمال 1839ع کان شروع ٿيو. ويهين صدي ۾ ربڙ جو صنعتي استعمال شروع ٿيو جيڪو اڄڪلهہ بہ جاري آهي. ربڙ جي فارمن ۾ ربڙ جي وڻن ۾ چير ڏئي ننڍيون ننڍيون بالٽيون ٻڌيون آهن جن ۾ ڦڙا ڦڙا ٿي اڇو کير پوندو رهندو آهي جيڪو نج ربڙ هوندو آهي. ڀرپور موسم ۾ هڪڙي وڻ مان چاليهن کان پنجاهہ ڪلوگرام ربڙ نڪرندو آهي. ربڙ جي فارم ۾ ڪيترائي مزدور ربڙ جون بالٽيون خالي ڪري وڏا ڊرم ڀري رهيا هئا ۽ ٻيا مزدور وري انهن ڊرمن کي ٽرڪن ۾ ڀري رهيا هئا. مزدورن ۾ وڌو انگ عورتن جو بہ هيو جيڪي ربڙ گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيون هيون. ربڙ جا ڏگها وڻ قطارن ۾ بيٺل هيا ۽ ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا هيا.

### سفاري پارڪ:

منهنجي پٽ عامر ۽ سندس گهرواري جڪارتا جي سفاري پارڪ گهمائڻ لاءِ مون کي ۽ منهنجي گهرواري کي تيار ڪيو. جڪارتا کان "بوگور" ويندڙ رستي تي واقع سفاري پارڪ، آفريڪي سفاري پارڪن وانگر ٿاهيل آهي ۽ ڏاڍو سهڻو آهي. ان وقت هلڪو هلڪو مينهن پئجي رهيو هيو ۽ موسم ڏاڍي سٺي هئي. سفاري ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ڏٺوسين تہ رستي تي هڪڙي ڪار بيٺي هئي ۽ شينهن ان ڪار کي روڪيو بيٺا هيا. اسان جي ڊرائيور بہ ڪار روڪي ڇڏي. ايتري ۾ فاريسٽ رينجرس اچي ويا ۽ شينهن کي دڙڪو ڏنائون تہ پري هٽي ويا ۽ گاڏيون اڳتي وڌيون. ان سفاري ۾ دنيا جا مڙئي جانور موجود آهن ۽ قدرتي ماحول ۾ گهمندي نظر اچن ٿا.

مان تہ "مسائي مارا" جيڪو ڪينيا جو مشهور جانورن جو قدرتي رهائشي علائقو آهي اهو بہ ڏسي آيو آهيان. پر هي سفاري پارڪ بہ شاندار آهي. هن سفاري پارڪ ۾ هاٿين جا ڪرتب ڏيکاريا پئي ويا ۽ ان کان سواءِ ثقافتي شو بہ هيو جيڪو نهايت شاندار هيو. عورتون ۽ ٻار هاٿين تي سواري ڪري رهيا هيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻارن جي ڪيڏڻ لاءِ جهولا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه هيو. اهڙو سفاري پارڪ مون اڄ تائين نہ ڏٺو آهي. سفاري پارڪ گهمڻ کان پوءِ موٽي گهر آياسين.

آچر ڏينهن عامر علي وارن پروگرام ٺاهيو تہ هڪڙي مٿانهين چوٽيءَ تي ڏاڍو سٺو ريسٽورينٽ آهي ۽ وڏو تفريحي هنڌ آهي، اتي هلبو. آچر تي عامر، عامر جي فيملي، مان ۽ منهنجي گهر واري تيار ٿي گهمندا ڦرندا وڃي ان هنڌ پهتاسين. جبل تي ٺهيل ان ريسٽورينٽ کي شيشي جون پٽيون لڳل هيون، جن مان ميلن تائين پکڙيل چانهن جا باغ ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪجهه ٻوٽا تہ ننڍا هيا ۽ ڪجهه ٻوٽا ماڻهو قد جيترا هيا جن مان چانهن جا پن پٽيندڙ عورتون ۽ مرد ڏسڻ ۾ پئي آيا. انهن مزدورن کي چيلهہ ۾ پنيان ڪاريون ٻڌل هيون، جن ۾ پن پٽيندا وجهندا پئي ويا. چانهہ جي تاريخ بہ نهايت پراڻي آهي، چيو وڃي ٿو تہ چين ۾ اٽڪل اڍائي کان ٽي هزار ورهيہ قبل مسيح کان چانهہ جو استعمال ٿيندو اچي ٿو. يورپ ۾ چانهہ 1610ع ۾ پهتي، اتر هندوستان ۾ 1823ع کان چانهن جي پوک شروع ٿي جيڪا آسام ۽ سريلنڪا تائين پکڙجي وئي. هن وقت چانهہ جي پوک ڏکڻ آمريڪا جي مختلف ملڪن آفريڪا، انڊونيشيا ۽ روس ۾ پڻ ٿئي ٿي ۽ انساني خوراڪ جو اهم جزو پڻ آهي. مان تہ ڪينيا ۾ بہ چانهہ جي پوک ڏسي آيو آهيان پر هتان جي پوک بہ نهايت گهڻي انگ ۾ هئي ۽ انڊونيشيا، چانهہ جي برآمد مان ججهو ناڻو ڪمائي ٿو.

اسان ريسٽورينٽ ۾ ماني بہ کائيندا رهياسين ۽ شيشن مان چانهہ جي پوک جا نظارا بہ ڏسندا رهياسين. ماني ڏاڍي شاندار هئي، اسان بہ دل کولي ڍئو ڪيو. ماني کائڻ کان پوءِ ٻاهر چڪر ڏنوسين. ان ٽڪري تي رڳو ريسٽورينٽ نہ هيو بلڪ ٻيا ڪيترائي دوڪان وغيره بہ هيا جن تي مختلف گفٽ آئٽم وڪامي رهيا هئا. ٻارن جا رانديڪا بہ هيا ۽ عورتن جي ضرورت جو سامان پرس ۽ ڪاسميٽڪس بہ موجود هيا. عورتون ۽ ٻار بہ خريداري ڪري رهيا هيا. ماني کائڻ کانپوءِ اسان گهمندا ڦرندا موٽي آياسين.

انڊونيشيا ۾ جاگيرداري بنهہ ڪونهي ۽ نہ ڪي وڏي زمينداري آهي. پڙهيل ماڻهن جو انگ بہ تمام گهڻو آهي. محنت مزدوري ڪرڻ کي عيب نٿا سمجهن. انڊونيشي نوجوان ڪيڏو بہ پڙهيل هوندو ۽ ڪيس تعليم مطابق روزگار نہ هوندو تڏهن بہ گهٽ معاوضي واري معمولي ڪم ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو. ڇو تہ انڊونيشي ماڻهو ڪنهن بہ ڪم کي گهٽ، نيچ يا معمولي نٿا سمجهن. اتي گهمندي ڦرندي ڪيترن ئي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان ڪچهريون ٿيون جيڪي انتهائي پڙهيل هجڻ باوجود هوٽلن، دوڪانن ۽ مختلف ڌنڌن ۾ ڪم ڪري رهيا هيا پر ڪڏهن بہ گهٽتائي جو اظهار نٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائون. اتان جا مختلف هنرمند ماڻهو بہ انتهائي پڙهيل ڏسڻ ۾ آيا. مذهبي طور تي ماڻهن جي اڪثريت سيڪيولر ۽ روادار آهي. مسجدون ۾ نمازين جو تعداد بہ گهڻو آهي. اڪثر شاپنگ سينٽرن ۽ تفريحي هنڌن تي ڪنهن نہ ڪنهن جاءِ تي نماز پڙهڻ وارن لاءِ مصلا بہ رکيل ڏسڻ ۾ آيا. جيتوڻيڪ نائين اليون (9/11 ) وارن واقعن کانپوءِ مذهبي انتهاپسندي جي رجحانن انڊونيشي زندگي کي بہ متاثر ڪيو آهي پر پوءِ بہ عوام جي اڪثريت ڪٽر مذهبي ناهي.

انهن جي سيڪيولر ۽ روادار هجڻ جو سڀ کان وڏو ثبوت سوين هنڌن تي لڳل مجسما بہ آهن جيڪي قديم دور کان انهن هنڌن تي بيٺا آهن پر ماڻهو انهن کي برداشت ڪن ٿا ۽ انهن بتن کي پنهنجي تاريخ جو حصو سمجهن ٿا. اسان وانگر ناهي تہ جيئن ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ مختلف اڳواڻن جي بتن کي تباهہ ڪيو ويو ۽ خود لاڙڪاڻي ۾ موجوده "عباس چوڪ" تي لڳل ريجهو مل جو بُت ڊاتو ويو هيو. ان چوڪ جو نالو "ريجهو چوڪ" هوندو هيو. ريجهو مل لاڙڪاڻي جو مشهور سماجي ڪارڪن هيو جنهن پليگ ڦهلجڻ وقت ڪيترائي لاش ڪٽي وهنجاري دفنايا هيا ۽ سندن ڪفن دفن جو خرچ بہ پاڻ پريو هيائين اها خدمت ڪندي پاڻ بہ انهي ئي بيماري جو بک ٿيو. پر اسان مسلمانن ڪيس سندس خدمتن جو اهو صلو ڏنو جو سندس بت پيچي ڇڏيو.

جيئن تہ اسان کي انڊونيشيا ۾ ڇہ هفتا ڪن گذري ويا هيا ۽ واپسي جا ڏينهن اچي چڪا هيا. ان ڪري اسان تيز تاڙي ٻڌڻ شروع ڪيا. فلائيٽ واري ڏينهن تي اسان ايئرپورٽ تي آياسين. اسان جي فلائيٽ ڊائريڪٽ نہ هئي. جهاز ۾ رش بہ نہ هئي. تمام ٿورا ماڻهو هيا. جهاز ٿائي ايئرلائين جو هيو. جڪارتا مان اڏامي سڌو اچي بينڪاڪ ۾ لٿو جتان تمام گهڻا ماڻهو چڙهيا. ڏيڍ بہ ڪلاڪ جهاز بينڪاڪ ۾ بيٺو رهيو. اسان بہ لائونج ۾ انتظار ڪندا رهياسين. ٻن ڪلاڪن کانپوءِ جهاز بينڪاڪ مان اڏاڻو ۽ خير سان اچي ڪراچي پهتو. اهڙي طرح انڊونيشيا جي سفر جو اختتام ٿيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪينيڊا ۽ آمريڪا جا پنڌ

مونکي دنيا گهمڻ جو شوق رهيو آهي ۽ قدرت منهنجي ان شوق جو چڱي نموني پورائو پڻ ڪيو آهي. ايشيا، آفريڪا، يورپ ۽ آمريڪا کنڊن جا مختلف ملڪ گهمندو رهيو آهيان. هونئن به سنڌي ۾ چوڻي آهي ته "گهٽي ڪاڌي کان گهڻو ڏٺو چڱو آهي". 2004ع ۾ انڊونيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي چڪر هڻي اچڻ کي اڃان هڪ سال مس گذريو ته ڪينيڊا ۽ آمريڪا وڃڻ جو پروگرام ٿي ويو.

ٿيو ائين جو منهنجي ٻيو نمبر نياڻي زهره جنهن جي شادي منهنجي دوست مرحوم آءِ.ڊي جوڻيجي جي فرزند شميم احمد سان ٿيل آهي. جيڪو ڪجهه ورهيه اڳ گهرواري ۽ ٽن ٻارڙن سان گڏ ڪينيڊا شفٽ ٿي ويو هيو. انهن کي هتان ويئي گهڻو عرصو ٿي چڪو هيو. منهنجي گهر واري چيو ته انهن سان ملي اچون. سيپٽمبر 2005ع ۾ اسان جو پروگرام ٿيو. مان به ڏينهن اڳ دبئي هليو ويس. جو ته زيبسٽ جي "بورڊ آف ٽرسٽيز" جي ميٽنگ رکيل هئي. منهنجي گهر واري ۽ منهنجي ننڍي نياڻي شيبا جرمن ايئر لائين "لفٿ هنسا" وسيلي دبئي آيون ۽ مان دبئي مان ساڳي فلائيٽ ۾ سوار ٿيس. اها فلائيٽ سڌو جرمني جي شهر "فرينڪفرٽ" پهتي. اسان جو فرينڪفرٽ رهڻ جو پروگرام هيو.

اصل ۾ اسان کي لنڊن مان ٿيندو وڃڻو هيو پر ڪجهه سببن ڪري اهو پروگرام نه ٿي سگهيو. مون اڳواٽ فرينڪفرٽ ۾ هڪڙي دوست خليل خان کي فون ڪري ڇڏي هئي جنهن اسان جي رهائش ۽ گهمڻ ڦرڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو هيو. پر منهنجي ڌيءُ ڪينيڊا مان فون ڪئي ته توهان فرينڪفرٽ ۾ نه ترسو ۽ سڌو اسان وٽ هليا اچو. جو ته ڪينيڊا ۾ سيارو شروع ٿيڻ وارو آهي جيڪو ڏاڍو سخت هوندو آهي توهان جي گهمڻ ڦرڻ جو مزو هليو ويندو. سنڌس زور ڀرڻ تي اسان فرينڪفرٽ ۾ ترسڻ جو پروگرام ڪينسل ڪيو هو. تنهنڪري فرئنڪفرٽ کان سڌو ٽورنٽو لاءِ سفر ڪيوسين ۽ پهرين سيپٽمبر 2005ع تي اچي ٽورنٽو ايئرپورٽ تي لٿاسين، جتي شميم احمد جوڻيجو ۽ سنڌس پٽ، منهنجو ڏوهٽو امداد حسين اسان کي وٺڻ لاءِ آيل هئا. شميم احمد وارن جي رهائش ٽورنٽو ڀرسان هڪ ٻئي شهر "مسي ساگا" ۾ آهي، جيڪو نهايت خوبصورت ۽ وڏنڊڙ شهر آهي. شميم احمد وٽ "سيون سيٽر" گاڏي هئي جنهن ۾ چڙهي اسان سنڌس گهر ڏانهن روانا ٿياسين. ڪينيڊا ۾ ٽڌ جي شروعات



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي پر برفباري جا ڏينهن پري هيا. گهر پهچڻ سان منهنجي نياڻي زهره ۽ سندس ڀڻ ڏيئرن ردا ۽ دانيا اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. وڏي نياڻي يارنهن سالن جي ۽ ٻيو نمبر اٺن سالن جي هئي. ٻچڙن سان ملي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. سيني ٻارن سان مِلئي ٿي ورهيه گذري ويا هيا. منهنجي گهر واري ۽ ننڍي ڌيءَ جي ته خوشيءَ جي حد ئي نه هئي. ٻارڙا به ڏاڍا ٻهڪن پيا.

اسان آرام وغيره ڪري شميم احمد سان گڏ نڪري سڌو هڪڙي شاپنگ مال تي وياسين. ان شاپنگ مال جو نالو "اسڪوائر ون" هيو. شاپنگ مال تمام وڏو هيو. اسان جو مقصد هيو ته هڪري موبائيل فون ۽ ڊجيٽل ڪيميرا وٺئون جيئن گهمڻ ڦرڻ مهل فوٽوگرافي ڪري سگهجي. منهنجو هڪڙو دوست محمد عبدالسليم ابوظهبي وارو جنهن جي فيملي اڄڪلهه ڪيناڊا ۾ رهي ٿي، ان دوست "اسڪوائر ون" شاپنگ مال بابت ڳالهه ڪئي هئي ته "ايڏو ته وڏو مال آهي جو هڪ دفعي اسان گاڏي بيهاري "اسڪوائر ون شاپنگ مال" ۾ خريداري ڪرڻ وياسين. خريداري ڪرڻ کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين ته اسان کي اهو گيٽ هٿ ئي نه ٿي آيو جنهن جي اڳيان اسان گاڏي بيهاري هئي. ڪلاڪ کن گهمڻ کانپوءِ گاڏي واري گيٽ تي پهتاسين." بهرحال اسان سڀ شاپنگ مال تي وياسين. مان ۽ منهنجي گهرواري هڪڙي هنڌ ويهي رهياسين. باقي سڀ شميم احمد سان گڏ خريداري ڪرڻ لاءِ ويا. انهن دير ڪئي ته اسان "المدينه حلال فوڊ" نالي لبناني ريسٽورنٽ ۾ وڃي سندن انتظار ڪرڻ لڳاسين، شميم احمد وارا به آيا ته اتي ئي رات جي ماني کائي پوءِ نڪتاسين ۽ گهر اچي آرام ڪيوسين.

ٻئي ڏينهن تي جمعو هيو. نيرن کان پوءِ شميم احمد چيو ته گهر لاءِ ڪجهه سيڌو سامان وٺڻو آهي، هلو ته هلون. مان سانس گڏ هليو ويس. شميم احمد سڌو "ڪاسڪو" نالي ڊپارٽمينٽل اسٽور تي پهتو جتي ضرورت جو هر سامان موجود هيو. اسٽور ايڪڙن ۾ ڦهليل هو، آٽي ۽ لوڻ کان وٺي گوشت ۽ ڀاڄين تائين يا وري صابڻ کان وٺي گهر ۾ استعمال ٿيندڙ هرهڪ شئي موجود هئي. ڪيترائي ماڻهو ٽرالين تي سامان رکندا ڪائونٽرن ڏانهن پئي ويا. ڏاڍو وڏو ۽ صاف سٿرو سپر اسٽور هيو. شميم احمد به مهيني جو گهر جو سارو سامان اتان ورتو ۽ مان وري مزي سان نظارو به ڏسندو رهيس ۽ سندس مدد پئي ڪيم. اهڙي طرح سيڌو سامان وٺي گهر موٽي آياسين. جمعي جو ڏينهن به گهر ۾ گذري ويو. سڀاڻي تي ڇنڇر هيو. ڇنڇر ۽ آچر وري موڪل هوندي آهي، جيڪا ڀرپور نموني گذاربي آهي.

هتي هڪڙي ڳالهه ڪندو هلان ته شميم احمد ڪيئن ڪئناڊا پهچڻ تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد روزگار سان لڳي ويو. شميم احمد کي بينڪنگ جو تجربو هيو. ڪيناڊا ۾ پهچڻ سان کيس هڪڙي دوست صلاح ڏني ته "ڪيناڊا ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ هڪڙو امتحان ٿيندو آهي جيڪو پاس ڪرڻ لازمي آهي، تون به اهو امتحان ڏئي ڇڏ." شميم احمد به ائين ڪيو ۽ اهو امتحان پاس ڪري ويو. امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ "رائل بينڪ آف ڪيناڊا" ۾ نوڪري لاءِ ايڊورٽائيزمينٽ آئي، شميم احمد کي بئنڪنگ جو تجربو هو، هن نوڪريءَ لاءِ اپلاءِ ڪيو ۽ کيس انٽرويو لاءِ گهرايو ويو. جڏهن سندس انٽرويو ٿيو ته انٽرويو وٺندڙ ليڊي کيس چيو ته، "تو جنهن نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏني آهي تون ان کان وڌيڪ لياقت، قابليت ۽ تجربو رکين ٿو. مان پنهنجي Boss سان ڳالهايان ٿي ته توکي ان کان مٿاهين پوسٽ تي رکيو وڃي." ليڊي ٿوري دير لاءِ ٻي ڪمري ۾ وئي ۽ موٽي اچي کيس ٻڌايو ته "تو جنهن گريڊ لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي اسان توکي ان کان هڪڙو گريڊ وڌيڪ ڏئي ملازمت ۾ رکون ٿا." اهڙي طرح شميم احمد کي اتي وڃڻ جي ڪجهه مهينن ۾ ئي نوڪري ملي وئي. ان کان پوءِ کيس پروموشن ۽ ڪجهه تعريفي سرٽيفڪيٽ به ملي چڪا آهن ۽ هن وقت هو سٺي اسٽيٽس واري پوزيشن ۾ آهي.

چنچر تي شميم احمد چيو ته اڄ ٽورنٽو ۾ هڪڙي جڳهه آهي "سينٽرل آئليند"، اها گهمڻ هلنداسين هونئن ته ٽورنٽو ۽ مسي ساگا جدا جدا شهر آهن پر ٻنهي جي وچ ۾ ڪوبه فاصلو ڪونهي ۽ جاڙا شهر آهن. هڪڙو ختم ئي نه ٿيندو ته ٻيو شروع ٿي ويندو. خبر ئي نه پوندي ته ڪهڙو شهر ڪٿي ختم ٿيو ۽ ڪهڙو شهر ڪٿان شروع ٿيو. اسان به گاڏي ۾ چڙهي نڪري پياسين. ٽورنٽو شهر مان لنگهندا وڃي اونٽاريو ڍنڍ جي ڪناري تي پهتاسين جتان ٽڪيٽ وٺي لانچ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. لانچ آئي ته چڙهي "سينٽرل آئليند" ڏانهن روانا ٿياسين. لانچ ۾ ڪوڙ سارا ماڻهو هيا. پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ٻيٽ تي پهتاسين. ٻيٽ تي سوين ماڻهو موجود هيا. ننڍين ٻارن لاءِ هڪڙو پارڪ هيو جتي ٻار راند ڪري رهيا هيا. ويڪ اينڊ هجڻ سبب ڪجهه ماڻهو ماني تيار ڪري ڪٽي ايندا آهن ۽ سڄو ڏينهن گذاري رات جو دير سان گهرن ڏانهن ويندا آهن. ڏاڍو خوبصورت ٻيٽ هيو. وڏا وڏا باغ، وڻ، گل ۽ عجيب قسمن جا ٻوٽا هيا، ڪيترائي کاڌي پيتي جا دوڪان به هيا، جتان مختلف خوراڪون ۽ مشروبات ملي رهيا هيا. هر رنگ، نسل ۽ قوم جا ماڻهو موجود هيا.

اتي هڪڙي ڳالهه اسان کي ڏاڍو شرمندو ڪيو. ٿيو ائين ته ڪجهه پاڪستاني ۽ هندوستاني فيمليون به تفريح لاءِ آيل هيون. انهن ايترو ته گند ڦهلايو ۽ خالي بوتلون، سگريٽن جا خالي پاڪيٽ، بسڪوٽن جا خالي دٻا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏا وغيره اڇليا جو سڄو ماحول گندگي سان پرجي ويو. نہ تہ اڪثر ماڻهو پاڻ سان گڏ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون وغيره کڻي ايندا آهن ۽ کائڻ پيئڻ کانپوءِ بچيل خوراڪ يا هڏا وغيره انهن ٿيلهين ۾ وجهي ڊسٽ بن/ گند پيٽين ۾ اڇليندا آهن، جيڪي هنڌ هنڌ تي پيون آهن. پر پاڪستاني ۽ هندوستاني ماڻهن صفائي سترائيءَ جو ڪو خيال نہ ڪيو.

آئلينڊ تي ڪجهہ وقت گذاري اسان ٽورنٽو شهر ڏانهن موٽي آياسين. ٽورنٽو لفظ قديم آمريڪي رهاڪن يعني ريڊ انڊين جي ٻولي جو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ملڻ جي جاءِ" اونٽاريو صوبي جي گادي واري هن شهر جي آبادي چار لک کن ٿيندي. هن شهر کي 1834ع تائين "يارڪ پورٽ" جي نالي سان سڏيو ويندو هيو. ٽورنٽو شهر ڪيناڊا جو مک صنعتي ۽ ڪاروباري مرڪز آهي. هن شهر ۾ جهاز سازي، زرعي مشينري ۽ ڪاٽن/فوڊ پيڪنگ جا ڪارخانا آهن، جڏهن تہ ٽورنٽو ڇپائي جو بہ هڪ وڏو مرڪز آهي. ان کان سواءِ ٽورنٽو شهر جي حيثيت ڪيناڊا جي ثقافتي مرڪز جي بہ آهي، هتي ڪيترائي ٿيٽر آهن ۽ فلم انڊسٽري جو مرڪز پڻ آهي. هتي 1749ع ۾ فرينچن جو ٺهيل قديم قلعو بہ آهي، جڏهن تہ 53-هزار تماشائين جي ويهڻ جي گنجائش واري "اسپورٽس ارينا" بہ آهي جنهن کي "اسڪاءِ ڊوم" سڏيو ويجي ٿو. اها اسپورٽس ارينا، روم واري ڪولوزيم کان گهٽي وڏي آهي. ٽورنٽو شهر 1793ع کان اونٽاريو صوبي جي گادي آهي. اسان ٽورنٽو شهر مان گهمندا ۽ چڪر هڻندا واپس "مسي ساگا" ۾ پنهنجي گهر ڏانهن موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن شميم احمد چيو تہ اڄ آچر آهي، هلو تہ شيڪسپيئر جو شهر "اسٽريٽفورڊ" گهمي اچئون. مان حيران ٿي ويس تہ شيڪسپيئر تہ انگلستان جو هيو. پر شميم ٻڌايو تہ هتي لنڊن شهر بہ آهي جيڪو ٽورنٽو کان سئو ڪلوميٽر پري آهي. اصل ۾ انگريزن، ڪيناڊا ۽ آمريڪا تي قبضي کانپوءِ هتي جيڪي شهر آباد ڪيا انهن مان ڪيترن جا نالا ساڳيا رکيا اٿن. اهڙي طرح شيڪسپيئر جو شهر بہ اسٽريٽفورڊ جي نالي سان هتي آهي. اسان اسٽريٽفورڊ وياسين تہ اهو شهر بہ اصل اسٽريٽفورڊ جي مهانڊي آهي. اتي "ايون" نالي ننڍڙي نهر بہ ٺاهي اٿن ۽ ٿيٽر بہ قائم ڪيا اٿن، جتي شيڪسپيئر جا ڊراما اسٽيج ڪيا وڃن ٿا. آچر جي ڏينهن سبب شهر ۾ ان جا ٿيٽر ماڻهن سان ڀريل هئا. "ميڪشفٽ مارڪيٽ" بہ آچر ڏينهن لڳندو آهي جتي مختلف مصور پنهنجون تصويرون کڻي اچن ٿا. ڏاڍو مزو لڳو پيو هيو. سڄي دنيا جا ماڻهو موجود هئا.

اسان گهمي ڦري موٽي آياسين. ان ڏينهن پنجين سيپٽمبر هئي. مون کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ياد ٿي نہ هيو تہ 5-سيپٽمبر منهنجي سالگره آهي ۽ ٻارڙن بہ سرپرائيز ڏيڻ خاطر مون کي اڳ ۾ نہ ٻڌايو. انهن پنهنجن دوستن وغيره کي انوائيٽ ڪري ورتو. شام جو شميم احمد جو ياءُ ڊاڪٽر منير ۽ سندس فيملي وارا آيا جيڪي ٽورنٽو پرسان سينٽ ڪيٿرن وليج رهندا هئا سي آيا ۽ پاٽيجي سارا بہ آئي جيڪا يونيورسٽي ۾ پڙهي پئي، ان کان سواءِ نويد بلوچ جيڪو اڄڪلهہ پاڪستان جو فنانس سيڪريٽري آهي ۽ غلام مجتبيٰ جتوئي جو نياٽو آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ اتي رهندو هيو. سندس والد شير محمد بلوچ بہ آبپاشي جو سيڪريٽري رهيو آهي، نويد بلوچ بہ پنهنجي فيملي سان گڏ آيو. جڏهن مون ايترا ماڻهو ڏٺا تہ پوءِ مونکي ٻڌاياٿون تہ تنهنجي سالگره آهي، ڪيڪ ڪاٽڻ کانپوءِ ڊاڪٽر شهاب الدين جوڻيجي چيو تہ مان اڳواٽ ڊنر جو انتظام ڪري آيو آهيان، ان ڪري سڀئي گڏجي هلو تہ ڊنر ڪنداسين. ڊاڪٽر شهاب الدين جو والد غياث الدين جوڻيجو بہ صوبائي سيڪريٽري رهيو آهي. پوءِ "حويلي" نالي پاڪستاني ريسٽورنٽ ۾ وڃي ڊنر ڪئي سين. وڏو بوفي لڳل هيو جنهن ۾ پاڪستاني کاڌن سان گڏ انڊين، چائينيز، اٽالين ۽ ٻين ڪيترن قسمن جا کاڌا رکيل هيا. ڊنر کان پوءِ ڪچهري ڪري دير سان گهر موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن ٿڪاوٽ سبب آرام ڪيوسين ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ رهياسين. ان وچ ۾ مونکي شميم احمد ۽ سندس گهر واري چيو تہ توهان گهمڻ لاءِ ٽوئر پروگرام خريد ڪيو. ٽن ڏينهن جي ٽوئر پروگرام ۾ توهان کي "اوٽاوا" مانٽريال ۽ ڪيوبڪ سميت ڪيترائي هنڌ گهمائيندا. مون بہ چيو تہ تجويز نيڪ آ، گهر ۾ ويهڻ کان بهتر آ تہ گهمي وٺجي. پوءِ مان ۽ شميم احمد بڪنگ ڪرائي آياسين. ٽوئر ڪمپني وارن اسان کي ٻڌايو تہ بس صبح جو پوري ساڍي ڇهين وڳي رواني ٿيندي. ٻئي ڏينهن تي مان، منهنجي گهرواري فاطمہ ۽ منهنجي نياڻي شيبا صبح جو سوير تيار ٿي ڇهين وڳي ٽوئر ڪمپني جي آفيس پهتاسين، جتي بس اسان جي انتظار ۾ بيٺي هئي. ساڍي ڇهين وڳي بس رڙهڻ شروع ڪيو ۽ سڌو شهر کان ٻاهر نڪري هڪڙي هنڌ بيٺي. ڊرائيور اعلان ڪيو تہ سامهون پبلڪ واش روم آهن صبح جو وقت آهي سڀ مسافر فطري ضرورتن کان واندا ٿي اچو تہ پوءِ هلنداسين. سڀ مسافر لهي پيا جن کي واش روم ۾ وڃڻ جي ضرورت هئي، اهي اندر هليا ويا ۽ ٻيا ٻاهر بيهي رهيا. واش روم انتهائي صاف ۽ چمڪندڙ هيا. ڪنهن بہ قسم جي بوءِ وغيره نہ ٿي آئي. واش بيسن ۾ هٿ ڌوئڻ لاءِ شيمپو ۽ صابڻ بہ موجود هيا.

ان کانپوءِ سڀ مسافر بس ۾ چڙهياسين. سرسبز علائقي مان گذرندي بس "ڪنگسٽن" نالي شهر ۾ اچي پهتي. هي ننڍڙو پر خوبصورت شهر "اوٽاوا" کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ ڪيناڊا جي گادي جو هنڌ هيو. ان ڪري هن شهر ۾ ڪيتريون ئي وڏيون عمارتون پڻ آهن. اونٽاريو ڍنڍ جي ڪناري تي ٺهيل هيو. جهاز سازي جي صنعت ۽ مشينري جي مختلف ڪارخانن سبب هي شهر هڪ وڏو صنعتي مرڪز بہ آهي. اسان کي بس ڪنگسٽن جي سٽي/ٽائون هال وٽ لاٿو. اهو ٽائون هال بہ سئو ورهين کان وڌيڪ پراڻو هيو ۽ 1748ع ۾ انگريزن پاران قبضو ڪري فرينچن کي ڀڄائڻ کان گهڻو پوءِ ٺهيل هيو. فرينچ قبضي جي نشاني طور سترهين صدي جو ٺهيل هڪ قلعو بہ ڪنگسٽن ۾ موجود آهي. هونئن ڪنگسٽن نالي سان هڪڙو شهر ويسٽ انڊيز جي رياست جميڪا جي گادي جو هنڌ بہ آهي ۽ ٻيو ڪنگسٽن وري برطانيہ ۾ سري ڪائونٽي جو هيڊ ڪوارٽر بہ آهي. اهي ٻئي ڪنگسٽن، ڪيناڊا واري ڪنگسٽن کان وڏا آهن.

بهرحال اسان ڪجهہ وقت اتي گهميا ڦرياسين پوءِ بس ۾ چڙهي اڳتي روانا ٿياسين. اڳتي هلي هڪڙي هنڌ تي مانجهاندي لاءِ بيهاسين. لنچ، ٽوئر پيڪيج ۾ شامل نہ هئي، ان ڪري سڀني پنهنجي پئسن مان ماني کاڌي. ان هنڌ تي بہ وڏا ريسٽورينٽ هيا جن تي "فوڊ ڪورٽ" لکيل هيو. لنچ ڪري بس ۾ چڙهي پياسين ۽ سڌو "اوٽاوا" پهتاسين.

اوٽاوا شهر 1858ع ۾ برطانيہ جي راڻي وڪٽوريا جي تجويز تي "ڪينيڊا" جي گادي جو هنڌ بڻايو ويو. هي سهڻو شهر ٻن حصن ۾ آهي، هڪ حصي کي اپر ٽائون ۽ ٻئي حصي کي لوئر ٽائون ڪري سڏين ٿا. شهر جا ٻئي حصا "رڊيو ڪينال" جي الهندي ۽ اڀرندي ڪناري تي آهن. هي شهر، ڪينيڊا جو صنعتي مرڪز بہ آهي، هتي ڇپائي، فوڊ پروسيسنگ ۽ انجنيئرنگ انڊسٽري تي مشتمل ڪارخانن کان سواءِ عمارتي ڪاٺ جو بہ وڏو ڪاروبار ٿيندو آهي.

اوٽاوا ۾ پهچڻ سان سڌو پارليامينٽ هائوس وياسين. پارليامينٽ هائوس گهمڻ کانپوءِ، سڪن ٺاهڻ جي ڪارخاني تي وياسين جتي مختلف ماليت جا سڪا ٺهي رهيا هيا. ميوزيم بہ گهميوسين. ميوزيم ويجهو نيشنل آرٽ گيلري هئي، جتي دنيا جي مشهور مصورن جا فن پارا هيا. ان کان سواءِ "رڊيو هال" جيڪو گورنر جنرل جي رهائشگاهہ هوندو هيو، اهو بہ گهميوسين. جڏهن تہ اتي هڪڙي آبزرويٽري (فلڪياتي 'رصد گاهہ') بہ ڏسڻ جو موقعو مليو. جتي خلاءَ جي مشاهدي لاءِ دوربينون ۽ ٻيو سامان هيو.

اوٽاوا مان شام جو نڪتاسين. ڊرائيور جيڪو اسان جو گائيڊ بہ هيو. ان چيو تہ رات هلي مانٽريال ۾ ٿينداسين. مختلف ننڍن ڳوٺن ۽ شهرن مان گهمندا اچي مانٽريال جي ٻاهران پهتاسين. رات ٿي چڪي هئي ۽ ماني جو ٽائيم هيو. ڊنر، ٽوئر ڪمپني پاران هئي. ڊرائيور هڪڙي ريسٽورينٽ اڳيان بس بيهاري.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ريسٽورينٽ ۾ ٽوئر ڪمپني پاران اڳواٽ هڪڙو هال رزرو ڪرايل هيو تہ جيئن اسان کي ڪابہ تڪليف نہ ٿئي. ماني لاءِ شاندار قسم جو "بوفي" لڳل هيو ۽ مختلف قسمن جا ڪاڌا فروٽ، سافٽ ڊرنڪ، سلاد، ڪسٽرڊ ۽ آئيس ڪريم جا مختلف فليور، اسٽالن تي سجايل هيا. ان کانسواءِ ڪافي وغيره جو انتظام بہ هيو. سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيو تہ ڇا کائجي، ڊنر کان پوءِ بس ۾ چڙهي مانٽريال شهر ۾ آياسين جتي هڪڙي هوٽل ۾ اسان جو انتظام ٿيل هيو. اسان کي ٻڌايو ويو تہ صبح جو نيرن هر ڪو پنهنجي ڪمري تي ڪري تيار ٿي نائين وڳي نڪرندو. ڪمري تي اچي سمهي پياسين. سڄي ڏينهن جو ٿڪ هيو. مون پڙهڻ لاءِ ڪجهہ ڪتاب ساڻ کنيا هيا پر ننڊ ٿي آئي، ان ڪري مطالعي جو خيال ڇڏي سمهي پيس. صبح جو ننڊ مان اٿي نيرن ڪري تيار ٿي مانٽريال شهر گهمڻ نڪتاسين.

سڀ کان اڳ ۾ اسان مانٽريال شهر ۾ قائم ٿيل اولمپڪ وليج ڏسڻ وياسين جيڪو اولمپڪ راندين لاءِ ٺاهيو ويو هيو ۽ بعد ۾ ان کي ٽوئرسٽ سائيٽ طور محفوظ ڪيو ويو آهي. مانٽريال شهر پيرس کان پوءِ فرينچ ڳالهائيندڙن جو دنيا ۾ ٻيو وڏو شهر آهي. 1535ع ۾ هتي فرينچ آبادڪار پهتا ۽ انهن واپاري ڪوٺي قائم ڪئي ۽ ان ڳوٺ جو نالو "ولي ميري" رکيو ويو جيڪو 1642ع ۾ "مانٽريال" ٿي ويو. 1760ع ۾ فرانس کان برطانيہ هن شهر جو ڪنٽرول کسي ورتو. هتي ٽي يونيورسٽيون آهن. شهر جو پراڻو حصو فرينچ دور جي يادگارن سان ڀريل آهي. هن شهر جو نالو "مائونٽ رائل" نالي ٽڪري تان مانٽريال رکيو ويو. جيڪا شهر جي وچ ۾ ۽ 753 فوٽ اوچي آهي. سوا ٽي لک آبادي جو هي شهر اوٽاوا ندي ۽ سينٽ لارينس ندي جي ميلاپ واري هنڌ تي آهي جن تي ڪيئي خوبصورت پليون آهن.

سڄو ڏينهن مانٽريال شهر گهمندا رهياسين. هتي پيٽرو ڪيميڪل، شگر، دوائن ۽ هوائي جهازن جا ڪارخانا پڻ آهن. ان کان سواءِ گوشت جي پيڪنگ جا بہ ڪوڙ سارا ڪارخانا آهن، مانٽريال شهر انتهائي مصروف ۽ ڪاروباري شهر پڻ آهي.مانٽريال جو هوائي اڏو بہ تمام وڏو آهي، جتي روزانو سوين جهاز لينڊ ڪندا ۽ اڏامندا آهن. مانٽريال شهر جي شهرت جو هڪڙو سبب "مانٽريال پروٽوڪول" نالي عالمي معاهدو آهي جيڪو 1987ع ۾ هن شهر ۾ ڪيو ويو هيو. هن معاهدي ۾ دنيا جي ملڪن اهو طئي ڪيو هيو تہ ڌرتي جي چوڌاري "اوزون گيس" جي تهہ کي بچائڻ لاءِ اهڙن ڪيميڪلس ۽ گيسن جي تياري ۽ استعمال کي 2000ع تائين پنجٽيهہ سيڪڙو گهٽايو ويندو جيڪي اوزون کي نقصان پهچائي رهيون آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانٽريال شهر گھمڻ ڪانپوءِ اسان ”ڪيوبيڪ“ ڏانهن روانا ٿياسين جتي رات ترسڻ جو پروگرام هيو. اسان ڪي ٻڌايائون تہ اچوڪي ڊنر ٽوئر پيڪيج ۾ شامل ناهي ان ڪري توهان جي مرضي آهي تہ جتي بہ وڃي پنهنجي ڪيسي مان ڊنر ڪيو. اسان هوٽل تي سامان رکي تيار ٿي پنهنجي منهن سان ڊنر ڪرڻ لاءِ نڪري پياسين. منهنجي گھرواري ۽ نياڻي شيبا جو خيال هيو تہ ڪنهن فرينچ ريسٽورينٽ تي هلي ڊنر ڪجي. هونئن بہ ”ڪيوبيڪ“ شهر ۽ صوبو فرينچ ماڻهن جي اڪثريت وارو آهي. شهر ۾ فرينچ اسٽائل جا هوٽل، گھر ۽ ڪلب هر هنڌ تي پکڙيل آهن، هي شهر ڪينيڊا ۾ فرينچ ڪلچر جو مرڪز آهي. هتي بہ يونيورسٽيون بہ آهن. جن مان ”لاوال يونيورسٽي“ 1663ع ۾ قائم ڪئي وئي جيڪا اتر آمريڪا جي قديم ترين يونيورسٽي آهي. جڏهن تہ ”ڪيو بيڪ يونيورسٽي“ 1969ع ۾ قائم ڪي وئي.

ڪيوبيڪ شهر، سينٽ لارينس ندي جي ڪناري تي آهي. بہ لک آبادي تي مشتمل هي شهر پڻ صنعتي شهر آهي. ڪاغذ، چمڙي ۽ ٽيڪسٽائل انڊسٽري کان سواءِ پبلشنگ جو ڪم بہ هتي وڏي پيماني تي ٿيندو آهي شهر جا سيء سائين بورڊ فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، چاڪاڻ تہ 1989ع ۾ هڪڙي قانون هيٺ روڊن ۽ گھٽين ۾ انگريزي ۾ سائن بورڊ لکڻ تي بندش وڌي وئي هئي. ڪيوبيڪ شهر، ڪيوبيڪ صوبي جي گاديءَ جو هنڌ پڻ آهي. ڪيوبيڪ صوبي ۾ 83 سيڪڙو فرينچ ڳالهائيندڙ ۽ 17 سيڪڙو انگريزي ڳالهائيندڙ آهن، هي صوبو معدني دولت سان پڻ مالا مال آهي، هتي سون ۽ ٽامي، لوهہ ۽ جست جون ڪيترين ئي کاڻيون آهن.

ڪيوبيڪ صوبي جو نالو 1534ع کان 1763ع تائين فرينچ آباد ڪارن جي دور ۾ نيو فرانس هيو. برطانوي قبضي کان پوءِ ڪيوبيڪ نالو رکيو ويو. ويهين صدي جي ڇهين ڏهاڪي ۾ فرينچ قومپرستن ڪيوبيڪ جي ڪينيڊا کان آزادي جي جدوجهد شروع ڪئي. قومپرستن پنهنجي جدوجهد جو بنياد فرينچ ٻولي، رسمن ۽ ريتن، فرينچ سول لا ۽ ڪلچر تي رکيو. اول تہ ”ريني ليوسڪ“ جي اڳواڻيءَ ۾ ”ڪيوبيڪوئس پارٽي“ جو بنياد رکيو ويو. جيڪا اڳتي هلي ”ڪيوبيڪ لبريشن فرنٽ“ بڻجي وئي.

ان جدوجهد ايترو تہ زور ورتو جو فرانس جي صدر ”چارلس ڊي گال“ بہ انهن جي حمايت ڪئي ۽ ڪيوبيڪ کي فرانس جو حصو قرار ڏنائين. بهرحال قومپرستن جي جدوجهد جاري رهي ۽ 1980ع ۾ ڪيوبيڪ جي ڪينيڊا کان آزادي جي سوال تي ريفرنڊم ڪرايو ويو. پر عجيب ڳالهہ اها تي جو قومپرست ريفرينڊم هارائي ويا. فرينچ ماڻهن جي اڪثريت سندن آزادي واري مطالبي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حمايت نه ڪئي ۽ ڪينيڊا سان گڏ رهڻ کي ترجيح ڏني.

مان اڳ ۾ به ٻڌائي آيو آهيان ته 1974ع ۾ جڏهن مان اقوامِ متحده جي جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستان جي نمائندي طور ويو هيس ته ٻين نمائندن سان گڏ ڪينيڊا به ويو هيس. اتي نياگرا آبشار تي ڪينيڊا واري پاسي هڪڙي هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪري کان پڇيو هيوسين ته تون ڪينيڊين آهين ته ان وراڻيو هيو ته مان فرينچ ڪينيڊين آهيان. مطلب ته ڪيوبيڪ جا ماڻهو پنهنجي قوميت بابت انتهائي حساس آهن ۽ علحدگي جي حمايت نه ڪندي به پنهنجي قومي سڃاڻپ ۽ ٻولي ڏانهن نهايت قومپرستاڻو رويو رکن ٿا ۽ فخر ڪن ٿا. ڪيوبيڪ ۾ به گهمڻ دوران مينهن ڏاڍو پيو. جنهن سبب اسان جي گهمڻ جو مزو هليو ويو. ايترو ته مينهن پيو جو اسان کي ڇرڻ پرڻ ئي نه ڇڏيائين. ٿورو گهڻو گهمي سگهياسين، نه ته هوٽل يا بس ۾ ويٺا رهياسين. پوءِ اسان جي واپسي جو سفر شروع ٿيو. ڪيوبيڪ کان واپس ايندي، رستي تي اونٽاريو ڍنڍ تي بيٺاسين ۽ لانچ ۾ چڙهي ڍنڍ جو سير ڪرڻ لڳاسين. اونٽاريو ڍنڍ دنيا جي چوڏهون نمبر وڏي ڍنڍ آهي. هيءَ ڍنڍ 19547 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي ۾ پکڙيل آهي. اونٽاريو ڍنڍ، ڪينيڊا ۽ آمريڪا، ٻنهي ملڪن ۾ آهي.

اونٽاريو ڍنڍ ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا ٻيٽ آهن، ڍنڍ جو سير ڪندي اهي ٻيٽ ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا هئا ۽ انهن تي پکڙيل ساوڪ اکين کي وڻي رهي هئي. وڻن وڻن ٻارن ۾ گل پوکيل هيا. ڪلاڪ ڪن جي سير کان پوءِ موٽي اچي بس ۾ ويٺاسين. بس سڌو ٽورنٽو جي مک ٽرمينل تي آئي. اتان وري گهمندي گهمندي "مسي ساگا" پهتي، جتي اسان کي لاهي هلي وئي. انهن ٽن ڏينهن ۽ ٻن راتين جي ٽوئر ۾ اوٽاوا، مانٽريال ۽ ڪيوبيڪ شهرن جو چڱي نموني سير ڪيوسين.

"مسي ساگا" ۾ رهڻ دوران ڪجهه پراڻن دوستن سان به ملاقات ٿي وئي. انهن مان هڪڙو دوست مسقط ۾ هڪڙي وڏي فرم جو جنرل مينيجر هوندو هيو ۽ منهنجي سفارتڪاري واري دور ۾ ساڻس دوستي ٿي هئي. سندس نالو صغير حسين آهي ۽ اجڪلهه ڪيناڊا ۾ رهي ٿو. سندس رهائش "مسي ساگا" جي ويجهو "ڊان هل" نالي شهر ۾ آهي. کيس خبر پئي ته مون سان ملڻ آيو ۽ مونکي اڪثر گهمائيندو ڦيرائيندو هيو. ان سان گڏ لانگ ڊرائيو تي نڪري ويندا هياسين ۽ ننڍا وڏا ڳوٺ گهمندا هياسين.

اتي ڪجهه سنڌي ماڻهن سان به ملاقاتون ٿيون، جيڪي فيملين سوڌو ڪينيڊا ۾ سيٽل آهن. انهن مان "التونيه ميمڻ" نالي هڪ ڇوڪرو به آهي. سندس والد محمد عثمان ميمڻ، رتيديري ۾ مختيارڪار هوندو هيو. انهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ۾ ”التونيه“ ننڍڙو هيو. سندس رهائش ”مسي ساگا“ ويجهو هڪڙي ننڍڙي شهر ۾ هئي. مون کي چيائين ته ”چاچا منهنجي دعوت ڪائي وڃو.“ مون کيس چيو ته، مان شميم وارن جي حوالي آهيان. چيائين ته مان انهن کي به چوان ٿو. ان وچ ۾ شميم جو ياءُ ڊاڪٽر منير آيو جيڪو ”نياگرا آبشار“ ويجهو ”سينٽ ڪيٿرين“ وليج ۾ رهندو آهي. سينٽ ڪيٿرين نالي ۾ ته وليج آهي پر ننڍڙو شهر آهي ۽ اتي به وڏن شهرن جهڙا مال آهن. منير چيو ته منهنجي ڊنر کائي وڃو پر اڳ ۾ اچجو ته جيئن نياگرافال جو چڪر هڻي پوءِ ڊنر ڪري موٽجو.

چنچر جو ڏينهن هيو، منجهند کان پوءِ اسان سڀ مسي ساگا مان نڪتاسين ۽ شام جو سينٽ ڪيٿرين وليج پهتاسين. اتان گڏجي نياگرا آبشار تي وياسين. نياگرا آبشار منهنجو اڳ ۾ به دفعا گهميل هيو. هڪڙو دفعو 1974ع ۾ ۽ ٻيو دفعو 1994ع ۾ گهمي آيو هيس ۽ هاڻي وري 2005ع ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. پر هر دفعي گهمڻ ۾ نئون مزو آيو. ڪجهه نوان ريسٽورينٽ ۽ تفريح گاهه ٺهيل هيا. پارڪنگ ايريا به گذريل پيرن کان وڌيڪ ويڪري ٿي چڪي هئي.

نياگرا آبشار تان گهمي سينٽ ڪيٿرين موٽي آياسين ۽ ڊنر ڪئي سين. ڊنر جو انتظام ڊاڪٽر منير ڏاڍو شاندار ڪيو هيو ۽ ان ۾ خاص طور تي مختلف ملڪن جون ڊشز رکيون هيائين. ڏاڍو مزو آيو. ڊنر کان پوءِ رات جو دير تائين مان، شميم احمد ۽ ڊاڪٽر منير ڪچهري ڪندا رهياسين. جڏهن ته منهنجي گهرواري فاطمه ۽ منهنجي نياڻي شيبا عورتن وري جدا ڪچهريءَ جو ميلو مچايو. ڪچهري ڪري ڪافي وغيره پي جڏهن ننڊ جا جهوٽا اچڻ لڳا ته واپس مسي ساگا موٽي آياسين.

ڪينيڊا ايراضي ۾ ته آمريڪا کان گهٽو وڏو آهي پر آباديءَ ۾ ان جي پنجين حصي جيترو آهي. ڪينيڊا جي شهرين کي آمريڪي شهرين کان وڌيڪ سهولتون آهن ڇو ته ڪينيڊا ويلفيئر اسٽيٽ آهي ۽ اتي اسڪول ليول تائين تعليم مفت آهي. تعليم نه رڳو مفت آهي بلڪ ٻيون به ڪيتريون سهولتون آهن، اسڪول ويندڙ ننڍڙي ٻار کي مفت تعليم سان گڏ به سئو ڊالر ماهوار خرچي به ڏني ويندي آهي. ڪينيڊا جي آبادي 1998ع جي آدمشماري موجب ٽي ڪروڙ ٽيهه لک آهي، جڏهن ته ڪينيڊا جي ايراضي نوانوي لک ستر هزار چورس ڪلوميٽر آهي. صحت جي زمري ۾ پڻ ميڊيڪل ايڊ مفت آهي. ڪينيڊا ۾ ستر سيڪڙو ماڻهو انگريزي ڳالهائيندڙ ويهه سيڪڙو فرينچ ڳالهائيندڙ جڏهن ته باقي ڏهه سيڪڙو ماڻهو ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن. انگلش ۽ فرينچ سرڪاري ٻوليون آهن. مذهبي طور تي 46% سيڪڙو رومن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيٿولڪ، 35% سيڪڙو پروٽيسٽنٽ عيسائي جڏهن ته باقي اٺويهه سيڪڙو مسلمان، يهودي، هندو ۽ ٻڌ ڌرم سان واسطو رکندڙ شامل آهن. پڙهيل ماڻهن جو تناسب نوانوي سيڪڙو آهي.

ڪينيڊا معدني طور تي انتهائي مالامال ملڪ آهي، دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ يورينيم هتي نڪري ٿو، جڏهن ته تيل، گيس، لوهه، ٽامو ڪوئلو، المونيم ۽ ٻيا ڪيترائي ڌاتو ڪينيڊا ٻاهر موڪلي ٿو. ان کان سواءِ ڪاٺ، دوائن، موٽر گاڏين، صنعتي ۽ زرعي مشينري، اخباري ڪاغذ، مڇي، عمارتي ڪاٺ ۽ پارٽ سميت ڪيترين ئي شين جي روانگي واپار ڪينيڊا کي دنيا جي دولتمند ملڪن جي صفن ۾ بيهاريو آهي. ڪينيڊا ۾ هر رنگ نسل جا ماڻهو رهن ٿا. ڪينيڊا جي ڪرنسي ڪينيڊين ڊالر آهي. سياسي طور تي ڪينيڊا هڪ ڪنفيڊريشن آهي جنهن جو قيام 1867ع ۾ عمل ۾ آيو. ڪينيڊا ۾ آئيني بادشاهت آهي ۽ برطانوي راڻي جو نمائندو گورنر جنرل جي حيثيت ۾ موجود هوندو آهي، باقي سڀ اختيار وزيراعظم وٽ هوندا آهن جيڪو حڪومت جو سربراهه هوندو آهي.

هڪڙي ڏينهن مان گهر جي هيٺئين حصي ۾ ويٺو ٽي.وي ڏسي رهيو هيس، اهو 27- سيپٽمبر 2005ع جو ڏينهن هيو. ٽي.وي تي چينل ڦيرائيندي هڪڙي مقامي اسٽيشن لڳي وئي. ان چينل تي "مسي ساگا" جي سٽي ڪائونسل جو اجلاس سڌو سنئون هلي رهيو هيو. ان جي صدارت شهر جي ميئر ڪري رهي هئي. اها عورت اٽڪل 25 ورهين کان ميئر طور چونڊبي اچي ٿي. سندس عمر 80 ورهيه کن هئي. ان اجلاس جي سڌو سنئون ڪارروائي ڏسي مان ته حيران رهجي ويس. ڇوته اسان کي ته پاڪستان جي اسيمبلين ۽ بلدياتي ادارن جي اجلاسن جو تجربو آهي، جن ۾ وڏو هل هنگامو ۽ مڇي مارڪيٽ جهڙو گوڙ شور هوندو اهي. پر "مسي ساگا" جي سٽي ڪائونسل جو اجلاس ۽ ميمبرن جو رويو ڏسي مان حيران ٿي ويس. مخالف ڌر به هئي جيڪا تنقيد به ڪري رهي هئي، پر اهو سڄو عمل انتهائي سهڻي نموني هلي رهيو هيو. منهنجي دل مان اهو آواز به ٿي نڪتو ته "ڪاش خدا اسان جي ملڪ جي اسيمبلي ۽ بلدياتي ميمبرن کي هوش ڏئي ۽ اهي پارلياماني جمهوريت کي سمجهي سگهن."

ان اجلاس کان اڳ ۾ مان اونٽاريو صوبي جي "هائوس آف ڪامنس" جو اجلاس به سڌو سنئون ٽي وي تي ڏسي چڪو هيس. ان مهل اتي سوالن جو وقفو هيو. ميمبر سوال ڪري رهيا هيا ۽ وزيرجواب ڏئي رهيا هيا. ڪو جهيڙو جهڳڙو يا بدڪلامي نه هئي. سوال ڪرڻ وقت به تاڙيون پئي وڳيون ۽ جواب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڻ تي به تاڙيون پئي وڳيون. اهو سيشن ڏسي اسان کي پنهنجي اسيمبلين جا مختلف واقعا ذهن ۾ پئي ڦريا.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شاگردي واري دور ۾ مان ڪراچيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي جا اجلاس ڏسڻ ويندو هيس. انهن ڏينهن ۾ سيد ميران محمد شاهه اسپيڪر هيو. سنڌس انگريزي شاندار هوندي هئي. اجلاس انتهائي سهڻي نموني ڪنڊڪٽ ڪندو هيو. مجال آ جو ڪوبه ميمبر قائدي قانون کان ٻاهر وڃي. ڪنهن به قسم جو گوڙ شور نه ڏٺوسين. بعد ۾ ته اسيمبليون بدتر ٿي ويون. انهن ڏينهن ۾ اسيمبلين جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ قاعدن ۽ قانونن جو هڪڙو ڪتاب "مي" (May) نالي انگريز جو لکيل هوندو هيو. ڪتاب جو نالو هيو (Law and Practice of Parliament) اسان پاڻ ڏٺوسين ته سنڌ اسيمبلي ۾ جڏهن به ڪو "پوائنٽ آف آرڊر" اٿندو هيو ته سيد ميران محمد شاهه فورن اهو ڪتاب کولي، ان مان ريفرنس ڏيندو هيو.

جيئن ته منهنجو دوست صغير حسين جيڪو مسقط ۾ هڪڙي ملٽي نيشنل ڪمپني ۾ ڊائريڪٽر هوندو هيو. ان ملٽي نيشنل ڪمپني جي بينڪ به هئي، اتي رهندي هن پنهنجي خاندان کي ڪينيڊا شفٽ ڪيو هيو ۽ پوءِ پاڻ به ڪينيڊا هليو ويو. اڄڪلهه ته هنن کي ڪينيڊين شهريت به ملي وئي آهي. ان مون کي ڏاڍو گهمايو ڦيرايو. ساڻس گڏ هڪ دفعو نياگرا آبشار تي به وڃڻ ٿيو. ٽورنٽو کان نياگرا آبشار تائين رستي جي ٻنهي طرفن تي انگورن جا باغ ۽ وائين يارڊ ڏسڻ ۾ آيا جيڪي سوين ڪلوميٽرن تي پکڙيل هيا. انهن انگورن جي باغن ۾ ڊسٽلريون آهن جتي وائين ٺهندو آهي. ان کان اڳ ۾ منهنجو ڪنهن وائين يارڊ ۾ وڃڻ يا ڊسٽلري ۾ وائين ٺهندي ڏسڻ جو اتفاق نه ٿيو هيو. هڪ ڊسٽلري پرسان ڏٺوسين ته باغ ۾ ڪيترائي پورهيت، انگورن جا ڇڳا ڪٽي رهيا هيا. اهي ڇڳا هڪڙي وڏي ٽرڪ ۾ وڌا پئي ويا، جيڪا وري هڪڙي وڏي ٽينڪ ۾ خالي پئي ڪئي وئي. ان ٽينڪ ۾ مٿان لڳل ڦوهارن سان انگورن کي ڌوئي صاف ڪيو پئي ويو. ان کان پوءِ وري بئي هنڌ تي به انهن انگورن جي صفائي ٿيندي آهي، ٻن مرحلن ۾ صفائي ٿيڻ کانپوءِ انهن کي پيڙي رس ڪڍي پئي وئي جيڪا ڪاٺ جي وڏن بيرلن ۾ پري پئي وئي. بعد ۾ اهي بيرل زيرزمين ڪمرن ۾ رکيا پئي ويا جتي وقت گذرڻ کانپوءِ اها رس وائين ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. ڇوَن ٿا ته وائين جيترو پراڻو هوندو اوترو ئي وڌيڪ معياري هوندو آهي. اڳتي هلي وائين کي بوتلن ۾ پيڪ ڪري مارڪيٽ ۾ سپلاءِ ڪيو ويندو آهي. انهن ڊسٽلريز ۾ جيڪي ماڻهو وزٽ ڪرڻ ويندا آهن انهن کي مهمان طور هڪڙو پيگ به پياريو ويندو آهي. اتي اسان کي خبر پئي ته سچي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ فرانس ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي ڪينيڊا جو وائين مشهور آهي.

ائين گهمندي گهمندي صغير حسين چيو ته ”نياگرا آبشار ته اڳ ۾ ڪيترا دفعا ڏٺو آهي ۽ مان ته رهان ئي هتي ٿو. منهنجو ڪوڙ دفعا گهميل آهي، ان ڪري نياگراجي ڪنهن ”ڪيسينو“ تي ٿا هلئون.“ مون به چيو ته نيڪ آهي. پوءِ اسان هڪ ڪيسينو تي وياسين. ڪيسينو آهي ته جوئا گهر پر اتي ماني، چانهه، ڪافي ۽ شراب سان گڏ پيو به گهڻو ڪجهه هوندو آهي. وڏا وڏا بال روم جتي ڊانس به ٿيندي آهي. صغير حسين هلڻ سان ئي هڪ سئو ڊالر مَٽائي ٽوڪن ورتا ۽ روليٽ مشين تي شرط لڳائڻ ۾ شروع ٿي ويو. مان گهمندو به رهيس ۽ تماشو به ڏسندو رهيس. ڪيتريون مشينون هيون جيڪي ڦري رهيون هيون ۽ جوئاري مختلف نمبرن تي شرط رکي رهيا هيا. ان کان سواءِ تاس جي پتن ۽ چڪن تي به جوئا هلي رهي هئي، جن تي وڏا وڏا داوَ لڳي رهيا هئا. اهي سڀ ڪم مختلف هالن ۾ جاري هيا. ڪيسينو ۾ مختلف قومن، رنگن ۽ نسلن جا ماڻهو موجود هيا.

نياگرا آبشار ڏانهن ويندي رستي تي هڪڙي هنڌ ”هيريٽيج بلڊنگ“ (Heritage Building) لکيل ڏٺوسين، مون صغير حسين کي چيو ”اها ڪهڙي جاءِ آهي، هلو ته ڏسي اچئون.“ وياسين ته هڪڙو پراڻي دور جو ٺهيل هوٽل هيو جنهن جو نالو ”پرنس آف ويلز هوٽل“ هيو. ان جي اڏاوت جو سن 1864ع لکيل هيو. يعني 141 ورهيه پراڻو هيو. اڏاوت ڏاڍي شاندار هئي، ڪاٺ جو ڪم ته ڏاڍو سهڻو هيو. نياگرا آبشار ويجهو هڪڙي ٽڪري تي آبزرويشن پوائنٽ آهي جيڪا ساڍا ست سئو فوٽ اوچي آهي ۽ اتان نه رڳو نياگرا آبشار بلڪ اوسي پاسي جو نظارو به سهڻي نموني پسي سگهجي ٿو.

نياگرا کان واپسي تي صغير چيو ته ”برلنگٽن ٽائون“ رستي تي آهي، اتي هڪڙو ريسٽورينٽ ”جيڪ آسٽر“ نالي آهي اتي ڊنر ڪريون ٿا. صغير حسين کائڻ پيئڻ جو ڏاڍو شوقين آهي، ڪيترائي معياري ريسٽورينٽ ڪيس برزبان ياد هيا. ڪيس اها به خبر هئي ته ڪهڙي هنڌ جي ڪهڙي شئي وڌيڪ سٺي ۽ مشهور آهي، گوشت ڪٿي پلو ملندو، مڇي ڪٿي سٺي ملندي. ڪهڙي ريسٽورينٽ جو سلاد مشهور آهي ۽ ڪهڙا ڪاڏا سٺا ملندا. بهرحال اسان به گهمندا گهمندا ”برلنگٽن ٽائون“ وڃي پهتاسين ۽ سڌو ”جيڪ آسٽر“ ۾ وڃي ڊنر ڪئي سين. ماني واقعي شاندار هئي. ”برلنگٽن ٽائون“ نياگرا آبشار ۽ مسي ساگا جي وچ تي آهي، ڏاڍو سهڻو ۽ پرڪشش شهر آهي.

اسان کي شمير احمد ۽ منهنجي نياڻي زهره ٻڌايو ته ٽورنٽو شهر ۾ هڪ مشهور بلڊنگ سي اين ٽاور آهي جيڪا تمام اوچي آهي، اها توهان کي ڏسڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي، ڇو تہ جيڪي بہ ماڻهو ڪينيڊا ايندا آهن اهي سي اين ٽاور ڏسڻ ضرور ايندا آهن. اسان کي بہ شوق ٿيو. ٻئي ڏينهن تي شميم احمد ۽ منهنجي ڀيڻيءَ اسان کي ٽورنٽو وٺي هليا. هنن اسان کي چيو تہ اسان ڪيترائي دفعا ٽاور گهميو آهي، ان ڪري اسان هيٺ گهمئون ڦرئون ٿا، توهان وڃي ٽاور گهمي اچو. مان، منهنجي گهرواري فاطمہ ۽ منهنجي ڌيءَ ڊاڪٽر شيبا ٽڪيٽ ورتي ۽ سڌو قطار ۾ وڃي بيناسين. واري اچڻ تي لفٽ ۾ چڙهياسين، تمام وڏي لفٽ هئي جنهن ۾ 30-40 ماڻهو ويهجي ٿي ويا. ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي تباهہ ٿيڻ کان پوءِ دنيا جي سڀ کان مٿانهين عمارت جو اعزاز هن ٽاور کي هيو. هن عمارت جي اوچائي 1881 فوٽ آهي، هن ۾ 181 ماڙيون آهن. اتي لکيل هيو تہ هي عمارت ڪيناڊا جي عجائبن ۾ شمار ٿئي ٿي اسان لفٽ تي چڙهي مٿي پهتاسين تہ اتي ريسٽورينٽ بہ هيو ۽ سڄي ٽورنٽو شهر کان سواءِ اوسي پاسي جا نظارا بہ ڏسڻ ۾ آيا ٿي. ڪجهہ وقت اتي ويهي پوءِ هيٺ لهي آياسين.

لهڻ کانپوءِ اسان "يونگ اسٽريٽ" تي آياسين، جتي منهنجو نياڻو شميم احمد ۽ منهنجي ڌيءَ زهره اسان جي انتظار ۾ ويٺا هيا. يونگ اسٽريٽ نہ رڳو ڪينيڊا بلڪ "گنيس بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ" موجب دنيا جي وڏي ۾ وڏي اسٽريٽ آهي جيڪا ٽورنٽو مان شروع ٿي سڄي ڪينيڊا مان گذري ٿي. اسان وٽ اسٽريٽ جو مطلب گهٽي ورتو ويندو آهي، پر هتي اسٽريٽ معنيٰ روڊ. اهڙي طرح يونگ اسٽريٽ جي مڪمل ڊيگهہ 1896 ڪلوميٽر آهي. اها اسٽريٽ شروعات ۾ تہ ٽورنٽو شهر جي ٻاهران هئي پر اڳتي هلي وچ شهر ۾ اچي وئي.

هونئن تہ ڪينيڊا تمام وڏو ملڪ آهي، ان کي گهمڻ لاءِ تہ وڏو عرصو گهرجي، هتي جهنگ، جبل، ميدان، درياهہ وڏا شهر ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ گهمڻ ۽ ڏسڻ لاءِ آهي، ان کان سواءِ دنيا جي هر قسم جي تفريح بہ هتي موجود آهي.

هڪ دفعي شميم ۽ سندس گهر واري اسان کي چيو تہ "ساناSANA-" جيڪا اتر آمريڪا جي سنڌين جي تنظيم آهي، اسان کي ان جي ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي، اسان کي "البيان مال" ۾ ڇڏي ويا. ان مال ۾ بہ سئنيمائون بہ هيون. انهن مان هڪڙي سئنيما ۾ انڊين فلم "سلام نمستي" هلي رهي هئي. اسان بہ سوچيو تہ سئنيما ۾ فلم ڏسڻ جو پنهنجو مزو آهي، ان ڪري ڏسي وٺئون. پاڪستان ۾ تہ سئنيما ڪلچر ختم ٿي ويو آهي ۽ سئنيما جا تفريحي پلاٽ، شاپنگ سينٽرن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. سئنيما ۾ وڃي ويٺاسين تہ خبر پئي تہ هتي ڪيترا هندوستاني ۽ پاڪستاني رهن ٿا. سئنيما جو هال بلڪل ٿُپ لڳو پيو هيو. ڪيترين ئي فيمليز اتي موجود هيون. فلم بہ ڏاڍو مزو ڏنو. اسان سان گڏ منهنجو ڏوهٽو امداد حسين ۽ ڏوهٽيون، ردا ۽ دانيا پڻ هيا. فلم بہ ڏاڍو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزو ڏنو. سانا جي ميٽنگ پوري ڪرڻ ڪانپوءِ شميم وارا مال ۾ آيا ۽ اسان کي گهر ڪٺي هليا.

هڪ دفعي شميم احمد ۽ منهنجي نياڻي چيو تہ هڪڙي فيملي سان اسان جي دوستي آهي، انهن اسان ۽ توهان کي ڊنر تي گهرايو آهي توهان بہ تيار ٿيو تہ هلئون. اها فيملي آهي تہ پاڪستاني پر ڪينيڊا جا شهري ٿي چڪا آهن، انهن جو نالو آهي "مسٽر اينڊ مسز عارف جهانيہ". انهن جي رهائش هڪ ننڍڙي ڳوٺ "اوڪ ول-Oak Wel" ۾ هئي. تيار ٿي نڪتاسين، جيئن ئي "اوڪ ول" ۾ داخل ٿياسين تہ اسٽريٽ لائيٽ جو انتظام ڏسي دنگ رهجي وياسين. ان ڳوٺ جي انتظامي ڪائونسل سمورن رستن ۽ گهٽين ۾ شاندار بتيون لڳايون هيون. "اوڪ ول" ڪنهن بہ لحاظ کان ڳوٺ نہ ٿي لڳو، سڀ شهري سهولتون موجود هيون. اصل ۾ اهڙن ڳوٺن ۾ اهي ماڻهو رهن ٿا جيڪي نهايت مالدار آهن ۽ فليٽن بجاءِ بنگلن ۾ رهڻ گهرن ٿا. هر بنگلي جي ٻاهران وسيع لان هيا. انهن ۾ چپر ۽ وڻ انتهائي خوبصورت منظر پيش پيا ڪن.

"عارف جهانيان" بہ شميم احمد وانگر بينڪار هيو. ڪچهري ڪندي ٻڌايائين تہ پاڻ آمريڪا ۾ پڙهيو هيو ۽ پي آءِ اي ۾ بہ نوڪري ڪري چڪو هيو. کيس شڪار جو ڏاڍو شوق هيو. سندس گهر ۾ چوڌاري شڪار ڪيل مختلف جانورن جون کلون ٽنگيل هيون. وٽس ڪيئي بندوقون بہ هيون جيڪي ڪچهريءَ دوران ڏيکاريندو بہ رهيو ۽ انهن جي ڪارڪردگي بابت بہ ٻڌائيندو رهيو. مختلف جانورن جو شڪار ڪيئن ٿيندو آهي، اهو بہ تفصيل سان ٻڌايائين. سندس ٽي.وي لائونج بہ تمام وڏو هيو ۽ ٽي.وي جي اسڪرين بہ سئنيما اسڪرين جي اڌ جيتري هئي. اتي ويهي ماني بہ کائيندا رهياسين. ٽي وي تي پروگرام بہ ڏسندا رهياسين ۽ عارف جي ڪچهري جو مزو بہ وٺندا رهياسين ۽ رات جو دير سان واپسي ٿي.

شميم احمد ڪجهہ ڏينهن موڪل ورتي ۽ اسان کي گهمائڻ وٺي هليو. سڌو اونٽاريو ڍنڍ جي ڪناري تي وياسين. سوين هٽس ٺهيل هيا. ڪيترائي ريسٽورينٽ بہ هيا. شميم احمد اسان کي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هيو نہ تہ اسان ايئن سمجهيو هيو تہ سمنڊ جي ڪناري تي آهيون. اونٽاريو ڍنڍ جي ان هنڌ جو نالو "واساگا بيچ" آهي. اونٽاريو ڍنڍ تي وڃڻ وقت رستي جي پرسان... ... هڪڙو انتهائي قديم شهر آهي "بيري" جنهن جي آبادي سوا لک کن آهي پر سياري ۾ برف پوڻ سان ان شهر جي آبادي وڏي ٻيٽي ٿي ويندي آهي. چو تہ شهر جي پرسان هڪڙي ڍنڍ آهي جيڪا برفباري ۽ ٿڌ سبب ڄمي ويندي آهي ۽ ان ڍنڍ جي مٿان ننڍڙو شهر آباد ٿي ويندو آهي، جتي مختلف قسمن جون نمائشون ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسڪيٽنگ-Scatting" جا مقابلا ٿيندا آهن. اسان جڏهن "بيري" شهر ۾ وياسين تہ اچان سياري جي شروعات نہ ٿي هئي ۽ شهر معمول موجب هلي رهيو هيو. شهر ۾ ڪابہ وڏي بلڊنگ ڪونهي. سڀ عمارتون قديم آهن جيڪي شهر کي پروقار بڻائين ٿيون. سڀ عمارتون فرينچ طرزِ تعمير جو نمونو آهن. شهر جا ماڻهو بہ نهايت دلچسپي سان انهن عمارتن کي قومي ورثو سمجهي سانڍيو اچن ٿا. شهر جي ٻاهران ننڍا ننڍا جبل آهن، جتي اسڪيٽنگ جا مقابلا ٿيندا آهن. بيري کان واپس ايندي رستي تي "وان" شهر آهي جيڪو بيري کان ڪجهہ وڏو آهي. شهر ۾ داخل ٿيڻ واري هنڌ هڪ عمارت ڏٺي سين جنهن جي انٽري لاءِ هڪڙو تمام وڏو ڪاٺ جو گيٽ ٺهيل آهي، جيڪو نهايت شاندار هو. ان گيٽ جي مٿان مٿان لکيل هو (Hunters & Liars are welcomed ،Fisherman's) "شڪارين، مهاڻن ۽ ڪُوڙن کي ڀليڪار" اسان اهو پڙهي ڏاڍو کِلياسين. ان وقت تہ اسان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي پر جڏهن اندر وياسين تہ هڪڙو اسٽور ڏٺوسين ٽن ايڪڙن تي مشتمل هيو.

اصل ۾ اهو اسٽور وائيلڊ لائيف ميوزيم هيو، اتي مختلف جهنگلي جانورن ۽ پکين جون کلون پيون هيون. ڪيترين ئي کلن ۾ "سٽف-Stiff" ٿيل جانور بيٺل هئا. پاڻيءَ جي پکين کان وٺي شينهن ۽ هاٿيءَ جا "سٽف Stiff" ٿيل بوتا ۽ کلون موجود هيون. مختلف قسمن جون مڇيون بہ خشڪ ڪري محفوظ ڪيون ويون هيون. مون پنهنجي حياتيءَ ۾ مڇين جا ايترا قسم هڪ ئي هنڌ تي نہ ڏٺا هيا. ان کان سواءِ ان اسٽور ۾ شڪار جو سامان بہ موجود هيو. ان سامان ۾ مڇي جي هر قسم جي شڪار کان وٺي پکين ۽ ٻين جهنگلي جانورن جي شڪار جو سامان ۽ بندوقون بہ موجود هيون. منهنجو پٽ آصف بہ شڪار جو شوقين آهي، ان ڪري آصف لاءِ شڪار جون ٽوپيون جيڪيٽون، ٽارچون ۽ ٻيو سامان خريد ڪيوسين. اتي گهمي گهمي ڏاڍو ٿڪجي پياسين ۽ بک بہ ڏاڍي لڳي هئي. ٻاهر نڪتاسين تہ ڪيترائي "فوڊ ڪورٽ" ۽ ريسٽورينٽ هيا. اسان بہ هڪڙي فوڊ ڪورٽ ۾ ماني وغيره کاڌي سين ۽ پوءِ واپس موٽي آياسين.

جڏهن آمريڪا کنڊ تي يورپي ماڻهن اچي قبضو ڪيو تہ آفريڪا مان وڏي پيماني تي زرعي مزدوري ۽ ٻين ڪمن لاءِ ڪروڙين ماڻهن کي غلام بڻائي کڻي آيا. ان سان گڏ چين مان بہ ڪيترن ئي ماڻهن کي انگريز مزدور بڻائي وٺي آيا. اڄڪلهہ ٽورنٽو کان وٺي نيويارڪ تائين ڪينيڊا ۽ آمريڪا جي ڪوڙ شهرن ۾ "چائنا ٽائون" نالي چيني ماڻهن جون آباديون آهن. چائنا ٽائون ۾ گهمڻ سان محسوس ٿيندو تہ ڄڻ چين ۾ پهچي ويا آهيون. چائنيز فوڊ کان وٺي هر معاملي ۾ چائنيز ڪلچر جون جهلڪيون ڏسڻ ۾ اينديون. ٻنهي مهاڀاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگين ۾ بہ يورپ جي مختلف ملڪن مان هزارين ماڻهو لڏپلاڻ ڪري ڪينيڊا آيا ۽ انهن کي اتان جي شهريت ڏني وئي. ملڪ تمام وڏو آهي ۽ آبادي تمام گهٽ آهي. ان ڪري اميگريشن جون پاليسيون تمام نرم هونديون هيون. اڄڪلھ تہ دهشتگردي جي عالمي خطري سبب يورپ ۽ آمريڪا جي مڙني ملڪن ۾ اميگريشن قانون سخت ڪيا ويا آهن.

1974ع ۾ جڏهن مان اقوام متحده ۾ پاڪستان جي وفد جي ميمبر جي حيثيت ۾ U.S.A ۾ هوس تہ ان وقت ٻڌايائون ٿي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو زراعت ۾ دلچسپي رکي ٿو تہ اهو ڪينيڊا ۾ آباد ٿئي. اتي ان کي شهريت بہ ملندي، آباد ڪرڻ لاءِ زمين بہ ملندي ۽ ان زمين کي آبادي لائق بڻائڻ لاءِ ڏوڪڙ بہ ملندا. هاڻي تہ گهڻو وقت گذري چڪو آهي ۽ قانون بہ تبديل ٿي چڪا آهن.

مسي ساگا ويجهو هڪڙي جاءِ "هارٽ لينڊ" نالي هئي، "هارٽ لينڊ" ۾ منهنجو ابوظهبي ۾ سفارتڪاري جي عرصي وارو هڪ دوست "انيس سلطان" هيو. انيس سلطان ائنيمل هسبنڊري جو ڊاڪٽر هيو ۽ العين ۾ رهندو هيو. ڪيس اتي سرڪاري نوڪري هئي. منهنجو بہ العين ۾ گهڻو وڃڻ ٿيندو هيو. ڇو تہ اتي پاڪستان ڪلچرل سينٽر هيو ۽ پاڪستاني ڪميونٽي بہ اتي وڏي انگ ۾ رهندي هئي. ڊاڪٽر انيس سلطان سان بہ اتي ئي واقفيت ۽ دوستي ٿي هئي. مون کي مسي ساگا ۾ ڪنهن ماڻهوءَ ٻڌايو تہ "ڊاڪٽر انيس سلطان" بہ ويجهو ئي رهي ٿو. مون فون نمبر هٿ ڪري ساڻس رابطو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو خوش ٿيو.

هڪڙي ڏينهن "ڊاڪٽر انيس سلطان" مون سان ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين تہ پاڪستاني ڪميونٽي جو فنڪشن آهي. مون انهن دوستن کي توهان جي هتي موجودگي بابت ٻڌايو آهي، انهن دوستن جو چوڻ آهي تہ مهرباني ڪري سومري صاحب کي ضرور وٺي اچو. مون بہ ڪيس چيو تہ هلئون ٿا. اسان ٻئي ڄڻا سندس ڪار ۾ چڙهي ٽورنٽو ۾ "منهاج القرآن هال" تي وياسين جتي پروگرام رکيل هيو. ان پروگرام جو چيف آرگنائيزر چوڌري بدر منير هيو جيڪو نهايت گرم جوشي سان مليو ۽ اسان کي هڪڙي آفيس روم ۾ وٺي ويو. اتي اڳ ۾ ئي مسٽر "غالب اقبال" ويٺو هيو جيڪو ٽورنٽو ۾ پاڪستان جو ڪائونسل جنرل هيو. ان سان تعارف ٿيو. اتي خبر پئي تہ پاڪستان مان سيد ممتاز نالي آرٽسٽ پنهنجون ڏاهيل تصويرون کڻي آيو آهي، ان کي پروموٽ ڪرڻ لاءِ اڄوڪو فنڪشن ڪوٺايو ويو آهي ۽ نمائش جي افتتاح لاءِ ڪائونسل جنرل کي گهرايو اٿن.

جنهن مهل پروگرام شروع ڪيائون ۽ خاص مهمان طور ڪائونسل جنرل کي سڏ ڪيائون تہ چيف آرگنائيزر مون کي بہ چيو تہ توهان بہ اسٽيج تي هلو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسٽيج وٽ پهتاسين تہ ڪاونسل جنرل مون کي چيو تہ، توهان اڳ ۾ هلي ويهو. پوءِ اسان ويهنداسين. خاص مهمان تہ پاڻ هيو ۽ مان تہ رڳو پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ ويو هيس. پر سابق سفير هجڻ ڪري منهنجي عزت ٿي ڪيائون. هونئن بہ اتي ڪيترائي اهڙا ماڻهو موجود هيا جيڪي منهنجي مسقط ۽ ابوظهبي ۾ سفير هجڻ واري عرصي دوران اتي رهي چڪا هيا ۽ سندن زبان تي منهنجو تذڪرو بہ هوندو هيو. ايئن تہ مان بہ انهن مڙني دوستن ۽ واقفن سان نہ رڳو رابطو رکندو اچان ٿو بلڪ جيڪڏهن ڪو پاڪستان ايندو آهي ۽ رابطو ڪندو آهي تہ ان جي جوڳي خدمت بہ ڪندو آهيان.

تقريري پروگرام کانپوءِ تصويرن جي نمائش هئي جنهن کان پوءِ شاندار ڊنر جو انتظام ڪيو ويو هيو. ان پروگرام ۾ ئي ٽورنٽو پيپلز پارٽي جي صدر "لياقت علي ملڪ" ۽ سينئر نائب صدر ميان جميل سان بہ ملاقات ٿي. انهن مون کي خاص دعوت ڏني تہ اسان کي بہ ٽائيم ڏيو. بعد ۾ انهن سان سدائين رابطو رهيو. انهن جي دعوت جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ڪيو آهي.

جيئن مان اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ هڪڙي ڏينهن سئنيما تي فلم ڏٺي سين. اصل ۾ ڪينيڊا ۽ آمريڪا ۾ ٻين فلمن سان گڏ انڊين فلمن جو بہ وڏو مارڪيٽ آهي ۽ هندوستاني، پاڪستاني يا بنگالي ۽ ٻين قوميتن جي ماڻهن جي وڏي انگ سبب اڪثر ڪري سئنيمائن ۾ انڊين فلمون بہ لڳنديون رهنديون آهن ۽ سٺو بزنس ڪن ٿيون. اسان کي ٻيهر شوق ٿيو تہ سئنيما ۾ وڃي فلم ڏسجي. ٽي وي تي تہ پيا ڏسندا هئاسون، پر سلور اسڪرين جو پنهنجو مزو آهي. انهن ڏينهن ۾ "منگل پانڊي" فلم لڳل هئي. اسان بہ اها ڏسڻ وياسين. سئنيما ۾ وڏي رش هئي. فلم بہ 1857ع واري جنگِ آزادي جي پسمنظر ۾ هئي. ڪهاڻي ۽ مڪالما بہ شاندار هيا. فلم جو پروڊيوسر ۽ هيرو عامر خان هيو. سندس اداڪاري جا جوهر ڏسي فلم ٻينن جا وار ڪانڊارجي ٿي ويا. مطلب تہ ڏاڍي دلچسپ فلم آهي.

هڪڙي ڏينهن "ڊاڪٽر انيس سلطان" فون ڪري چيو تہ تيار ٿي ويهجو مان توهان کي ڪجهہ اهم جڳهون ڏيکاريندس. ڪجهڙي منجهند ڌاري ڊاڪٽر آيو. اول تہ سندس هڪ دوست جي دوڪان تي وٺي هليو. اهو بہ پاڪستاني هيو ۽ ڊاڪٽر جو پٽ اتي ڪم ڪندو هيو. اتي مون ڊاڪٽر انيس سلطان کي چيو تہ ڪٿي ڪتاب وغيره هلي ڏسون، متان ڪي ڪتاب خريد بہ ڪجن. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ "مسي ساگا" جي پبلڪ لائبريري ۾ ڪتابن جو ميلو بہ لڳل آهي، اتي ٿا هلون. سڌو لائبريري ڏانهن وياسين. لائبريري جي عمارت چار ماڙ هئي، جڏهن تہ بيسمينٽ بہ هيس. جتي پارڪنگ جو انتظام هيو. تمام وڏي لائبريري هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جي مختلف ٻولين جا ڪتاب موجود هيا. اردو ۾ ٻه ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا. هر موضوع تي ڪتاب موجود آهن. نهايت صاف سٿري لائبريري هئي.

مون ته قانون جي ڪتابن جو پاسو ورتو. اتي هڪڙي ڇوڪري ٻه هئي جيڪا هندوستاني هئي، ٻڌايائين ته بزنيس جي شاگرديائي آهيان. مختلف ڪتابن مان نوٽس وٺي رهي هئي. لائبريري جي هر فلور تي واش روم ۽ ريسٽورينٽ هيا جتي سڀ ڪجهه موجود هيو. اسان چار پنج ڪلاڪ اتي هياسين. مون ڪجهه ڪتاب ٻه خريد ڪيا. ريڊرس ڊائيجسٽ جا ڪجهه چونڊ جلد ٻه مون خريد ڪيا، جن ۾ مختلف دانشورن جا چونڊ مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري ڇپرايا هيائون، اهو ڪتاب ٻه ٽن جلدن ۾ آهي. باقي هڪڙي ڳالهه ته اتان ڪان ڪتاب ڪٽي اچڻ ٻه ڏچي جو ڪم آهي ڇو ته ڪتابن جو وزن ڏاڍو ٿئي ٿو ۽ جهازن ۾ تور جي حساب سان ڳري رقم ڀرڻي پوندي آهي. ان ڪري ڪتاب انهيءَ حساب سان خريد ڪبا آهن.

لائبريري مان ورتل ڪتاب مون شميم احمد جن وٽ ڇڏيا جيڪي بعد ۾ پاڪستان اچڻ مهل ڪٽي آيا. فيملي سان گڏ اچڻ ۾ تور وڌيڪ ڪانه هين، لائبريري مان نڪري سڌو ريلوي اسٽيشن تي آياسين جتان ٽرين ۾ چڙهي ٽورنٽو جي مين اسٽيشن تي پهتاسين. ڪار اسان مسي ساگا واري ايلنگٽن اسٽيشن تي ڇڏي آياسين. ٽورنٽو جي مين اسٽيشن کي يونين اسٽيشن چوندا آهن. اها اسٽيشن ٽورنٽو جي ڊائون ٽائون يعني وچ شهر ۾ آهي. ان کان اڳ ۾ مان شميم احمد ۽ صغير حسين سان گڏ ٽورنٽو شهر ۾ سندن ڪارن ۾ ٻه دفعا آيو هيس. پر هن دفعي مان ۽ ڊاڪٽر انيس سلطان سڌو ميوزيم ڏسڻ وياسين پر رش ڏاڍي هئي. ميوزيم ڏسي نه سگهياسين چڪر وغيره ڏئي گهمي ڦري يونيورسٽي آف ٽورنٽو ۾ هليا وياسين. هن يونيورسٽي ۾ پنجاهه هزار شاگرد آهن. هيءَ يونيورسٽي اڌ شهر تي حاوي آهي، نهايت سهڻيون عمارتون، شاندار لائبريريون، ساوڪ، وڻڪار مطلب ته شاندار ماحول ڏسڻ ۾ ايندو. اسان کي گهمندي گهمندي اڌ ڏينهن لڳي ويو. ان ڪانپوءِ منهنجي دوست صغير حسين جنهن جا ٻه پٽ هن يونيورسٽي ۾ پڙهن ٿا. مون کي يونيورسٽي گهمائي هئي. ٽورنٽو يونيورسٽي ۾ پنجويهه ڊپارٽمينٽ آهن.

ڪينيڊا ۾ هڪڙو ”واٽر لُو“ شهر آهي ۽ واٽر لو نالي مشهور يونيورسٽي ٻه آهي. شميم احمد جي ڀاڻيجي سارا ”واٽرلو“ ۾ پڙهندي هئي ۽ ان جو پياءُ ٻه اتي پڙهيو پئي. اڄڪلهه منهنجو ڏوهٽو امداد حسين، شميم احمد جو پٽ ”واٽر لُو“ يونيورسٽي ۾ پڙهيو ۽ اتان گريجوئيٽ ٿيو آهي. شميم جون ٻئي نياڻيون پڻ واٽر لُو يونيورسٽي جون گريجوئيٽ ٿي چڪيون آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪينيڊا ۾ پاڪستاني ماڻهن جون صحافتي سرگرميون بہ ڏاڍيون آهن. ڪينيڊا مان ڪيترين ئي اردو اخبارون ۽ رسالا نڪرن ٿا. اتي پاڪستاني ڪميونٽي جي ماڻهن ڳالهہ ڪئي تہ اونٽاريو صوبي ۾ اٽڪل بہ لک کن پاڪستاني رهن ٿا. مون کي ڪيترائي دفعا پاڪستاني ڪميونٽي جي مختلف سرگرمين ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. اتي رهندڙ پاڪستانين کي پاڪستان ۽ هتان جي مسئلن بابت گهڻو خيال هوندو آهي ۽ اهڙي ڳڻتي جو اظهار پنهنجي اخباري ۽ ٻين سرگرمين وسيلي ڪندا رهندا آهن. مختلف اردو اخبارن ۾ پاڪستان ٽائيمس، ڪينيڊا ايڪسپريس، اردو ٽائيمس، پاڪستان ويڪلي ۽ ٽائيمس ميگ، انهن جون ڪاپيون مونکي بہ موڪليندا هيا ۽ مان پاڻ بہ هٿ ڪري پڙهندو هيس.

انگريزي ۾ ٽورنٽو اسٽار ۽ ايشين نيوز نالي پندرنهن وار اخبارون بہ پاڪستاني ڪڍندا هيا. انهن ڏينهن ۾ جنرل مشرف آمريڪا آيو هيو ۽ نيويارڪ ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪيو هيائين. مٿي ڄاڻايل اخبارن ۾ سندس تقرير تي تنقيد بہ ڪئي وئي هئي. جڏهن مشرف، واشنگٽن ۾ جيوش ڪانگريس کي خطاب ڪيو هيو ۽ پاڪستاني عورتن لاءِ اهي لفظ چيا هيا تہ "پاڪستاني عورتون، ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ پاڻ تي سيڪسي الزام هڻائين ٿيون." سندس اهڙن رمارڪس تي ڪينيڊا جي وزيراعظم ٽيليويزن تي اچي صدر مشرف کان معافي وٺڻ جو مطالبو بہ ڪيو هيو. چو تہ مشرف پنهنجي تقرير ۾ ڪينيڊا جي ويزا جي ڳالهہ ڪئي هئي. هي اهي ئي ڏينهن هيا جڏهن پنجاب ۾ جرڳي جي فيصلي تحت "مختاران مائي" سان اجتماعي لڄالٽ ڪئي وئي هئي. ڪينيڊا جي اردو اخبارن مشرف جي ان بيان تي سخت تنقيد ڪئي هئي. انهن ڏينهن ۾ پاڪستان جي وزير قانون "وصي ظفر" جي پٽ پاران ڪراچي ايئرپورٽ تي ۽ خود سندس پاران اسلام آباد ايئرپورٽ تي وڙهڻ ۽ هنگامو ڪرڻ واري واقعي کي بہ ڪينيڊا جي اردو ۽ ٻين اخبارن ڏاڍو ڪنيو هيو ۽ وڏا وڏا مضمون لکيا هيا.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ پيپلز پارٽي وارن مسي ساگا ۾ منهنجي اعزاز ۾ هڪڙو فنڪشن ڪيو. ان پروگرام ۾ اردو ۽ انگريزي اخبارن جي ايڊيٽرن کي بہ گهرايو هيائون. اتي موجود صحافين ۾ هڪڙو بادهہ جو ڪولاچي ڇوڪرو بہ هيو. جيڪو اتي پڙهندو بہ هيو ۽ عبرت اخبار جو نمائندو بہ هيو. ان پروگرام ۾ پارٽي جي ورڪرن منهنجو وڏو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ مون کي تمام وڏي عزت ڏنائون. مون بہ ساڻن ڪچهري ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس خاندان سان گهاريل گهڙين جون يادگيريون ورجايون. اتي ڪچهريءَ ۾ هڪڙو شخص اچي مون سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليو. اهو شخص اتي پندرهن وار ”ڪينيڊين ايشين نيوز“ شايع ڪندو هيو. مان ته ڪيس سڃاڻي نه سگهيس پر هن چيو ته، ”سومرا صاحب مان توهان کي 1973ع کان سڃاڻان ٿو، انهن ڏينهن ۾ مان پاڪستان ۾ جنگ اخبار ۾ ڪم ڪندو هيس ۽ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏ سندس ڪوريج ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي ايندو رهندو هيس ۽ سدائين توهان سان ملڻ جو موقعو ملندو هيو. مان توهان جي اچڻ جو ٻڌي رڳو توهان سان ملڻ لاءِ مانٽريال مان هتي آيو آهيان.“

اصل ۾ منهنجي ڪينيڊا اچڻ جي خبر سيني مقامي اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڇپجي چڪي هئي جنهن ڪري پاڪستاني ڪميونٽي جي علم ۾ اها ڳالهه هئي، خبر سان گڏ منهنجو تفصيلي تعارف به اخبارن ڇاپيو هيو. پوءِ ان همراهه سان ڪچهري به ٿي ۽ ڀٽي صاحب جي دور جون ڳالهيون ڪيون سين. هن وقت ان جو نالو ياد نٿو اچي، پر هن ويچاري ڏاڍو قرب ڏنو. هونئن به اتي جيڪي ماڻهو رهن ٿا اهي چوويهه ئي ڪلاڪ پنهنجي خاڪشوري ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ ڪوبه ماڻهو پاڪستان مان ويندو آهي ته ڄڻ سندن عيد ٿي وئي. وڏا حال احوال ۽ ڪچهريون ڪندا. دعوتون ڪندا، ڳوٺ ۽ ملڪ جا احوال ور ور ڏئي پيا پڇندا، اصل گهور پيا ويندا آهن. وطن جي حب شايد ان ڪري ئي ايمان سمجهي وئي آهي.

ڪينيڊا ۾ گهٽا ڏينهن رهڻ کانپوءِ تيار ٿياسين ته آمريڪا جو چڪر به لڳائجي. اصل ۾ منهنجي وڏي پٽ آصف علي جو سالو فاروق، آمريڪا جي ”جارجيا“ رياست جي گاديءَ واري هنڌ ”ايٽلانٽا“ ۾ رهندو آهي. پڙهيو به آمريڪا ۾ آهي، سندس شادي به برطانوي ڇوڪري سان ٿيل آهي. اها برطانوي ليڊي به نهايت سٺي ۽ وڏي اخلاق واري آهي. ڪنهن کي خبر ئي نه پوندي ته برطانوي آهي. ٿوري گهڻي سنڌي به سمجهندي آهي. ٽورنٽو مان ئي مون آمريڪا جون ٽڪيٽون ورتيون، مان، منهنجي گهرواري فاطمه ۽ نياڻي شيبا ٽورنٽو ايئرپورٽ تان ايٽلانٽا (جارجيا) وڃڻ لاءِ پهتاسين. هتي هيءَ ڳالهه به ڪندو هلان ته ڪينيڊا کان آمريڪا وڃڻ مهل ايئرپورٽ تي ئي ڪسٽم ڪليئرنس ٿي ويندي آهي ۽ آمريڪا پهچي ڪسٽم جي چيڪنگ کي منهن نه ڏيڻو پوندو آهي. مونکي خبر هئي ته ٻاهرين ملڪن جا ايئرپورٽ ڏاڍا وڏا آهن ۽ جهاز تائين پهچڻ لاءِ وڏو پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري مان اڪثر ”ويل چيئر“ جي گهر ڪندو آهيان ۽ پنڌ کان بچي پوندو آهيان. ٻيو ته ”ويل چيئر“ سبب قطار ۾ بيٺل ماڻهو به پاسو ڏئي جاءِ ڏيندا آهن ۽ چيڪنگ وغيره به تڪڙي ٿيندي آهي. ٽورنٽو ايئرپورٽ تي مون ۽ منهنجي گهرواري ويل چيئر جي گهر ڪئي ۽ اهڙي طرح جهاز تائين وڃي پهتاسين. منهنجي نياڻي به اسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ هئي. پنج يا ڇهه ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ ايٽلانٽا ايئرپورٽ تي لينڊ ڪيوسين. اتي اسان کي فاروق وارا وٺڻ لاءِ اڳواٽ موجود هيا.

فاروق وارا ايئرپورٽ کان ٻن ڪلاڪن جي سفر تي ايٽلانٽا شهر ويجهو هڪڙي ننڍڙي شهر "الفاريٽا" ۾ رهيا پئي، جيڪو نهايت سهڻو شهر آهي. سندن گهر "الفاريٽا" جي پوش علائقي ۾ هيو. ڪافي وڏو ۽ خوبصورت گهر هيو. فاروق، پنهنجي گهر واري، ٻن پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ سان ايڏي وڏي گهر ۾ رهندو هيو.

اسان اتي وياسين ته رمضان جو مهينو اچي ويو. اسان جي پهچڻ جي ٻئي ڏينهن تي فاروق هڪڙي افطار پارٽي ڪئي جنهن ۾ سندس دوستن ۽ واقفڪارن جون فيمليون به هيون. ڪيترين ئي سنڌي فيمليون به ان دعوت ۾ شريڪ ٿيون جن سان ملاقات ٿي. انهن مان هڪڙو ڇوڪرو امتياز شيخ منهنجي پراڻي دوست "رب ڏني شيخ" جو پوٽو هيو، جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ايڪسٽرا جوائنٽ جج به ٿي رهيو هيو. جڏهن منهنجو استاد عبدالفتاح ميمڻ سعودي عرب ۾ سفير ٿي ويو ته رب ڏني شيخ صاحب کيس چيو ته "ڪنهن طريقي سان مونکي سعودي گهراءِ" ان تي عبدالفتاح ميمڻ کيس چيو ته، "مان توکي رڳو ڪلارڪي ڏئي سگهان ٿو، ان کان وڏي نوڪري منهنجي وس ۾ ناهي." مرحوم رب ڏني کيس چيو ته، "مون کي حُبِ رسول ﷺ بيقرار ڪيو آهي، مون کي ڪلارڪي به قبول آهي." پوءِ جج جي نوڪري ڇڏي سفارتخاني ۾ ڪلارڪي وٺي سعودي عرب هليو ويو. ڏاڍو مذهبي ماڻهو ٿي ويو. سڄي زندگي اتي رهيو. پويان هڪ ٻه سال واپس اچي پنهنجي شهر خيرپور ميرس ۾ رهيو.

مرحوم رب ڏنو صاحب ڏاڍو سٺو انسان هيو، نهايت سمجهدار ماڻهو هيو. پونين ڏينهن ۾ پيري مريدي به ڪندو هيو. وفات به خيرپور ۾ ڪئي هيائين. هڪ دفعي مان ۽ الاهي بخش ڪيهر ڪنهن ڪم سانگي خيرپور وياسين، اتي اسان کي خيال آيو ته رب ڏني شيخ صاحب سان به ملئون. اسان سندس گهر تي وياسين. ڏاڍي اڪير سان مليو ۽ ڇوڪري کي شربت آڻڻ لاءِ چيائين. الاهي بخش ڪيهر کيس حجت مان چرچو ڪندي چيو ته "اڙي هاڻي تون اسان کي شربت ٿو پيارين، اڳي ته بيئر پياريندو هئين." کلي چوڻ لڳو ته، "سائين اهو به اڄي ويندو." ڏاڍو پيارو انسان هيو. اسان جو ته گهرو دوست هيو. باقي ڪيترائي ماڻهو هن وٽ مرشد سمجهي اچن پيا ۽ سندس ڏاڍي عزت پيا ڪن. هاڻي ته گذاري ويو آهي. سندس پوٽو امتياز شيخ اسان سان ڏاڍي احترام سان مليو. ٻڌايائين ته روزگار به ڪريان ٿو ۽ پڙهندو به آهيان.

ان کان سواءِ امان الله عباسي جيڪو لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ۾ ايڊيشنل جج



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رهيو هيو ۽ بعد ۾ هاءِ ڪورٽ جو جج بہ ٿيو. ڏاڍو سٺو ۽ ايماندار جج هيو. جج لاءِ اهو ضروري ناهي تہ رڳو ايماندار هجي، بلڪ ايمانداريءَ سان گڏ لياقت هوشياري ۽ دانشمندي بہ ضروري آهي. چو تہ انساني همدردي ۽ دانشمندي کان سواءِ انصاف فراهم نٿو ڪري سگهجي.

امان الله عباسي رٽائر ٿيڻ کانپوءِ بہ فيڊرل گورنمينٽ ۾ ڪيترن ئي ادارن ۾ ڪم ڪيو. سندس پاڻتيو بہ فاروق جي افطار ڊنر ۾ موجود هيو. سندس شادي لاڙڪاڻي مان ڊاڪٽر محمد عمر جاگيراڻي جي نياڻيءَ سان ٿيل هئي. اها بہ ڊاڪٽر هئي. سندس ڪلينڪ بہ "الفاريٽا" شهر ۾ هئي. ان ڪلينڪ تي بہ وڃڻ ٿيو هيو ۽ اسان جي دعوت بہ ڪئي هيائون. مون ۽ منهنجي گهرواري سندن ڪلينڪ تان پنهنجون ٽيسٽون بہ ڪرايون هيون. ڏاڍي جديد ترين ڪلينڪ هئي ۽ هر قسم جا اوزار ۽ مشينون اتي موجود هيون.

فاروق جي گهرواري بابت مان اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ اها برٽش نيشنل آهي. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ سندس لاڳاپو انتهائي مالدار خاندان سان آهي. اهم ڳالهہ اها آهي تہ سندس پيڪن ۾ جوائنٽ فيملي سسٽم آهي ۽ عام برٽش يا مغربي خاندانن وانگر هر فرد الڳ الڳ ڪونہ ٿو گذاري. هنُ ٻڌايو پئي تہ سندس ڀائر شادي شده ۽ روزگار هجڻ جي باوجود پيءُ ماءُ سان گڏ رهن ٿا. اهڙا ڪيترائي خاندان يورپ ۽ آمريڪا ۾ موجود آهن، جيڪي جوائنٽ فيملي سسٽم هيٺ زندگي گذارين ٿا، پر انهن جو انگ نهايت گهٽ آهي. چو تہ جديد دور جي صنعتي سماج هنن ملڪن جي ڪلچر ۽ ٻين روايتن کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان تي بہ ان جا اثر پون ٿا پر اسان وٽ اهو عمل گهڻو سست آهي، جنهن جا ڪيترائي سبب آهن.

مشرف فاروقي نالي همراهہ الفاريٽا جي "بمبئي بار ايند گرل" ريسٽورينٽ ۾ پنهنجي پٽ جي 18- سال عمر ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پارٽي ڪئي. فاروق وارا اسان کي بہ وٺي ويا. اصل آمريڪا ۾ 18-سال عمر ٿيڻ جي صورت ۾ مرد يا عورت کي ڪيترائي حق ۽ آزاديون حاصل ٿين ٿيون، جن ۾ ڪوبہ عهدنامو ڪرڻ، جنسي حق ۽ ٻيا ڪيترائي حق حاصل ٿيندا آهن. ان دعوت ۾ بہ ڪيترن ئي پاڪستانين سان ملاقات ٿي.

ان وچ ۾ فاروق اسان کي ايٽلانٽا سٽي جو سير بہ ڪرايو. اٽڪل پوڻا پنج لک آبادي جو هي خوبصورت شهر، آمريڪا جي رياست جارجيا جي گادي جو هنڌ آهي. هونئن تہ هڪڙي جارجيا ترڪي ويجهو بہ آهي جيڪا سوويت يونين جي 1992ع ۾ ٽٽڻ کان پوءِ آزاد ملڪ جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي اڀري آئي هئي. پر جارجيا آمريڪا جي ڏاکڻي رياست آهي ۽ انهن ابتدائي 13-



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياستن مان آهي جن گڏيل آمريڪي رياستن جو بنياد رکيو هيو. ناميارو انساني حقن جو اڳواڻ مارٽن لوٿر ڪنگ به هن رياست جو هيو. جڏهن ته سابق آمريڪي صدر "جمي ڪارٽر" جو واسطو به جارجيا سان هيو. جارجيا رياست مالدار رياست آهي، هتي بوهي مگ، تماڪ، مڪئي، سويابين ۽ ڪپهه جي پوک وڏي تعداد ۾ ٿيندي آهي، جڏهن ته پولٽري ۽ ڪيٽل فارمنگ جو مرڪز به آهي. ان کان سواءِ جارجيا ۾ ٽيڪسٽائل، ڪاغذ، هوائي جهازن، گاڏين ۽ قالين سازيءَ جو وڏو مرڪز به آهي. هوائي جهازن جي مشهور ڪمپني "لاڪ هيڊ" جو هيڊ ڪوارٽر به ايٽلانٽا ۾ آهي. فاروق سان گڏجي اسان شهر جي سير تي نڪتاسين ته سڀ کان اڳ ۾ اسان کي مشهور ٽي.وي چينل سي.اين.اين جي هيڊ ڪوارٽر تي وٺي هليو. اسان سڄو هيڊ ڪوارٽر ۽ اسٽوڊيو وغيره گهمي ڏٺا.

سي.اين.اين جي هيڊ ڪوارٽر واري بلڊنگ ويجهو 1996ع ۾ ايٽلانٽا ۾ ٿيل اولمپڪ راندين جو پارڪ به هيو. ان پارڪ ۾ مختلف سرون لڳل آهن، جن تي انهن ماڻهن جا نالا لکيل آهن جن اولمپڪ وليج جي اڏاوت لاءِ چندو ڏنو هيو. ان لاءِ اهو شرط هيو ته جنهن به ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ چاليهه ڊالر يا ان کان وڌيڪ چندو ڏنو ته ان جو نالو شامل ڪيو ويندو. هزارين سرون لڳل هيون جن تي انهن ماڻهن جا نالا لکيل هيا. ان هنڌ تي به ماڻهن جي وڏي رش هئي.

ان هنڌ ويجهو اولمپڪ ڊوم به ٺهيل آهي، جتي انڊور مقابلا ٿيا هيا. ان کان سواءِ اٽلانٽا شهر جا مالس تمام شاندار آهن. هونئن ته سڄي آمريڪا ۾ ننڍين وڏن شهرن ۾ مالس آهن پر هتان جا مالس ڏاڍا شاندار آهن، ضرورت جي هر شئي موجود آهي ۽ تفريح جا به ڪوڙ موقعا آهن ڪوبه شاپنگ مال 10- ماڙ کان گهٽ نه آهي.

اٽلانٽا شهر به قديم شهر آهي هن شهر جو اصل نالو "ٽرمينس" آهي جيڪو 1945ع ۾ اٽلانٽا ڪيو ويو. 1864ع ۾ گهرو ويڙهه دوران هي شهر سڙي خاڪ ٿي ويو هيو ۽ پيهر آباد ڪيو ويو. هتي اڻويهين صدي جي هڪ بازار به موجود آهي جيڪا زير زمين آهي ان ۾ سوين دوڪان آهن. انهن دوڪانن جي قدامت ۽ اصلوڪو ڊِنگ برقرار رکيو ويو آهي. ان بازار ۾ ڪيٽريون ٿي قديم شيون جن ۾ ابتدائي دور جون ريل جون انجڻيون، بسون، موٽرون ۽ پيون ڪيٽريون ٿي شيون به رکيل آهن.

"ڪوڪا ڪولا" پيتي ته سڀني آهي پر انهن ماڻهن کي خبر به نه هوندي ته "ڪوڪا ڪولا" جي شروعات ڪٿان ۽ ڪڏهن ٿي. مونکي به اها خبر اٽلانٽا گهمڻ کان پوءِ پئي ته "ڪوڪا ڪولا" سڀ کان اڳ ۾ 1886ع ۾ اٽلانٽا ۾ ٺاهي وئي هئي جيڪا اڄڪلهه 200 کان وڌيڪ ملڪن تي راڄ ڪري لڳي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان جي ٻين شهرن ۾ ڪوڪا ڪولا ريگيولر ۽ ڊائيٽ ۾ ملي ٿي پر آمريڪا ۾ ڪوڪا ڪولا ستن فليورن ۾ دستياب آهي. ڪوڪا ڪولا ڪمپني جو هيڊ ڪوارٽر بہ اٽلانٽا ۾ آهي. اتي ڪوڪا ڪولا ميوزيم بہ آهي. اسان بہ ميوزيم گهمڻ وياسين، ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿياسين تہ سامهون ڪوڪاڪولا جي تاريخ بہ لکيل هئي. ڪوڪا ڪولا جي وڪري جي تاريخ 8-مئي 1886ع آهي جڏهن تہ ڪوڪاڪولا ڪمپني جي رجسٽرڊ ٽريڊ مارڪ "ڪوڪ" جي تاريخ 27-مارچ 1944ع آهي، اتي ڪوڪاڪولا جي هسٽري لکيل بہ آهي ۽ اهڙا بروشر بہ موجود هيا. ميوزيم ۾ ڪوڪاڪولا جي پهرين بوتل کان وٺي مختلف دورن ۾ تبديل ٿيندڙ بوتلون بہ رکيل آهن، جن تي اهو بہ لکيل آهي تہ اهي بوتلون ڪهڙي سن کان وٺي ڪهڙي سن تائين رائج هيون. ان ميوزيم ۾ ڪوڪاڪولا ڪمپني جون سيئي ڊرنڪ موجود هيون ۽ ڪاغذ جا گلاس پيل هيا، ڪوبہ ماڻهو ڪوبہ ڊرنڪ پي ٿي سگهيو. شايد تہ اٺ مختلف ڊرنڪ جون ٽانڪيون لڳل هيون جن جي نلڪين مان ماڻهو، عورتون ۽ ٻار پي رهيا هيا. اڄڪلهہ جيڪا ڪوڪاڪولا جي بوتل سڄي دنيا ۾ استعمال ٿئي ٿي، سندس ان شڪل کي بہ پنجاهہ سال کن ٿي چڪا آهن. اتي گهمندي ۽ ڪوڪاڪولا جي مشروب کي مختلف مرحلن ۾ ٺهندي بہ ڏٺوسين، ڏاڍو لطف آيو.

ٻئي ڏينهن تي "الفاريٽا" کان جيڪو اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي هڪڙو خوبصورت رسارٽ آهي جتي پري پري کان ماڻهو موڪلون گذارڻ ايندا آهن. ان لاءِ نڪري پياسين، رستي تي هڪڙو "گريفن" نالي ننڍڙو پر ڏاڍو خوبصورت ڳوٺ هيو. ان جو نظارو بہ ڏاڍو دلڪش لڳو. وڻن جون قطارون، گلن جون ٻاريون، خوبصورت گهر، ساوڪ ۽ چٻر جا ميدان، صاف ۽ ڪشادا روڊ رستا ڄڻ تہ جنت جو نظارو هيو. ان کان سواءِ ڪيترائي ننڍا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ بہ رستي تي هيا. رسورٽ تي پنج ڇهہ ڪلاڪ رهياسين، ان جو نالو "الپائين هيلن" هيو. اهو هنڌ گهڻو عرصو اڳ جرمنن آباد ڪيو هيو. هاڻي جرمن تہ ناهن پر ان هنڌ جو اصلوڪو ڇهرو برقرار رکيو ويو آهي.

"الپائين هيلن" جو نظارو دل لڀائڻ وارو ۽ انتهائي خوبصورت آهي وچ مان هڪڙي ننڍڙي ندي وهي ٿي جنهن جي مٿان خوبصورت پل آهي. ان ندي جي پرسان هڪڙو اوپن ايئر ريسٽورينٽ آهي ان ريسٽورينٽ ۾ مختلف هنڌن تي بازيگر پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهيا هيا. ڪن وٽ جادو جا ڪرتب هيا تہ ڪن وٽ وري تاس جي پتن جا ڪرتب هيا. ڪو ٻار هٿن ۾ جهنڊي ۾ اڇلي رهيو هيو تہ ڪو وري 10-فوٽن جون ڪاٺ جون ٽنگون لڳائي گهمي رهيو هيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن چوڪ تي فنڪار گٽار ۽ ٻيا ساز وڄائي داد حاصل ڪري رهيا هيا ته ٻئي پاسي وري نچڻ وارا ناچ وسيلي لطف اندوز ڪري رهيا هئا. اتي هر رنگ، نسل ۽ قوم جا ماڻهو موجود هيا ۽ مزو وٺي رهيا هيا. ان رسورٽ ۾ ڊينڊ به هئي جنهن ۾ ٻيڙين تي سير جو انتظام به هيو. ڪيترائي ماڻهو اتي ڪمرا وٺي ترسيل به هيا جن ۾ نوان شادي شده جوڙا به هيا، جيڪي هني مون ملهائڻ لاءِ آيل هيا. سڄي "الپائن هيلن" جي هڪ طرف ڪان وڏا جبل آهن جيڪي خوبصورت ۽ ڏٺهن وٽن سان جهنجهيل آهن، ڪيترائي اوپن شاپس ۽ مختلف قسمن جا دوڪان هيا. جبلن جي قطار سائوٿ جارجيا کان شروع ٿي ڪيرولينا ۽ ورجينا مان گذرندي نيويارڪ اسٽيٽ تائين پهچي ٿي. برفباري اڃان شروع نه ٿي هئي، باقي سياري جي شروعات هئي.

واپسي ۾ هڪڙي هنڌ تي "سمٿ گال انڊين رزرويشن" جو بورڊ لڳل ڏٺوسين. منهنجو خيال هيو ته ريڊانڊينز جو اهو ڳوٺ يا آبادي به گهمي ڏسجي. پر فاروق چيو ته وڃڻ لاءِ اجازت وٺڻي پوندي آهي، ان ڪري اجازت نامي ڪانسواءِ هلي نٿو سگهجي. ان ڪري اهو هنڌ نه ڏسي سگهياسين. ان چڪر ۾ اسان سان فاروق جي فيملي، سندس ماءُ ادي بختاور اسان تي ڇٽا يعني مان، منهنجي گهرواري فاطمه ۽ نياڻي شيبا هياسين. رستي تي ننڍا ننڍا دوڪان هيا جن تي سبزيون ۽ فروٽ ٿي وڪاڻو. اسان سمجهيو ته اهو فروٽ ۽ سبزيون انهن ڳوٺن ويجهو ڪيل ٻنين جون آهن ۽ تازو مال آهي. فاروق جي امڙ چيو ته اهو تازو مال هوندو ۽ سستو به هوندو. فاروق چيو ته اهي دوڪاندار شهرن مان وٺي اچي رکندا آهن. پر سندس امڙ ضد ڪري ڪجهه سبزيون ۽ فروٽ به ورتو. ڪجهه پيسا به ورتاسين ۽ گهر موٽي آياسين. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ فاروق ۽ مان بازار وياسين ته فاروق مونکي چيو ته چاچا اچو ته هڪڙي ڳالهه ٻڌايانو.

هڪڙي مال تي سبزيون ۽ فروٽ پيو هيو پيسا به هيا. جڏهن اسان سبزيون فروٽ ۽ پيسا چڪايا ته رستي تي ورتل قيمت جي اڌ کان به گهٽ قيمت ٻڌايائون. مان ته حيران ٿي ويس. فاروق چيو ته اهي هنن دوڪانن تان وٺي وڃي رکندا آهن ۽ ماڻهن کي بيوقوف بڻائيندا آهن ته ٻنين جو تازو مال آهي. اهڙو ئي واقعو ڪينيڊا ۾ به ٿيو هيو. ٽيو ايئن جو ٽورنٽو ۾ هڪڙي مال مان نڪتاسين، مينهن به وسيو پئي. هڪڙي هنڌ تي "فارمرس مارڪيٽ" جو بورڊ لڳل هيو. مون چيو ته اتي تازو مال آهي، وٺندا هلئون. شمير احمد مونکي انڪار نه ڪري سگهيو، چو ته مان مهمان هيس. اتي وڏا وڏا واڱڻ به ڏٺاسين، اٽڪل هڪڙو واڱڻ هڪ ڪلوگرام تور جو هيو. پوءِ فروٽ ۽ سبزي ورتي سين. مون سمجهيو ته قيمت به سستي هوندي، پر پوءِ هڪ ڏينهن مين مارڪيٽ ڏانهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڻ ٿيو تہ ان ڪان بہ سستو مال، سستو پئي مليو. اصل ۾ مونکي سبزين ۽ فروٽ وٺن جو خيال ان ڪري بہ پئي آيو جو مان جڏهن ان ڪان اڳ ۾ عامر وٽ "ٽيمپا" ترسيل هيس، عامر سان گڏ ڪمپني ۾ هڪڙو عراقي ڪم ڪندو هيو جيڪو عامر کي "فارمرس مارڪيٽ" وٺي ويندو هيو، جتان نهايت سٺيون ڀاڄيون ۽ ميوا وٺي ايندا هيا، جيڪي عام مارڪيٽ کان سستا هوندا هيا. مان بہ هڪ بہ دفعا ان فارمرس مارڪيٽ ويو هيس ۽ مونکي اهو امپريشن هيو. پوءِ فاروق مونکي جڏهن چڪر لڳرايو تہ خبر پئي تہ آمريڪا ۾ هرهنڌ بہ ايمانداري نہ آهي ۽ ٺڳي بہ جام آهي، پر ايمانداريءَ جا قدر وڌيڪ آهن ۽ اڪثريت چڱن ماڻهن جي آهي.

جارجيا ۾ ڪجهہ ڏينهن گهمي ڦري اسان لاس اينجلس وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. "لاس اينجلس" آمريڪي رياست ڪيلي فورنيا ۾ آهي. ايئن سمجهجي تہ اسان آمريڪا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. ڇو تہ جارجيا آمريڪا جي اوڀر ۾ ايٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي تہ ڪيليفورنيا وري اولهہ ۾ پيسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. ڪيليفورنيا کي گولڊ اسٽيٽ بہ چوندا آهن ۽ نهايت مالدار رياست آهي. ڪيليفورنيا جي گادي جو هنڌ "سيڪرامينٽو" آهي جڏهن تہ "لاس اينجلس"، "سان جوز"، "سان ڊياگو" ۽ "سان فرانسسڪو" جهڙا وڏا شهر بہ هن رياست ۾ آهن. هن رياست جي ايراضي چار لک يارنهن هزار چورس ڪلوميٽرن تي ٻڌل آهي. هيءَ رياست زرعي رياست شمار ٿيندي آهي، هتي ڪِٽڪ، چانور، ڪپهہ، ڀاڄيون، بادام، نارنگيون، مالٽا، انگور، آڙو، کجور ۽ ٻيا ڪيترائي ميوا بہ ٿيندا آهن، هن رياست جي آبادي اٽڪل ٽي ڪروڙ کن آهي، جن ۾ %66 سيڪڙو گورا غير اسپينش يورپي، %20 سيڪڙو اسپينش، %7.5 سيڪڙو آفريڪي، آمريڪي ۽ باقي ايشيائي رهن ٿا، جن ۾ اڪثريت ويٽنامين جي آهي.

ڪيليفورنيا ۾ 1769ع ۾ اسپيني آيا ۽ ڪالوني قائم ڪئي. 1848ع واري ميڪسيڪن جنگ ۾ آمريڪا ڪيليفورنيا تي قبضو ڪري ورتو ۽ 1850ع ۾ رياست جو درجو ڏنو ويو. 1848ع ۾ هتي سون دريافت ٿيو. سابق آمريڪي صدر رچرڊ نڪسن، مشهور اداڪاره مارلن منرو، ايڪشن هيرو آرنلڊ شوارزينگر ۽ مشهور اديب جيڪ لنڊن جو واسطو بہ هن رياست سان آهي. آرنلڊ شوارزينگر ڪيليفورنيا جو گورنر بہ رهيو آهي. ڪيليفورنيا رياست ۾ تيل ۽ گيس جا وڏا ذخيرا آهن. سڄي آمريڪا ۾ گوشت جي سپلاءِ ۾ بہ هن رياست جو وڏو حصو آهي جڏهن تہ عمارتي ڪاٺ بہ وڏي تعداد ۾ فراهم ٿئي ٿو.

بهرحال اسان 12-آڪٽوبر جي ڏينهن اٽلانٽا ايئرپورٽ تان لاس اينجلس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ روانا ٿياسين. فاروق اسان کي ايئرپورٽ تي پهچائي ويو. اهو رمضان جو مهينو هيو، منهنجي گهرواري کي روزو هيو. اسان جو جهاز رستي تي ڊيلٽر نالي شهر ۾ لٿو، چو تہ اتي جهاز جو اسٽاپ هيو. پر ڪنهن خرابي سبب فلائيٽ بہ ڪلاڪ ليٽ ٿي وئي ۽ منهنجي گهرواري اتي ئي ريسٽورينٽ تي روزو کوليو. جڏهن اسان لاس اينجلس پهتاسين تہ اتي منهنجي نياڻي شميم احمد جو ياءُ نديم احمد اسان کي ونڻ آيو هيو. اسان جو قيام بہ انهن وٽ هيو. نديم احمد هڪڙي حبيب آمريڪن بينڪ جو مينيجر هيو ۽ ڪيس نيو جرسي مان بدلي ٿئي ٿورو وقت ٿيو هيو. اسان کيس اڳواٽ اطلاع ڪري ڇڏيو هيو، پر ليٽ ٿيڻ سبب ڪيس انتظار ڪرڻو پيو. اٽلانٽا ۽ لاس اينجلس هڪٻئي کان تمام گهڻو پري آهن ۽ مختلف ٽائيم زون ۾ آهن. انهن ٻنهي شهرن جي ٽائيم ۾ ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي. آمريڪا تمام وڏو ملڪ آهي ۽ ان ۾ چار ٽائيم زون آهن.

نديم اسان کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ وٺي روانو ٿيو. سندس فيملي بہ ننڍي آهي، کيس هڪ نياڻي آهي يعني سجو خاندان ٽن ماڻهن تي مشتمل آهي. سندس گهر واري کي اسان "هني" سڏيندا آهيون ۽ سندس ڪڪيءَ کي "سرينا" چوندا آهيون. نديم احمد جي گهر واري سابق وزيراعليٰ سنڌ اختر علي قاضيءَ جي ياءُ قاضي امام علي جي نياڻي آهي. نديم احمد جو گهر لاس اينجلس ويجهو اورينج ڪائونٽي جي "ارون" شهر ۾ "ووڊ بيري ڪامپليڪس" ۾ آهي. اهو علائقو نهايت پوش ايريا آهي. سندس فليٽ بہ شاندار هيو. رات ٿي چڪي هئي ڪچهري وغيره ڪري سمهي پياسين. ٻئي ڏينهن تي 13-آڪٽوبر جي تاريخ هئي ۽ ويڪ ايند هيو. نديم احمد گهمڻ جي صلاح ڪئي پر اسان گهڻا ٿڪل هياسين. نديم احمد ۽ سندس گهرواري منهنجي ٻارن وانگر آهن ۽ منهنجي عزت بہ پنهنجي وڏن وانگر ڪندا آهن. منهنجي نياڻي سان تہ سندس گهرواري "هني" جي دوستي آهي. سندس والد مرحوم امام علي قاضي بہ منهنجو دوست هيو. نديم احمد ۽ هني جي نڪاح مهل بہ گهوٽ ۽ سندس والد آءِ ڊي جوٽيجو منهنجي ڪار ۾ چڙهي هليو هيو. بهرحال نديم احمد جي زور ڀرڻ تي اسان ٻاهر نڪتاسين ۽ سندس گاڏي ۾ چڙهي هلڪو ڦلڪو چڪر ڏئي هڪڙو مال گهمي موٽي آياسين.

لاس اينجلس شهر جي آبادي ساڍا 35-لک ۽ ايراضي 468-چورس ميل آهي. هن شهر ۾ پنج يونيورسٽيون، ٻارنهن ڪاليجون، 1642 پبلڪ اسڪول ۽ 800 پرائيويٽ اسڪول آهن. لاس اينجلس شهر جو بنياد اسپينش ماڻهن 1781ع ۾ وڌو جڏهن تہ 1846ع ۾ آمريڪا هن شهر تي قبضو ڪيو. لاس اينجلس شهر هڪ وڏو واپاري ۽ ڪاروباري مرڪز بہ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو نديم احمد ۽ سندس گهر واري کي هڪ پارٽي ۾ ويٺو هيو. ان ڪري اسان جي بور ٽيٽ جي خيال کان نديم احمد، شهر جي نائيٽ ٽوئر پروگرام لاءِ اسان جي آن لائين بڪنگ ڪرائي ڇڏي ۽ ادائيگي بہ ڪري ڇڏي. شام جو اسان نديم احمد وارن سان گڏجي روانا ٿياسين ۽ جنهن هوٽل ۾ سندن پارٽي هئي اتي وڃي ويٺاسين. ٽوئر پروگرام وارن کي چيل هيو تہ اسان کي اتان وٺي وڃن. نديم ۽ سندس گهر واري تہ اندر پارٽي واري هال ۾ هليا ويا ۽ اسان لابي ۾ ويهي ٽوئر وارن جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ان فائيو اسٽار هوٽل ۾ ويٺي اسان کي چڱو وقت گذري ويو پر ٽوئر وارا نہ پهتا. ان وچ ۾ اوچتو نديم ٻاهر نڪتو تہ اسان کي اتي ئي ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو. اسان ڪيس ٻڌايو تہ ٽوئر وارا جان نہ پهتا آهن. رابطو ڪرڻ تي نديم کي ٽوئر وارن ٻڌايو تہ مهمانن کي وٺي وڃڻ لاءِ اسان جون مخصوص پوائنٽون آهن، انهن هنڌن کانسواءِ ٻئي هنڌ تان نہ کڻندا آهيون ۽ اسان جي غلطي آهي جو اها ڳالهہ توهان کي ٻڌائي نہ سگهياسين.

پوءِ نديم ۽ سندس گهر واري پارٽي اڌ ۾ ڇڏي نڪري آيا ۽ اسان کي شهر گهمائڻ لڳا. رات جو شهر گهمڻ جو مزو ئي ٻيو آهي. نائيٽ لائيف جي نالي تي جيڪي تفريحون ۽ مزا يورپ ۽ آمريڪا جي شهرن ۾ آهن انهن جو ڪو جواب ئي ڪونهي. ڪيسينو، بار، نائيٽ ڪلبون، ڊانس هال، ٿيٽر، مختلف قسمن جون رانديون، سوين قسمن جي جوئا، بازيگرن جا تماشا، سوين قسمن جا ڪاڌا مطلب تہ هر قسم جي تفريح موجود آهي. لاس اينجلس شهر جو سٺ سيڪڙو حصو سڄي رات جاڳندو آهي. روشنين جي جهرمر، مختلف قسمن جا سائين بورڊ، سوين قسمن جي گاڏين جون لائيٽون ۽ ماڻهن جا هجوم شهر کي سڄي رات جاڳائيندا رهن ٿا.

جيئن مون چيو تہ نديم ۽ سندس گهرواري اسان جي روڪڻ باوجود فنڪشن اڌ ۾ ڇڏي نڪري آيا ۽ ڊنر بہ نہ ڪيائون. اسان سڀ گڏجي شهر جو سير ڪندا سڌو هالي ووڊ وياسين جيڪو لاس اينجلس جو ڊسٽرڪٽ آهي ۽ پسگردائيءَ ۾ آهي. هالي ووڊ دنيا جي ڪيترن ئي ماڻهن جي خوابن جو شهر آهي. 1911ع کان هي شهر عالمي فلم انڊسٽري جو مرڪز بڻجي ويو ۽ هتي پيراماؤنٽ، ايم جي ايم، ڪولمبيا پڪچرس، يونائيٽيڊ آرٽسٽس، وارنر برادرس، ڊزني ۽ ٻيا ڪيترائي فلم اسٽوڊيوز ناهيا ويا. هالي ووڊ ۾ ٺهندڙ فلمن دنيا کي عظيم اداڪارن سان روشناس ڪرايو. اڳتي هلي هالي ووڊ، عالمي سطح تي فلمن جي ڪاميابي جو نالو بڻجي ويو.

هالي ووڊ شهر جو هڪ علائقو "بيورلي هلز" دنيا جو مهانگو ترين رهائشي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقو آهي. "بيورلي هلز" ۾ هالي ووڊ جا اداڪار ۽ فلمساز وغيره رهندا آهن. هالي ووڊ شهر ۾ ايم جي ايم اسٽوڊيو وارن جو "ٿيم پارڪ" به آهي جتي سياحن جي سدائين رش هوندي آهي. ان "ٿيم پارڪ" ۾ فلمن جي شوٽنگ جا مرحلا ڏيکارڻ کان وٺي ڪيترائي منظر ڏيکاريا ويندا آهن جيڪي ڏسندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏين ٿا. هالي ووڊ به روشنين جو شهر آهي. اسان به رات جو دير تائين هالي ووڊ ۾ گهمندا رهياسين. ماني به هڪڙي ريسٽورينٽ ۾ کاڌي سين ۽ پوءِ "ارون" موٽي آياسين. ڏينهن جو اسان هڪڙي پڪنڪ پوائنٽ تي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيوسين. نديم ته آفيس هليو ويو باقي سندس گهر واري هني چيو ته مان توهان کي گهمائڻ تي هلان. رمضان جو مهينو هيو. منهنجي گهر واري کي روزو هيو. باقي مان روزا نٿي رکي سگهيس. اسان سڌو "بالبو آئلينڊ بيچ" تي وياسين. هني پاڻ ڊرائيونگ ڪري رهي هئي. نيوپورٽ نالي شهر ويجهو اهو بيچ هيو. ڏاڍو سهڻو ٽوئرسٽ اسپاٽ آهي. اسان بيچ تان ڪروز ۾ چڙهي سمنڊ جو سير ڪيو ۽ ان آئلينڊ تي وياسين. ڪيترائي سياح هيا. مرد ۽ عورتون انتهائي مختصر لباس ۾ گهمي رهيا هيا. ڪي سن باٿ ڪري رهيا هيا. ڪي وري ڪناري تي مختلف رانديون ڪري رهيا هيا. دنيا کان بي نياز ڪيترائي جوڙا هڪبئي ۾ گم هيا. اتان گهمي ڦري "ارون" جي ٻاهران هڪڙي ڊپارٽمينٽل اسٽور جو چڪر هنيوسين ۽ گهر موٽي آياسين.

شام جو نديم آيو ته اسان کي گهمائڻ لاءِ ٻاهر وٺي ويو. اسان سڌو "ارون سينٽرم" ۾ وياسين. چاليهن ايڪڙن تي ٽهيل "سينٽرم" ۾ جيڪا عمارت آهي ان جو آرڪيٽيڪچر اسپينش ۽ مسلم نموني جو آهي. عمارت کي ٻاهران ڏسڻ کانپوءِ محسوس ٿيندو ڄڻ ڪنهن مسلمان ملڪ جي ڪا عمارت هجي. ان هنڌ تي ايترا ته ماڻهو هيا جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. هر رنگ، نسل ۽ قوم جا ماڻهو هيا. ڏاڍا ڦوهارا ۽ گيٽ لڳل هيا. لائيٽنگ به شاندار هئي. دوڪان ۽ ريسٽورينٽ به ڏاڍا بهترين هيا. سيني ماڻهن جي منهن تي مرڪ هئي. مون نديم کي چيو ته "مان هتي پيهر به گهمڻ ايندس، مون کي ڏاڍو مزو آيو آهي." ٻئي ڏينهن نديم چيو ته چاچا هلو ته مان توهان کي پنهنجي بينڪ به گهمايان ۽ سينٽرم جو چڪر به هڻئون. اسان اڳ ۾ سندس بينڪ "حبيب آمريڪن بينڪ" وياسين جتي پاڻ مينيجر هيو. سندس برانچ جنهن هنڌ تي آهي اهو هنڌ لاس اينجلس جو واپاري ۽ تجارتي مرڪز آهي. ان هنڌ تي ڪيترن ئي هندوستاني ماڻهن جا دوڪان ۽ ريسٽورينٽ آهن. هونئن به ڪيليفورنيا ۾ سکن، مسلمانن ۽ هندن جو چڱو خاصو انگ رهي ٿو جيڪي هندوستان جا آهن ۽ به پيڙهيون اڳ هتي اچي آباد ٿيا هيا. انهن جي اڪثريت زراعت پيشه آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نديم بينڪ مان واندو ٿيو تہ اسان ٻاهر نڪري پياسين. مون نديم کي ٻڌايو تہ، "جڏهن مان ڪينيڊا ۽ آمريڪا آيس پئي تہ منهنجو پٽ آصف مون کي فرمائش ڪئي هئي تہ "منهنجي لاءِ شوز وٺي اچجو." ڪينيڊا ۾ مون شميم کي چيو تہ ٻہ بوٽ وٺڻا آهن. اسان گهمندا رهياسين پر مونکي خبر نٿي پئي." مون شميم کي چيو تہ تون پسند ڪر، پر شميم چيو تہ آمريڪا مان وٺجو، مان ذميواري نٿو کڻي سگهان. اٽلانٽا ۾ فاروق بہ اهڙي ذميواري نہ کنئي، ڇو تہ آصف هر شئي ۾ معيار جو خاص خيال رکندو آهي، سندس پسند ڏاڍي منفرد هوندي آهي ۽ جهڙي تهڙي شئي هن کي پسند نہ ايندي آهي. نديم چيو تہ "چاچا ڪا ڳالهہ ناهي، مان توهان کي شاندار بوٽ وٺي ٿو ڏيان. پر بازار گهمڻي پوندي." نديم احمد، آصف جو ننڍپڻ جو ۽ پيارو دوست آهي ۽ ان کي سندس پسند جي خبر بہ آهي. سدائين آمريڪا مان آصف لاءِ بوٽ ۽ ٻيون شيون وٺي ايندو آهي.

اسان ويجهو ئي هڪڙي مال ۾ وياسين، اتي هڪڙي بوٽن جي دوڪان تي وياسين، سيلز مين پاڪستاني هيو ۽ اردو ۾ ڳالهائي رهيو هيو. اسان ڪجهہ بوٽ ڏٺا پر اسان کي پسند نہ آيا. پوءِ وري سليز مين، ڪمپني جو ڪيٽيلاگ کڻي آيو. ڪيٽيلاگ ۾ سئو کان بہ وڌيڪ ڊزائينون هيون. نديم احمد ان مان ڪجهہ بوٽ پسند ڪيا. پر سيلزمين چيو تہ اهي اسان وٽ اسٽاڪ ۾ ڪونهن، توهان مهرباني ڪري اسان جي هالي ووڊ واري دوڪان تي وڃو. پر ايئن ڪيو تہ هتان بہ جوڙا بوٽن جا وٺي وڃو ۽ سڀاڻي هالي ووڊ واري دوڪان تان وڃي مٽرايو. اسان اهي بہ جوتا خريد ڪري گهمندا ڦرندا گهر موٽي آياسين. ٻئي ڏينهن تي هالي ووڊ وياسين. هڪڙي هنڌ گاڏي بيهاري پنڌ گهمڻ لاءِ نڪتاسين.

"روڊيو رائيٽ اسٽريٽ". هالي ووڊ جي دوڪانن ۽ بازارن جو مرڪز آهي. هن اسٽريٽ کي دنيا جي مهانگي ترين ايريا چيو ويندو آهي. هتي ملندڙ هرهڪ شئي جي قيمت ڪنهن بہ ٻئي هنڌ کان ڪيترا دفعا وڌيڪ آهي. ڇو تہ اتي ڪپڙي ۽ ٻين شين جا جيڪي دوڪان آهن، اهي دنيا جي مشهور ڊزائينرن جا آهن جيڪي انتهائي ڳري قيمتن ۾ اداڪارن ۽ اداڪارائن سميت شوبزنس جي ماڻهن جا ڪپڙا ۽ بوٽ وغيره ڊزائين ڪندا آهن. "روڊيو رائيٽ اسٽريٽ" جي دوڪانن ۽ بازارن مان خريداري ڪرڻ وارا بہ دنيا جا مشهور اداڪار ۽ اداڪارائون، فنڪار، سرمائيدار ۽ رائل فيملين جا ماڻهو هوندا آهن. بهرحال اسان کي تہ شوز چينج ڪرائڻا هيا، اهي چينج ڪراياسين. ٻيا شوز چڪاياسين پر اهي ايترا تہ مهانگا هيا جو اسان کي ذهن ۾ ئي نٿي آيا. ان کان سواءِ ٻيون شيون جيڪي ان بوٽن جي دوڪانن تي هيون، اهي بہ ڏاڍيون مهانگيون هيون، جن ۾ بيلٽ، ٽاءِ، ٽوپيون ۽ ٻيون ڪجهہ شيون موجود هيون،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر انهن جون قيمتون ٻڌي ارواح ئي ڪجي ٿي ويو. آصف لاءِ جيڪي شوز ورتاسين انهن جي قيمت 450-ڊالر هئي پر اسان لاس اينجلس واري دوڪان تان رعايت ۾ خريد ڪري آيا هياسين. پر هتي بارگيننگ يا رعايت جو سوال ئي ڪونهي. ”روڊيو رائيٽ اسٽريٽ“ تي گهمندي هڪڙي مشهور ڊزائينر جي دوڪان ٻاهران لکيل هيو ته اڳواٽ ٽائيم وٺي پوءِ ايندا. هڪ ٻئي بورڊ تي ڪجهه مشهور ماڻهن جا نالا لکيل هيا جن جا ڪپڙا سندس ڊزائين ڪيل هيا. انهن ۾ جارج بش، ليڊي بش، گورنر بش، هز رائل هاءِ نيس پرنس آف قطر، پرنسيس آف سعودي عربيه، ارد شير زاهدي شاهه ايران جو نياٽو ۽ ٻيا ڪيترائي نالا هيا. اسان جي ته حيثيت ئي نه هئي ۽ ضرورت به ڪونه هئي.

هالي ووڊ جي روڊن تي اسان کي ڪيئي اداڪار به گهمندي ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي پنهنجي جڳ مشهور فلمن جي ڪردارن واري گيٽ اپ ۾ هيا. سوين ماڻهو انهن سان فوٽو ڪيرائي رهيا هيا. پوءِ مونکي نديم احمد ٻڌايو ته اهي اصلي اداڪار ۽ اداڪارائون نه پر انهن سان مشابهت رکندڙ ماڻهو آهن جيڪي انهن جي گيٽ اپ ۾ آهن. اهي ماڊلنگ ڪندڙ صفا انهن اداڪارن جهڙا آهن. هالي ووڊ جي روڊن تي هلندي فوٽ پاٿن تي لڳل پٿرن تي وري مشهور اداڪارن ۽ اداڪارائن جي هٿن ۽ پيرن جا نشان سندن نالن سميت اڪريل آهن جيڪي سون جي انگ ۾ آهن. ان ڪانسواءِ وڏن وڏن اداڪارن ۽ اداڪارائن جا بت به مختلف هنڌن تي لڳل آهن. اسان ننڍپڻ ۾ جيڪي فلمون ڏٺيون انهن ۾ ”چارلي چيپلن“ جو نالو مشهور هوندو هيو. مون به انهن بتن مان چارل چيپلن جو بت ڏسي سڃاتو. ان هنڌ تي گهمڻ جو ڏاڍو مزو آيو. پوءِ واپس اچي لاس اينجلس جو چڪر هڻي ”سينٽرم“ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيوسين پر ايڏو ته مينهن پيو جو سڌو گهر وڃي آرام ڪيوسين.

ٻئي ڏينهن تي سومر هيو پر نديم پنهنجي آفيس مان موڪل ورتي ۽ مون کي چيائين ته گهمڻ ٿا هلئون، جيڪڏهن ”سان فرانسسڪو“ هلو ته توهان جي مرضي يا وري ”لاس ويگاس“ هلو. مونکي گهڻي وقت کان ”لاس ويگاس“ گهمڻ جو شوق هيو ۽ دوستن کان لاس ويگاس جو ذڪر ٻڌندو ايندو هيس، اخبارن ۽ رسالن ۾ به ان جو ذڪر پڙهيو هيو.

اسان ارون کان نڪتاسين 272 ميلن جو پنڌ هيو. رستي تي آباديون تمام گهٽ نظر آيون، اڪثر رڻ پٽ ۽ غير آباد علائقو هيو. لاس ويگاس، نيوادا رياست ۾ آهي جيڪا ريگستان، برپٽ ۽ جابلو علائقن تي ٻڌل آهي. هن رياست جو وڏو حصو غير آباد آهي. رستي تي هڪ اڌ هنڌ تي ويهي چانهه پيتي سين ۽ ساهه پٽيوسين. نيٽ هلندي هلندي چئن ڪلاڪن جي ڊرائيونگ کان پوءِ لاس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويگاس پهتاسين. لاس ويگاس شهر 60-چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي، هن شهرجي آبادي ٽي لک کن ٿيندي. هن شهر کي هڪڙو انٽرنيشنل ايئرپورٽ، ٻه ريلوي لائينون ۽ 16-موٽر ويز آمريڪا ۽ دنيا سان ڳنڍيل رکن ٿا. لاس ويگاس ۾ 7-ٽيلي ويزن ۽ 28-ريڊيو اسٽيشنون آهن جيڪي شهر ۾ ايندڙ ماڻهن کي مختلف قسمن جي تفريح فراهم ڪن ٿيون. ان کان سواءِ هن شهر ۾ 8-جديد اسپتالون، 130-پبلڪ اسڪول، هڪ ڪاليج ۽ هڪ يونيورسٽي به آهي.

لاس ويگاس شهر جو عروج 1931ع ۾ شروع ٿيو. جڏهن رياستي حڪومت غير قانوني قرار ڏنل جوئا کي قانوني قرار ڏئي باقائده ڪاروبار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. حڪومت جي ان عمل مان حڪومت کي به هڪ وڏي رقم ٽيڪس جي صورت ۾ ملڻ لڳي ۽ اهو ڪاروبار ڪندڙ به مالدار ٿيڻ لڳا. لاس ويگاس شهر جو سڄو حسن ۽ خوبصورتي ڪسينو (جوئا گهر) سبب آهي. لاس ويگاس ۾ عرب شيخ ۽ شهزادا، برصغير جا امير ڪبير ماڻهو، مختلف مافيائن سان واسطو رکندڙ ڊان، ايشيا، آفريڪا، يورپ، آسٽريليا، لاطيني آمريڪا ۽ خود اتر آمريڪا جي ملڪن سان واسطو رکندڙ جوئاري اچن ٿا. شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ 2000 کان وڌيڪ ننڍا وڏا ڪسينو آهن جن ۾ روليٽ مشين، پوڪر، ڪارڊ گيم، بريگ، فروٽ مشين، بليڪ جيڪ، ڪريبيگ ۽ ٻين ڪيترن ئي قسمن جي جوئا ٿئي ٿي. هڪ رات ۾ اربين ڊالرن جا داءَ لڳندا آهن.

اسين به هڪڙي هنڌ تي گاڏي پارڪ ڪري گهمڻ نڪتاسين. سامهون ئي هڪڙو جهرمر ڪندڙ بورڊ لڳل هيو. بورڊ تي "سيزر پيلس ڪيسينو" لکيل هيو. اندر داخل ٿياسين ته تمام وڏو ڪيسينو هيو. واقعي به پيلس هيو. پنج ماڙ عمارت هئي ۽ هيٺان تهخانو هيس. ٽن ماڙين تي جوئا گهر هيو باقي ٻن فلورس تي ريسٽورينٽ ۽ شاپنگ سينٽر هيو. مونکي ذاتي طور تي جوئا کيڏڻ جو ڪو اتفاق نه ٿيو آهي حالانڪ ڪيترائي دوست ۽ وڪيل جوئاري هيا ۽ انهن سان چڱو خاصو واسطو به هيو. پر مان ان معاملي کان پري رهيو آهيان. پر اسان جي پاسي واري جوئا ۽ هتان جي جوئا ۾ وڏو فرق آهي. مختلف هالن ۾ مختلف قسمن جون مشينون هيون، جن تي هڪ سينٽ کان وٺي هزارين ڊالرن جي شرط لڳائي پئي سگهجي. تاس راند وارا به پنهنجي ڪمن ۾ مشغول هيا. شراب به پاڻي وانگي پئي پيتائون ته ٻئي طرف بال رومن ۾ ڊانسون به هلي رهيون هيون. مطلب ته ڪيسينو ۾ رڳو جوئا نه بلڪ هر قسم جي تفريح هئي. ان ڪيسينو جو نقشو ۽ اڏاوت به شاندار هئي. هر ڪمري ۽ هال ۾ مختلف ننڍا وڏا مجسما ۽ تصويرون لڳل هيون جيڪي ماحول کي شاندار بڻائي رهيون هيون. ڪيترائي مجسما اگهاڙا هيا پر فنڪار جي مهارت جو اعليٰ نمونو ٿي لڳا. هر ڪيسينو ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي شاپنگ ايريا هئا.

لاس ويگاس شهر ۾ هر وقت ميلو متل هوندو آهي. رات جي وقت جيڪا لائيٽنگ ٿئي ٿي اهڙي دنيا جي ڪنهن هنڌ ڏسڻ ۾ نہ ايندي. ايئن محسوس ٿيندو ڄڻ ڪنهن جادو نگري ۾ پهچي ويا آهيون. اسان جنهن ڪيسينو ۾ گهمياسين پئي اهو تمام وڏو هيو پر پوءِ خبر پئي تہ اهو ڪيسينو ٻين وڏن ڪيسينوز جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهي. هونئن تہ لاس ويگاس شهر سڄو ڪيسينوز سان ڀريل آهي پر هڪ مخصوص ايوينيو تي ڪيسينو ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي ۽ اتي دنيا جا سڀ ڪان سٺا، وڏا ۽ مشهور ڪيسينوز آهن.

هڪڙو ڪيسينو نيويارڪ نالي آهي جنهن جي ٻاهران مجسمہ آزادي، ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ۽ ڪرائسلر بلڊنگ لڳل آهن ۽ ماڻهوءَ کي محسوس ٿيندو تہ ڄڻ نيويارڪ ۾ پهچي ويو آهي. اهڙي طرح واشنگٽن نالي ڪيسينو ۾ وڃبو تہ ڪيپيٽل بلڊنگ ۽ وائيٽ هائوس ڏسڻ ۾ ايندا. پيرس ڪيسينو ۾ ايفل ٽاور جو ماڊل ٺهيل آهي. پيرامڊ ڪيسينو چائينز ڪيسينو الادين ڪيسينو ۽ ٻيا ڪيترائي ڪيسينو هيا. ايئن گهمندي گهمندي اوچتو تيز مينهن شروع ٿي ويو جنهن سبب روڊن رستن جي رونق جهڪي ٿيڻ لڳي ۽ اسان موٽڻ جي ڪئي. رات جو دير ٿي چڪي هئي، رستي تي هاءِ وي تي هڪڙي ڪيسنيو ۾ ڊنر ڪئي سين ۽ پوءِ وري "ارون" لاءِ نڪري پياسين. ڇئن ڪلاڪن جي پنڌ ڪانپوءِ گهر پهتاسين.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اسان نديم ۽ هني کان موڪلائي لاس اينجلس کان ڊائريڪٽ فلائيٽ وسيلي ٽورنٽو موٽي آياسين، جتي هفتو کن رهي ٻچڙن کان موڪلائي پاڪستان واپس آياسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# JEEAN JEEAN WARQA WARAṄ

## *(As the foil falls)*

Part-II (*Memoires*)

Written by
**Abdul Razak Soomro**

Compilation & Research by
**Ustad Khalid Chandio**

**Peacock Publishers, Karachi**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# CONTENT


| | | |
|---|---|---|
| 1. | Speech of President High Court Bar Association Larkana | 3 |
| 2. | Address on the Occasion of Opening Ceremony of Library in High Court Building | 6 |
| 3. | Letter to Registrar High Court of Sindh, Karachi. | 8 |
| 4. | Address by President High Court Bar Association Larkana | 11 |
| 5. | Address on the Occasion of Visit of Chief Justice of Pakistan | 15 |
| 6. | Address on the Occasion of Visit of Federal Law Minister | 20 |
| 7. | Speech at One of the Sessions of Mohenjo-Daro Conference | 22 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# SPEECH OF PRESIDENT HIGH COURT BAR ASSOCIATION LARKANA

*On the Occasion of Opening Ceremony of Building of Bench of Sindh High Court LARKANA.*

- **Excellency General Pervez Musharraf President of Pakistan**
- **Excellency Mr. Mohammad Mian Soomro Governor of Sindh**
- **Mr. Justice Syed Saeed Ashhad Honourable Chief Justice High Court of Sindh**
- **Mr. Justice Shakurullah Jan Honourable Chief Justice of N.W.F.P**
- **Mr. Justice Raja Fayaz Ahmed Honourable Chief Justice of Baluchistan**
- **Honourable Members of Bench and Bar Distinguished Guests**

On this auspicious occasion of opening ceremony of Circuit Court Building of High Court of Sindh at Larkana, it is my privilege to welcome you, on my own behalf and on behalf of the High Court Bar Association Larkana.

Mr. President Sir!

We are beholden to you for sparing time from your busy schedule to perform the opening ceremony.

For a fairly long time there was a growing demand from public at large and legal fraternity for provision of Bench of High Court of Sindh for Larkana Division, at Larkana.

Realizing the need of speedy and inexpensive justice at the doorsteps of the people, the Pakistan Peoples Party's Government decided to have a Circuit Court of High Court of Sindh at Larkana.

To begin with the Circuit Court started functioning from 15th December 1994 in a wing of Sessions Court Building Larkana

The arrangement was on the face of it inadequate and unsatisfactory but the need justified the beginning, like the other two benches of High Court of Sindh at Sukkur and Hyderabad



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

which were also started, in borrowed spaces. In case of Sukkur Bench it started in District Council Building Sukkur and in case of Hyderabad Bench it commenced the function in Sessions Court Building. After some time Sukkur and Hyderabad Benches got their own buildings.

In the year 1995 Mohtarma Benazir Bhutto as Prime Minister of Pakistan sanctioned building for Circuit Court Larkana. Rs: 50 million were provided for construction and she laid the foundation stone. The contract for construction of the building was also awarded. Due to change in the Government the work was stopped.

Unremitting efforts spread over years, were taken by the Larkana Bar to retrieve the project from doldrums.

The efforts succeeded through the good offices of each of the chief Justices of High Court of Sindh Honourable Mr. Justice Nazim Hussain Siddiqui and Honourable Mr. Justice Syed Deedar Hussain Shah one after the other. The contract of the work was revived and Mr. Justice Abdul Hamid Dogar, the than Judge of Sindh High Court under instructions of the Chief Justice started overseeing the work . Yet the progress was slow.

Ultimately after lapse of years, the project was taken care of in the right earnest from the last two years.

The Honourable Chief Justice Mr. Justice Syed Saeed Ashhad and his colleagues took personal interest by providing guidance, removing bottle-necks, and solving the technical problems related to the building.

This building Sir, is the replica of the High Court of Sindh building at Karachi. The facade of structure has attracted every dignitary and it is highly admired by every one who paid visit here.

While the construction was in progress Honourable Governor of Sindh Mr. Mohammad Mian Soomro very kindly visited the site more then once, expressed his satisfaction and extended his support.

The than Federal Law Minister Barrister Shahida Jameel paid visit to the project. She appreciated the efforts, and assured substantial help.

Due to inordinate delay in executing the scheme the cost of construction escalated as such more funds were required. We are thankful to the present Government for providing additional financial support without which, this project would hardly have



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

been completed.

Sir, some indispensable necessities like a shade/hall for litigant public , a canteen , a small dispensary and furnishing of Bar room are not presently provided because of non availability of funds.

I request that, the President be graciously pleased to provide adequate grant for this purpose.

I will be failing in my duty, if I do not thank Honourable Governor Mr. Mohammad Mian Soomro for donating Books worth Rupees Five Lacs for High Court Bar Library not to mention his precious help from time to time.

I also feel it my bounden duty to express our deep sense of gratitude for the keen interest taken by Honourable Chief Justice High Court of Sindh Mr. Justice Syed Saeed Ashhad and his predecessor Chief Justices.

Last but not the least is our admiration due, to Mr. Justice Zahid Kurban Alvi for his fervent and enthusiastic dedication to steer the project to fruition.

Before closing I once again thank you all, for attending today's function braving the scorching Heat.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association
Larkana

Larkana.
Dated: 27-04-2002.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ADDRESS ON THE OCCASION OF OPENING CEREMONY OF LIBRARY IN HIGH COURT BUILDING

- **His Excellency Muhammad Mian Soomro, Governor Sindh.**
- **The Honourable Chief Justice of Sindh, Saiyed Saeed Ashhad.**
- **Mr. Justice Zahid Kurban Alavi.**
- **Mr. Justice Syed Zawar Hussain Jafari. Members Of The Bench & Bar.**
- **Distinguish Guests.**

*ASSALAM-U-ALAIKUM*

It is a matter of great privilege and immense pleasure to welcome you all on the occasion of inauguration of High Court Bar Library and Delivery of law books by his Excellency the Governor to the Bar Association.

Excellency the Governor Sir, You will recall, that when this building was not yet completed and there were certain problems relating to the construction we had approached you and at that time I had personally requested your good self that in order for us to effectively assist the judges in coming to fair and just decision a good library and its availability to the members of the Bar was very important.

Appreciating our View Point you immediately issued instructions that a handsome amount of half a million rupees should be made available so that updated books may be purchased for the benefit of the Bar.

We had also approached our Honourable Chief Justice with many demands so that this building could be completed. One of them was to provide us with furniture for the library. His spontaneous approval of our request is an example of the interest he takes in the development of courts within his jurisdiction. With all this Sir, in this terribly hot summer the Library Room without air-conditioner will hardly be a useable place.

I therefore in all earnestness request your Excellency to



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

provide us with four window type air-conditioner, In addition a computer with all accessories and a Fax machine to complete the requirement of the Library.

Sir, on the occasion of inauguration ceremony of this building the President of Pakistan had very magnanimously agreed to provide us funds for several of our projects that are directly and indirectly connected with this building. Some of the items included a Hall for litigant public/Consultation Room, Canteen/Cafeteria, Car shed, A small Dispensary and Furniture for the Bar Room etcetera. In this respect, as desired by you, we had sent `a list and the estimated cost. We look forward to receiving the grants at the earliest.

Excellency, there is a plot adjacent to the High Court building which we are informed is with the Revenue Department. There are few small buildings, which have remained unused for several years. The entire place lies abundant. Many of the staff members, who work in the High Court are from out of Larkana. Quite a number of them shuttle from their place of residence to their place of work. Time, energy and expense are drained. It would be appropriate if this piece of land is given to the Sindh High Court under the jurisdiction of our Chief Justice so that residential facilities for the staff could be created. Many of youngsters who are up and coming lawyers can not afford an office of their own. This land can also used be in to build small but viable offices for them. I sincerely hope Sir, that you will do something about it positively.

Excellency, before I conclude I would once again express deep gratitude on my own behalf and on behalf of the Bar for the keen interest that you Sir, take in our activities. Our immense thanks also go to the Honourable Chief Justice who equally deserves our appreciation for his substantial support. To both of you gentlemen and to other guests I say thank you for being with us inspite of the whether out side, however, the English language always uses the term warm welcome.

We have accorded you a warm welcome.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association
Larkana

13th June 2002



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

From,

**Abdul Razak Soomro,**
**President,**
**High Court Bar Association, Larkana.**

To,

**Mr. Shoukat Ali Memon, Registrar,**
**High Court of Sindh, Karachi.**

***Reference: Your letter No.GA/Misc. dated: 1st June 2005.***

**SUBJECT: REVISION AND UPDATING OF SINDH CRIMINAL CIRCULARS.**

I do hereby submit that the letter is too sketchy, operative part reads, "Honourable Mr. Justice Rahmat Hussain Jafri has been assigned the task to revise/update the Sindh Courts Criminal .Circulars. The Honourable judge has desired that the suggestions in this regard, if any, may be kindly be sent to this office on or about 15th June 2005."

However I venture to submit, as under:-

There is no comprehensive single compilation of Criminal Circulars issued by the Honourable High Court of Sindh from time to time, available to refer for the purpose of offering suggestions.

I am not clear in my mind whether the special task assigned to the Honourable judge covers the revision and updating of Rules of Honourable High Court which were compiled for the first time on 4th November 1944 through the Registrar Chief Court of Sindh.

Then on 1st February 1974 Mr. Amirddin Qureshi recompiled them and the same were published by M.S Publications.

Without going through all the existing Circulars I am not in the position to offer specific opinion. Any way I have benefit of a few Circulars detailed below. I give my view on each.

1. Circular No. 184/M.I.T/Misc./Conflicting judgments/ 92, dated: February 18, 1992.

The above noted Directive is just and objective.

2. Circular No. Gaz, dated: 27.12.2001.Assignment of Executive Magistrates powers on Judicial Magistrates.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The circular is instructive and positive.

3. Circular No. GAZ/XII.Z.14 (iii), dated: 18.04.1998.

Nothing an be. said against above Circular.

4. Circular No.8891 R.H.C/VI.Z-23(55) JM, Karachi, dated: 13.12.2001.

Instruction in above noted communication to all the District & Sessions Judges is a realistic' guideline.

5. Circular No. 36.35 (MIT/Ref/32/2001, Karachi, dated:1 1.12.2001.

*Para vi— Not giving remand in police custody or allowing remand 'for short time. This is a ticklish issue. Judicial Magistrate has to be guided by section 167 Cr. P.C. Any circular inconsistent with the provision of Section 167. Cr. P.C is not justified.. Special cases in which recovery of property of dacoity, robbery, theft or extortion or weapon of offence related to some heinous offence like murder is to be effected, the police remand for reasonable time is justified. My view is 'based on the experience of watching the behaviour of police officer who insist on getting the remand in police custody for longer time for ulterior motives.*

6. Circular No. GAZ, dated: 27.12.2001. Assignment of Executive Magistrates powers on Judicial Magistrate.

7. The circular is instructive and positive.

8. Circular—Karachi, dated: 23.02.2005.

This is a correct observation and an important directive.

## SUGGESTED CIRCULARS

Circular instructing the Courts to dispose of urgent matters like bail application , specially matters relating to bail before arrest. Without any delay this will be in keeping with rule laid down by superior Courts from time to time.

Orders on all the interlocutory applications and judgments in cases reserved should not be unreasonably delayed.

Office hours and Court hours should be rigidly enforced in District & Sessions Courts as well as subordinate judiciary. Working hours of Courts be fixed keeping in view the weather conditions of different areas of the Province.

## GENERAL SUGGETIONS

Connotation of circulars of High Court as laid down in Law Lexicon is reproduced, as under:-

***Circulars of High Court.*** *Unless the High Court circulars are*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*passed under some enactment, which gives it the force of law, the mere fact that a circular is issued under the authority of the High Court is not sufficient to give it that force. 289 Bom. L.R. 1082 = 1926 Born. 548*

The principle in issuing Criminal Court Circulars should be, that they in no case be inconsistent with the existing codified law. They should be arranged .as not to prejudice either of the party in the criminal case. At the same time care should be taken to preserve the District Judiciary Bench Book Pakistan 2002 is a very useful source to consult.

In the end I respectfully propose that draft document of the circulars may be dispatched to various Bar Association and Bar Council to solicit their view in the interests of justice.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association
Larkana

Dated: 06-06-2005.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ADDRESS BY PRESIDENT HIGH COURT BAR ASSOCIATION LARKANA

*On the Occasion of Visit of Chief Justice High Court of Sindh.*

- **My lord Mr. Justice Sabihuddin Ahmed, Chief Justice High Court of Sindh.**
- **My lord Mr. Justice Ghulam Rabbani,**
- **My lord Mr. Justice Khilji Arif Hussain,**
- **My lord Mr. Justice Gulzar Ahmed,**
- **Honourable Mr. Anwar Mansoor Khan, A G Sindh,**
- **Honourable District & Session Judge of Larkana,**
- **Honourable District & Session Judge of Shikarpur,**
- **Honourable District & Session Judge of Jacobabad,**
- **Honourable District & Sessions Judge, Dadu.**
- **Honourable Members of Sindh Bar Council,**
- **Honourable President District Bar Association, Larkana,**
- **Honourable members of Bench & Bar,**
- **Distinguished Guests,**
- **Ladies & Gentlemen,**

I would prefer to depart from customary and conventional welcome address full of verbose expressions bereft of meaningful relevance.

My lord! I have chosen to seize the opportunity to start with offering you whole hearted felicitations on assumption of the office of Chief Justice of High Court of Sindh. Thereafter I on behalf of High Court Bar Association Larkana and on my own behalf heartily welcome you on your first visit to Larkana after taking over as the Chief Justice of High Court of Sindh.

We feel elated for the preference your lordship has given to Larkana High Court Bench to be the place of your first choice to visit outside the principal seat Karachi. We take it an honour for us.

My lord! your elevation to the office of the Chief Justice has come in accordance with the Constitution, in a regular way, No one is bypassed, to no one, any injustice has been done. It has also not come to you as a favour or bounty. Undoubtedly there is



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

harmony of opinion among the legal fraternity that you richly deserved the elevation to the august position.

During your College career you were known as one of the best debaters. You won laurels at Intercollegiate debates. After doing M.A you joined Sindh Muslim Law College obtained LL.B from University of Karachi in the year 1972. Same year you entered legal profession and joined chamber of late Mr. Khalid Ishaque an eminent lawyer, undisputed scholar, an intellectual of repute, and jurist in his own right from 1972 to 1997 you remained in profession for 23 years.

During that period you attended a high mark position as advocate. The rare distinction that you enjoy is that you are founder member of the Human Rights Commission of Pakistan and staunch believer of safeguarding of human rights. During your career as judge of High Court for more than 08 years you have, by your judgments, achieved an enviable reputation of doing justice without fear or favour.

My lord! The record of reported judgments authored by you reflect your luminous perception and legal acumen, if I am not mistaken it was for the first time that you took suo moto action on receipt of telegram alleging illegal arrest and detention and held that once illegal detention was proved then monetary compensation to detenue was efficacious mode of relief. Case of Mazharuddin Vs The State reported in 1998 P.Cr.L.J 1035. You have enriched the precedent with guidance and direction for Bench and Bar. Lawyer community admires and respects your integrity, courtesy, dignity and learning.

We have no doubt in our minds, nay we are dead sure that under your leadership, the Sindh judiciary will earn a good name by adhering to the pristine glorious traditions.

Without accusing all or any individual. I am making an objective statement. There is hardly any interaction between the representatives of bar and the representative of the judiciary. In the past, time in, and time out, both sides Bench and Bar used to utter often repeated words that Bench and Bar are two wheels of the chariot one is complimentary to the other. Ideal dispensation of justice depends on working of both the wheels:

My lord! Facts are facts now a days, I have no hesitation in saying that the two sides are working as strangers if not adversaries. There is no denying of the fact that old norms are changed, .values of yore are no more in practice. We must realise



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

that we cannot live in past. We as architects of present have to carve out a course to meet professional requirements. We will welcome counsel and guidance in this respect.

I am confident your lordship will not accuse me of taking undue advantage of your presence with us if I make-out a case for your kind attention and help.

You will recall 27th April 2002 the day when Opening Ceremony of this Sindh High Court building Larkana Bench took place. You as Senior Puisne Judge attended the function. I as President of High Court Bar Association Larkana in my welcome address to His Excellency President, of Pakistan General Parvaiz Musharaf made some demands hereby reproduced:-

1. Construction of hall for litigant public,
2. Construction of a Canteen,
3. Construction of small dispensary,
4. Furnishing of bar room.

Honourable President during his address, kindly granted our demands and publicly announced the acceptance. We followed the Presidents approval by writing letters through Military Secretary. Copies of the letters were sent to Honourable Chief Justice, High Court of Sindh. After waiting for a long time communicational letter was received from Ministry of Law asking us for providing the estimated cost of the projects through the Pakistan Works Department, which was complied with. We have addressed number letters to Law department

A thereafter with no tangible result. The matter remains unsolved and unattended by the Federal Law Ministry till today. Our demand right from very beginning is that funds be placed at the disposal of Chief Justice of High Court of Sindh to carry out the execution of the facilities prayed for. I will submit copies of previous correspondence for you perusal. I earnestly request your lordship to talk to the relevant authorities in this connection.

Secondly there is an essential requirement which I venture to bring to your kind notice. Within the premises of the High Court Bench building there is no shade for vehicles used by advocates who come to Court to attend the hearings. Terrible summer heat of Larkana specially demands such facility. I am sure your Lordship have, funds available which could be spent for purpose of construction of a shade. Meeting this demand will be an special favour from your lordship.

There are some posts of Additional District & Sessions



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Judges are lying vacant from considerable long time as the result litigant public is suffering and lawyers are inconvenienced. Our request is that the vacancies be filled at the earliest to redress the grievances.

Honourable Chief Justice High Court by notification allocated territorial jurisdiction. to various Benches. Under the arrangement Talukas-Mehar and Khairpur Nathan Shah of Dadu District came within the jurisdiction of Larkana Bench.

The appellate and revisional jurisdiction in matters pertaining to these two Talukas decided by District & Sessions Judge, Dadu as well as Additional District & Sessions Judges vests in Larkana Bench irrespective of. the place where the Courts sit. The Antiterrorism Court of Larkana sits at Sukkur yet the appeal and revision against the orders are filed in Larkana Bench. Seat of Court does not take away jurisdiction conferred by High Court on a particular Bench.

Antiterrorism of Dadu sits at Hyderabad. In case of matters relating to Taluka Mehar and Khairpur Nathan Shah are challenged in that Court. According to the distribution of jurisdiction bail matters, appeals and revisions arising. out of the orders of Antiterrorism Court in respect of cases of two Talukas are to be filed in Larkana Bench.

Registry of Hyderabad Bench is entertaining such matters which are legitimately and legally to be filed in Larkana Bench.

Your lordship be graciously pleased to order such matters if already entertained at Hyderabad to be transferred to Larkana Bench and in future Hyderabad registry be ordered to follow the notification of Honourable High Court in letter and spirit.

Before. I conclude I on behalf of High Court Bar Association express my deepest gratitude to their Lordships the companion Judges, Honourable Advocate General Sindh, Honourable District & Sessions Judges, Members of Sindh Bar Council, President District Bar Association, Honourable Members of Bench and Bar, the distinguished guests, ladies and gentlemen for having graced the occasion by their presence.

May Allah bless us.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association
Larkana

Dated: 18.05.2005.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ADDRESS ON THE OCCASION OF VISIT OF CHIEF JUSTICE OF PAKISTAN

- **My lord Justice Iftikhar Mohammad Choudhry, Chief Justice of Pakistan.**
- **Honourable Justice Mr. Sabihddin Ahmed, Chief Justice High Courth of Sindh / Acting Governor of Sindh**
- **Honourable Justice Mr. Ghulam Rabani, Acting Chief Justice High Court of Sindh**
- **Honourable Justice Rana Bhagwandas, Senior Judge Supreme Court of Pakistan**
- **Honourable Mr. Justice Abdul Hameed Dogar, Judge of Supreme Court of Pakistan**
- **Mr. Justice Saiyed Saeed Ashhad, Judge of Supreme Court of Pakistan**
- **Mr. Justice Hamid Ali Mirza, Judge of Supreme Court of Pakistan**
- **Mr. Justice Sarmad Jalal, Judge of Supreme Court of Pakistan**
- **Mr. Justice Rahmat Hussain Jafferi, Judge High Court of Sindh**
- **Mr. Justice Munir Ahmad Khan, Judge High Court of Sindh**
- **Mrs. Justice Qaiser Iqbal, Judge High Court of Sindh**
- **Mr. Justice Sajjad Ali Shah, Judge High Court of Sindh**
- **Mr. Anwar Mansoor Khan, Hon. Advocate General Sindh**

**My Lords!**

It is a matter of great privilege for me to greet your lordships at this auspicious occasion, on behalf of Sindh High Court Bar Association Larkana and on my own behalf.

It is a singular honour for our Bar at a far flung area of country to receive galaxy of stalwarts of superior judiciary. Your lordships have indeed done us a rare honour by your presence.

It will hardly be possible for me to express in words my gratitude to my lord Honourable Chief Justice of Pakistan for having accepted our invitation to visit Larkana and be with us at



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

this modest function I simultaneous admire the grace of Honourable Chief Justice of High Court of Sindh for his participation. Not the least are our thanks due to Honourable Puisne Judges of Supreme Court and High Court and Honourable companion Judges who have obliged us by their kind presence. We cannot forget the kindness of Advocate General Sindh and other dignitaries who have taken the trouble of being with us.

**My Lords!, Ladies & Gentlemen!**

I grab this opportunity to extend to his lordship Honourable Chief Justice Iftikhar Mohammad Choudhry our heartiest felicitations on assumption of office of the Chief Justice of Pakistan, a position which he eminently deserves. We have no doubt in our minds that under his able leadership the judiciary of our country will attain high standard in dispensation of justice and win acclamation on national as well as on international horizon.

Dear Colleagues ladies and gentlemen, Mr. Justice Iftikhar Muhammad Choudhry was born in Quetta in December 1948. He got his school education there. He graduated from Government College Quetta and passed LL.B from Law College Hyderabad. After enrolment as advocate at Quetta he practiced with distinction, in all fields of law. Civil, Criminal, Constitutional, Tax, Revenue. During years of legal practice he was very popular among colleagues and enjoyed trust and confidence of legal fraternity of Balouchistan, which is evident from the fact that he was elected to many positions one after the other. He got elected as Vice Chairman Balouchistan Bar Council. President Balouchistan Bar Association and enjoyed the position of President Balouchistan High Court Bar Association. After putting-in legal practice for 15 years he was appointed as Advocate General of Balouchistan in the year 1989 and after one year was elevated as Judge of Balouchistan High Court and ultimately in 1999 he became Chief Justice. Soon after taking over as Chief Justice of Balouchistan High Court he was elevated as Judge of Supreme Court of Pakistan. On 4th February 2000 after retirement of his immediate predecessor Mr. Justice Nazim Hussain Siddiqui, being the senior most judge of Supreme Court he was appointed Chief Justice. He took oath of office of Chief Justice of Pakistan on 30th June, 2005. Justice Iftikhar Muhammad Choudhry achieved the top slot in the judicial hierarchy of Pakistan on account of assiduity, diligence



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

and rare merit. Ladies and gentlemen to say the least our chief guest is a versatile genius and deserves to occupy the loftiest position.

**My Lords!**

Whenever there is gathering like this, there has to be talk on Rule of law. Pakistan society is wishing for the day when they will see the realisation of cherished objective, the rule of law in our country. All hopes are pinned on the superior judiciary of Pakistan to achieve this end.

It is a matter of fact, which can hardly be denied that our political and judicial history has not been enviable in the past.

Sir! When I say this I do not lay the blame only at the threshold of the judiciary. All important sectors of society specially our rulers cannot escape the blame. It is pointless to reiterate how the constitution has been trampled upon defiled and defaced by country's defenders who too are under oath to uphold it. All must share the blame but the ultimate burden is on the judiciary to uphold and defend the majesty of the 1973 constitution.

To my mind plight of the past should not be the reason only to lament the loss, rather it should be the reason for rising above the rut and rewriting the course and achieve cherished goal of lofty and glorious height destined for Pakistan judiciary.

Let us start in right earnestness to achieve hither to unachieved keeping in view, what, Winston Churchill said, "If the present tries to sit in judgment on the past, it will lose the future,"

**My lords!**

An important fact, which is often subject matter of discussion, is the early disposal of the cases and providing substantial justice to the aggrieved party. It is a non-controversial phenomenon, which is reiterated not only by judges, jurists and practicing advocates but is demanded by the ordinary citizen of the state.

There is no dearth of leveling accusation some genuine and some mendacious for delay in disposal of cases in our Courts. But the remedy being suggested like doing away with procedural process is nothing short of an assault on justice. It perhaps needs emphasizing that deterioration in quality of adjudication cannot be made up by speeding up of the disposal of cases.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The maxim, "Criticism is easy, achievement is difficult" is evenly applicable to above position. In this regard idea of "Alternate Dispute Resolution" may prove very useful, which if tried seriously may provide substantial support with regard to early disposal of cases.

**My Lords!**

Suo moto action by apex court against some of savage, callous and inhuman crime taking place in our society is reflection of your concern and distress to dispense justice to the helpless and the down trodden of society even when not formally sought. Taking serious notice of social issues reported in the press about an obnoxious and cruel custom of Vani and Swara whereby women are given in marriage as form of compensation without their consent, your lordships ordered I.G Police Punjab and Frontier (where the practices are prevalent) to protect such girls forced into marriages. It is a positive development as it gives support to law enforcing authorities to nip in the bud an ugly practice.

Judicial activism has strong justification for the purpose of providing relief to the victims of State functionaries' ruthless, cruel and illegal acts under the cover of legal authority. Proper attention in this connection by suo moto cognizance of such acts will go a long way in subduing the highhandedness by the wielders of power.

**My lords!**

I crave your indulgence to place some of our grievances and legitimate demands.

On 27th April 2002 on the occasion of Opening Ceremony of this new building of Circuit Court, Honourable President General Pervez Musharaf approved some of our demands for providing some facilities. He publicly announced the sanction. Following are those facilities.

1. Construction of hall for litigant public,
2. Canteen/Cafeteria
3. Construction of small dispensary,
4. Furnishing of bar room.

After some time the 'President was reminded of his announcement not only once but by repeated reminders. After delay of year or so law department sent a letter asking us to send



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

cost estimate prepared by Executive Engineer we got one prepared by Executive Engineer which was returned with direction to get estimate prepared from P.W.D of Central Government. It was complied with.

We got a letter from law department that we had not sent them cost estimate of Bar Room. We sent back reply that we did not ask for building of Bar Room since it was already provided within main building of the Circuit Court in fact we had asked for funds to furnish the Bar Room. We also suggested in writing to law department that in case furnishing of Bar Room is not acceptable it may be dropped and the rest of schemes be carried out. Years have lapsed without response. This is state of affairs where orders of the Head of State are flouted in respect of, not an individual, but an organization which at receiving end is helpless.

We appeal our Chief guest the Honourable Chief Justice to be gracious enough to assign the responsibility to some important Court functionary at Islamabad to pursue the matter and secure us implementation of promise of Honourable President.

**My lord!**

Our High Court Bar's financial position is not so good. We cannot afford to buy complete series of AIR for our library. If possible your lordship may be graciously pleased to get us the books. It is not a demand, it is request.

Before I conclude I on behalf of High Court Bar Association once again express my deepest gratitude to their lordships the Chief Justices, the Honourable Senior Puisne Judges, Honourable Companion Judges, Honourable Advocate General Sindh, Honourable District & Sessions Judges, Honourable Members of Sindh Bar Council, President District Bar Association, Honourable Members of Bench and Bar the distinguished guests, ladies and gentlemen for having graced the occasion by their presence.

May Allah bless us all.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association
Larkana

Larkana.
Dated: 29-12-2005.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ADDRESS ON THE OCCASION OF VISIT OF FEDERAL LAW MINISTER

- **Dr. Khalid Ranjha Sahib Honourable Minister for Law, Justice, Parliamentary Affairs & Human Rights, Government of Pakistan.**
- **Justice Zahaid Kurban Alvi Sahib, Honourable Members of Bench and Bar, Distinguished Guests, Ladies & Gentlemen,**

*Alsalam-o-Alaikum,*

I heartily welcome our honoured guests Dr. Khalid Ranjha Sahib and Mr. Justice Zahid Kurban Alvi Sahib to Larkana Bar on behalf of High Court Bar Association and on my own behalf.

Dr. Sahib we missed you here on the auspicious occasion of opening ceremony of Circuit Court building. You were certainly expected to participate in the inaugural function. We know that due to more pressing and unavoidable developments at Islamabad you could not make it.

For your information Sir! The solemn occasion was gracefully organized all due to indefatigable and kind efforts and guidance of Mr. Justice Zahid Kurban Alvi everything went well.

Dr. Khalid Ranjha has a versatile personality. There is vast and varied fund of experience at his credit. He has remained an eminent lawyer having long years of accomplished practice at the Bar. He was elected member of Punjab Bar Council for two or three terms elected & Vice Chairman. He accepted assignment as an Advocate General of Punjab and did justice to his job. He was appointed as Provincial Law Minister Punjab. Presently he is discharging his duty as Minister of Law, Justice, Parliamentary affairs and Human Rights in Government of Pakistan.

In every capacity he has acquitted himself brilliantly. However I must point-out frankly that there are certain matters where the Bar of Pakistan has different and conflicting opinion with him, as Law Minister. We believe in the proposition that a gentlemen is he who can disagree without being disagreeable. Disagreement on vital issues in the society is not outright a vice nay it's a virtue. Centuries ago Greek philosopher said, "I disagree



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

with every word that you say but I will give my life to defend your right to say so."

Sir! Visit of a high dignitary provides an opportunity for Bar Associations to come out to talk shop and give vent to difficulties experienced. Yours is a special case as compared to any other dignitary. In your capacity as Minister of Law & Justice you are the Proper Forum for Bar to utilize for redress.

On 13th April 2002 His Excellency the President of Pakistan performed Opening Ceremony of Circuit Court Building of High Court of Sindh, Larkana. In my capacity as President of High Court Bar Association Larkana during my welcome speech I made a request to H.E. the President to provide funds, for indispensable essentials not provided in the new building, and place those fund at disposal of Chief Justice for the above purpose. H.E the President in his address granted all over demands and announced with one word "it is done".

After some time I sent a letter to H.E the President to remind for fulfillment , of Grant announced during the function. After sometime we received a letter from Law Ministry informing us that the letter received from the Presidency has been sent to Ministry of Finance Government of Pakistan for further action.

It is over 5 months that Presidents order have not received approval of ministries.

Due to official red Tapism the matter is hanging in balance.

May I request you to kindly take personal interest and get the funds released as soon as possible.

Sir! Lastly the Federal Law Ministry as a routine provides financial assistance to Bar Associations oftenly. Unfortunately High Court Bar Association Larkana right from 1994 (the year when Circuit Court started functioning) and the High Court Bar came into being, till this day has remained deprived of such generosity. I have already made a written request to your goodself in this behalf. I am confident our request will be granted with an adequate support.

Before I conclude I thank Honourable Law Minister Dr. Khalid Ranjha Sahib, Mr. Justice Zahid Kurban Alvi Sahib, Honourable Members of Bench and Bar, the distinguished guests ladies & gentlemen for gracing the occasion.

God bless us all.

**Abdul Razak Soomro**
President
High Court Bar Association, Larkana.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# MOHENJO-DARO

*Speech delivered at one of the sessions chaired by*
**Abdul Razak Soomro**
Member Mohenjo-Daro Fund Executive Committee
Seminar Held on 15/10/2011
At Avari Hotel Karachi

***Ladies and Gentlemen:*** I am highly grateful to the Culture Department for giving me honor to chair this session. After the devolution of powers under the Eighteenth Amendment of the Constitution of Pakistan, the World heritage site Mohenjo-Daro has come under the care and control of government of Sindh. Mohenjo-Daro fund executive committee has been constituted by the government of Sindh, and I am one of the members of that committee. The present seminar is the first one organized under the executive committee.

During the proceeding of the seminar I have had the privilege of hearing the views, ideas and suggestions of the members of the technical committee, the national and international experts and other honorable participants who have dwelt upon the extraordinary importance of this ancient site all that material is commendable for safe keeping and conservation of this great historical site. I value the suggestions and all the input offered and I am sure these suggestions will be materialized as early as possible.

Undoubtedly, it is a national duty of Sindh government to dignify the status of the site to attract people not only from Pakistan but from foreign countries as well.

Ladies and Gentlemen: I come from Larkana where Mohenjo -Daro, the monument of an earliest civilizations, is located. As an old timer, I must tell *you about the efforts taken in the past to popularize and attract* the visitors, tourists, historians, and researchers.

When an airport was demanded for Larkana Shaheed Zulfikar Ali Bhutto who was then Minister in Center Cabinet, suggested Mohenjo-Daro to be the site for an airport. His argument was that the airport bearing the name of "Mohenjo-Daro" will be a great publicity for the site, both nationally and



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

internationally. He emphasized that an air facility, from Karachi to Mohenjo-Daro , will attract visitors to the ancient archaeological site. Thus, the government of Pakistan agreed with his suggestions and a small airport building was built and Pakistan International Airline (PIA) started its flight operations which facilitated the visitors, tourists, historians, students and researchers. Apart from the airport, rest house with modern facilities was constructed *in the site area.*

After 1972, when Shaheed Zulfikar Ali Bhutto became the president thereafter the prime minister of Pakistan, a great importance was given to the site. The airport was uplifted, the rest house was renovated, a motel with a beautiful and comfortable rooms, big lounge and a restaurant were added. Many visitors from various countries came in groups to visit the site, specifically from Japan, hundreds of visitors came in groups. Of those visitors, some came to stay overnight and some came in the morning flights and left in the evening flights, and some researchers came and stayed for many days.

Shaheed Zulfikar Ali attached so much importance to the historic site, that in 1973 when Shehnsha-e-Iran visited Larkana as the guest of ZAB and stayed at Al-Murtaza house of the prime Minister, he was taken to the Mohenjo-Daro where in the lawns of the *Mohenjo-Daro* (the historic site) the two leaders held the meeting. In remembrance of that meeting memorial was crafted on copper sheet by renowned artist Gulji. The memorial was exhibited on small tower at the sate showing both the leader in the meeting. A banquette lunch in honor of his majesty, the Shahn-shah, was arranged by Mr. Mumtaz Ali Bhutto, then chief minister of Sindh also at the site.

Another international visitor who came to Larkana stayed overnight at Al-Murtaza House was brother of the emperor Hiro Hito of Japan, a Buddhist he had come to visit Mohenjo-Daro. Japan was interested in saving a historic site which has relics of the Buddhist civilization. The guest was greatly impressed on the occasion of his visit to the site. A dinner was serve in his honor by C.M Sindh at the Mohenjo-Daro .

Unfortunately, by and large, the site has lost its glamour. The structures are in shambles, the Daro itself is not in a fit condition lot of efforts are required to save this world heritage. To my understanding, money alone is not sufficient to bring the past glory to the site. It requires lot of hard and honest work with



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

commitment and devotion. After the Eighteenth Amendment to the constitution, it has now fallen to the lot of the government of Sindh to wake up to fulfill the obligation for the preservation of the symbol of our civilization and meet the needs of the site to attract the visitors from within the country and the abroad.

Certain steps should be carried out in this regard. I suggest, day as well as night entertainment to be provided at the site, already existing motels should be upgraded, the modern lodging and boarding facilities of the international standard should be made available to the visitors. For foreigners, hard drink requirement be *provided* with the strict watch not to allow this concession disseminate to the local visitors. Full-proof security measures be provided. Existing site covering parks should be modernized using the expertise of the experts in the field of gardening and horticulture. Museum at the site should be remodeled to showcase the relics of one of the earliest civilizations. The small light vehicles be arranged to facilitate the old and infirm visitors to see around while sitting in such facilities on payment. Our schools and universities should be instructed to popularize the site in their institutions. Students from educational institutions be brought to the site to provide them an opportunity to see the relics of our great past and the history and enhance their knowledge.

The guides especially trained and curators of the site should be appointed to render services to the visitors. Conferences and seminars usually arranged at cities may be held instead at Mohenjo -Daro to give boost to the sites at national and international levels. In the end, I thank all of you ladies and gentlemen for attaining and participating in this seminar.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ڌرتي جي صاحب توقير ۽ جهانديده شخصيت عبدالرزاق سومري صاحب جو يادگيرين تي مشتمل، هي ڀيو ڪتاب ”جيئڻ جيئڻ ورق ورن“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان کان اڳ ”يادن جي ڳڙڪيءَ مان“ پڌرو ٿي چڪو آهي.

هن ڪتاب ۾ به اڳئين ڪتاب وانگر اوهان کي مانائتي مصنف جي خوش خلقي ۽ خوش بياني واضح نظر ايندي، جنهن ۾ نه صرف سندس خانداني زندگي جون خوبصورت جهلڪيون موجود آهن، پر لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهداد ڪوٽ ضلعن جي ناميارن خاندانن ۽ شخصيتن جا جرڪندڙ اولڙا ۽ عڪس پڻ نمايان آهن. جنهن مان سندس ملنساري ۽ خوش اخلاقي جي خبر پوي ٿي.

نه صرف ايترو پر هن ڪتاب ۾ عبدالرزاق سومري جا ڏورانهن ڏيهن انگلينڊ، هالينڊ، بيلجم، فرانس، آمريڪا، انڊونيشيا ۽ ڪئناڊا جا من موهيندڙ سير سفر به بيان ٿيل آهن. جن مان سندس خوش ذوقي ۽ جمالياتي جستجو جو پتو پوي ٿو. هن ڪتاب جي پڇاڙي ۾ مختلف موقعن تي سندس انگريزي ۾ ٿيل خطاب ۽ تقريرون ڏنل آهن. جيڪي سندس انگريزي ٻوليءَ ۾ حسن اظهار جو وڏو ثبوت آهن.

عبدالرزاق سومري صاحب جي يادگيرين کي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ ۾ سنڌ جي برجستي قلم ڪار ۽ اپڪاري استاد خالد چانڊيي جي سَڪارتي محنت ۽ تحقيق به شامل حال آهي. جنهن ڪتاب کي آڻڻ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪتاب جو مهاڳ سنڌي ٻوليءَ جي سپورنج ۽ سڄاڻ ليک رکيل مورائي جو لکيل آهي. جيڪو علمي لحاظ کان پڻ پڙهڻ وٽان آهي. اميد ڪجي ٿي ته هي ڪتاب نه صرف اسان جي سماجي تاريخ لکندڙ محققن لاءِ لاڀائتو ٿيندو پر ايندڙ نسل لاءِ به سبق آموز ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**منظور ڪوهيار**

ISBN # 978-969-7914-89-4

Rs. 600/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com